مخدوم هائوس نم بنگلو هالا پاران ٽيون ڪتاب

منطوق محمدي

مصنف صوفي محمد فقير ڪتيان

فقير صاحب محمد فقير جي سوانح حيات، ڪلام
بيت، سي حرفيون، دوهيڙا، هفتو، مثنوي ۽ ڇلو

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا احمد خان ڪتياڻ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو: ٽيون

تعداد: ۱۰۰۰

موضوع: احوال احمدي

تاريخ سال: ۲۲-۸-۲۰۰۸ع

ڇپائيندڙ: احمد خان ڪتياڻ

Digitization by:
Faqeer Tariq Hayat Lashari (Sukkur)

ملڻ جو هنڌ

مخدوم هائوس نم بنگلو هالا نوان

هي ڪتاب احمد خان ڪتياڻ پروفيشنل پرنٽرز هيرا آباد حيدرآباد پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

پنهنجي پاران

منطوق محمدي آئون فقير رئيس دوست علي خان
ڪتياڻ جن جي نالي سان منسوب ڪيان ٿو. پهريون
ايڊيشن قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن
پنهنجي طرفان هالا مان ڇپائي پڌرو ڪيو، ٻيو ايڊيشن
مون ٢٠٠٢ع ۾ حيدرآباد مان ڇپرايو. ٻيو ايڊيشن ڇپائڻ
وقت ضرورت محسوس ٿي جو فقير رئيس دوست علي خان
جو شوق هو ته فقير محمد سائين جن جو رسالو منطوق
محمدي ڇپرائجي، پاڻ ڪجهه وقت رسالي بابت ڪم
شروع ڪيائون لفظن جي معنيٰ لاءِ گهڻن ڄاڻ رکندڙن
ماڻهن کان لفظن جي معنيٰ بابت گهڻي ڪوشش ڪيائون
ته لفظن جي معنيٰ بابت ڄاڻ ملي، ڪجهه لفظن جي معنيٰ
ملي ٻه صحي باقي ڪم رهجي ويو، جو پاڻ گهڻو وقت
مخدوم صاحبن جي ڪم ڪارين ۾ مصروف رهندا هئا.
هڪ اها ڪمي محسوس ٿي ته سندن تمام گهڻو شوق هو
جو رهجي ويو ۽ ڇپائي نه ٿي سگهي. ٻيو ته ١٩٥٠ع ۾
جيڪا قبلا سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن
ڇپائي ڪرائي، ان کان پوءِ هن وقت تائين منطوق
محمدي جي ڪمي محسوس ڪندي مون ٻيو ايڊيشن
حيدرآباد مان ڇپايو پر افسوس جو منصور قادر جوڻيجو کان
ڇپائي ڪرائي، انهي ۾ گهڻيون ساريون غلطيون محسوس

صوفي محمد فقير ڪتياڻ جي اندروني مزار جي تصوير

صوفي محمد فقير ڪتياڻ جي درگاھ جي ٻاهرين تصوير

جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ



فقير گل محمد ڪتياڻ ۽ فقير رئيس دوست علي خان ڪتياڻ جي تصوير
فقير گل محمد ڪتياڻ کاٻي پاسي ۽ فقير دوست علي خان ڪتياڻ ساڄي پاسي

(نوٽ)

هيءَ تصوير فقير دوست علي خان ڪتياڻ جي زندگي جي آخري تصوير آهي جيڪا وصال کان اندازاً اڌ ڪلاڪ اڳ
حضرت قلندر لعل شهباز جي درگاهه جي حاضري جي موقعي تي حڪيم محمد مراد جي
دواخاني جي سامهون سيوهڻ ۾ نڪتل آهي

فقير رئيس دوست علي خان ڪتياڻ اول

دوست علي خان ڪٽياڙ (دوم)

جنم 28 ڊسمبر 2002ع بمطابق 24 شوال 1422ھ بروز جمع ڇنڇر جي رات



رئيس دوست علي خان ڪٽياڻ مرحوم جي مزار تي
رئيس دوست علي خان ڪٽياڻ (دوم) دعا گهرندي

فقير رئيس احمد خان ڪٽياڻ (سجاده نشين)

متولي درگاهه شريف صوفي محمد فقير ڪٽياڻ



فقير رئيس احمد خان ڪنڀياڻ جي درگاھ شريف جي دروازي جي سامهون
پنهنجي فرزند فقير رئيس دوست علي خان ڪنڀياڻ دوم سان گڏ تصوير

صوفي محمد فقير ڪتياڻ جي ڪلامن جا قلمي نسخا جيڪي سندن حياتيءَ ۾ لکيا ويا هئا
جن جون تصويرون ۽ سندن استعمال ٿيندڙ ڪستيون، جهوليون، وٽي، ريشمي رومال ۽ تسبيح
(جيڪي الله جي مهربانيءَ سان فقير رئيس احمد خان ڪتياڻ وٽ اڄ ڏينهن تائين محفوظ آهن.



صوفي محمد فقير ڪتياڻ جي ڪلامن جو پهريون

قلمي نسخو جنهن تي سن ڄاڻايل ڪونهي.

صوفي محمد فقير کٽياڻ جي ڪلامن جو ٻيو قلمي نسخو
جيڪو محرم 1349ھ بمطابق جون 1930ع ۾ لکيو ويو.



صوفي محمد فقير ڪٽياڻ جي ڪلامن جو ٽيون قلمي نسخو
جيڪو 27 صفر 1346ھ بمطابق فيبروري 1945ع ۾ لکيو ويو.

مقدمه

فقيرصاحب محمد فقيرجي سوانح حيات ۽ شعر و شاعري

محمد خان بن حيدر خان بن عبدالله خان اٽكل ١٨٧٦ع ڌاري ڳوٺ سليمان خان ڪتياڻ(١) تعلقه هالا ضلع حيدرآباد ۾ ڄائو، سندس پاڙو بوداڻي ۽ قبيلو ڪتياڻ آهي. دراصل ڪيتراڻ جو سنڌي اچار آهي، ڪتياڻ گهڻو اڳاٽي وقت کان وني بلوچن جا ساٿي ۽ ياء هئا ۽ اهوئي سبب هو جو سردار مير شهڪ بلوچ سبي لڳ "بارخان" جو علائقو لغارين ۽ ڪيتراڻن کي ورهائي ڏنو. ڪيتراڻ جون بستيون گهڻي عرصي تائين سبي ۽ ڍاڍر جي وچ واري ايراضي ۾ رهيون. جيئن ته ڪيتراڻ ڪجھ وقت پٺاڻن سان به دنگئي هئا، انهي ڪري ڪي ڪتياڻ قبيلا،پٺاڻن جي راڄ سان پيڙا رهيا ۽ انهي لحاظ سان ڪتياڻ "اڌ بلوچ ۽ اڌ پٺاڻ" ليکجڻ ۾ آيا (٢) مگر اورين سرحد وارا ڪتياڻ، بلوچن جا ياٺر هئا ۽ انهي ڪري ئي ٽالپرن سان پيڙا ٿي سنڌ ۾ آيا ۽ هالا، ميرپورخاص، روهڙي، ميرپور ماٿيلي ۽ شڪارپور تعلقن وارين ايراضين ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائون جتي اڄاتائين سندن راڄ موجود آهن.

---

(١)هي ڳوٺ ريلوي اسٽيشن ٽنڊوڄام کان ٣ ميل اتر ۽ ريلوي اسٽيشن الهڏنو ساند کان ٣ ميل ڏکڻ طرف تعلقه هالا ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ واقع آهي.

(٢) چنانچه "لئينڊ ايلينيشن رڪارڊ" ۾ ڪتياڻ جاگيردارن متعلق لکيو ويو آهي ته "ڪتياڻ اڌ پٺاڻ ۽ اڌ بلوچ قبيلو" آهي.

سنڌ ۾ ڪتياڻ پنهنجي طاقت ۽ بهادري سبب نالو ڪڍيو ۽ سنڌ جي اميرن ڪين جنگي ڪاتي ۾ وڏا عهدا ڏنا، خصوصاً سندن بن راڄن موسيٰ پوٽن ۽ بوداڻين ۾ وڏا نامور بهادر ۽ پهلوان پيدا ٿيا. موسيٰ پوٽن مان رئيس اسماعيل خان ۽ موسيٰ خان وڏا بهادر ۽ ناليوارا پهلوان ٿيا، ۽ ٻئي مير صاحبن جي طرفان فوج جا ڪمانڊر مقرر ٿيا. رئيس موسيٰ خان، مير فتح علي خان جو گهڙو دوست هو ۽ سندس همت، طاقت بهادري جي هي حد هئي جو اڪيلي سر تلوار سان شينهن مارياٿين(۱) هنن کي مير صاحبن طرفان جاگيرون مليون جي اڄ ڏينهن تائين سندن اولاد جي هٿ ۾ آهن. ساڳي طرح بوداڻي پاڙي ۾ وڏا نامور پهلوان ٿيا مثلاً عبدالله خان، حيدر خان ۽ ٻيا، مگر هن پاڙي کي ٻي ڏات به ملي جو منجهائن فقير ۽ شاعر پيدا ٿيا. عبدالله فقير، محمد فقير مست، محمود فقير ۽ آخر ۾ محمد فقير اهي مڙيئي هن پاڙي مان هئا.

محمود فقير ڪتياڻ پهريون شاعر هو جنهن جو ظريفانه ۽ دلپزير ڪلام نهايت مقبول پيو. سنڌي توڙي سرائڪي ٻولي (جا سندس مادري زبان هئي) ۾ ڪلام چيائين. سندس ڪافين توڙي بيتن ۾ لفظن جي پوڄ قابل داد آهي. سرائڪي ٻوليءَ سندس چيل ڪلام "يار ياقي ٿي اوطاقي مٺن فراقڻ ڦردي" اڄ ڏينهن تائين ڪافين جي مجلسن ۾ سر سان ڳايو ويجي ٿو.

محمود فقير جو، محمد نالي هڪ مگهڻهار ڇوڪري تي نظارو هو ۽ پنهن جي سرائڪي زبان ۾ چيل بيتن ۾ اڪثر سندس نالو آندو اٿس. جيئن ته سندس اهي بيت شاعرانه لحاظ سان نهايت عجيب ۽ انوکا آهن. اسان هتي انهن مان هڪ بيت مثال طور ڏيون ٿا.

(۱) ڏسو لئنڊ ايلينيشن رڪارڊ ڪتياڻ جاگيردارن جي غداون

بيت

جيڪو راه عاشق دي ڏاه گهتي
تنهنڪون موج علي شاه تنگي.

تيڪ مارينده ريڪ رليا،
ڪجهه مرض موڙي ڪنون ڪنگهي
ڪسدا آوندا گس دا گانڊو
سوئر وانگي ڪيد سنگهي.
جهٽ آنوڻ دي گهت پراوڻ،
پٽ ستان سپ منگهي.
ليار هينون هڪ وارنه وجان،
مار گهتن چا لنگهي.
مور نه چوڙان محمد ڪون،
ورت وڪوڙ چا ونگي.
ميدان جهلي محمود ڪڙا
ته به ڌر ڌهلاري دي دنگي.

ڪافي

منيون ياناپان ماڪي مصري ڳالهيون سهٽي يار جون
محمد منگڻهار جون

ا. حسن فراق چلنگيون چتڪن چيرا
باه بره جي پڙڪي جيبون ڪن چيرا
آلانپيون عشق اڙايون مانڪي دڪن دلدار جون.

۲. چشم ڪري ويون چهرا پاڪ پيشاني
اڙٻنگ آڪيون عاشق جون ڪجل پائن ڪاني
گرد ڪرن گرد ڪٽوريون سرمي سينگار جون
۳. قرب مان مارن مونکي تکيون تلواريون
ختم ڪم خوني خنجر وحدت واريون
قيد ڪرن قابو دلڙيون زنجيرون يار جون
۴. ڇهڪ ڇڪن ٽا جيئن ڇڙنگ پتلي پاڻ تي
لوڪ .سارو ٽوڪ ڪري ڪلي ٽو ڪتياڻ تي
مٽي تي محمود مڇيون بديون بره بار جون

☆

هن ساڳئي پاڙي مان رئيس حيدرخان بن عبدالله خان کي تقريبن ۱۲۹٦ ھ(۱۸۷۸ع) ڏاري پٽ ڄائو جنهن جونالو محمد خان رکيائين. وقت جي رواج موجب ننڍڙي هوندي محمد خان مڪتب ۾ ويهي تعليم ورتي ۽ قرآن شريف ۽ سنڌي سان گڏ فارسي جي ابتدائي تعليم به حاصل ڪيائين مگرسندس والد جي وفات سبب سندس تعليم جو سلسلو منقطع ٿي ويو ۽ هو وڃي پنهنجو گهرو ڪم ڪار ڪرڻ لڳو. مگر ڪيس علم جو شوق به لڳو رهيو ۽ جواني واري وقت ۾ به گهرو ڪم ڪار ڪان فرصت وقت وڃي پنهنجي ڳوٺ ڪان ۲ ميل اوير طرف ڳوٺ ”ڪرناٽي سما“ ۾ مولوي حاجي عبدالرحمٰن سمي صاحب وٽ طب توڙي فارسي جي تعليم وٺندوهو. جنهن ۾ چڱو بهرو حاصل ڪيائين.

محمد خان جا وڏا اصل ڪان پير سائين حضرت محمد

راشد روضي ڌڻي رحہ جا مريد هئا ۽ پاڻ بہ وڃي پير صاحب پاڳاري حضرت شاهہ مردان شاهہ عرف ڪوٽ ڌڻي بادشاهہ کان توحيد جي تلقين ورتائين. محمدخان ننڍي هوندي کان حليم طبع ۽ نرم سڀاءَ هو ۽ هاڻي مرشد کان فيض وٺڻ بعد سندس طبيعت ويتر فقيري ڏي مائل ٿي.هن عرصي ۾ فقير صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهائي ۽ طبابت ڪندو رهيو ۽ اٽڪل اڻ ڏهہ سال ڪيس انهي شغل ۾ گذريا.

فقير صاحب جي دل فطرتاً حسن ڏانهن مائل هئي ۽ مجازي عشق بہ ڪيس گهٽيون نهميزون چڪايون سندس آواز ۾ وڏو ميٺاج ۽ اثر هو جنهن ڪري راڳ سندس واسطي روح جي راحت بڻيو. پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ ڪنهن کي بہ ساز تي ڳائڻ جي اجازت نہ هئي پر محمد فقير جي حال کي ڏسي پير سائين ڪوٽ ڌڻي جن ڪيس يڪتاري تي ڳائڻ جي اجازت ڏني ۽ پوءِ فقير صاحب يڪتاري تي نهايت سوزگداز سان ڳائڻ لڳو.

ان بعد رئيس غلام محمد خان پرڳڙي وٽ سندس زمين چنڊ هل تي عام مختيار ٿي وڃي رهيو. جتي آس پاس ۾ هڪ مجذوب فقير، محمد هاشم نالي رهندو هو، جنهن کان فقير صاحب هميشہ دعا گهرندو هو. هڪڙي ڏينهن محمد هاشم فقير ڏانهس نهاري چيو تہ ”دعا تو گهري! پاڻ کان وڏيڪ گهري ڏائڻ!“ انهن لفظن فقير جي دل تي نهايت گهرو اثر ڪيو. ان ڪانپوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد اهڙو اتفاق ٿيو جو رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جي اوطاق کي جنهن ۾ تمام گهڻو

ساماان پيل هو، اچي اوچتي باه لڳي. فقير صاحب روبرو وينو هو مگر باه تمام زور وٺي ويئي جنهن جو اجهائڻ مشڪل هو.فقير صاحب پنهنجي زير دست هارين کي چيو ته پيو ڪجهه به نه ڪيو فقط ڳائڻ جا ساز ڪڍي وٺو. ان بعد جڏهن رئيس غلام محمد خان ڪانئس هن واقعي بابت پڇا ڪئي تڏهن چيائين ته ”حق جي اها راءِ هئي ۽ ڏوهه ڪنهن جو نه آهي.وس ڪنهن جو ڪونه هو ۽ اوطاق سامان سوڌي سڙي ويئي“ انهي تي پرڳڙي صاحب ڪيس نوڪري مان رخصت ڪيو جنهن تي فقير صاحب چيو ته اسين اڳيئي ان ڳالهه ۾ خوش آهيون.

نوڪري ڇڏڻ بعد فقير صاحب جن اچي ڳوٺ رهيا ۽ پنهنجي ڪلامن ذريعي نينهن نروار ڪرڻ ۽ پنهنجي جذبات ۽ پر اثر آواز کي ڳائڻ ذريعي اظهار ڪرڻ جڻ سندن ورد ۽ ورونهه ٿي ويو. ڪي ڪورائي فقير سندن صحبت ۾ گذارڻ لڳا. جڏهين سندن پر اثر ڪلام ۽ ڪافين جي خبر اهل دل درويش فقير صاحب نواب ولي محمد خان لغاري (تاجپوري) جي ڪن پيئي ته نواب صاحب جن هڪ ڏينهن پنهنجي هڪ مجلس ۾ فرمايو ته هڪ درويش سنهي آواز ۽ سهڻي شڪل سان اسانجي دفتر جو سنڀاليندڙ ايندو. فقير صاحب محمد فقير جن به جناب نواب ولي محمد فقير صاحب جي فقيري جي حقيقت ٻڌي ۽ پاڻ نواب صاحب جن جي حضور ۾ وڃي حاضر ٿيا. نواب صاحب جن فقير صاحب جن جو آواز ٻڌي پنهنجي ولي عهد نواب غلام حيدر فقير کي چيو ته اسانجي دفتر جو

سنيالينڊڙ اچي ويو. ان بعد نواب صاحب پنهنجي ڪلام جو دفتر گهرائي فقير صاحب کي مطالع ڪرڻ لاءِ ڏنو. هن صاحب دل درويش جنهن اميري ۾ فقيري اختيار ڪئي هئي تنهن جي صحبت فقير صاحب کي اهڙو ته ساهه ڏنو جو ٽي سال ڪن سانده وٽن رهي تصوف جا نقطا معلوم ڪيائين ۽ ان سان گڏ نواب صاحب جهڙي بي نظير شاعر جي ڪلام فصاحت نظام جي معيار کي معلوم ڪري ڇڻ سنڌي ڪافين ۽ ڪلام جي سخن ۽ معنيٰ جي بلند مقام کان به پوري طرح بهره ور ٿيو.

ان بعد فقير صاحب نفس نمائڻ واسطي ويهي جهد ڪتيا، اول اول پنهن جي ڳوٺ لڳ ”پرڏيهي پير“ جي مقام اندر وڃي جوڳ ۾ وينا. ان وقت ڏاري سنڌن مرشد پير سائين پاڳاري جي درگاه جو پيو هڪ درويش فقير مياںداد لغاري (۱) گهٽو اڳ پنهنجا عزيز مائٽ ڇڏي، مال اسباب ترڪ ڪري اچي ڳوٺ جعفر وڳڻ تعلقي نوشهري فيروز ۾ ويٺو هو. مياںداد فقير سيد سليمان شاه جو طالب هو جو هڪ اهل دل فقير ۽ پنهنجي مرشد (پير سائين حزب الله شاه) تي سچو عاشق هو. سندس درديلا ۽ پر اثر ڪلام اڳيئي جماعت ۾ مشهور هئا جي محمد فقير جماعت ۾ نهايت درد سان ڳائيندو هو ۽ جن جو سندس دل تي نهايت گهرو اثر هو. سليمان شاه جي گذارڻ بعد سندس طالب يعني تارڪ فقير مياںداد جي ڪشش هاڻي فقير صاحب کي ڇڪي ويئي ۽ فقير صاحب به وڃي وڳڻن ۾ هن تارڪ درويش سان مليو ۽ غالباً سندس اشاري تي اتيئي پرسان ڪٻڙين جي ويڙهه ۾ وڃي جهد ڪتيائون. انهن ڪٻڙين ۾ اڪثر

نانگ بلائون هئا ڪن ماڻهن اچي فقير کي اتان اٿارڻ جي ڪئي پر فقير صاحب چيو تہ ”ابا نانگ بلائون بہ موليٰ جا ۽ اسين بہ موليٰ جا آهيون. اسين هتان ڪونہ اٿنداسون.“ هي جهد ۽ جوڳ ڏسي تارڪ درويش ميانداد طرفان فقير صاحب جي آزمائش هئي، جنهن ۾ فقير مرد ثابت ٿي ميدان ڪٽيو ان بعد تارڪ درويش ميانداد ۽ فقير صاحب جي هڪ ٻئي سان هڪ الله ڪارڻ محبت پيدا ٿي. تارڪ ميانداد پوءِ وڃڻ جو ڳوٺ ڇڏي وڃي ڳوٺ پير صاحب پاڳاري جي پريان ڪوٽ مير محمد ۾ ساڳي طرح گوشہ نشين ٿيو.ان بعد فقير صاحب جڏهين بہ درگاه شريف تي ويندا هئا تہ فقير ميانداد وٽ لازمي طور سالڪانہ صحبت لاءِ ويندا هئا.

فقير صاحب پوري طرح جهد ڪاٽي نفس نمائي ڪُلي طور فقيري اختيار ڪئي ان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ ويهي گذارڻ جي شغل کي ترڪ ڪري، گيڙو ڪفني پائي مٿو اگهاڙو ڪري فقراءِ جو سنگ بنائي، ڇيرون جامان وجهي ساز سرود ڪٽي پنهنجي صوفيانہ ڪلامن ذريعي توحيد الاهي جي پرچار خاطر سڄي سنڌ ۾ هرجاءِ گهمندا رهيا۽ ڪٽي بہ گوڏو ڪوڙي ڪين ويٺا.

---

(١) اصل ڳوٺ جعفر خان تعلقہ سنجهورو: فقير جيئڻ پنهنجا عزيز مائٽ ڇڏيا تہ وري اهو دنوي لاڳاپو ڪونہ ساريائين ۽ اٽڪل چاليهہ سال هڪ چادر ۾ ۽ هڪ چوديواري اندر رياضت ۾ صرف ڪري اٽڪل ١٥ سال ڪن ٿيندا جو وفات ڪيائين.

ان وقت حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه رح جن جي درگاه تي سجاده نشين مخدوم ظهير الدين عرف مخدوم پروچام صاحب جن هئا. سندن ولي عهد هڪ نيڪ سيرت ۽ نيڪ مرد جناب مخدوم غلام محمد صاحب هئا، سندن طبع فطرتاً فقيري ڏانهن مائل هئي.هڪ عجيب اتفاق بنيو جو سندن ۽ فقير صاحب جي وچ ۾ الاهي انس ۽ محبت جو رستو قائم ٿيو.سندن سالڪانه صحبت ۽ الاهي عشق دنوي لاڳاپن کان بالاتر هئا.عام ماڻهو حضرت پير صاحب پاڳاري جي هڪ فقير ۽ جناب مخدوم صاحب جن جي هن انس کي تعجب سان ڏسڻ لڳا بلڪ هڪ "متي اگهاڙي" فقير ۽ هڪ سجاده نشين سردار جي صحبت تي حيران ٿيڻ لڳا مگر حقيقت ۾ هي انس هڪ فقير جي فڪر ۽ فهم جي جمال ۽هڪ اميرجي فقرۓ تواضع جي ڪمال جو بي نظير مثال هو.

فقير صاحب ائين به چوندو هو ته "حضرت پڪن ڏٽين جو ڪلام جڏهن مون پڌو تڏهن مونکي دل ۾ عشق پيدا ٿي پيو ۽ دل ۾ خيال ٿيو ته پڪن ڏٽي جي حياتي هجن ها ته ساڻن ملاقات ڪريان ها پڪن ڏٽي جي تربت حضرت مخدوم نوح رحمت الله عليه جن جي گنبذ ۾ ڏکڻ طرف آهي. فقير صاحب جن اتي اچي هڪ ماه مراقبو ڪيوهو. فقير صاحب ائين به چوندو هو ته "اسانکي حضرت پڪن وارن صاحبن کان باطني عشق جي راه ۾ امداد ٿيل آهي" .اها ثابتي فقير صاحب جي هن بيت ۽ ڪافي مان ملي ٿي.

بيت

امين محمد عشق جو سبق ڏنو سچ
ناچو تي چئين نچ، نعرو هٽي نينهن جو

ڪافي

١. رنگ راهوندي ۾ رتورتو، آهي راڳ رقص رفتار سان پکن واري پڙ تي پڙرو، پيو پاڻ پسڻ جو پتو پتو پائي پيچ پڪو پڳدار سان

٢. صحي ساز صراحي سِرجو، ڪري تاب حسن آهي تتو تتو سهڻي صورت جي سينگار سان

٣. صفت واري سير سوپارو، تي ساغر سر ۾ ستو ستو سنگ ساقي سر سردار سان

٤. مچي محمد موج منڊل ۾، رکي محبت مئي جو متو متو ملي ماهر تي مهندار سان

فقير صاحب، پير صاحب پاڳاري جي درگاه جو هڪ سچو سرويچ فقير هو. ١٩١٤ع واري عالمگير لڙائي ۾ انگريز سرڪار حضرت پير سائين پاڳاري ڪوٽ ڏٺي رح کان لڙائي لاءِ نقدي امداد توڙي بهادر فقيرن مان رنگروٽ طلب ڪيا. پير صاحب جن نقدي امداد به ڪافي ڏني ۽ ان سان گڏ پنج سو غازي به ڏيئا ڪيا. جن جي ڀرتي لاءِ سرڪاري عملو آيو. پير صاحب جي اَمُر تي ڪيئي سر ويچ مريد لشڪر ۾ ڀرتي واسطي اچي درگاه شريف تي گڏ ٿيا جن ۾ فقير صاحب به شامل هو. فقير صاحب مجاهدن ۾ پنهنجو جسم ڳاري ڇڏيو هو جنهن ڪري سرڪاري ڊاڪٽر ڪيس ناپاس ڪيو.

فقير صاحب هن پرڪا جي ميدان ۾ ڪنهن به بهاني سان پوئتي هٽڻ نٿي چاهيو سو ڊاڪٽر کي چيائين ته ”مونکي پاس ڪر ۽ آئون توکي يقين ٿو ڏياريان ته جتي سرڪار جي پين سپاهين جي بندوق به نه هلندي اتي هن بندي جي تلوار ڪم ڪندي.“ فقير صاحب جي هن همت ۽ مردانگي جي اعلان تي خود پير سائين بادشاه، فقير صاحب جي سفارش ڪئي جنهن تي فقير صاحب واسطي هڪ رواجي سپاهي جي بدران هڪ اڳواڻ جي حيثيت ۾ سفارش ڪري ڪيس پاس ڪيو ويو.

پير سائين جن غازين کي دعا ڪئي ته اميد ته اوهين فتح ڪري موٽندا. جنهن تي فقير صاحب عرض گذاريو ته قبلا قيامت تائين پلي پيا گولين ۾ سٽجون ،ان جو عيوض نه گهرجي مگر سر قبول پوي پير صاحب جن خوش ٿي فرمايو ته وڃو اوهان جي فتح آهي. ان بعد پير سائين جن جنازي نماز پڙهي فقيرن غازين کي روانو ڪيو. قدرت ڏٺي جي جو غازي پرتي ٿي عراق تائين مس پهتا جو جرمن جي هار ٿي ۽ انگريزن جي فتح ۽ فقير صاحب جملي غازين سان سلامت وطن آيو.

مٿين واقعي مان ظاهر آهي ته فقير صاحب جي پنهنجي مرشد ڏانهن هڪ سچي ۽ سرويچ مريد واري عقيدت ۽ محبت هئي.مگر فقيري جي فيض سندس فڪر ۽ خيال ۾ اها وسعت پيدا ڪئي جو هر طريقي جي هر فقير صفت درويش سان سالڪانه صحبت ۽ فقيري سنگ ۾ گڏ جي گذارڻ کان حجاب نه ڪيائون.

ساڳئي طرح هڪ طرف فقير صاحب جي شرعي ارادت ۽ عقيدت ۽ ٻئي طرف وري رندانہ جرئت ۽ راڳ رباب ۽ مئي ناب سان رغبت ۾ هڪ تضاد نظر اچي ٿو ۽ تنقيد ۽ نڪتہ چيني جو باب کلي ٿو. حقيقت هي آهي تہ توحيد جي اشاعت ۽ صحيح فِڪر جي تبليغ فقير صاحب جو عين مقصد هو. مگر هڪ زاهد بنجي پنهنجي پرستش ڪرائڻ کان هو پري هو. ان جي عيوض هن نفس نمائڻ خاطر ظاهري بدعت ذريعي ملامت جو بار کڻڻ بهتر ڄاتو. سندن ميڪشي ۽ سازو سرود سان راڳ ۽ رقص جي عمل ۾ "سبڪساران ساحلها" لاءِ نفرت جا اسباب هئا. پر جوبہ صاحب انهي ملامت جي پردن کان اڳتي نظر وڌائي، فقير صاحب سان دل کولي رهاڻي ٿي ٿيو. سو سندس زنده دلي، بلند فڪر ۽ توحيدي لات کان متاثر ٿي ٿيو. پير صاحب پاڳاري صبغت الله شاه شهيد کي ڪن فقيرن ٻڌايو تہ محمد جماعت جو فقيرآهي تنهن هوندي بہ شريعت جي خلاف ساز سرود وڄائي، راڳ ڳائي، پيو جماعت کي بدنام ڪري پيو. پير صاحب فوراً حڪم ڏنو تہ: محمد کي حاضر ڪريو. هي تقريباً ٣٨-١٩٣٧ع جو واقعو آهي. فقير صاحب کي جيئن ئي خبر پئي تہ مرشد سائين جن حاضر ٿيڻ جو حڪم فرمايو آهي تہ يڪدم پنهنجي طالبن سميت درگاه شريف تي پهتو. ۽ آخر طالبن سان گڏ سازن سميت وڃي پير صاحب جن جي آڏو حاضر ٿيو. پير صاحب سڀ دهل يڪتارا ڀڃائي سندس طالبن کي لوڏائي، فقير کي سزا ڏياري ٻڌائي ڇڏيو. سندس طالبن وري نوان ساز تيار ڪري شهر ۾ ڳائڻ شروع

ڪيو وري به پير صاحب طالبن ڪي سڏائي ساز پيچايا ۽ ڪين سخت سزائون ڏنيون ۽ آخر ڪين درگاه ۽ پير ڳوٺ مان تڙي ڪيڻ جو حڪم ڏنو طالبن عرض ڪيو ته قبلا، فقير صاحب اسان جو اڳواڻ آهي ۽ ان ڪانسواءِ مري فنا ٿي وينداسون مگر هتان ڪين ويندا سون پير صاحب جن داناء هئا.تن صحيح ڪيو ته فقير رڳو بيڪ بنائي، طالبن ڪي ڪفنيون پارائي ڪين ساڻ وٺيو ڪونه ٿو گهمي مگر اهي طالب ساڻس صحيح اُنس رکن ٿا ۽ راڳ انهن جي خوراڪ ۽ ورونهه ٿي چڪو آهي. انهي تي ڪين معافي ڏنائون. مگر فقير صاحب مرشد جو اُمراعلي چاتو سو طالبن ڪي حڪم ڪيائين ته اوهين درگاه ڇڏي هليا وڃو ۽ وڃي ڪوٽ مير محمد ۾ ميانداد فقير وٽ مقامي ٿيو، مونکي جڏهين بادشاه سائين اجازت ڏني تڏهن ايندس. آخر ڪار بادشاه، فقير صاحب ڪي هڪ بلند خيال، توحيد جو طالب، سچو ۽ سرويچ مريد ڏسي ڪيس معافي ڏني ۽ انعامن اڪرامن سان نوازي رخصت ڏني ته پَل پنهنجي حال ۽ قال ۾ رهي.

۲.فقير صاحب جو ڪلام ۽ ان جي ڪيفيت

اسلوب بيان خواه معنيٰ جي لحاظ سان، محمد فقير جي ڪلام ڪي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف)اهو ڪلام جو عام سنڌي ڪافين جي قالب ۾ سموهيل آهي ۽ الفاظ توڙي معنيٰ ۾ عام مروج سنڌي ڪلامن جي لهجي ۽ نموني تي چيل آهي؛ اهڙو ڪلام نسبتاً ٿورو آهي. (ب) اهو ڪلام جو اسلوب بيان خواه معنيٰ جي لحاظ سان نرالو آهي ۽ جنهن

تي فقير صاحب جي شخصيت ۽ ذاتي فڪر جو گهرو رنگ چڙهيل آهي. هن قسم جو امتيازي ڪلام نسبتاً زياده آهي. ٿورا ڪلام اهڙا آهن جي عام مروج جهونين سنڌي ڪافين جي طرز تي چيل آهن. مثلاً هيٺين ٽلهن وارا ڪلام انهي نموني جا آهن.

۱. ڏي ڪادلدار دلداري پرين پرچي ڪر پوئواري

....

۲. سنگهارن جي سار راتو ڏينهان روح ۾

....

۳. ساميڙا ساٿيهه ٿا پورب پنڌ پچن

....

۴. ستا اٿي جاڳ چڏي ننڊ نياڳ جي

....

۵. سوڍل يار سياڻا رات رهي وڃ راٺا

....

۶. تنهن جو توئي ساڻ ساجن سهڻو ساه ۾

....

۷. سامي سانڍي سور هليا ويا هنگلاج ڏي

....

۸. مست آکيان محبوب ميڏي ديان ڪرن قتل دي ڪارميان

اهڙن ڪلامن جي زبان عام فهم ۽ سٺاءَ سادو آهي، ڪلام توڙي پر معنيٰ آهن ته به اسلوب بيان خواه موضوع جي لحاظ سان متن تقليدي رنگ چڙهيل آهي. ممڪن آهي ته

حقيقت ۾ محمد فقير جي خاص اسلوب بيان خواه ذاتي فڪر جي ارتقاء جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته، توڙي جو فقير صاحب کي گذرئي تقريباً ۱۵ سال ٿيا آهن. سندس چيل ڪلامن جو تاريخ وار سلسلو قائم ڪرڻ مشڪل آهي. ڪن گماني اهڃاڻن مطابق، ڪجهه ڪلام ڪٿي ڇنجن ته نسبتاً اڳاٽا چيل آهن، سي به سندن طبعي زور ۽ قادر ڪلامي جي ساک پرين ٿا. هن نقطه جي وضاحت لاءِ هيٺيان ٻه مثال غور طلب آهن.

(۱) مٿي سوانح حيات هيٺ بيان ٿي چڪو آهي ته محمود فقير ڪتياڻ،فقير صاحب جي عزازت مان هو ۽ ازانسواءِ هڪ خوشگو ۽ هنر مند شاعر هو محمود فقير جو سرائڪي زبان ۾ چيل ڪلام:-

يار ياقي ٿي اوطاقي مئين فراقڻ ڦردي، الخ

مشهور اهي، جو اندروني قافين جي وارو وار واري نزاڪت سبب عوام ۾ نهايت مقبول آهي. ڀائنجي ٿو ته محمد فقير جو هيٺيون ڪلام، محمود فقير جي ڪلام جي تتبع تي چيل آهي ته:-

التي آر، ٿئي اظهار دلبيدار دلبر دي
شوق شراب، ڪوڌ ڪباب، راڳ رباب رهبر دي

جيڪڏهن تسليم ڪجي ته فقير صاحب پنهنجي وڏي عزيز محمود فقير جي ڪلام ڪان متاثر ٿي انهي اڳاٽي عرصي ۾ هي ڪلام جوڙيو، ته به سندس هن خيال جي فراواني زبان جي رواني ۽ قافين جي ارزاني مان ظاهر آهي ته فقير صاحب

ڪي ان وقت ۾ شعرو شاعري تي پورو عبور حاصل هو.

(٢) هينيان ۾ ڪلام غالباً سنه ١٣٤٠ هه جا چيل آهن.

پهريون ڪلام فقير صاحب پنهنجي مرشد حقيقي پير صاحب پاڳاره حضرت ڪوٽ ڌڻي (شمس العماء شاه مردان شاه رح) جي منقبت ۾ غالباً قصيدي طور چيو ته:-

شاه مردان، شير يزدان، شمس علماءِ شاندار
شوق جي شادي شفيع ڪئي عشق واري آشڪار
١. سن اٺاسي ٻارهين صدي، ثابت ستين صفر ٿيو
ستاويهين ماه ثاني تخت تي ٿيو تاجدار
٢. شان شفقت جي شرح جو ڇا ڪندو شاعر شمار
شهه شهادت شائق ڪيو ۺتا شغل جو شرفدار
٣. ستين سر ربيع الاول سن تيرهن سو چاليهين
ايڪهٺ عمر عجائب ڪج ڪله ڪئي قربدار
٤. بيرنگي بازي بنائي بره جي بازار ۾
نينهن جو نعرو هنيو نَر ناٿ نيهي نامدار
٥. پيريمغان پارس پساري پرت جي پٿيمان جو
محو ٿيو مخمور محمد پيچ پرور پاڳدار

جناب حضرت ڪوٽ ڌڻي رح جي ولادت جي تاريخ آچر ڏينهن ٧ صفر سنه ١٢٧٩ هه آهي. جنهن ڏانهن پهرين مصرع جي پهرين سٽ ۾ اشارو آهي. پير صاحب جن ٢٧ جمادالثاني سنه ١٣١٤ هه ۾ مسند نشين ٿيا جنهن ڏانهن پهرين مصرع جي ٻي سٽ ۾ اشارو آهي. سندن شهادت ڏانهن ٻي مصرع ۾ اشارو آهي، ۽ ٽي مصرع ۾ سندن شهادت جي

تاريخ ٧ ربيع الاول ١٣٤٠ ھ بلڪل صحيح ڄاڻايل آهي.
انهي وفات جي تاريخ ۽ ان بعد پير صاحب جن جي ايڪهٺ
عمر ڏانهن اشارن مان پائنجي ٿو ته فقير صاحب هي ڪلام
حضرت ڪوٽ ڏنيجي وفات تي يعني سنه ١٣٤٠ ھ ۾ چيو.

ٻيو ڪلام سندس طالب ۽ رفيق بيسر فقير جي وفات
سنه ١٣٤٤ ھ متعلق چيل آهي ته:-

ٿل:- بيسر بدل ڪيو برقعو بشر جو
بي رنگ بقا ٿيو بيخود بحر جو

مصرع:- پرتئون پريمي پرپي پيالو -ناچو نظاري نرتي نرالو
تيرهن سوچوئيتاليهين چولي ڪيو چالو- تاريخ تيرهين
مهنو صفر جو جيڪڏهين تسليم ڪجي ته مٿيان ٻئي ڪلام
فقير صاحب سنه ١٣٤٤ ھ ۾ چيا ته پوءِ چئبو ته خود سندن
وفات (١٣٥٩ھ) کان ١٥ ورهيه اڳ واري ڪلام جي الفاظ
جي پوچ ۽ پختگي مان ظاهر آهي ته ان وقت به فقير صاحب
هڪ قادر الڪلام شاعر هو ۽ پڻ مستي ۾ ”محو ۽ مخمور.“
جو ته بقوله:-

”محو ٿيو مخمور محمد پيچ پرور پاڳدار“

(ب) حقيقت ۾ اسلوب بيان جي جدت ۽ فڪر جي
عبقريت، محمد فقير جي ڪلام جون ٻه امتيازي خصوصيتون
آهن. سندس الفاظ جي انتخاب ۽ استعمال، توڙي نظر جي نوچ
۽ معنيٰ جي پوچ جي خصوصيات جي لاءِ ڪي خاص سبب هئا
جن کي سمجهڻ ضروري آهي.

اسلوب بيان :- هرشاعر پنهنجي خيال جي اظهار

لاءِ پنهنجي پنهنجي زبان استعمال ڪري ٿو، مگر ڪن شاعرن جو اسلوب بيان ڪن خاص لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جي استعمال سبب امتيازي حيثيت رکي ٿو. ان جو مثال ڪافي گوشاعرن مان مهدي شاه ۽ مصري شاه جي ڪلامن ۾ نمايان آهي.هنري محاورن جي آميزش سان مهدي شاه پنهنجي ڪلامن ۾ هڪ نئون رنگ پيدا ڪيو ۽ فارسي الفاظن ۽ محاورن سان مصري شاه پنهنجي اڪثر ڪلامن ۾ فارسي وارو رنگ تغزل پيدا ڪيو.ٻولي جي ڄاڻ سان گڏ طبع جو رنگ ۽ فڪر جي نوعيت شاعر جي اسلوب بيان تي ويتر گهڻي قدر اثر انداز ٿين ٿا. محمد فقير جي زبان جي وسعت،طبع جي زور ۽ فڪر جي گهراين سندس اسلوب بيان کي به هڪ نرالو رنگ ڏنو.

سرائڪي ٻولي فقير جي مادري زبان هئي،سنڌ جي سر زمين جو نيپاج هو ۽سنڌ ڇپي ڇپي گهمي هئائين، جنهن ڪري سنڌي ٻولي تي به ملڪو هئس. جيئن ته فارسي جي به تعليم ورتي هئائين انهي ڪري عربي ۽ فارسي جي ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جي به پوري پروڙ هئس.عام عربي الاصل لفظن جي استعمال ڪانسواءِ ڪي خاص عربي الفاظ استعمال ڪريٿو جيئن ته تيهه اکري ۾ حرف "صاد" جي بيت ۾ چوي ٿو ته:-

صاد	صوفي	صاف	ڪيا	صراحي صمصام
ڪنڌ	قبولي	ڪوڏ	سان	ڪلالي قمقام

"قمقام" معنيٰ خاص.ڪم، عربي لغت جو هڪ اهڙو لفظ آهي جو سواءِ علم واري جي ٻئي جي پهچ کان ٻاهر آهي.

فارسي محاورن کي ته فقير آساني سان ڪم آڻي ٿو مثلاً:-

چوگرد چرخ چرچه، چاه ذقن چه گونه

چالاڪ چال چلپل،چشمان چلا چلا

هندي ٻولي توڙي ان جي سرمايه فڪر مان به پوري طرح ورچ وٺي ٿو مثلا:-

تو ۾ گنگا گرگن گياني، تو ۾ گورگ گيان ميان

هندي، اردو، محاورن ۾ ڪلام جوڙڻ ۾ به ڪيس وڏي دسترس آهي مثلاً:-

مخمور مگهن مستانا هون- مستانا هون،مستانا هون

يا - اند نگر مين آئي هون- پريم نگر ڪےٿي پوجارے

يا

گُر تِي گگَن کِي گادي -گُن گِيان هورها هون

دم دي دمال دائم- دُن دِيان هو رها هون

يا وري صاف اردو ته:-

کيا تاب حسن بيتاب مجھے

دکھا نوک نظر ناياب مجھے

مختلف ٻولين جي ڄاڻ ڪانسواءِ سندس ذاتي تجربي ۽ مخصوص شغلن به سندس واسطي مختلف الفاظ ۽ محاورا موهيا ڪيا. جن کي پنهنجي خيالات جي اظهار لاءِ پوري طرح استعمال ڪيو اٿن. سندس سوانح هيٺ بيان ٿي آيو آهي ته سندس مرشد پير صاحب پاڳاره جي ارشاد موجب فقير صاحب پهرين عالمگير جنگ ۾ هڪ غازيجي حيثيت ۾ ڀرتي ٿي ويل هو. زندگي جي انهي شعبه مان فقيرصاحب بگل (Bugle)

ڦواز (قواعد) ۽ فالم (هڪ صف ۾ ستو تي ويهڻ=Fallia) جا خاص الفاظ اخذ ڪيا ۽ انهن ڪي جنگ جي پين عام لفظن جهڙوڪ فوج، حملو، هٿيار، غازي وغيره سان گڏ پنهنجي ڪلام ۾ پوري طرح استعمال ڪيو مثلاً:-

بيشڪ بزم ۾ بالم- فائق فڪر ۾ فالم

يا

اناالحق عشق ڪر اوجان- ڪيتيان فالم فهم فوجان

(ڦواز)

محمد هر مظهر جو مالڪ، حسن واري فوج

قم باذني ڦواز منهنجو

بِگل بهادر وير وڄائون، محبت دي مذڪور ميان سندس هينيون ڪلام سڄو جنگ جي ماحول ۽ محاورن ۾ رچيل آهي.

حسن جي فوج تي فالم- بنايو بيڪ بازي جو

١. حسن حملو ڪري آيو، سروپا سَر بَسَر پايو
رنگي رخسار رنگ لايو صورت سينگار سازي جو

٢. بِگل بٽيچيون ڪٽي يالا ڪري خمار خوشحالا
اکين جي عشق ڪيو اعليٰ طبل تلوار تازي جو

٣. خوني خنجر ختم خم شغُل شاهي شمع شم شم
دونالين ديد جي دم دم تُريو تورو ترازي جو

٤. ڪاڪل ڪنڌڙا ڪجل ڪاري سنگينون سيف سنگساري
سارو سامان سالاري قرب ڪلتار قاضي جو

۵. مگهن مخمور مُــــــــــــژگانن مچائي موج مستانن
نسنگ نروار نيشانن، غواصي غور غازي جو
٦. سراسر سير سر ساقي، يگانو يار ٿي ياقي
محمد بن بنيو باقي قبلل حال ماضي جو

پيو ته شروع ڪان وٺي ئي فقير صاحب ڳائڻ جو شوقين هو. اول ۾ پير صاحب پاڳاري جي جماعت جي راڳ جي شرعي اصول موجب بنا سازن جي ڪلام ڳائيندو هو. جيئن ته راڳ سندس ذِهني خوراڪ بنجي چڪو هو ۽ سرتار سندس لنو لنو ۾ سمايل هو، پير صاحب حضرت ڪوٽ ڏٺي سندس انتهائي محويت محسوس ڪري يڪتاري تي ڳائڻ جي اجازت ڏني. ان ڪان گهڻو پوءِ مستي ۽ مدهوشي ۾ فقير صاحب پنهنجي طالبن جو ٽولو بنايو ۽ سازن جي پوري وڄت سان ڳائڻ ۾ محو رهيو. راڳ جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي. ۽ سر تار جو شيدائي هو فقير صاحب جي نظريه مطابق هن ڪائنات جي ابتدا توڙي وجود سُر ۽ تار جي تنظيم تي مبني آهي. چوندو هو ته ڏٺي تعاليٰ لفظ "ڪُن" به سُرسان آوازيو، تڏهين ڪائنات پنهنجي مڪمل تنظيم سان وجود ۾ آئي. راڳ ،سرتار ۽ سازن جي معلومات سندس واسطي انهن فنن جا خاص الفاظ، اصطلاح ۽ محاورا ارزان ڪيا، جن ڪي پنهنجي خيالات جي اظهار خاطر پوري طرح استعمال ڪيائين. راڳ ۽ تار جي ماهيت جي پرک ۽ پروڙ جو مثال سندس هيٺيون ريختہ ڪلام آهي.

سر ريکب، گنڌار، مَدم_ پا، ڌِيوت، نِڪاد، سَرگم

١. ڀيرو، مالڪوس، هندول، سري، ميگهه، ديپڪ، ترنم
٢. تال طبل سي گاوي بجاوي ـ حال حقيقي هردم
٣. تين گرام، سناوي سات سر ـ ڇير بجاڪر ڇم ڇم
٤. بسنت محمد سارنگ گاوي ـ پر جهه پريمي پنڇم

سازن ۽ سرن جي لغت به سندس خيالات جي اظهار جو جز بنجي ويئي:ـ

ساز وجودي سِر جو سُر ۾ ـ گيت اناالحق ٿا ڳائن

....

بره سٽائي بانگ، شاهي طبل وڄاوڻ دي

....

ڏُڪڙ،ڏَريت، ڏَمالان،ڏُن، قائم ڪڙڪي ڪپاري ڪُن
گونا گوني گِرامي گنُ، گِياني گلزار هي ڪيتا

مطلب ته لغت جي وسيع ڄاڻ سبب الفاظ ۽ قافيا سندس واسطي ارزان ٿيا ۽ شعر سهل ۽ آسان،جنگ جا محاورا سندس طبع جي جذبه ۽ جوش جي اظهار لاءِ موزون بنيا،راڳ ساز ۽ تار جي اسمن ۽ الفاظن سندس طبع جي تنوع ۽ رنگيني کي چمڪايو.ٻولي جي وُسعت سان جي چاهيائين ته ڪلام جي مختلف مصراعن کي علحده تجنيس حرفي جي صفت سان سينگاريائين مثلاً:ـ

عشق جو احوال اعليٰ ڪو پڇي عاشق اڇي
نازنيڻ جي نظاري،ناٽ ٿي نانگو نچي
١. سپ ستي سانگا صفاتي،صاف ٿي سورهيه سخي
ساز ساقي جي سراسر سرڪ پِئي سهٽي سچي

۲. پرت جو پيالو پريمي پُر پِئي پئيمان ۾
پيچ پنبٽين جي پساري ،پتنگ جان پختو پچي
۳. رِند رهي راضي رَضاتي، رُوپ رنگينو رکي
راز رهبر جي رِسالت، رمز رندي ۾ رچي
۴. ميگهه محبت جِي ملاري من خدائي موج سان
مَئي پِئي محڪم مدامي مرد ٿِي محمد مچي

نہ صرف ايترو مگر سڄا سارا ڪلام بہ ساڳي تجنيس حرفي جي صِنعت ۾ بنا تڪلف جي ادا ڪيائين، سندس هيٺيان بہ ڪلام انهي مسلسل صنعت جي ساک ڀرين ٿا:-

(۱)

نينهن جي نوبت وڄائي، ناد ڪئين نيهي نواب
ناٿ ٿو نانگا نچائي، ناز جو ڪولي نقاب
۱. نينهن جو نعرو هٽي ٿيا نظر جي نيشان تي
نَر پَسن ناپيد نيارا نين نرگس نيم خواب
۲. نِسنگ ٿيا ناتي نگه جي نقش جاناميا نَقاش
نُو بہ نَو نازڪ نظارو نُور جو ٿِئڙو نجاب
۳. نَامْوَر نَادَر نِرالا ناٿ نَر نِروار ڪيا
نوڪ نيزي جي نزاڪت نيڪ ٿيا ننگي ناياب
۴.نج نفي اثبات تَڪي نازنين محمد نگار
نظم جو ناطق نقارو نجيمي ناب ناب

(۲)

وڄ وڄڻ ڪي ويڙه وحدت ۾ ورڻ وائي ۾ وار
وک وڌائي ويهہ م وڄ تي ورق ويسر جا وسار

١. وڄ وطن تي واڳ واري وات ويراڳي وڃي
وهٽ ويسه ڪانسواءِ ٻي وهم جي آهي ونگار
٢. ونحن واري ويڙه وره جي وصل جو ووڙي وڃڻ
وحده واحد وجودي وجه الاهي تي وچار
٣. ويهه وظيفا ورد واري وقت سڀ واجب وڃاءِ
وير وارث ويجهڙي ڪي وندر جي وِيِ ۾ وِهار
٤. واءِ وصالي تي وڪايو وير سوئي واهرو
مست محمد موج مهدي وڃي ۾ ويچو وار وار

.........................☆.........................

”امتيازي فڪر“

فقير صاحب جي هن نرالي اسلوب بيان ڪي نه صرف الفاظ ۽ اصطلاحن جو آڌر هو مگر انکي سندس طبع جي زور ۽ گهري فڪر جي به پذيرائي هئي،سنڌ جي نامور ڪافي گو شاعرن مان:ـ فقير قادربخش بيدل، پير صاحب علي گوهر شاه اصغر، عبدالله فقير ڪاتيار،سچل سر مست ،يوسف فقير، درياخان، خيرمحمد،عثمان فقير سانگي، مخدوم ميان امين محمد صاحب، اميد علي شاه، مهدي شاه، بلند شاه، مصري شاه،منٺار فقير راجڙ ۽ آخر ۾ محمد فقير پنهنجن ڪلامن ۾ نوان نوان مضمون پيدا ڪيا.

مثلاً:ـ بيدل وحدت وجودي جي تشريح ڪئي، اصغر عاشقن جي اولو العزمي ۽ ان سان گڏ تواضع ۽ انڪساري جي تصوير چٽي، عبدالله فقير عاشقن جي جرات رندانه مثال توڙي عملي ثبوت پيش ڪيا، سچل منصور وارو اناالحق جو آلاپ

آشڪار ڪيو،خيرمحمد تصوف جي ڳوڙهن نقطن جي آسان زبان ۾ اپٽار ڪئي ۽ مصري شاه پنهنجي رنگ تغزل ۾ حسن جي ڪبريائي ۽ عشق جي ڪار فرمائي کي سهڻي نموني ۾ نڀايو،هر شاعر جو ڪلام سندس شخصي فڪر جو آئينو آهي مگر مڙني ۾ نسبتاً محمد فقير جي ڪلامن تي سندس ذاتي فڪر ۽ زوردار شخصيت جو گهرو اثر هو.

جيئن ته محمد فقير جي شخصيت سندس فڪر کي هڪ خاص قالب ۾ سموهيو آهي، انهي ڪري ضروري آهي ته سندس شخصيت جي نمايان خصوصيات کي نروار ڪيو وڃي

(١) اول ته جرئت ۽ بهادري سندس سرِشت ۾ سمايل هئي هو ڪتياڻن جهڙي بهادر قوم جو فرزند هو ۽ همت ۽ مردانگي کيس ورثي ۾ مليل هيون. سندس بهادري جو مثال ١٩١۴ع واري جنگ عالمگير ۾ پير صاحب پاڳاري جي غازين جي صف ۾ پرتي ٿيڻ واري واقعي مان ظاهر آهي. سندس دلي طاقت جو ٻيو مثال اهو آهي ته جڏهين سندس اکين جي خرابي وقت دوباره آپريشن ڪئي ويئي تڏهين امونيا سنگهڻ کان انڪار ڪيائين ۽ آپريشن وقت خنده پيشاني سان پنهنجو هڪ بيت پڙهندو رهيو.

لام لاهوتي لعل ٿيا لاجي لائي لام
جهڙا سرها عيد ۾ تهڙا منجهه ماتام
پاڻهي پسي پاڻ کي پسڻ جي پيغام
جنگ پين تا جام جدا ٿي جسمات کان.

(٢)ته فقير صاحب هڪ آزاد خيال انسان هو ۽ سوا خدا ۽

مرشد جي ڪنهن جي به محتاجي ڪيس منظور نه هئي. اهوئي سبب هو جو رئيس غلام محمد خان پرڳڙي جي نوڪري ڇڏي ڏنائين(٣) تيون ته فقير صاحب کي علم جو شوق ۽ استادن جي صحبت، معنيٰ ۽ حقيقت ڏانهن متوجهه ڪيو. فقير نواب ولي محمد صاحب جي صحبت ۽ فيض بابت سندس زباني مان ظاهر آهي ته اتان ڪيس ”پيريمغان جي پچار“ پلئه پئي. چوي ٿو ته:-

١. صوفين سندي سُنگ سان ڪيم روح رهاڻ
هِينئون اُت حيران ٿيو ٻُڌي احديت اهڃاڻ
ولي محمد مهر مان بره ڏيڪاريا ٻاڻ
ڪلي اُت ڪتياڻ ڪمند پاتو قرب جو

٢. ولي محمد وحدت جي وات ڏسي وينجهار
سبقِ ڏنائين سِڪ جو احديت اظهار
پِيريمغُان جي پِرت جي پيدا ٿي پچار
اَحمدپور انوار، آيو اڱڻ احد ٿي

انهي ڪري خيال کي ڪولڻ ۽ معنيٰ واري مام کي پروڙڻ سندس شيوه بنجي ويو(٤) حسن جي هلان ۽ مجازي عشق جي مهميزن سندس طبيعت ۾ جذبئه جوش جو اهو طوفان پيدا ڪيو جنهن جو زور سندس ڪلام توڙي ڪردار ۾ نمايان رهيو.(٥) سچائي ۽ بي ريائي سندس طبيعت جا جز ۽ جوهر هئا ۽ انهي ڪري پنهنجي حال کي قال جي پردي ۾ ڪين لڪايائين فقيري حال آيس ته ڪفني ڳچي ۾ وڌائين، ڳايائين ته نچي ڳايائين،رقص ڪيائين ته برسر بازار

ڪيائين، ۽ميڪشي ڪيائين ته ببانگ دهل ڪيائين.

سندس شخصيت جي انهن خوبين توڙي خامين جو عڪس سندس ڪلام ۾ به نمايان نظر اچي ٿو. جرئت رندانه، خودي ۽ خود خيالي ، دَم جي ڌُن، خيال جي تلاش،جلالي جذبو مستي ۽ موج، راڳ ۽ رقص،ميڪشي ۽ مدهوشي اهي مڙيئي نه صرف سندس ڪلام جا عنوان آهن بلڪ ان جو مغز ۽ روح آهن. انهن خصوصيتن سبب سندس فڪر به جمله ڪافي گوشاعرن ۾ هڪ امتيازي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪلام جي مطالعي مان سندس فڪر ۽ نظرين جو مجموعي طور جو نقشه اسان جي خيال ۾ ويٺو آهي. ان جا ڪي اهم پهلو اجمالي طور هيٺ واضع ڪجن ٿا.

اسان متي چئي آيا آهيون ته هر شاعر جو ڪلام سندس شخصي فڪر جو آئينو آهي مگر اڪثر ڪافي گوشاعرن جي گهري ۽ تنقيدي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سندن فڪر تي اڪثر تقليدي رنگ غالب آهي ۽ سواءِ پنهنجي مخصوص حال جي بيان جي، تصوف جون ساڳيون پڌل ڳالهيون وري ويهي ٻڌايون اٿن. انهي تقليدي رنگ جي علاوه جيڪڏهين ڪو نئون نقطو پيدا ڪيو ويو آهي ته اهو به ڄڻ اتفاقي امر معلوم ٿئي ٿو. جنهن جو ڪنهن منظم ذهين نظريه سان لاڳاپو نظر اچي ٿو. محمد فقير جي نظرين ڪي اتفاقي نه بلڪ ارادي فڪر جي پنيرائي آهي.هن ذاتي ۽ ارادي فڪر سندس نظرين ۾ هڪ خاص اصليت ۽ يگانيت پيدا ڪئي آهي. انهي ڪري سندس هيئنين قول ۾ ڪافي صداقت آهي ته:-

"سڻ سمجهڻ محمد آيو، ٿي پنهنجو پاڻ امام"

انهي ڪري اسين پهريائين فقير صاحب جي فڪر متعلق سندس ذهني تخيل جو جائزو وٺنداسين جنهن تي ئي سندس نظرين جو مدار آهي ۽ ان بعد سندس حال ۽ عملي زندگي سان جن نظرين جو تعلق ٿي سگهي ٿو انهن جي وضاحت ڪنداسين.

(الف) فڪر بابت ذهني نقطه نظر:- فقير صاحب هن ڳالهه جو قائل آهي ته انسان هت اڀوجهه ٿي ڪونه آيو آهي، ڪيس پرجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ حواس ۽ دماغ مليل آهن. هن دنيا ۾ انسان جي وجود جو مقصد آهي توحيد ڪي اثبات ڪرڻ. انهي لاءِ ضروري آهي ته پهريائين پاڻ ڪي پروڙي ته دوئي دور ٿئي:-

(۱)

"پاڻ سڃاڻڻ پنهنجو آيس، ناهيان اصل اڀوجهه
نيهن ۾ آهي نياز منهن جو"

(۲)

دوئي وارا ورق وسار، پهريائين پنهنجو پاڻ پروڙي
مگر پاڻ ڪي پروڙڻ ۽ سڃاڻڻ آسان نه آهي.انهي ڪري اول ته ڏسڻ ۽ پسڻ جي ضرورت آهي. يعني ته اکين جي اثبات جي ضرورت آهي. مگر اهو عين اليقين به آسان نه آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪي ڪجهه ظاهري طور معلوم ٿئي ٿو ان ۾ "سرت" "نِرت" جي ضرورت آهي. ان بعد صحيح نتيجي تي پهچڻ لاءِ فهم ۽ ڇاڻ جي ضرورت آهي.مگر بغيرفڪر جي فهم

ناقص آهي. انهي ڪري فهم کي فڪر جو تابع ڪرڻ ضروري آهي. صحيح فهم ۽ ڄاڻ بعدئي معنيٰ (حقيقت) جي مام پروڙي سگهبي. خيال جي تخليق اجا به اڳيري آهي.

انهي ڪري ڏسڻ ۽ پسڻ، سرت ۽ نرت، فهم ۽ فڪر، معنيٰ ۽ خيال فقير صاحب جي فڪر جي نفسيات جا خاص پهلو آهن. حقيقت شناسي واري آخري منزل تي پهچڻ لاءِ فقير صاحب، فڪر جي انهن نفسياتي مرحلن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. انهي ڪري سندس ڪلام ۾ اهي الفاظ باربار ورجايل آهن. درحقيقت فقير صاحب جي ذهني نقطه نظر انهن عام لفظن کي خاص معنوي اصطلاحن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي هن مختصر مقدمي ۾ انهن مان هرهڪ جي تشريح لاءِ گنجائش ڪانهي البته مختصر طور هرهڪ بابت فقير صاحب جو نظريه سندس ڪلام مان مثالن سميت پيش ڪجي ٿو.

(١) ڏسڻ ۽ پسڻ: "ڏسڻ" ۽ "ڏسجڻ" جو تعلق ظاهري منظر سان آهي ظاهري منظر جي انهي عجب رنگ سان ئي حقيقت پنهنجي پردي پوشي ڪئي آهي.

"ڏسڻ ڏسجڻ ڏيهه ڏسڻ جو، ڏان رکيو اهو ڏاهي ڏاهي"

خود ظاهري نظر دوري کي نفي کي اثبات ڪري ڏسڻو آهي ته: "ڪير ڏسي ٿو، ڇا ڏسجي پيو، ڪير ڪري ٿو بات بيان" "پسڻ" جي منزل ظاهري "ڏسڻ" کان اڳيري آهي. "پسڻ" گويا "ڏسڻ" کي اثبات ڪرڻو آهي. "عين اليقين" کان "حق اليقين" تي پهچڻو آهي. "پسڻ" واري ڪيفيت لاءِ غور ضروري آهي. "پسڻ ۽ پروڙڻ" واري هر معنوي

نفسياتي ڪيفيت تي فقير صاحب فدا آهي:-

(۱)

غين غواصي غور سان غازين ڪيو غماز
پَسڻ واري پڙ ۾، پتنگن جيان پرواز

(۲)

پَسڻ پاڻ پنهنجو پيان پر پيالا
پريمي پڪو ٿي پسڻ ڪي پسايان.

(۳)

پسڻ واري پڙ ۾ پڌرو، ٿي پيريمغان پڱدار آيو

بقول فقير صاحب: انهي "پسڻ" واري ڪيفيت جو تجرباتي مشاهدو بي پايان علم جو دروازو کولي ٿو. "گوناگون گيان" پيدا ڪري ٿو. پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو، "گونا گوني گفت گيان" بلڪ فقير صاحب کي انهي پسڻ واري ڪيفيت انهي منزل تي پهچايو آهي جو هو متحير آهي ته:-

"پسڻ آهيان پاڻ، پسان ٿا، پسڻ واري پيچ ۾ پڌرو"

(۲) سرت ۽ نرت: "سرت" ۽ "نرت" کي فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ نهايت نزاڪت سان پيش ڪيو آهي. ائين پيو معلوم ٿئي ته "نرت" ۽ "سرت" ڇڻ "ڏسڻ" ۽ "پسڻ" جون گهريون نفسياتي ڪيفيتون آهن، يا ته اهي وري خود "پسڻ" جون وجداني ڪيفيتون آهن.

(۱)

"سرت" ڪئي سواري "نرت" ۾ نياري
پساري پسڻ جي پَڌر تي پياري

(٢)

"سُرت ۾ ٿيو نِرت جو ناتَڪ،سُرت ساڳي ساڻ پسان ڇا؟"

بهرحال فقير صاحب "سرت ۽ نرت" جي وجداني ڪيفيتن مان نہ فقط واقف آهي مگر انهن ۾ مَحو ۽ مَسرور:-

(١)

"سرت" "نرت" جي شعر بحر ۾ نوبت نينهن وڄايان ٿو

بيشڪ پيد بنائي بالم.

"سرت" "نرت" جي ڪيل ۾، ايذاءُ واري حد ڪان اڳي،

خود خيال جي خمار سان، خال خاطو خوشنود تون.

(٣) فهم ۽ فڪر:-حقيقت کي هٿ ڪرڻ لاءِ سوچڻ سمجهڻ،پُرجهڻ،پروڙڻ فقير صاحب جو عين مقصد آهي ڇو تہ بغير سمجهہ ۽فهم جي حقيقت تائين پهچڻ محال آهي. انهي ڪري

"فالَم ٿِي في الحال فهم دِي، فوج چڙهائي مٺن ووڻن"

مگر فقير صاحب جي نظر ۾ صحيح اهو آهي جو گهري فڪر بعد حاصل ٿئي. انهي ڪري فَهم کي فِڪر جو تابع ڪرڻ ضروري آهي.ڇوتہ "فڪر وارو فهم" ئي ڪنهن منزل تي پهچائيندو.

"ڪري جوش جلالي جنگي- پائي سروپا تاج ڪلنگي.

فڪر واري فهم ۾ تون"

انهي ڪري صحيح ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ مسلسل فڪر ضروري آهي. هر وقت ۽ هرحال ۾ هر محفل ۽ هر مجلس ۾ غور ۽ فڪر جاري رهڻ گهرجي.فقير صاحب پنهنجو حال بيان

ڪندي، انهي اهم نقطي جي تائيد ڪري ٿوته:-

بيشڪ بزم ۾ بالم- فائق فڪر ۾ فالم.

(۳) معنيٰ:- معنيٰ مان فقير صاحب جي مراد "نفس حقيقت" آهي جا هن "مصوري منظر" جو مول آهي، جاهن ظاهري صورت ۽ جنسار جو سينگار آهي ۽ جنهن جي روشني ۾ دوئي دور ٿئي ٿي، "مقصود ۽ لا مقصود" جو ويڇو وڇان وڃي ٿو، بلڪ خود صورت ۽ معنيٰ وارو فرق ڪافور ٿي وڃي ٿو. اها حقيقي "معنيٰ" انهن ڪي حاصل ٿئي ٿي جن فهم ڪي فڪر جو تابع ڪري سچي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي ۽ انهي صحيح ڄاڻ جي روشني ۾ "معنيٰ" جو ملڪ ماپيو ۽ جانچيو آهي، بلڪ خود "معنوي مِيزان" ڪي توريو ۽ تڪيو آهي:-

فالم ڪري فهم ڪي فڪر واري فن

ماهر ڪيائون من، معنوي ميزان ۾

انهي ڪري فقير صاحب جو پاڻهي پاڻ ڪي تاڪيد ته:- "محمد! معنيٰ ملڪ جو، اٿي جبل جهاڳ" چوته:-

"صورت معنيٰ معنيٰ صورت، مام پروڙي ڪو مرد مٿير معنيٰ

واري مام محمد، گم ٿي ويٺو سارو غير"

خود فقير صاحب جو پنهنجو حال هي آهي ته:-

(۱)

محمد ملڪ معنيٰ دي محڪم، محبت مينهن وسايا هي

(۲)

معنيٰ واري ميگهه ملار، لا مقصد ٿيو مقصد منهنجو

بلڪ فقير صاحب معنيٰ ۾ غرق ٿي ڄڻ معنيٰ جو مول

وحدت کي اثبات ڪيو آهي.

محمد ملڪ معني دا مالڪ، مصوري ميدان الاالله

(۵) **خيال** :ـ بظاهر خيال کي فقير صاحب سوچ ۽ ويچار توڙي تصور ۽ تخيل جي معنيٰ ۾ آندو آهي مگر سندس نظريه موجب ”خيال“ جي تعبير خيال ئي آهي. سندس هيئين ڪلام جو تلهه انهي نظريه تي شاهد آهي ۽ مصرائون به چڻ انهي نظريه جي تعبير جا مختلف پهلو آهن.

خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي،خيال جو مطلب خيال ۾ آهي.

(۱)سهڻي صورت يار سڄڻ جي، قَلبي قُرب ڪمال ۾ آهي.

(۲)پاڻ وڃائي پاڻ سُڃاڻڻ حيرت واري حال ۾ آهي.

(۳)ناز نظر جو بيرنگ بازي، جذبه جوش جلال ۾ آهي.

(۴)موج اها ڏس مَحۡڪُم محمد!، بيحد بره بحال ۾ آهي.

فقير صاحب جي نظريه مطابق ”خيال جي خبر ”خيال“ مان ئي پوندي سندس تجرباتي شاهدي مطابق:ـ

خيال جون خبرون خيال سڻايون

خوبان خوب خيال سان، خوشحال سان

انهي ڪري ”خيال“ ۾ گم ٿيڻ ۽ ”خيال“ کي ڪمائڻ ضروري آهي.

(۱)

دم دم دل ۾ دِيد اڙائي پير پتنگ جيئن پڙ ۾ پائي

خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي جام پيتائون جذب جلال

نينهن نباهي نازوارن جو

(۲)

ڏس خيال خفي خم خم ۾ تون ٿي بيخود بيک بسم ۾ تون

جيتوڻيڪ معنيٰ ۽ حقيقت کي پروڙڻ لاءِ فکر ـ فهم جي ضرورت آهي مگر خود معنيٰ پيدا ڪرڻ لاءِ خيال جو پرواز ضروري آهي. فکر معنيٰ جو منڍ آهي. مگر خيال معنوي تخليق جو مول آهي. فقير صاحب خيال واري انهي تخليقي قوت جو حامل آهي.

بقوله:ـ

مئن خيال، خيال دا خالق، پهريم شاهي شال موليٰ

خيال جي ماهيت جي پروڙ ۽ خيال واري ڪيفيت تجرباتي مشاهدي جي بناءً تي فقير صاحب خيال بابت ڪي اهڙا ڳوڙها نظريا پيش ڪري ٿو جي ڪافي تشريح طلب آهن. اختصار جي خيال کان سندس هيٺيون مصرائون جي اهڙن نظرين جون حامل آهن پڙهندڙن جي پنهنجي غور فڪر لاءِ پيش ڪجن ٿيون:ـ

(۱)

تون بہ هڪڙو خيال، خيال سان خود خيال ٿي ملندين

(۲)

آهيان پاڻ خيال، خودي خود خود خدائي خيال آهي.

(۳)

خيال جون خبرون خيال ختم ڪيون خيال خدائي جي خمار

(٦) دم جي سنڀال :-دم جي سنڀال سالڪن ۽ صوفين وٽ مسلم آهي. مگر فقير صاحب جهڙي ڏسڻ ۽ پسڻ جي پرواني، سرت ۽ نرت جي سالڪ، فڪر ۽ فهم جي دلداده، معنيٰ جي متلاشي خيال ۾ گم تي خيال ڪمائيندڙ ۽ خيالي تخليق جي قائل لاءِ زندگي جي هرڪا گهڙي هرهڪ پل ۽ هرهڪ دم جو قيمتي هئڻ فطري ۽ لازمي آهي. بقوله:

(١)

جو دم غافل ـسودم ڪافر سمجهيم هوش حساب ميان
دم دم درسن دم دا هويا، ڪيها ڏوهه ثواب ميان

(٢)

دم جو درسن پايان، ٻرگهر ڪيم پڇايان.

انهي ڪري فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ بار بار دم جي اهميت تي زور ڏنو آهي ۽ ان جي سنڀال جو تاڪيد ڪيو آهي ته:-

(١)

دم جي دم ڪي درس دلير- شوق وارو ڪو سمجهي شير

(٢)

دم خزانو هٿ ڪر هردم پسي جوت جمال
جام انهي جي جوش ۾ جلندين.

(٣)

دم دي ڪرتون سرت سنڀال،ڇوڙ ڦتي ڪر خام خيال

(٣)

دلدارڳولي لهه دم ۾تون، تي لا ”سين“ لا عدم ۾ تون

(٥)

نام والا دم ڄاڻ غنيمت،نام بنا دم ناقص هي
"فاذکروني اذکرکم" دا، حکم هلايا وارث هي

(٦)

جپ "الف" اسم دم دم کري نقش صورت نيشان ۾

(٧)

ڏري دم جو ڏيان، تي نيشان، اسم ساڻ الله جي.

(٨)

اول، آخر، ظاهر، باطن، درس دم جي ڏيان الالله

(ب) زندگيءَ جي ڪن عملي پهلوئن بابت نظريه:-

فڪر واري فهم سان حقيقت ۽ معنيٰ کي پروڙڻ،خيال واري تخليقي قوت پيدا ڪرڻ ۽ دم کي غنيمت ڄاڻي ان جي سنڀال ڪرڻ، فقير صاحب جي تعليم ۽ تبليغ جا مرڪزي نقطا،بلڪ مغز ۽ روح آهن. حقيقت جي متلاشي لاءِ فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جا بجا اهي ئي حڪمت ۽ دانائي جا موتي پوتا آهن.

مگر جئن ته مجازي محبت جي موج حلاجي هام، جرات ۽ رندي جذبو ۽ جلال،راڳ ۽ رقص، ميڪشي ۽ مدهوشي، فقير صاحب جي زندگي ۽ ڪردار جا نمايان نشان هئا. جن کي ملامت جي سامان طور ارادتاً اختيار ڪيو هئائين. انهي ڪري ضروري آهي ته سندس عملي زندگي جي انهن پهلوئن متعلق پڻ سندس حقيقي نظرين جو جائزو ورتو وڃي تاڪ حقيقت واضح ٿئي.

(١) عشق:- فقير صاحب جو مشرب محبت ۽ عشق آهي

چاڪاڻ ته اهو همت ۽ مردانگي، جرأت ۽ رندي جو مشرب آهي.

آتش عشق اويڙي واري عاشق ٿيا عريانا

محمد مشرب محبت واري محڪم ٿيا مردانا

حقيقت ۾ پنهنجي رندي مشرب جي ڪري ئي فقير صاحب خود عشق تي عاشق آهي.

آهيان مان عشق جو عاشق رڪان رندي مشرب ٿو.

ازانسواءِ فقير صاحب جي نظريه مطابق، "مڪان ۽ لامڪان" مثال ۽ بي مثال صورت ۽ بي صورت واري مام جو اصل محرڪ به عشق ئي آهي.

بي صورت جي بازي پٽري، بره بهادر بانگي بانگي

هنيو نر نروار تي نعرو، نيهن نرالي نانگي نانگي.

ظاهري احساسات ۽ جذبات، لاڳاپن ۽ واسطن کان اڳتي وڌائي معرفت واري سڪون تائين به عشق ئي پهچائي ٿو:-

خوف خوشي ۽ رنج راحت کان عشق ڪيو آزاد ميان.

(٢) اناالحق جا اسباب :- فقير صاحب کي منصوري مام جي پرک ۽ پروڙ جي دعويٰ آهي:-

مئين دي موج محبت والي مام سڻائي مئن وومئن

۽ هو انهي دعويٰ ۾ حق بجانب آهي ڇاڪاڻ ته منصور جي تلقيد ۾ "اناالحق" پين به گهڻن آلاپيو آهي مگر "اناالحق" واري ڪيفيت جي اسبابن جو تجرباتي احساس ۽ علم جيترو فقير صاحب کي آهي اوترو ٻئي ڪنهن کي ورلي هوندو. فقير

صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڇپي ڇپي انهن اسبابن جا اهڃاڻ ڏنا آهن جن مان (١) ﭘﮭﺮﻳﻮن عشق آهي جو پنهنجي اثر ۽ غلبي سان هن آواز جو اياريندڙ آهي:-

(١)

آيا عشق اسانڏي جهولي جهل ڪر حال حلاج دي حملي هل

(٢)

عشق عجب رنگ لائين تو ڳيت اناالحق ڳائين تو.

(٣)

تلڪ لڳائي جٽيو پائي عشق اناالحق ڳيت تو ڳائي.

(٤)

اصل عشق آهيان پيو چا ٻڌايان آوازي اٿر سان اناان الايان

(٥)

عشق ڪيو آواز اويڙو اناالحق الائڻ جو
انساني جي اولي اندر التي پيد بتائڻ جو

(٦)

پوش پريمي پايان تو، شاهي طبل وڄايان تو،
التو ڏيئي الٿ اشارو، ڳيت اناالحق ڳايان تو.

پيو ته قرآني قول آهي ته:-

"سنريڪم ال آياتِ في ال آفاقِ وفي انفسڪم" يعني ته ڏٺي تعاليٰ پنهنجي ذات ۽ ان جي قدرت جون نشانيون انسان کي سندس چوڌاري وسيع ماحول ۾ توڙي خود سندس اندر ۾ ڏيکاري تو، انهي ڪري اناالحق جو آواز صرف پنهنجي اندر ۾ الاهي ذات جي اثبات جي تصديق آهي. انهي حالت ۾

۾ فقير صاحب جو عزم ۽ ارادو ته:-

هڪ دم دي دير نه لائون، ڳيت اناالحق ڳائون
وفي انفسڪم ويڙهي ويڙهي،نوبت نينهن وڄائون.

ٽيون ته متفقه مشهور قول آهي ته:- ”الانسان سري واناسرهو“ جنهن موجب، انسان ذات الاهي جو هڪ راز آهي. اناالحق جو آواز به انهي معني موافق آهي.

”الانسان سري“ جي سرسان ڳيت اناالحق ڳايان ٿو.

چوٿون سالڪن جو مسلم قول آهي ته ”مُوتو قَبل انت مُوتو“ مرڻ کان اڳي مري پاڻ کي ماريو. انهي مطابق خود جي فنا، ذات الاهي جي اثبات آهي ۽ انهي ڪري ئي:-

موتو واري موج، اناالحق آواز منهنجو.

پنجون ته پسڻ ۽ پروڙڻ مان ئي حقيقت جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي ۽ اهوئي سبب آهي جو:-

ڪري اثبات آکين کي، اناالحق ڳيت ڳايان ٿو

ڇهون ته معنيٰ يعنيٰ حقيقت ۾ محويت خود بخود ذات الاهي کي اثبات ڪري ٿي ۽ انهي ڪري:-

محويت دي مام مِلاڪي، ملڪ معنيٰ دي ٿي مسرور
ماريم نعرا اناالحق دا

ستون ته حقيقي طالب لاءِ اهو به غنيمت آهي ته من اناالحق جي آواز سان عوام جي ملامت جو بار مٿان اچي. فقير صاحب جي قول موجب:-

بار ملامت چم چم چائون اناالحق اظهار اَلائون

اناالحق واري ڪيفيت جي مختلف محرڪات جي ايتري وسيع

جاڻ فقير صاحب کي منصوري مام جو ماهر ثابت ڪري ٿي ۽ بقوله:ـ

(١)

پاڻ پروڙي پنهنجو آيس منصوري ميدان ميان

(٢)

مرد پروڙن مام الا منصوري آهي مڪان منهنجو

فقير صاحب جو حال توڙي قال سندس منصوري منزل تي پڌار شاهد آهن بلڪ سچ ته هي آهي ته محمد فقير ئي سنڌ جو منصور هو. بلڪ هن منصوري مام جي جاڻ، يعني ان مام جي حقيقي معنيٰ جي پرجهه ۽ پروڙ ۾ چڙ ته منصور ڪان به ڪي رتيون ڪثر هو. ڇو ته فقير صاحب کي منصور واري منزل توڙي مقربين واري مقام ٻنهي جي پروڙ آهي ۽ "حسنات الابرار، سيات المقربين" واري ماهيت کان هو پوري طرح واقف آهي ۽ انهي ڪري سندس قول آهي :ـ

محيسي مام معنيٰ جي متل ميٺخان محمد جي

مقابل موج منصوري، مچايان مچ مقرب ٿو.

(٣) رندي:ـ فقير صاحب جي نقطهء نظر کان عشق جي اوج ۽ ملامت جي طلب جو ماحصل رندي آهي .بقوله:ـ

(١)

آهيان مان عشق جو عاشق، رکان رندي مشرب ٿو.

(٢)

وٺ رمز رندي جو چارو ڪٽي بار ملامت وارو

(يا)

اسان رمزرندي وچ رهندي هون سوسُهمين سرتي سهندي هون

ازنسواء عشق جي لپيٽ ۽ ملامت جي تقاضا موجب ميڪشي ۽مدهوشي راڳ ۽ رقص مڙئي رندي جا ظاهري عنوان بنجن ٿا.

مئي نوشي اول ته فقير صاحب لاءِ مام ۽ معنيٰ پروڙڻ جو ذريعو آهي:-

محمد مئي پي مام سڄاتي ڪُلي قيل مقال موليٰ

ٻيو ته اها مئي نوشي ۽ مدهوشي رندي رسم ۾ محويت سبب آهي:-

گلشن گِيان گادي شائق شراب شادي

محمد مگهن منادي رندي رسم رتا هي

رقص واري رندي جو استاد به عشق آهي:-

(۱)

ڀڄي ڏوه ويو ثواب، نچي نينهن ٿيو نواب

(۲)

عشق اوڙا ٿيا اظهار، ڇم ڇم ڇنن ڪر ڇمڪار

انهي ڪري فقير صاحب جو رندي رسم ۾ رتل، عشق ۾ محو ٿيل مُوتو واري موج ۾ مست ٿيل آهي. ٻبانگ دهل اعلان ڪري ٿو ته:-

ناچو ٿي نروار نچان ٿو

(۱) پهري برقعو بيڪ بشرجو،بره جي بازار،نچان ٿو،

(۲) صورت وارو سانگ،سَراسَر ڪري سِر سينگار نچان ٿو

(۳) هٿين پيرين گهڻ گهڻ گهنگهرو ڇيرن جي ڇمڪارنچان ٿو

(۴) موتو قبلل موجان ماڻي محمد ٿي مهندار نچان ٿو. ڳائڻ ۽ ڦرڻ واري ڏن بہ عشق جي اثر ۽ رندي جي رسم سبب ئي آهي. مگر ڳائڻ مان پيو هڪ مقصد حڪمت جا سخن سڻائڻ ۽ حقيقي سِر سمجهائڻ آهي. جنهن ۾ فقير صاحب کي خاص دست رس ۽ دعويٰ آهي.

(۱)صحيح سر صاف ٿي صوفي سڻايان سر سخن ۾ ٿو.

(۲)سر سمجهايان،سخن سڻايان، ڳايان ڳايان ڳايان.

(۳)سهرا سرخ سر ڳايان ٿو،توم نوم تننن طبل وڄائي مگر عشق جي مهميز،ملامت جي طلب ۽ رندي جي تقاضا ڪفني پارائي ڳلي ڳلي ۾ ڳارائي ٿي ۽ ڦيردار فقيرجيئن ڦيرائي ٿي

(۱)

ڳلي ڳلي ۾ ڳايان ٿو ڦيردار فقير ٿي فالم

(۲)

ڳايان ڳلي ڳلي ۾ اولنگ وڄائي آڙو

بيشڪ محمد فقير عشق جي هڪ سچي عاشق، ۽ ملامت جي حقيقي طالب جي حيثيت ۾ هن رندي رسم کي توڙتائين نباهيو ۽ واه جو نباهيو! خود پاڻ تصديق ڪيائين تہ:-

عاشق اصل اويسي، وحدت وصال ويسي

مشهور ٿيو محيسي، محمد مٺي اگهاڙو

جناب حضرت فقير صاحب جن ۷ محرم ۱۳۶۰ هجري ۴ فيبروري ۱۹۴۱ع بروز آگارو هن فاني دنيا مان اٽڪل ۶۳ ورهين جي عمر ۾ پيالو نوش ڪيو.

پا هر ڪيرو ڪل ۾ اندر ۾ آڙاه
محمّد بي پرواه ڪاني متو موت کي

احوال

فقير گل محمد ڪتياڻ

ءُ

فقير دوست علي ڪتياڻ

فقير امداد علي لغاري

مٿي ذڪر ڪيل آهي ته فقير صاحب محمد سائين جن تاريخ ۷محرم سنه ۱۳۶۰ هجري بروز اڱارو ۱۹۴۱ع تي وصال ڪيو. فقير محمد سائين کي صرف هڪ فرزند نالي گل محمد صاحب هو ۽ هڪ نياڻي به هئي.

گل محمد فقير ڪتياڻ بظاهر سادي طبيعت ۽ رواجي علم رکندڙ هو. زماني سازي جي سيني معاملن کان ڪناره ڪش رهيو. سندس شادي فقير صاحب محمد سائين پنهنجي برادري مان ڪرائي ڪيس اولاد ڪونه ٿيو. سندس والد فقير محمد سائين جي وصال کان پوءِ فقراءِ ڪيس وڏي تعظيم ڏني. پاڻ به فقراء سان رلجي ملجي رهندو هئو. فقير گل محمد کي سندس والد صاحب پاڻ درگاه فقير ولي محمد سائين تاج پور جي پهرئين سجاده نشين نواب حاجي غلام حيدر خان وٽ دست بعيت ٿيڻ لاءِ پيش ڪيو. پوءِ فقير گل محمد آخر ڄمار تائين تاج پور ۾ ٿيندڙ سيني ڏهاڙن تي ۽ ميلن تي باقائده حاضري ڀريندو رهيو. هالا شريف ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليه رحمت جي درگاه تي پڻ سندس حاضري ٿيندي رهندي هئي قبلا مخدوم طالب

المولٰي سائين جن فقير گل محمد ڪتياڻ کي تمام عزت جي نگاه سان ڏسندا هئا.

فقير گل محمد ڪتياڻ تاريخ ٣ شوال سن ١٣١٩ هجري تي وصال ڪيو. وفات وقت سندس عمر انداز پنجهتر سال هئي. اڪيلي فرزند هئڻ جي حيثيت ۾ فقير صاحب محمد سائين جو پاڻ وارث ۽ جانشين هئو مگر عملي طور هن ڪاروبار ۽ نظام کي فقير دوست علي ڪتياڻ هلائيندو هو. فقير دوست علي خان، فقير صاحب محمد سائين جي ڀائٽي جو پٽ ۽ داماد هو.

فقير دوست علي خان جي والد جو نالو جان محمد خان هو جيڪو فقير محمد صاحب جو ڀائٽيو هو. فقير دوست علي انداز سال ١٩١٦ع ڌاري تولد ٿيا بروقت سندس نالو عبدالله خان رکيو ويو. پاڻ پرائمري تعليم ٽنڊوڄام تعلقه حيدرآباد ۾ پڙهيائين. ان وقت سندس ڏاڏي جو ڀاءُ فقير محمد سائين پنهنجي فقرائي رنگ ۾ رنگيل، عشق جي سرمستي سان سرشار هڪ درويش صفت انسان خاندان ۾ موجود هو. نوجوان عبدالله خان تي پڻ فقير صاحب جي صحبت جو اثر ٿيو. سندس لاڙو به فقرائي رنگ ڏي ٿيو. ارڙهن ورهين جي عمر ۾ ڪارو ويس ڪري سيلاني ٿي سنڌ جي مختلف علائقن درگاهن تي ويا. ڏهاڻ چاليها ڪيائون. فقراءَ جي صحبت ۽ محبت ڪيس عطا ٿي. هن سفر ۾ ڪيس مدت اٽڪل سورنهن مهينا ۽ ڏه ڏينهن لڳا، تقريباً سڄي سنڌ جي چوڌاري سير ڪيائون.

سيني کي معلوم آهي ته صوفي فقير محمد سائين ۽ مخدوم صاحب قبلا غلامِ محمد سائين صديقي جن جي درميان نهايت قرب ۽ محبت جو تعلق هئو. اهو تعلق ايترو گهرو ۽ گهاٽو هئو جنهن جي عام ماڻهن کي ڪابه خبر ڪانه ٿي پئي. مخدوم صاحب جن فقير صاحب جي تمام وڏي تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هئا جڻ ته ٻئي صاحب هڪ ٻئي لاءِ هئا،انهي رمز ۽ اسرار کي به پاڻ ٿي ڄاڻائون.

هڪ دفعي فقير محمد سائين نوجوان عبدالله خان کي، مخدوم غلام محمد سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ۽ سفارش ڪيائون ته عبدالله خان کي پنهنجو مريد ڪيو ۽مولىٰ پاڪ جو اسم مبارڪ ڏسيو،مگر مخدوم صاحب وري فقير صاحب کي فرمايو ته اوهان اسم پاڪ ڏسيو ۽ آخر ڪار فقير صاحب چيو ته اسم پاڪ ذات جو اسين ٿا ڏسيون مگر دست بعيت اوهان جو آهي ڪيس پنهنجي مريدن جي حلقي ۾ شامل ڪيو. نيٺ فقير صاحب جي گهر ڪرڻ ۽گهڻي اصرار ڪان پوءِ مخدوم صاحب، عبدالله خان ڪتياڻ کي دست بعيت ڪيو ان وقت عبدالله خان جي عمر تقريباً ٢٠سال ڪن هئي.

عبدالله‌خان ڪتياڻ جواني ۾ طاقت وارو ۽ باهمت انسان هئو. اصول پرست ۽ سچو مرد هئو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ حضرت مخدوم غلام محمد سائين ڪيس پنهنجي اسٽيٽ جو عام مختيار ڪيو اهڙي طرح پاڻ هالا ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

هڪ دفعي دستور موجب درگاه شريف مخدوم نوح

عليه رحمت جي سهائي سومار تي تبرڪ ورهائجي رهيو هئو، مخدوم غلام محمد سائين ڪجهه ڪٽا تبرڪ مان ڪٽي فرمايو، دوست علي خان ونو ۽ ان وقت مجلس ۾ دوست علي خان نالي پيو ڪوبه ماڻهو موجود نه هئو. پاڻ عبدالله خان ڪنياڻ ڏي اشارو ڪري مخاطب ٿي فرمايائون اوهان دوست علي خان آهيو هي تبرڪ ونو ۽ انهي ڏينهن کان رئيس عبدالله خان کي رئيس دوست علي خان جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

مخدوم غلام محمد سائين جن تاريخ ٢٨ ذوالحج ١٣٦٣ هجري مطابق ١٤ ڊسمبر ١٩٤٤ع تي وصال ڪيو ان کان پوءِ جناب غوث الحق جي گادي تي قبلا مخدوم محمد زمان سائين طالب المولىٰ جن سجاده نشين ٿيا ان وقت به دوست علي خان عام مختيار جي حيثيت ۾ خدمت سرانجام ڏيندا رهيا. سندن انتظام سنڀال، وقت سر درست فيصلو ڪرڻ، مالڪن سان سچائي ۽ وفاداري جا مثال اڄ به ڏنا ويندا آهن. پاڻ مخدوم صاحب جي ڪارخاني ۾ آخر دم تائين باقائدي عملي طور خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا. قبلا طالب المولىٰ سائين جن جو مٿن ڪُلي اعتماد هئو. مخدوم صاحب طرفان ڪيس اهڙا اختيار مليل هئا جيڪي بئي ڪنهن به خليفي يا مئنيجر کي حاصل نه هئا. ان ڪري مخدوم صاحب جن جي اسٽيٽ ۾ ڪن ماڻهن کي ساڻس حسد به ٿيندو هئو ۽ بعضي مخالفت وارو ماحول به پيدا ٿيندو هئو پر پاڻ سيني ڳالهين مخالفتن جي پرواهه ڪانه ڪيائين.

سال ١٩٤١ع ۾ فقير صاحب محمد سائين جي وصال کان پوءِ شروعاتي مٿان چوڪنڊي جي تعمير ۽ پهريان ٻه سال وارا ميلا قبلا مخدوم غلام محمد سائين جن پنهنجي خرچ تي ڪيا. ان بعد درگاهه جي تعمير، توسيع، درگاهه جي حد اندر پيون جايون نهرائڻ وڻ ٻوٽا رکڻ، پاڻي جي کوهه جي مرامت، بجلي جو خرچ، سڀ پاڻ دوست علي خان ڪيو. هرمهيني جي ستين تاريخ تي ڏهاڙو به ملهائيندا هئا ۽ ساليانه ميلو تمام شوق ۽ اهتمام سان لڳائيندا هئا.

رئيس دوست علي خان ڪتياڻ کي فقيري رنگ ته جواني کان ئي لڳل هئو، پر آخر عمر ۾ پاڻ لباس پوشاڪ ۽ رهائش ۾ به فقيري رنگ اختيار ڪيائون. ڪيس فقير دوست علي خان ڪري سڏيندا هئا. گيڙو پٽڪو، گيڙو پهرياڻ سفيد سلوار جو لباس مستقل طور پائڻ لڳا، مگر طبيعت ۾ شوخي، رعب ۽ دٻدٻو موجود ۽ برقرار رهيو پاڻ چوندو هئو مونکي صرف هڪ شوق آهي، فقرائي ميلا ملهائڻ، فقرائي راڳ جي محفل منعقد ڪرڻ يا ان ۾ شرڪت ڪرڻ. پاڻ ان شوق جي پورائي لاءِ ڀرپور نموني ڪوشش ڪيائين خاص طرح فقير صاحب محمد ڪتياڻ جي ميلي کي تمام گهڻو زور ونرايائين. تمام سٺا فنڪار ۽ فقراءُ بهترين راڳيندڙ ٽولا هتي حاضري لاءِ ايندا هئا. ڪيترين درگاهن جا گادي نشين پڻ هن ميلي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. پاڻ سيني جي حيثيت مطابق رسائي ۽ خدمت جو اهتمام ڪندو هئو لنگر عام وخاص لاءِ هڪ جهڙو چالو رهندو هئو. مطلب ته فقراءَ کي هرطرح سان خوش رکڻ ۽ سهوليت فراهم

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

حضرت مخدوم طالب المولىٰ جن پاڻ هن ميلي تي ايندڙ هئا. تاج پور مان درگاهه فقير نواب ولي محمد سائين جن جا گادي نشين نواب غلام شبير خان ۽پيا نواب صاحبان به هر سال باقائده ايندڙ هئا ۽ اهو سلسلو جاري آهي. ان کان علاوه سنڌ جي ديگر درگاهن تان پڻ بزرگ پير فقير وقت به وقت هتي حاضري ڏيندا رهيا.

تاج پور ۾ هر سال تاريخ ۴ کان ۶ رمضان المبارڪ تي حضرت فقير نواب ولي محمد سائين جن جو عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. فقير گل محمد ڪتياڻ فقير دوست علي ڪتياڻ پنهنجي فقرائي ٽولي سان هر سال باقائده وڏي احترام ۽ عقيدت سان هتي حاضري ڀريندڙ هئا ٽيئي ڏينهن درگاهه جي صحن ۾ رهندا هئا.

سيوهڻ شريف ۾ سنڌ جي شهنشاهه حضرت قلندرشهباز جي ساليانه عرس مبارڪ جي موقعي تي به فقراءُ سميت ضرور حاضر ٿيندا هئا. سندس رهائش فقير سڪندر بودلي جي مزار ڀرسان پنهنجي ڪافي تي ٿيندي هئي. درگاهه جهوڪ شريف تي پڻ ساليانه ميلي تي سندس حاضري ٿيندي هئي. ان کان علاوه اتر لاڙ جي ديگر درگاهن سهڪجي، انباهه شريف، شاهه پور جهانيان يا شڪارپور، سکر ڏي پڻ فقرائي ٽولي سميت ميلن ۾ شرڪت ڪندا هئا.

فقيري رنگ سان گڏ دوست علي خان زماني سازي جي ڪمن ۾ به ڪافي تجربو رکندڙ هئو خاص طرح زمينداري ڪم

ڪار حساب ڪتاب جي ديک ڀال ۾ ڄاڻ رکندڙ هئو. واپاري، منشي ۽ ڪمدار سندس مهارت ۽ انتظامي صلاحيتن سببان نهايت چست ۽ فرمانبردار نظر ايندا هئا. علم طب جي معلومات به رکندو هئو، حڪمت سندس پيشو نه هئو نه وري پاڻ ان کي ٻين حڪيمن وانگر ڪمائي جو ذريعو بنايائين، اڪثر سندس دوائون مفت تقسيم ٿينديون هيون.

آخري عمر ۾ ڪيس گردن ۾ پٿريون پيدا ٿيون ذاتي علاج ڪندو رهيو، ڊاڪٽرن آپريشن جو مشورو ڏنو، پاڻ قبول نه ڪيائون. ان ڪري جسم ڪمزور ٿيندو ويو. سال ۱۹۸۹ ۾ سيوهڻ شريف حضرت قلندر شهباز رحمت الله عليه جن جي عرس مبارڪ تي فقراء سميت حاضر ٿيا. ڌمال واري وقت کان پوءِ روضي ۾ حاضري ڏئي ٻاهر نڪتاته رش، گُهٽ ۽ گرمي سبب طبيعت بگڙي وئي، مگر همت سان برداشت ڪيائون. واپسي دوران شهيد سڪندر بودلي واري رهائش گاه ڏي موٽندي هلندي هلندي حڪيم محمد مراد صديقي جي دواخانه واري جاءِ وٽ سندس روح پرواز ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو.

وصال جي تاريخ ۸ شعبان ۱۴۱۹ هجري مطابق ۲۷ مارچ سال ۱۹۸۹ع آهي. فقير حسين بخش خادم سروري جيڪو پڻ سيوهڻ شريف ۾ ان فقرائي ٽولي ۾ گڏ هئو سڄي واقعي کي نظم جي صورت ڏيئي ڪافي ناهي، جيڪا هتي درج ڪجي ٿي.

سنگ سينگاري هليا، محب منا موچارا
ويراڳين وايون وحدت جا ونجارا

١.قرب جا قدم پيري پير پرت جا پايا
نيهن نڀائڻ لاءِ مينڌي ملهائڻ آيا
بيشڪ بودلائن ڪيا هُوهُو جا هونگارا.
٢.عشق اجل ٻئي گڏ هئا اَجل ٻڌيون ٻئي ٻانهون
اجل ادب سان بيٺو هو جهلي رندن جون راهون
راز رباني سمجهي سات ڇڏيائون سارا.
٣.قلندر جي روضي تان فيض وٺي ٿيا راهي
ويراڳين وچ تي ڪانہ ڪنئي ڪاساهي
گيڙو گهوٽن سرتي يڪ تائي جا يڪتارا.
٤.موت ڪي ماري مردن واڳ وطن ڏي موڙي
دوست علي جي هنج ۾ جاءِ وڃي جوڙي
محمد جي مئيخاني وهواه وڄائي وارا.
٥.خادم فقر جو خادم نيهن نڀائي نيندو
حال انهي ۾ هردم سرور سائي ٿيندو
مولا ڪندو وسندا اڱڻ واهڻ اوتارا.

مٿي لکي چڪا آهيون تہ فقير دوست علي خان جي ٻهرين شادي فقير صاحب محمد ڪتياڻ جي دختر صاحبہ سان ٿيل هئي انهن جي وصال ڪان پوءِ سال ١٩٧٢ع سندس ٻي شادي رئيس جان محمد خان ولد حيدرخان ڪتياڻ جي نياڻي سان ٿي، ٻنهي شادين مان ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو، پوءِ آخري سالن ۾ جڏهن پاڻ مخدوم صاحب جي اسٽيٽ جي سنڀال ۽ ٻي مصروفيت سبب ڳوٺ سليمان ڪتياڻ ۾ گهٽ ايندا هئا، تڏهن پويان ڳوٺ ۾ درگاهہ جي سنڀال لنگر خانو هلائڻ راڄ برادري ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ڳوٺ واري زمينداري توڙي اوطاق جي انتظام ڪي هلائڻ لاءِ پنهنجي سالي احمد خان ولد جان محمد خان کي مقرر ڪيائون.

ڳوٺ سليمان خان ڪتياڻ ۾ درگاهه فقير محمد سائين تي تاريخ ٢٨ ذوالحج هرسال باقائدي مخدوم غلام محمدسائين رحمت جن جو ساليانه ڏهاڙو،فقير دوست علي پاڻ ملهائيندو هو.حضرت طالب الموليٰ پاڻ به ان ۾ شريڪ ٿيندا هئا. سال ١٩٨٦ع ۾ ساڳئي ڏهاڙي تي سائين طالب الموليٰ جن تشريف فرما هئا.ان موقعي تي فقير دوست علي خان جي چوڻ سان سندس سالي احمد خان ڪتياڻ ڪي جناب مخدوم صاحب جن جو دست بعيت مريد ڪيو.

فقير دوست علي خان جي وصال کان پوءِ ستت ئي اٽڪل ڏيڍ مهينو گذرڻ بعد فقير گل محمد ڪتياڻ فالج جي حملي ۾ بيمار ٿيو ۽ راجپوتانه اسپتال ۾ وصال ڪري ويو فقير گل محمد جي وصال جي تاريخ ٣ شوال ١٣١٩ هجري آهي. گل محمد فقير کي ڪوبه اولاد ڪونه هئو.نواب غلام شبير خان،سجادنشين درگاهه تاج پور شريف ۽ قبلا مخدوم صاحب سائين طالب الموليٰ جن جي باهمي مشوري سان فقير احمد خان ڪتياڻ کي درگاهه فقير محمد ڪتياڻ جي سجاده نشيني لاءِ منتخب ڪيو ويو، پڳ ٻڌائڻ واري رسم ۾ قبلا طالب الموليٰ سائين پاڻ طبيعت ناساز هئڻ سبب نه پهچي سگهيا. البته سندن صاحبزاده سائين مخدوم سعيد الزمان عاطف پاڻ آيا. تاج پور درگاهه شريف تان نواب غلام شبير خان سجاد نشين نواب غلام مصطفيٰ خان،نواب ولي محمد خان ۽ نواب امداد علي خان شريڪ ٿيا. برادري مان پير محمد خان ڪتياڻ ۽محمد بخش خان ڪتياڻ ۽ فقيرن مان ڪافي ڏيون شريڪ ٿيا، فقير احمد خان ڪتياڻ جيئن ته فقير دوست علي مرحوم جي وقت ۾ ئي سيني ڪمن ڪارين کان واقف هئو، اهو هاڻي به سيني ڏهاڙن،ميلن ۽ديگر رسمات کي بطريق احسن ملهائيندو ۽ نڀائيندو رهي ٿو.

فهرست

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
آسا	نئينان دي نيشان،نَچ نَچ ٿيندي نانگي نيهي	١
،،	بره سُٽائي بانگ، شاهي طبل وڄانوڻ دي	٢
،،	پنهنجو سُڄاڃ پاڻ، اَنحد واري بين بَجائي	٢
،،	بره سُٽائي بيحد بين،ڪين ڪَمائي ٿي تُون ڪين	٢
،،	نازجي ناتي ڪَيس نهال صُورت ۾ ٿيو سيرحسن جو	٣
،،	بَرسر باغ بهار يار، بره بهادر پيد بتايا	٣
،،	وَٺُ رمز رندي جو چارو، ڪَٽي بار مَلامت وارو	٤
،،	مَرد پَروڙن مام منصوري، آهي مَڪان منهنجو	٤
،،	مُوتو واري موج اَناالحق آواز منهنجو	٥
،،	پڪڙن جا پيغام مڪا مون ماروئڙن ڏي	٥
،،	سهڻي ڪيا صلح جا، سرانجام ايندي ويندي	٦
بلاول	هٿ ڪر اَپنا خيال عشق اَصل اَڙبنگ ڏنوسي	٦
،،	تَن مَن طَبلي تَان، تازي تَال طَنبور ڏنوسي	٧
،،	خودي دي خمار، خوبان خوب خيال ڏنوسي	٧
،،	دائم دم دي ڏيان، درسن دي دربار ڏنوسي	٨
،،	بي مثال مثل وچ ماهر، ٿيا ييک بحال مولیٰ	٨
بلاولي	حُسن ٿي هَسوار، شاهي شور مَچايو	٨
،،	خيال جي خاني آهيان خيال،خيال بنان پيوخيال نہچاڻا	٩
پيروي	منهنجوملڻ لاءِمَنڙومَاندو،هوت ڪَري ويوهنيون حيران	٩

صفحو	ڪافي	راڳ جو نالو
١٠	مان بنديائي ٻيوس ٻاندي قسمت قيدڪري هت آندي	پيروي
١٠	مئين وچ مئين ناجهاتي پاتي، مئي وچ مئين ڪيتي اثباتي	،،
١١	مست پيالو محبت وارو، محمد پي هنيو نيهن جونعرو	،،
١١	سيئي سانگا سَٽ يار، پسڻ لاءِ پرين جي	،،
١٢	رهان تو راضي يار، رندن واري رنگ ۾	،،
١٢	ٻيسر بدل ڪيو برقعو بشر جو ٻيرنگ بقا ٿيو ٻيخود بحر جو	،،
١٣	سهڻو سراسر سرور سونهارو سرمست صوفي سُورهيه سوڀارو	،،
١٣	صورت صفا ڪيو سينگار سر جو ڏرپد ڏڪرَ سان ڏُن ڏيان ڏرجو	،،
١٤	جوڳي جسم جلايا جهلڪار ڪي جشن ۾، عهدا عظيم پايا	،،
١٤	ڪلنگي ڪلاه پائي، پڳدار ٿيو پاڳارو	،،
١٥	گُر تي گگن ڪي گادي، گُن گيان هو رهاهون	،،
١٥	عدم ڪان هت قدم پائي، وڃان واقف وطن ۾ تو	،،
١٦	گوهر گرنات دي گفتي، گگن گجڪار هي ڪيتا	،،
١٦	ظهورا ذات انور ڪا چشم چمڪار هي ڪيتا	،،
١٧	عشق اجهل، اُلتَ اَنل، ڪيتي اول، اثباتي	،،
١٨	عشق اساڈا هي اسلام، دين ڪفر وچ ڪيها ڪام	،،
١٨	عشق مچايا شاهي شور، ويک حسن دا حملا هور	،،
١٩	تنهنجي نيڻن نئون رنگ لايو	،،
١٩	آئيون آڪين سان ڪري آرائيون اڙيون	،،
٢٠	آڪيون ڪار ڪجل سان ڪري ڪاه ڪتيون ڪتيون	،،

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پيروي	رمزان رمزن جي رندي رنگ ۾ رتيون رتيون	۲۱
،،	دم جي درسن جي ڪولي درد دري دري	۲۱
،،	هردم حسن واري هولي حال هلي هلي	۲۲
،،	نانگا ناٽ نچن، رندي رنگ رچن	۲۲
،،	پيون پيالا پَٽ مچي، مئي جي مَٽ	۲۳
،،	لُنگ بند لعل لانگوٽيا، لاهوتي لاٽان	۲۳
،،	ثابت سرسجان سرجي سرڪ صفا ڪيو	۲۴
،،	لاجا لائي لُنگ يار، لائق لعل لقائي	۲۴
،،	اُلٽي آر، ٽئي اظهار، دَلبيدار دلبردي	۲۴
،،	دم دي درس، پيتم برس، سرڪي سرس، سبحاني	۲۵
،،	مئي مدموري جو مخمور، مرڪي مرد پين منصور	۲۶
،،	پوش پريمي پايان ٿو، شاهي طبل وڄايانٿو	۲۷
،،	صورت صاف سينگاريان ٿو وحدت وائي واريان ٿو	۲۷
،،	ويڪو ديد دُرس دلبر دي، سردار سخي سروردي	۲۸
،،	اڄ لاالله اثبات ڪر، اقرارسان الاالله چئي	۲۹
،،	تيرٿ تڪيو تو ۾ تنهنجو،پهه پهين تو هنگلاج هلڻ جو	۲۹
،،	عشق عجيب اسانوٽ آيو اناالحق آواز ڪري	۳۰
،،	عشق ڪيو آواز اويڙو اناالحق الائڻ جو	۳۰
،،	تنهنجي دام زلف زُنار وجهي، اظهار ڪيو ارشاد اسم	۳۱
،،	سانون عشق لڳا اظهاريدا، اظهاري دا انواريدا	۳۱

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پيروي	اپني نيهن نيانوڻ ڪيتي، قدم اُٺايا مئين ووميئن	٣٢
”	مئين دي موج محبت والي مام سڃاتي مئين ووميئن	٣٢
”	ڇئو ڪير پلاتون آهين، ڇئو آهين ياتون ناهين	٣٣
”	آئون ناهيان ناهيان ناهيان، آئون ناهيان اندر آهيان	٣٣
”	ديدان دي دربار، دم دا ڏيان ڏريوسي	٣٤
”	ڪتان هي قاضي ڪارڪتابي، ڪتان هي شائق شورشرابي	٣٤
”	نهوڙي نظرسان نسنگ نازنيڙو، سڻ عجيب جو چڙي خيال ويڙو	٣٥
”	قلندر قلندر قلندر قلندر علي جنهن جو ڏاڏو نانو پيغمبر	٣٥
”	صورت صنم جي ڪعبو، ڪعبو پيو نه ڄاتا	٣٦
”	آهي جومحرم من جو ناهي ڪنهن کي سڃايان	٣٦
”	محبوبن جي ميلي ۾ مست منگهن مان آهيان	٣٧
”	عشق عجب رنگ لاياهي، اپني آپ تي آپ تي عاشق	٣٧
”	ٿيا خيال، برحال، في الحال، فالم، ڪنچير،مهمير، اڪسير عالم	٣٧
”	منهنجي دل اوهان سان الائي ڇو اڙي آه	٣٨
”	آيا مَرد مَرڪي مُدامي متي تي	٣٨
”	بنيو بيڪم برسي بره جو بشر تي	٣٩
”	زهر دار ظالم زلف زور زنگي	٣٩
”	بڙودي براندي ڪئي بوتل بهاري	٤٠
”	نشي سان نيارو نسنگ تي نچانئو	٤٠

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پيروي	هڪل هڪ حسن سان هلي آ هلي آ	٣١
،،	عشق مچايا شاهي شور، ويک چشم دا چالا چور	٣١
،،	آيم سرتي سنبري عشق ڪري اظهاري	٣٢
،،	ڳجهي ڳجهه ڪي ڳايان، سُخن سِر سڻايان	٣٢
،،	پکو پيچ پائي پاڳاري پيرسان پسڻ ڪي پسانتو پيشاني پزيرسان	٣٣
،،	حضرت ناز، رهبر راز، سرور ساز، سبحاني	٣٣
،،	الائي چو اڙي آه منهنجي دل يار سان	٣٤
،،	اسم ذاتي جپ يار، صورت جي ته صحن ۾	٣٥
،،	ڏنم ديدار دلبر جو، سخي سردار سرور جو	٣٥
،،	پهرين پير پرڻ، ڪڏي قرب ڪرڻ	٣٦
،،	ناتو ناٿ سان نيک نيايان مان	٣٧
،،	ڪڏي ڪات اڳيان ڪنڌ نايان مان	٣٨
،،	بره بوند حسن هوند ڪيئن ڪوند ڪڏايا	٣٩
،،	منهنجي لئون جنهين سان تنهين ساڻ آهيان	٣٩
پيرو راڳ	خود خيال تي سمجهه تون، خوبان خيال ڪي	٥٠
،،	عاشق اصل ڪئون آهيان، خوشحال خيال جو	٥٠
،،	عاشق اوهانجو آهيان، اختيار هٿ اوهانجي	٥١
پيم پلاس	اي جي آئوسدا نچ گائو، گگن محل ڪي باجي بجائو	٥١

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پيم پلاس	شوق جي شهيد ڪي شاهي شفاعت ڇا ڪندي	٥٢
,,	عشق ڪيو عريان جنهنڪي آڪين جي ارشاد سان	٥٢
,,	ڇا شريعت شان شاهي ڇا طريقت تار تان	٥٣
پونپالي	چال چلت ڪي چاند بدني ٻي،عينا ڪا اسرار عدني ٻي	٥٣
,,	انند نگر ۾ آئي هون، پريم نگر ڪي تي پوڄاري	٥٣
ٻهاڳ	خالص خودي جي خاني، خوبان خيال منهنجو	٥٤
,,	آخر اول احمد زمان، مظهر مثل مشهور ٿيو	٥٤
,,	عاشقن اثبات ڪيو الله ڪي انسان ۾	٥٥
,,	عشق جي اسلام سان، اظهار ٿيو احمد زمان	٥٥
,,	الله عالم جو ڏٺي، احمد زمان اظهر ٿيو	٥٦
,,	مرڪي مظاهر من ڇيو، مهندار تي احمد زمان	٥٦
,,	عشق جي احوال سان، اظهار ٿيو حضرت حسين	٥٧
,,	مقصد ڪهڙو مڪي وڃڻ پنهنجي صحي سر ڪي سڃاڻ	٥٨
,,	نانڪ نيڻن جي ناز جو، آهي دلڙي واري ديدار ۾	٥٨
,,	ڪوپا ڪڏي ڪاهي آيا، عاشق اڏي جي آرتي	٥٩
,,	محبت واري ميدان ۾، نعرو هٽي نيشان تي	٥٩
,,	موجود تون موجود، تون بيشڪ بقا بهبود تون	٦٠
,,	توڪل واري هٽ تار ڪر، توحيد جي تجلات سان	٦٠
,,	حسينن جي حسنات جو حبدار حر عبدالحسين	٦١
,,	صورت صحي سلطان هي، سبحان الله سبحان الله	٦١

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
بهاڳ	اثبات ڪر الله ڪي، پنهنجي پرين پساه ڪي	٦٢
،،	شاه مردان شير يزدان قوتي پروردگار	٦٢
،،	جام وحدت جو پين، واقف وصل ويساه جا	٦٣
،،	ساقي سرخ سرشار ٿي، چو من خدايم من خدا	٦٤
،،	عشق اڄهل ٻه هجي، سرخ سهڻل ٻه هجي	٦٤
،،	ڪوڙئين پدم نيلن ڪَنا هڪ دَم جيڻ آهي وڏيڪ	٦٥
،،	اسم عشق والا اظهار ڪهون مئين	٦٥
،،	منصوري مئيخان م، جيڪي اچن جيڙي مري	٦٦
،،	پير پيران بادشاه، دولهه دلاور دستگير	٦٦
،،	جو دم آوي سو دم جاوي، ايڪائي دا مطلب پاوي	٦٧
لوڙائو	لاهي بار مشاخي وارو، قول الستي پار ميان	٦٧
،،	سير جو ڪيڙو سڄڻ سانگ اڏر اوڏانهين	٦٨
،،	حسن هزارين ڪيا حيران	٦٨
،،	بره ٻچايا بحري باز، نيڻن واري نتڪي ناز	٦٩
،،	حسن واري هل حملي هور، عشق اٿر ڪيا اوران اور	٦٩
،،	دانهه ڪيا ديوانان، ديد واري درسن دم دم	٦٩
،،	عشق ڏنا اولاٽا، اُلٽ اويڙي آتش لائي	٧٠
،،	ڪهڙو ڪريان ٻيان نازن ساڻ نهوڙي لٿي ويو دل خان	٧٠
،،	پنهل آيم پاڻ، آرياڻي اڳواڻ	٧١

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
لوڙائو	آهيان سرسبحان بشري بيڪمء ٻهان	۷۱
،،	پسڻ آهيان پاڻ، ڪاهيان ڪنهنجي ڪاڻ	۷۲
،،	درازي دلدار درسن جي دربار	۷۲
،،	وڃ وڃڻ ڪي ويڙهه وحدت ۾ ورڻ وائي م وار	۷۳
،،	مان وڃي تڏهه مان ٿئي، اها خيال ڪان پڇ تون خبر	۷۳
،،	عشق دي عاشق ڪر اثباتي، سمجهن سير صفاتي ذاتي	۷۴
تلنگ	بغض حسد ۽ ڪيني ڪون، لادي نال تڙيجي يار	۷۴
،،	باربره جو بيشڪ باري، بي مٿس جا خلق جي خواري	۷۵
،،	اناالحق اظهار هوڪا هليا هي	۷۵
،،	آدم تي اثبات اٿان آياهي	۷۶
،،	سارا جوڙ جهان جنگي جملا هي	۷۶
،،	بودلو بهار يار سر سڪندر صاف سارو	۷۷
،،	گهوران والا ڪر گمسان، گيان گڳن دا گرتي گهليا	۷۷
،،	سهڻي صورت دي سامان، ثابت ڪيتم سر سبحاني	۷۸
،،	توڙي ڪنڌ ڪپايان، قدم پنتي نه پايان	۷۸
،،	دم جو درسن پايان پَرگهر ڪيم پڇايان	۷۹
،،	هردي ۾ هر نام تيرٿ تنهنجو تو ۾ آهي	۷۹
،،	تو ۾ مندر مسجد مڙهيون، تو ۾ مست مڪان ميان	۷۹
،،	پاڻ پروڙي پنهنجو آيس، منصوري ميدان ميان	۸۰
،،	عدم ڪان تي آيو آهيان، سير صورت جي سانگي سانگي	۸۰

صفحو	ڪافي	راڳ جو نالو
٨٠	عدم ڪان ٿي آدم آيو، اڳ آدم ڪان عدم چاٿيو	تلنگ
٨١	هي آهي هو ناهي ناهي، هو آهي هي ناهي ناهي	،،
٨١	چاآهيان چا آهي آهي، ري الله پيو ناهي ناهي	،،
٨١	دم قدم جي سمجهي بازي، سر ۾ ڏس تون سرت پڇائي	،،
٨٢	خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي	،،
٨٢	ايندڙ قبلل ويندڙ ماضي، حاضر آهي حاصل حال	،،
٨٢	قبلل ماضي مقصد بازي، لا مقصودي حال حيات	،،
٨٣	فنا بقا دي سير سراسر بنيا ييک بحالي ڪيل خيالي	،،
٨٣	قبلل ماضي دم قدم دا، سير سڃاتم سارا مار نقارا	،،
٨٣	جپ الف اسم دم دم، ڪري نقش صورت نيشان ۾	،،
٨٤	جو دم غافل سو دم ڪافر، سمجهيم هوش حساب ميان	،،
٨٤	حسن حقيقي هل هلايا، عشق عجب اسرار دا ماهي يار دا	،،
٨٥	آتش عشق اوڙي واري، عاشق ٿيا عريانا	،،
٨٥	پيرِمغان پڳدار پڳاري، پيالا پرت پلايا سر سمجهايا	،،
٨٦	ناز نظاري ناد بجايا، سوري دي سينگار دا سالا ردا	،،
٨٦	ييسر والي بازي بنيا، ييک بقا با الله دا	،،
٨٦	عشق اوڙا قدم ڪڏايا ڪيفي ڪيف ڪلال دا ڪمال دا	،،
٨٧	پيرِمغان پس پارس پرور پرت سندو پيمانو ٿي پروانو	،،
٨٧	تاج ڪلنگي صاف سروپا، پهري ٿيو پڳدار ميان	،،

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
تلنگ	ساڳيو سرسبحان آهيان، ڪيئن چوان مان ناهيان ناهيان	٨٨
،،	رنگ برنگي راه، بيرنگ بيڪ بنائي آيس	٨٨
،،	آهيان سر الله، پنهنجو پاڻ پسائي آيس	٨٨
،،	هجر وصل دا سير سڃاتم، لاشڪ ٿي لاثاني گوهر گياني	٨٩
،،	رمز رندي دارايا، گهن هاڙهي ڏي هل تون	٨٩
،،	عاشقاندا اُلٽا آر، اُلٽ اُناون قدم ڪلالي	٩٠
،،	عاشقاندا اُلٽا خيال، اُلٽ ڪماوَن خيال خدائي	٩٠
،،	خيال جون خبرون خيال سڻايون	٩١
،،	چشمان چلپل چرچا لايا، ڇيراندي ڇمڪاردا چمڪاردا	٩١
،،	اسم جسم دا چوڙ بهانا هي سڀ ابڪ اڪائي نهين جدائي	٩١
،،	اٿ اوئي او اُٿ اوئي، عشق هي اليندا اليندا	٩٢
،،	ڪتان قبل ڪتان ماضي، ڪتان رنگ رچيندا رچيندا	٩٢
،،	ڪنجري جي خمار، اناالحق آواز آهي	٩٣
،،	اسان عشق الاهي اندر هون ڪٽ ڪات ڪلال قلندر هون	٩٣
،،	مُڙ ڳانن جي محلي مئي پي، منور منهن مصحاف ڏٺم	٩۴
،،	سورهيه سانگا سر دا چوڙ، اناالحق دي ڏي تون ڳوڙ	٩۴
،،	آءِ عشق والي اظهاري ڪر آنبه آتش آئي هي	٩۴
،،	اچي عشق ٿيو امام، ڪولي جوش جنگي جام	٩٥
،،	پيان شوق مان شراب، ڪائي ڪوڏ سان ڪباب	٩٥
،،	پيچي ڏوهه ويو ثواب، نچي نينهن ٿيو نواب	٩٥

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
تلنگ	چٽ چال چليا چيتن سي، ڪرچم چم چنن چاتي	٩٦
،،	ست صاف صورت ڪي سنگ هي سرساقي سرورسارا	٩٦
،،	ڪول درسن جي دلدار دري، آهي دلڙي دردن ساڻ پري	٩٦
،،	آپ گنواڪي آپ پڇاني، صوفي سرت سجاني آتم گياني	٩٧
،،	عشق صورت انسان، محمد نام ڌرا ڪي آيا	٩٧
،،	پسڻ جي پئيمان، پورو پڌر پس تون پير پاڳارو	٩٨
،،	پاعشق دا ڳل وچ ڳانان، مخمور قران مستانا	٩٨
،،	عشق عجب عريان عاشق زوران زوري ذبح ڪريندا	٩٩
،،	جڏهن پاڻ پسڻ جو پيڙو پرو تڏهن ذوق نه ضايع تيڙو ڌرو	٩٩
،،	هجر وصل دا چوڙ بهانا، هي سڀ خيال خدائي نهين جدائي	١٠١
،،	معنيٰ ميم جي ملي وٺي، متجي من تان ويو مونجهارو	١٠١
ملار	سر ڏيئي سردار، پين ٿا سرڪي	١٠١
،،	پورب ڪيا پرواز پٽن تي، ڪڪرن ڪئي آهي ڪارميان	١٠٢
،،	ويکهون نوڪ نظر ڊي نتڪي، ڪرنام جپڻ دي جهتڪي	١٠٢
،،	سرريکب گندار مدهم پاڌيوت نڪاد سرگم	١٠٢
،،	تلڪ لڳائي جٽيون پائي، عشق اَناالحق گيت توڳائي	١٠٣
،،	چَٽ تي ويا آهيون، چٽ تي ويا هُون	١٠٣
،،	ويکو نازنئينان دي نَتڪي، چک چشمان والي چتڪي	١٠٣

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
ملار	سونهن ساري سرڪي، ڳائون ست سنگ ڪر	١٠٤
،،	گيت اناالحق ڳائون، هڪ دم دي دير نه لائون	١٠٤
مانجهه	پاڙيچن پرين سان پوري پرت پري سرهي سونهن پري	١٠٤
،،	عشق وارا آڪين تي ڪنتا آر اچي پهرئين پُور پچي	١٠٥
،،	ڪئي عشق عجب اثباتي پائي جهاتي اندر جهاتي	١٠٥
،،	هٿي اناالحق جونعرو صوفي سر ۾ سُرت پڇائن تا	١٠٦
،،	سپ سيرڪيوسي صَحي صَحي، سهٽي صورت جي سينگار سان	١٠٦
،،	عشق ڪريندا شڪار، تڙڦ مول نه ڏيندا ڏيندا	١٠٧
پيلو	پهري ٻلپشوازان يار آيو، ڪري چيرن جو چمڪار آيو	١٠٧
،،	آهي عشق اسانجو امام آيو،ويڙهي وحدت جي وريام آيو	١٠٧
،،	آهي سهڻو سر سردار آيو، ڪري صورت جو سينگار آيو	١٠٨
،،	ڪيا تاب حسن بي تاب مجهي،دڪانوڪ نظر ناياب مجهي	١٠٨
،،	ڪيوعشق عجب عريان مونکي، لائي آتش عاليشان مونکي	١٠٩
،،	آواز انس اولي اظهار عشق ڪيو	١٠٩
،،	مئيخان ۾ مدامي، مذڪور عشق ڪيو	١١٠
،،	ڳايان ڳلي ڳلي ۾، اولنگه وڃائي آڙو	١١٠
،،	صورت ڪئي سواري، سرساز ساڻ ساري	١١١
،،	سهٽي صفات صورت، سلطان سر چوانتو	١١٢
،،	عاشق اصل آڪين جو، اظهار تي اچانتو	١١٢
،،	مئي دي موج مچائون، نانگي ناٿ نچائون	١١٣

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پيلو	آيا احمد آيا، محمد نام سڏايا صورت صاف سمايا	١١٣
،،	نيڻ ناز نتڪو ڪيو دل ڦري	١١٤
،،	آگم ساڻ اتڪي اکين جي اٽي	١١٤
،،	اظهار عشق عالم انسان جي نموني	١١٥
،،	ديدار درس دم جو، دلدار جي نموني	١١٦
،،	عشق واري اسلام، جلالي پي مئي جام	١١٦
،،	صوفين جو سردار اسانوٽ آيو	١١٧
،،	شاهن جوتي شاه اسانوٽ آيو، اولي انس الله اسانوٽ آيو	١١٧
،،	آهيان ٻول ٻڌل موڪي جي محفل، مت تي ملهه ڳڌل	١١٨
،،	لنواري ۾ لاٽان، پڙهو حج اڪبر	١١٨
،،	آيا پير پاڳارا پرور پاڪ پيارا، چوڏس ڪر چمڪارا	١١٩
،،	پري نان پڳدار ڏسڻ ۾ آيو، دم نه هڪڙو ڌار ڏسڻ ۾ آيو	١١٩
،،	پڌر تي پڳدار اسانوٽ آيو، قائم ڪلنگيدار اسانوٽ آيو	١٢٠
،،	پيانتو آبي حيات حسن سان	١٢٠
،،	چوان ڪئين ناهي نگار علي آه، جنهنجي بره جي بهاريلي آه	١٢١
،،	لنگ جي لاڏ سان لائق لال آهيان	١٢١
پهاڙي	نسنگ نيهن ناتي جيپي نام نيهي	١٢١
،،	ڪيان شوق شاهي شرابي شتابي	١٢٢
،،	ڪيان جوش جاري جمالي جلالي	١٢٣

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پهاڙي	عشق عجيب انس دي اولي، اَنا الحق الايا	١٢٣
”	تن من طبل تماشي، ڏوڏو ڏکن ڏکاهي	١٢٤
”	مئيخان وچ مدامي، مئي دا مندل متاهي	١٢٤
”	جاوڪ چانوين توڙ نياوين، پير پيچونتي مول نہ پاوين	١٢٥
”	اُلٿ الائون رمز رلائون نوڪ نظر تي نيزي چائون	١٢٥
”	بارملامت چم چم چائون، اناالحق اظهار الائون	١٢٥
”	ويکھ حسن ديان هوليان، آکيان والي اولي اندر	١٢٦
”	پيرين پانوان پيريان، درسن والي ديري دم دم	١٢٦
”	شاهنشاه منهنجو علي آهه علي آهه	١٢٦
”	عشق امام اسانجو علي علي آهه	١٢٧
”	عشق آواز ڪيو اَنا اَناالحق اَنانا لحق اَنا انا الحق	١٢٧
”	عاشقن اثبات ڪيو، مظهر علي مظهر علي	١٢٨
”	ڪامل قلندر قادري، ڪل شئي تي آ تنهنجو قدم	١٢٨
”	صورت صحي ڪا صاحب، صوفي صفا صفا	١٢٩
”	پيريمغان پريمي، پيالا پلا پلا	١٣٠
”	جملي جهان جلوه، جهلڪار جا بجا	١٣٠
”	پڌر تي پاڪ پاڳارو، پلي آيو پلي آيو	١٣١
”	سڪندر قلندر پيغمبر جا پيارا	١٣٢
”	پاڳارو پير تي پرور، پلي آيو پلي آيو	١٣٢
”	پس پيريمغان پاڳارو، جنهنجو پيچي پاڪ پسارو	١٣٣

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پهاڙي	مهدي منور مهدي منور پيريمغان پاڳارا هي	١٣٣
،،	سڀ صورت دا سردار آيا، تي پيريمغان پڳدار آيا	١٣۴
،،	پيارل پيشوازن سان، يلي آيو يلي آيو	١٣۴
،،	نظاري ناز جي نيهي، يلي آيو يلي آيو	١٣۵
،،	عدم ڪان عشق اوپارو، يلي آيو يلي آيو	١٣۵
،،	يگانون يار تي ياقي، يلي آيو يلي آيو	١٣٦
،،	صورت والا سائين وو سڻاوين	١٣٧
،،	آءُ تان ياڪر پائون، رنگ لائون	١٣٧
،،	سردا سانگا چاوين هٿ لاوين، پيچي عشق آفات ڪون	١٣٨
،،	اناالحق الائون ڪل آئون، ڪرون مئي ديان مقاليان	١٣٨
،،	سر سمجهايان سخن سڻايان	١٣٨
،،	مرشد ميري مُنيري بينظيري	١٣٩
،،	پاڳاري پيشاني، پسانوڻ تئون صدقي	١٣٩
،،	دم دا ڏياني سجاني سبحاني، جهندا عشق امام هي	١۴٠
،،	عجب عشق انور دي آنوڻ تئون صدقي	١۴٠
،،	پاڳاري پيالي، پلانوڻ تئون صدقي	١۴١
،،	من خدائي موج مڪ، مشهور مئيخاني مين هي	١۴٢
،،	عشق بازي ڪا مزا، خود خيال ڪي خاني مين هي	١۴٢
،،	بندا نهين نہ بت هون، خالق نہ مئين خدا هون	١۴٣

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پهاڙي	عجب عشق اعلىٰ اناالحق الايو.....	۱۴۴
,,	مونکي ياد آهي عدم کان اشارو، نگاري نرالو نظر جو نظارو	۱۴۴
,,	پيان صاف سرڪي، ڪڏهن ڪين ڪرڪي	۱۴۵
,,	ڏري ڏيان دم ۾، ڪيم ديد دلبر	۱۴۵
,,	سبحان صاف صورت، سرور فقير ڪي	۱۴۶
پوريا	معنىٰ واري ميگهه ملار لامقصد ٿيو مقصد منهنجو	۱۴۶
,,	نيزي سر نيشان، نرهڻ تا ·نعرو نعرو	۱۴۷
,,	ساقي تي سردار آيو صورت وارو سانگ بنائي	۱۴۷
,,	صورت واري صاف صحن ۾ قرب ڪڏي قواز ڪيو	۱۴۷
,,	چشمان چرخا ڪيتا چور ڪيوين آٽڻ تي مئين آوان	۱۴۸
,,	گرو مان نہ آهيان چيلو، اصل عشق امين اڪيلو	۱۴۸
,,	ڪون هو يا هم ڪون هويا تم	۱۴۹
,,	ڪون هويا حق ڪون هو يا شڪ	۱۴۹
,,	ڳلي ڳلي ۾ ڳايانتو، قيريدار فقير تي فالم	۱۵۰
,,	ڳلپيشوازان پايانتو، صورت وارو سانگ بنائي	۱۵۰
,,	تون بہ هڪڙو خيال، خيال سان خود خيال تي ملندين	۱۵۱
,,	اڪين جي ارواح، عشق ڪيو آواز اناالحق	۱۵۱
,,	آهيان پاڻ خيال خيال، سان تو خيال سڄاڻا	۱۵۲
,,	ڪير ٻولي ٻول ٻوليندا هي، ڪير اُتندا وَل وَل ڀهنداهي	۱۵۲
,,	تي عاشق عشق ڪميندا هي،سڀ صورت سير ڪربنداهي	۱۵۲

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
پوريا	پڃين پڃرو ڪر پرواز، انحد اُلٽي بين بڃائي	۱۵۳
,,	سهڻي صورت سرسبحان، مشرڪ ٻاجهون ڪير سڃاڻي	۱۵۳
,,	عشق اويڙا مول نه ڀندا، ڳلي ڳلي وچ ڳوئيندا هي	۱۵۳
,,	سخي شاهنشاه درازن ۾ دوله داتا	۱۵۴
,,	هرمذهب جو عشق امام، مدامي موجود ٿي آيو	۱۵۴
,,	عشق شهباز شڪار ڪريندا، شائق شاهنشاه	۱۵۴
پٽ مڃري	مئيخان ۾ مي پي مچي، موتو مري جوڳي جيا	۱۵۵
,,	مخمورمگهن مستاناهون، مستانا هون مئيخانا هون	۱۵۵
بنس	حنائي هاٿ ڪر هردم، حلاجي هارپايا مئين	۱۵۵
,,	هڪل هڪ حال دي، حاضر حسن هبڪار هي ڪيتا	۱۵۶
,,	سوڊل يار سياڻا، رات رهي وڄ راڻا	۱۵۶
,,	ٿيو سرهو سانگ سڃايو، ويو وَهم دوئي جو اڃايو	۱۵۷
,,	سهڻي صورت جي سرداري، اڃي عشق ڪئي اظهاري	۱۵۷
,,	ناز وارن سان نينهڙو لائي، پير نه پنتي پائج تون	۱۵۸
,,	يار پيارا تيڏي ڪارڻ، دم دم پاوان جهاتڙيان	۱۵۸
,,	مست آکيان محبوب ميڏي ديان، ڪرن قتل دي ڪارميان	۱۵۸
,,	مک مصحاف صنم دي صورت، ڪعبا سر سردار ميان	۱۵۹
,,	منار منل ياردي مئين تاري تڳيان نسنگ نين لڳيان	۱۵۹
,,	سنگي ساز ننگي ناز رنگي راز رَتيان	۱۵۹

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
بنس	اڱڻ تي آيا عشق اگھور شاھنشاھي ڪرڪي شور	١٦٠
”	جڙيل يار جاني ڪجل پائين ڪاني	١٦٠
”	سرت ڪئي سواري نرت ۾ نياري	١٦١
”	اصل عشق آھيان پيو ڇا ٻڌايان	١٦١
”	صحي سر سڃاڻي ھسان ڇو نه ھاڻي	١٦٢
”	نيھن نواب پي شراب بره باب پڙھايو بلند بيد بتايو	١٦٣
”	رنگ راھو ندي ۾ رتو رتو آھي راڳھ رقص رفتار سان	١٦٣
”	سرساقي سرور سچو سچو سرساغر جي سينگار سان	١٦٤
”	پيو پور پسڻ جو پڪو پڪو آھي پنڌڻ جي پروازسان	١٦٤
”	دلدار دلبر يار دلبيدار ڏتاريو ڪٽي نيڻ نھاريو	١٦٥
بسنت	لايا نيھن نيڻاندي نال اسان، نچ ڪيتا ناز نھال اسان	١٦٥
”	بن عشق عجب ارباب اسان، ٿي اوقاتي احباب اسان	١٦٦
”	ناز نيڻان دا نظارا وي، آيا تي اظھار اندر وچ	١٦٦
”	احد احمد بن آيا ھي، خاڪي خرقا پياري پايا	١٦٧
”	بسنت بھاري لائي ھي، چو طرف چودار چمن وچ	١٦٨
”	بسنت بھاريا باغ بھار برسر بوند بھاري لائي	١٦٨
”	سھرا سرخ سر ڳاياتو، توم نوم تنن طبل وڄائي	١٦٩
”	ھٿ ڪيتا خيال ڪمال اسان ھڻ دم دي درس ڏمال اسان	١٦٩
ڪانرو	نيھن جي نوبت وڄائي، ناد ڪئين نيھي نواب	١٧٠
”	پيچي پوشاڪ پياري پائي، صورت والي سر سمجھائي	١٧٠

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
ڪانرو	آعشق ڪيتي اثباتي، ڪر ڇم ڇم ڇڻڻ ڇاتي	١٧١
،،	ناهيان ۾ آهيان آهيان ۾ ناهيان، اهوحال ڇاتي ڇاسان الابان	١٧١
،،	هي هي هوهو هون هون هونگارو	١٧٢
،،	رچڪ پيانڪ ڀتارت بتائون	١٧٢
،،	ناب سي نام اُنايا مئين، ساس سرپ سمايا مئين	١٧٣
،،	ستگرهي ميرا ڏياني سو گياني ستگر هي ميرا	١٧٣
ڪونسيه	ييسر بازي ڪيڏن غازي، نوڪ نظر تي نيڪ نمازي	١٧٤
،،	ستگر ڪا گُن جوئي نه جاني، سوئي ڀتڪي ڀولاري	١٧٤
،،	سرت نرت سچ سمجهي صوفي، جوڳيسر لنداري ڪو	١٧٥
،،	آپ ۾ آپي آپ سمايا، صاحب سرت سُجاني ري	١٧٥
،،	نام جيون پُر نام پيارا، نام جيڻ بن جوئي بات	١٧٥
،،	ويد يجر رڪ، شام آٿرون، برمان مُکُ پَرچار ڪيا	١٧٦
،،	ڀَڄن ڪرُون ڀڳوان هري،ڪا ڏارن ڪرڪي ڏيان هري ڪا	١٧٦
،،	دم جي دم ڪي درس دلير، شوق وارو ڪو سمجهي شير	١٧٧
،،	ناچو ٿي مئين لايا نينهن، ميگهه محبت والي مينهن	١٧٧
،،	مئين وچون جڏهن مئين ٿي پيدا	١٧٧
،،	ساچ سُنايا ستگُر ساکهي، ساچ بُرابَر تَاپُ نهين	١٧٨
،،	سنت ڪي مهما ويد نه جاني، سنت ڪاپيد نياراري	١٧٨
،،	تُريا وياپڪ اُتپت اندر، تُريا جات مين جاتي ري	١٧٩

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
ڪونسيه	اوم هري ڪا ڀيد نيارا، اوم هري هرنام هري	١٧٩
،،	سَروَنُ گيان مَنَنُ ندياسنَ، ساڪياتي سُر جاني جو	١٨٠
،،	اوهنگ برهم ڀڳوان هون، سوهنگ سري سلطان هون	١٨٠
ڪسوري	پڌرا ٿي پڳدار پاڳارا عشق الاهي آيا هي	١٨١
،،	خوف خوشي ۽ رنج راحت ڪان عشق ڪيو آزاد ميان	١٨١
،،	عاشق چم چم سرتي چانون بار ملامت باري	١٨١
ڪوهياري	دم دي ڪرتون سرت سنڀال، ڇوڙ ڦتي ڪر خام خيال	١٨٢
،،	سير سري وچ گوهر گيان، سمجهه صحي ڪر دم دا ڌيان	١٨٢
،،	ڌري دم جو ڌيان ٿي نيشان، اسم ساڻ الله جي	١٨٣
،،	سهڻي سرور دي سرداري هي، چو طرفين چوڌاري هي	١٨٣
،،	ڪيتي عشق عجب اثباتي هي، پاجهاتي ديوچ جهاتي هي	١٨٣
،،	جڏهن آپ ڪون آپ وڪابوسي، تڏهن من دامطلب پابوسي	١٨٤
،،	عشق عجب رنگ لائيتو، گيت اَناالحق ڳائين تو	١٨٤
،،	اسم ذات سان پيو نچ، نڪين ڪچ نڪين پچ	١٨٤
،،	نڪي هم نڪي تم، وچون آهي پيو فهم	١٨٥
ڪاريهل	ساميئڙا ساٿيه ۾ ٿا پورب پند پچن	١٨٥
،،	دوئي وارا ورق وسار، پهرين پنهنجو پاڻ پروڙي	١٨٥
،،	صورت انساني دي اولي، بره بدل ڪر آيا هي	١٨٥
،،	رمزان رنگڙا لايا هي، صورت والي صاف صحن وچ	١٨٦

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
ڪاريھل	چشمان چرچا لاياهي، چوطرف چوڏار چمن وچ	۱۸۶
،،	اکيان آڙنگ لاياهي مــڙگان والي محلي محکم	۱۸۶
،،	ڪير ڏسي تو چاڏسجي پيو، ڪير ڪري ٿو بات بيان	۱۸۷
،،	صورت معنيٰ معنيٰ صورت، مام پروڙي ڪو مرد متير	۱۸۷
،،	نيڻ واري نور نظاري، جپان نچي نام ميان	۱۸۷
،،	پاڻ پسڻ تي پاڻ پسي ٿو، پاڻهين پنهنجو پاڻ ميان	۱۸۸
،،	صورت والا ڪر سينگار، نرت ڏي وچ سُرت سمائي	۱۸۸
ڪلنگڙو	آهيان مان عشق جو عاشق، رکان رندي مشرب ٿو	۱۸۸
،،	ڪيان احوال ٿو آئون، عجب اطهر عجيبن سان	۱۸۹
،،	مــڙگان هي ميرا مڪا، لاهوت لاثاني لقا	۱۸۹
،،	ڪري اثبات آڪين ڪي، اناالحق ڳيت ڳايان ٿو	۱۹۰
،،	ڏئين چا تو نئين چا ٿو، اڏي جي عشق بازي ۾	۱۹۰
جوڳ	سامي سانڊي سور، هليا ويا هنگلاج ڏي	۱۹۱
،،	سنگهارن جي سار، راتو ڏينهان روح ۾	۱۹۱
،،	ستا اُٿي جاڳ چڙي، نند نياڳ جي	۱۹۱
،،	تون ته پڪي پر ڏيهي، ڪيئن رهيو آهين ويهي	۱۹۲
،،	نيڻان والي نظاري، ديد دنالي به مئين هون	۱۹۲
،،	صورت والي ستاري ڪيل خدائي به مئين هون	۱۹۳
،،	عشق جي اسلام ۾ آباد آئون آهيان	۱۹۳
،،	عشق جي اسلام سان انسان مان آهيان الا	۱۹۴

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
جوڳ	خوب خود خمار سان خوشحال مان آهيان الا	١٩٤
،،	عشق عجب اظهار الالله، آيو تي اثبات اسانوٽ	١٩٥
،،	صحي سر سبحان الالله، صورت وارو سانگ بنايو	١٩٥
،،	عجب عاليشان الالله، ڪيو عشق عقل کي اولون	١٩٥
،،	شوق دي شاهي شور شور، آيا ماهي ميڏي سانگي	١٩٦
،،	عشق اويڙا تي عاشق، عربي اولا ڪر آيا	١٩٦
،،	ڳولان ڪنهن ڪون مئين ڳولان، سي جا سهڻل سائين	١٩٧
،،	باقي ياور يار ڪيو آ يارا سانکي، يار بنان پيو يار نہ جاڻان	١٩٧
،،	ديدن واري ڏيان ڪيو آه ڏيان اسانکي	١٩٨
،،	ڄاڻ اهوئي تون ڄاڻي، ناهي ڪا پرت پڇاڻي	١٩٩
درباري ڪانرو	ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ، ترڪ موليٰ ترڪ ترڪ	١٩٩
،،	عشق جو احوال اعليٰ ڪو پيچي عاشق اچي	١٩٩
،،	اوهنگ برهم ڪي ڏن ڪاهون ڏياني	٢٠٠
سورٺ	نام والادم ڄاڻ غنيمت، نام بنا دم ناقص هي	٢٠١
،،	ڏس بره جي بازار حسن هڪار لڳي	٢٠١
،،	پسي مورت جي محلات، صورت سبحان چوان	٢٠٢
،،	ساري مظهر جو مختيار، علي شاه آهي	٢٠٢
،،	عجب عشق واري اوقات، علي الله چوان	٢٠٣
سهڻي	بي مثال جو وصال، ٿيو مثال مقالي	٢٠٣
،،	مگهن مست مئي پرست ڪري دست حنائي	٢٠٤

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
سهڻي	ڏُن ڏِيان ڪي ڏنن لاڳي ري	۲۰۴
سارنگ	بادل بَرس بهاري لائي، بوندان بره ديان پئيان وي	۲۰۵
،،	اکيان نال اکيان دي انکيان، جهل پل ڪنهن نان جهليان وي	۲۰۵
،،	عشق اڳڻ تي آيا هي، وحدت والا ڪر وسڪارا	۲۰۵
،،	ويکو ڪئسا ڪئسا ناد بجايا، صورت صاف سمايا	۲۰۶
،،	ڪوئي ايسا ايسا ڀيد بتاوي، جٽ صورت ڪانھ سماوي	۲۰۶
،،	آهي جيڪي اڄ ميان، چڙ سيائي جي سار	۲۰۶
،،	ڪيا عشق تماشا لايا هي، محبت ميگهه ملاري والا	۲۰۷
،،	سڄڻ لهندئي سار، متان ٿئين ماندي	۲۰۷
،،	بره جي برسات، بقا تي برسي	۲۰۷
شام ڪلياڻ	ڏي ڪا دلدار دلداري پرين پرچي ڪر پوءِ واري	۲۰۸
،،	مَنا محبوب سبحاني، آهين تون غوث صمداني	۲۰۹
،،	بِنا لاَ جي لڙائي جي، ٿيڻ لاثان مشڪل آه	۲۰۹
،،	لذت وٺ لاجي ڪاتي جي، وڃائي خيال نفساني	۲۱۰
،،	اسان ڪون يادتساڏي ياريدا، هي حرف صورت والي ساريدا	۲۱۰
،،	نفي ڪان نانهن تي نڪري، سري سبحان تي آيو	۲۱۱
،،	نه ڳولج پاڻ کان ٻاهر، مني محبوب منور ڪي	۲۱۱
،،	پسي پنهنجي پاڻ کي پاڻهين، سهڻو سلطان تي آيو	۲۱۲
،،	حسن جي فوج تي فالم، بنايو بيکهه بازي جو	۲۱۲

صفحو	ڪافي	راڳ جو نالو
٢١٣	دنيا عقبيٰ ڇڏي پيئي، اکين سان دل اڙي ويئي	شام ڪلياڻ
٢١٣	ڪٿي خالق ڪٿي خادم، ڪٿي رهبر رنگي آهيان	,,
٢١۴	سري ميدان ۾ صوفي، اناالحق گيت ڳائن ٿا	,,
٢١۴	اکيان ڪيتا اُلٽا آر، ويک حسن دي گرم بازار	,,
٢١۵	سمجهه صورت سير سارو قلب جي ڪتاب ۾	,,
٢١۵	ڏاڍا گهنڊڙا گهتيئي دل گهانوڻدا ابرو سيف زنگي ڪل چانوڻدا	توڙي
٢١٦	پيالا پيتم ناز نگاه ڪنون، ٿي شائق شاهنشاه ڪنون	,,
٢١٧	ڪلياخيال خودي دي خمار ڪنون ٿي بيخود بره بهار ڪنون	,,
٢١٨	جڏه خيال تي غالب خيال ٿيا تڏه حاصل هردم حال ٿيا	,,
٢١٩	آيا عشق اساڏي جهولي جهل ڪرحال حلاج دي حملي هل	,,
٢٢٠	اسان رمز دي وچ رهندي هون سو سهمين سرتي سهندي هون	,,
٢٢١	سانون لڳڙا نيهن نظاريدا، جيوين بادل بوندبهاري دا	,,
٢٢١	پاجون آيا چوراسي، ٿي بره بدل بن واسي	,,
٢٢١	لوڪ لاڳاپا لاه ڇڏي لڄ، لوڪ لاڳاپا لاه ڇڏي لڄ	ڪنيات
٢٢٢	دلبر جي ديدار، موهيو من دلبر جي ديدار	,,
٢٢٢	ناچو ٿي نروار نچانئو، ناچو ٿي نروار	,,
٢٢٢	محبت جي ميدان مچانئو، محبت جي ميدان	,,
٢٢٣	اکين ۾ اظهار آهيان مان، اکين ۾ اظهار	,,
٢٢٣	ڪج عشق عجب اظهار، ڪيتا هي آر آوازي اَنورڪا وَهوا	,,
٢٢۴	سرور پياريو ساقي ساغر ته سوايو، سَرشار بنائي	,,

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
ڪنيات	تماچي جام ڪيئن تڙتي، مليو مئي پي مهاڻن سان	٢٢٥
ضلع	تنهنجو منهن محبوب مصحاف	٢٢٥
جهنگلو	آيا هي عشق ڪر آرا، نسنگ نروار هڻ نعرا	٢٢٦
ڌناسري	جيڪا وٺي سا واه، ڪر مهر محبوب ملڻ جي	٢٢٧
،،	ڇم ڇم ڇنن ڪر ڇمڪار، عشق اويڙا ٿيا اظهار	٢٢٨
،،	دم دم دم داڪر ديدار، ماريم نعرا اَنا الحق دا	٢٢٨
،،	مئيخاني وچ ٿي مخمور، ماريم نعرا اناالحق دا	٢٢٨
،،	حضرت عشق حسن دي هولي، حاضر هڪ ٿي هلداهي	٢٢٩
،،	ٻي پليون ٻي پير آڪيون، گهائن گهوٽ گهورن سان	٢٢٩
،،	جوڳي ويا اُن جوءِ جوان، مَلڪ فَلڪ جي جاءِ نه جا ٿي	٢٢٩
،،	وه صورت سير سالا ريدا، ٿي نئينان دا نيشان ڏنم	٢٣٠
ججهونتي	آيا پيرمغُان هي پاڳارا، ڪر سانگ صورت دا سارا	٢٣٠
،،	سردار سخي سر آيا، ٿي سرسا سرس سوايا	٢٣٠
،،	ڳائون ڳائون ڳائون، ڳالهه ڳجهي ڳجهه ڳائون	٢٣١
ديسڪار	عدم ڪنان عشق ٿي، آواز ڪيو مون	٢٣١
،،	ڪين ڪين ڪين، بنا ڪين آهي ڪين	٢٣٢
راڻون	محافي چڙهيا مير منور، پوندي آوي پيچ پيچ	٢٣٢
،،	شاه مردان شيريزدان، شمس علماءٌ شاندار	٢٣٣
،،	ناد نفيلان نوبت نعري، نيهن واليان دي نزاڪت هي	٢٣٣

راڳ جو نالو	ڪافي	صفحو
راڻون	سچ محبت جي مچ، هي عاشقن جي سونهن سوپ	٢٣٤
،،	مست ٿي ميخان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ	٢٣٤
،،	هرشي اندر آپ سمايا، ڪوڻ هويا گمراه ميان	٢٣٥
گجري	ننڊ ڇڏ نياڳي ويسر وساريا ذَجاءَ اَجلهم ساعت سنياري	٢٣٥
،،	اٿي جاڳ جوڳي، عشاقي اوتاري	٢٣٥
،،	جاڳي جاڳي جاڳ جوڳي، جاڳڻ واري جوت جڳائي	٢٣٦
،،	تنهنجو توئي ساڻ، ساجن سهڻو ساه ۾	٢٣٦
،،	دلبر دي ديدار موهيامن، ڪول حسن. دا جلوه جنگي	٢٣٧
،،	ظاهر ذاتي ذات موهيا من، پاسروپا تاج ڪلنگي	٢٣٧
،،	آهيان پاڻ خيال خودي خود، خود خدائي خيال آهي	٢٣٧
،،	پسڻ آهيان پاڻ پسان ٿا، پسڻ واري پيچ ۾ پڌرو	٢٣٨
،،	تون ڪير آهين الله ڪير آهي، صفت ذات وچ ۾ ڪهڙو غير آهي	٢٣٨
،،	سردار سرور اظهار انور، پسڻ جي پسڻ سان پڳدار پرور	٢٣٨
،،	قادر قلندر سورهيه سڪندر، اظهار اعليٰ آواز اندر	٢٣٩
،،	الله الله الله تعاليٰ، ازل ڪان تون آهين اظهار اعليٰ	٢٣٩
ايمن ڪلياڻ	دلدار ڳولي لهه دم ۾ تون، ٿي لاسين لاعدم ۾ تون	٢٣٩
،،	ڏس خيال خفي خم ۾ تون، ٿي بيخود بيڪم بسم ۾ تون	٢٤٠
حمير ڪلياڻ	من ڪون هي محبوب مدامي، تيڏي درسن دي درڪار	٢٤٠
،،	اُلٽي رمز عشاقان والي، سمجهه آپ سنڀال	٢٤٠
،،	بودلا برحال، سخي تون سلطان سڪندر	٢٤١
،،	لعل قلندر لعل، دوله دائم قادر قائم	٢٤١
پوريا	ڇا جون آيا چوراسي، ٿي بره بدل بنواسي	٢٤١(الف)
،،	مدامي موج منصوري، ڪيو مخمور مستانو	٢٤١(الف)

منطوق محمدي ‖ احوال احمدي

روپ	ڪافي	آسا

ٿل :۔نئينان دي نيشان،نَچ نَچ ٿيندي نانگي نيهي

١. ڏُڪڙ ڪَنجريان ساز سيپئي، تَنَ مَنَ طَبلي تَانَ
رَمزانهي دِلڙي ريهِي

٢. سِر سينگار سوري تي آون، سورهيه سِي سلطان
ڳَالهه ڪَران مئن تهاندِي ڪِيهي

٣. اَبرو سيف سنگينان پَالِي، گهُوراندي گمَسان
دَرسن والي دَمَ دَمَ ديهي

٤. مَئي پِي محمد مِوج مَچائي، چشماندي چالان
اَحسن اُلت عَجائِب جيهي

☆

آسا	ڪافي	روپ

ٿل: بِره سٽائي بانگ، شاهي طبل وَڄائوڻ دي

١. مام بِره دي مَرد پَروڙن، چوڙسِري دا سانگ
تَوڪَل تند بَجانوڻ دِي

٢. جاوِڪ چاوين ساوِڪ اڳتي، طلَب رَکين هِڪا تَانگهه
نازڪ نينهن نِيانوڻ دِي

٣. اُلٽ عجَائب آتش لائي، نِينهن نِرالي نانگ
فَنافَرض پڙهانوڻ دي

٤. محمد مَن وِچ سُرت سَمائي، چِن دُوئي دِي چانگ
هو دي هُل هلانوڻ دي

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:-پنهنجو سُڃاڻج پاڻ، اَحد واري بِينِ بَجائي

١. وَنحن اَقرب اُلٽ اِشارو، ڄاڻ اِهو تون ڄاڻ

٢. مُوتو قبِلل اَنتَ مُوتو، سَالِڪ سِر سُڃاڻ

٣. اِني اِنا الله سير سِري جو، بِره واري پاڻ

٤. محمد تَڪيو توم تنهنجو، طرف ٻئي نها تاڻ

آسا	ڪافي	روپ

ٿل :- بِره سُٽائي بيحد بِين،ڪِين ڪَمائي ٿي تُون ڪِين

١. مَست پِيالي پِي مخموري،دَم ڪي دَائم سمجهي دِين

٢.صُورت ڪان بِيصورت ڪَيڙو،عِشق عَجائب اَصل اَمين

٣. ساز وجودي سِرجي سر ۾، گيت اَناالحق تا ڳائين
٤. محمد رمز اِنهي رنگ ۾، هَردم حاضرحال حسين

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:_ نازجي ناتي ڪَيس نِهال صُورت ۾ ٿيو سَير حُسن جو
١. ناز نِهوڙي نظر جي نيڙو، پيوند پيچي پِرت جو پيڙو
هِينئڙو حِيران حيرت ۾ نيڙو، ڪاڪُل ڪيڙو قُرب ڪَمال
دام زُلف ۾ ذَوق ذِهن جو
٢. دَم دَم دِل ۾ ديدَ اَڙائي، پير پَتنگ جيئن پڙ ۾ پائي
خِيال ۾ گُم ٿي خيِال ڪَمائي، جَام پِيتائون جزب جَلال
نِينهن نِيائي نازوارن جو
٣. نانگا نات نِهاري نيهي پاڻ ۾ پنهنجي وِيڙا پِيهي
ڳالهه ڪَبي ٻِي تِن جي ڪِيهي، پِرتئون پَلپَل ٿِيا پئيمال
رمز اِنهي ۾ راز رِندن جو
٤.عِشق عَجائبَ واري بَازي، سَمجهي محمد گنورياغَازي
تَرڪ ڪيائون قِبلِ ماضي، حاصل ٿِيڙن هَردم حال
پور اِنهي ۾ پسڻ پِرين جو

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:_بَرسِر باغ بهار يار، بره بهادر پيد بتايا
١. تَرنم ڪول تراني تَحدِل، تياري ڪَر تِنتار يار
٢. حاضر ڪَر هُبڪار حُسن دي، هردم ٿي هسوار يار
٣. چُونا چُون بيچُوني چرچي، چِشماندي چمڪار يار
٤. محمد مام مِلا ٿي موڪي، مستي دي مُختيار يار

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:۔ وَٽُ رمز رِندي جو چارو، ڪَٽي بار مَلامت وارو

١. اوَل سَانگو سِر جو لاهي، پوءِ پِرين ڏي وَڃ تُون ڪاهي
ويهڻ واجب توکي ناهي، سمجهي ڏِس سِر سارو

٢. ڪَري هٿ ۾ لاڄي ڪاتي، پا وِجود ۾ جوڙي جهاتي
اِسم صورت ڪَر اثباتي، عاشق ٿي رکي آرو

٣. پنڌَ عشاقي اَوکو اَهنجو، سِڪ وارن لاءِ سوکو سَنهنجو
ناهي ڪم ڪَچي بِئي ڪنهنجو، اُت نِيهي هَٽندا نعَرو

٤. چِڏي محمد جِي جو جهيڙو،سر ڏِئي ڏس وَحدت وِيڙهو
اَصل عشق اِلاهي اهڙو، ڍول هٽي ٿو ڍارو

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:۔ مَرد پَروڙن مام منصوري، آهي مَڪان منهنجو

١.تِڳا دين ڪفر جا توڙي، صورت جي پٽي سام
گهُور ۾ ڏس گيان منهنجو

٢.ٿي سيَلاني سِر ۾ آيس، هٽي هَر هَر هام
دِيدِ ۾ آهي ڌِيان منهنجو

٣.صَحي سَجدو ثابت ڪيرَم، عِشق واري اِسلام
قُرب ڪُل آهي، قرآن منهنجو

٤.سُڌَ سَمجهڻ محمد آيو، ٿِي پنهنجو پاڻ اِمام
صوفي سِر سُبحان منهنجو

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:۔ مُوتو واري موج اَناالحق آواز منهنجو
ا. پاڻ سڄاڻ پنهنجو آيس، ناهيان اَصل اَبوجهه
نِينهن ۾ آهي نِياز منهنجو
٢. الاِنساني برقعو پايم، سُرت سِيني ۾ سوجهه
نظر ۾ ڏِس نواز منهنجو
٣. شاهنشاهيِ طَبلَ وڄايم، ڪَري اُلٽي اَوج
پتنگ جِيئن پَرواز منهنجو
٤. محمد هَر مَظهر جو مالڪ، حُسن واري فوج
قُم بِاذنِي قَواز منهنجو

آسا	ڪافي	روپ

ٿل:۔پڪڙن جا پيغام مڪا مون ماروئڙن ڏي
ا. اَڪنڊ آه نِويميان اندر سان ميان الا
اڄڙ جا ته انجام
٢. ساري ساري نِويميان سنيهڙا ميان الا
سهڻا سرس سلام
٣. قابو قيد نِويميان ڪوٽن جا ميان الا
ڪانگل هٿ ڪلام
٤. محمد واري نِويميان نعنلِي سان ميان الا
ملائي مڪ مام

آسا	ڪافي	روپ

ٽل:ـ سهڻي ڪيا صلح جا، سرانجام ايندي ويندي
ٽلندي ڏنا اڳڻ تي، انجام ايندي ويندي
١. صورت صنم سينگاري، نتڪو ڪري نهاري
پندار ٽي پياري، پر جام ايندي ويندي
٢. بَادِ صبا بهاري، مئيگون جي ملاري
سر سانَ ڪئي سواري، گلفام ايندي ويندي
٣. لالي لبن ڪي لائي، چالو چشم چلائي
پنهنجو پرين جپائي، نر نامِ ايندي ويندي
٤. محمد منڊل ملڻ جا، چالا عجب چلڻ جا
خوبان ڪيا ڪلڻ جا، ڪلامِ ايندي ويندي

بلاولي	ڪافي	روپ

ٽل:ـ هٽ ڪر اَپنا خِيال عشق اَصل اَڙٻنگ ڏِنوسي
١. عارف بازي اَڪيان والي آوازي اَحوال
اَلف اِسم هڪ اَنگ ڏِنوسي
٢. اِسم جِسمِ وچ ڪَرڪِي جارِي، جڳا جوش جَلال
جُوڙ جِگر وچ جنگ ڏِنوسي
٣. ساقي والي ساغر سازي، سَمجهه آپ سنڀال
سير صورت دِي سنگ ڏِنوسي
٤. محمد ٽي مَتوالاَ مُحڪم، مئي دي مَست مقال
مَستو مَست مَلنگ ڏِنوسي

بلاولي	ڪافي	روپ

ٿل:ـ تَن مَن طَبلي تَان، تازي تَال طَنبور ڏِنوسي

١. اِسم جِسم دي جلوه جنگي، چِشم دي چالان گني گِر گهندِ گهور ڏِنوسي

٢. ڪيئين ساز سُخن سرودي صورت دي سامان پيد بِره پرپور ڏِنوسي

٣. وَڄانوبت نوڪ نظرِ تي، نِظاري نيِشان نسنگ تي نَر نُور ڏِنوسي

٤. مَستي والي موج مچاڪِي، محبت دي ميدان محمد مَڪ مَنصور ڏِنوسي

بلاولي	ڪافي	روپ

ٿل:ـ خودي دي خمار، خوبان خوب خيال ڏِنوسي

١. اِسم جِسم دي اَثر اَول تي، الاِهي اِسرار آڪيان دا احوال ڏِنوسي

٢. بِره والي بازي بالم، بزم بَاغ بَهار بَرابر بَر حال ڏِنوسي

٣. حُسن والي هولي هَرجاءِ، حَقِيقي هَسوار حاضر هَمدَم حَال ڏِنوسي

٤. لاوِجود وِجود جنهين دا، لَحن دِي للڪَار لاَڪِي لاَلِي لَعلِ ڏِنوسي

٥. محمد سير سَراسَر سهُٽي، سَروردي سينگار سُرخ سر سنيال ڏِنوسي

بلاولي	ڪافي	روپ

ٽل:_دائم دم دي ڏيان، درسن دي دربار ڏنوسي
ا. آکيان اندر عشق الاهي، عجائب عريان عاشق تي اظهار ڏنوسي
۲. بزم بيک بحال بقائي، بره دي باران بهادر بردار ڏنوسي
۳. نقش نقاشي نور نظاري، نئينان وچ نيشان نينهن نسنگه،نروار ڏنوسي
۴. محمد بار ملامت والي، مظفري ميدان محبتي مهندار ڏنوسي

بلاولي	ڪافي	روپ

ٽل:_ بي مثال مثل وچ ماهر، ٿيا بيک بحال مولیٰ
ا. مئين خيال خيالدا خالق، پهريم شاهي شال مولیٰ
۲. ڪتان ٻِيت اَناالحق ڳايم، ڪتان جهول جهپال مولیٰ
۳. گونگهٽ والي گم تي گهروچ،ڪيتم ڪفرڪمال مولیٰ
۴. محمد مئي پِي مام سجاتي، ڪُلي قِيل مَقال مولیٰ

بلاولي	ڪافي	روپ

ٽل:_ حُسنِ تي هَسوار، شاهي شور مَچايو
ا. بَڏي شَملو شاهنشاهي، مالڪ مُڪه مختيار عشق اسانوٽ آيو

۲. فوج حسن جي فالم ڪيڙي، سپه جي سالار
حاڪم هل هلايو

۳. ڪري قابو دلبر دلڙي، بره جي بازار
نسنگ ناد وڄايو

۴. محمد اسماعيل عجائب، صورت جي سردار
اُلٽ پيد بتايو

روپ	ڪافي	بلاولي

ٿل: خيال جي خاني آهيان خيال، خيال بنان پيوخيال نهڄاڻا

۱. هُوَالاوَل هُوالآخر، ظاهر باطن جوش جلال

۲. خيال ڪمائي خيال تي خالص، خوبان خوب ختم خوشحال

۳. ڏِيان جي ڏِيري ڏِيان دُرس تي، ڳُجھي ڳجهہ جي ڳالهہ

۴. خيال خُدائي ڪيل خودي جي، محمد مستو مست مقال

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل. منهنجوملڻ لاءِمنڙومَاندو، هوت ڪَري وِيوهنيون حيران

۱. آئون جابِرهمڻ پِنر پوري، گهوٽ پنهل جي آهيان گهوري
بِره بِيوس ڪَيس بِيران

۲. ڏِي ڪِي دِلاسادِلئيون دلبر، محبوب من جا مَنا منور
آگا اَچڻ جو ڪَر احسان

۳. بِره بيرنگ بيحد باري، سَرت وِڃائي سِڪڻ ساري
جوش جلالي ڪيا جو لان

۴. محمد من ۾ ڪري آزي، دام دوئي جي ڀڃي بازي
فڪر فن جو پڙه فرقان

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل :ـ مان بندياڻي بيوس باندي قسمت قيدڪري هت آندي
ا. سڪ مان سانگيڙن ڪي ساريان گوندر جي گهر گهڙيون گهاريان
منهنجي ملڻ لاءِ دلڙي ماندي
۲.راتو ڏينهان هوري توري
جهانگيڙن جي جي منجهه جهوري
وار ناهيان هڪ وره ڪان واندي
۳. زيور زهر ڀانيان ٿي زر جا، مولا ميلج مير موهر جا
ڪين وڻنتا چٽيل چاندي
۴. محمد چئي ملي ماڙيچن سان، پِرٿون پنهنجي پاڙيچن سان
حب مان هيڪر ٿيان هيڪاندي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل.مئين وچ مئين ناجهاتي پاتي، مئي وچ مئين ڪيتي اثباتي
ا. مئين وچ مئي دي سوُرهيه ساقي، سرڪ پلائي بيرنگ باقي
منجهه گئي محڪم بانگ صلواتي
۲.مئين وچ مام سجاتم ساري،ويک حسن دي ميگهه ملاري
ثابت ڪيتم صاف صفاتي

٣. مئين وچ موج محبت والي، جوڙ جڳايا جوش جلالي
ظاهر ٿيڙا ذوقئون ذاتي

٤. مئين وچ محمد ماريا غوطا، دوئي والا ين سپ بوتا
حاصل ڪيتي حال حياتي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل :ـ مست پيالو محبت وارو، محمد پي هنيو نيهن جونعرو

ا. محمد آيو عشق اندر ۾، جام جلالي ساڻ جگر ۾
اثر اکين جي الٽ اوپارو

٢. محمد مست ٿيو متوالو، پي پئيماني پاڪ پيالو
پيچ پسڻ جي پاڙ پاڳارو

٣.محمد مئي جوماڳ ملهايو، سرڪ سڪرسان سرس سوايو
ثابت سمجهي هي سِر سارو

٤. محمد مئي جي مستي ماڻي،صاف صفا ٿيو سير سڃاڻي
منصف موکي مير متارو

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل :ـسيئي سانگا سَٽ يار، پسڻ لاءِ پرين جي

ا.مَر چِڪن پيا چِت ۾ ،فيراقن جا ڦٽ يار

٢. محبت جي مئيخان ۾ پِي پِرت جا پَٽ يار

٣.ڪاني رکم ڪلهن ڪان، مٿو موکي وٽ يار

٤.هلي محمد حُب سان، هڏ نہ پوئتي هٽ يار

☆

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل :ـ رهان ٿو راضي يار، رندن واري رنگ ۾

١. پسي باغ بزم سان، بهاريل بازي يار
٢. ڪري ترنم تار جي، تياري تازي يار
٣. غمازي غزلات جو، غواصي غازي يار
٤. محمد ميلي مئي جي، قبل نا ماضي يار

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل: بيسر بدل ڪيو برقعو بشر جو
بيرنگ بقا ٿيو بيخود بحر جو

١. بَرسر بهاري بيشڪ بحالي،قائم قدم سان ڪوپو ڪلالي
مئي جي مٿي تي محڪم موالي، شوريل شرابي شائق شهر جو
٢. پرٿئون پريمي پُريي پيالو، ناچو نظاري نر ٿي نرالو
تيرهن سو چوئيتاليهين چولي ڪيو چالو
تاريخ تيرهين مهنو صفر جو
٣. پِيرِمُغان ۾ پيهي پڌر ٿي، برسيو بزم ۾ بنرو بدر ٿي
ساقي سوپارو سوُرِهيه صدر ٿي، لاشڪ لقائي لائق لهر جو
٤.محمد يوسف جو ياور يرانو
يڪدم يسر ٿيو ياقي يگانو
بازي بره ۾ بيسر بهانو
احمر اڏي تي عاشق اثر جو

٢. سهڻو صنم سچارو، سبحان صاف سارو
سورهيه سخي سوڀارو، سردار ٿيو پاڳارو
٣. بيشڪ بزم ۾ بالم، فائض فقر ۾ فالم
اثبات عشق عالم، اظهار ٿيو پاڳارو
٤. نانگا نسنگ نچائي، رمزن جو رنگ رچائي
محمد منڊل مچائي، مهندار ٿيو پاڳارو

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ـ گُر تي گگن ڪي گادي، گُن گِيان هو رهاهون
دم دي ڏمال دائم، ڏن ڏيان هو رهاهون
١. نئينان والي نظاري، نتڪي نقاب نياري
نروار ناز نعري، نيشان هو رها هون
٢. پيريان بِگل بحالي، نوبت وڄا نرالي
مخمور مئي موالي، مستان هو رهاهون
٣. اَنا اَنا الاڪي، همدم حڪم هلاڪي
ڇهري چشم چلاڪي، چالان هو رهاهون
٤. تن وچ طبل تياري، ڪرڪر ثبوت ساري
محمد معنيٰ ملاري، مئيخان هو رها هون

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ـ عدم ڪان هت قدم پائي، وڃان واقف وطن ۾ تو
بره بيچون جي بازي، بنا برسي بدن ۾ تو

۱. ازل کان هت هلي آيس، ڪري سينگار صورت جو
صحي سِرصاف تي صوفي، سٽايان سُر سخن ۾ تو
۲. اول آخر هاڻي آهيان، سراسر سير سبحاني
صفاتي ذات جا ظاهر، چوان سهرا صحن ۾ تو
۳.اصل لا قيد لاهوتي، مڪاني لا مڪاني تي
چشم چمڪار جي چالي، چلان چالا چمن ۾ تو
۴.محمد مست ميثاقي، ساري مظهر سندو مالڪ
خودي خود خيال جو خالق، گهمان گر تي گگن ۾ تو

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:ـ گوهر گرنات دي گفتي، گگن گجڪار هي ڪيتا
عجب گمسان ڪر گوڙان، وحدت وسڪار هي ڪيتا
۱.ڏُڪڙ ڏَر پد ڏَمالان ڏُن، قائم ڪڙڪي ڪَپارِي ڪُن
گونا گوني گرامي گُن، گياني گلزار هي ڪيتا
۲.سرودي ساز ٺئي ساجي، وڳي ويراڳ دي واڄي
اسم اعظم تاهو تاجي، اثر اذڪار هي ڪيتا
۳.نقاري ناد نعري نر، تراني تار تازي تر
بتاڪي پيد بازيگر، جنگي جنسار هي ڪيتا
۴.اَناالحق عشق ڪر اوجان، ڪيتيان فالم فهم فوجان
محمد منور مچا موجان، مندل مختيار هي ڪيتا

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:ـ ظهورا ذات انور ڪا چشم چمڪار هي ڪيتا
حسن والا هگاما هل، رنگي رخسار هي ڪيتا

ا. نفي اثبات کي نوبت، مچائي موج هي محبت
سراسر سير سر صحبت، وصل واپار هي ڪيتا
۲. نفي قلبي روحي سِرِي، خَفِي اَخْفا ڪَسَبْ ڪِرِي
قتل ڪر شوق شڪ شِرِي، اَنَاالْاِقْرار هي ڪيتا
۳. صورت والي صفا سازي، قدم ڪڏيا قبل ماضي
بره بازار دي بازي، عجب اسرار هي ڪيتا
۴. مورت محلات وچ ماهر، محو محمد ٿيا ظاهر
جيها اندر تيها ٻاهر، نظر نروار هي ڪيتا

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل :ـ عشق اجهل، اُلٽ اَنل، ڪيتي اول، اثباتي
تيز طبل ميگهه منڊل، هيڪ هڪل، همذاتي
ا. عشق اويڙي اظهر، گيت اناالحق ڳايا
پيريمغان ٿي پڌرا، پير پسڻ وچ پايا
راڳ رقص دي رهبر، رمز رندي رنگ لايا
ڪار قتل وار وصل، آر اصل، اسماتي
۲. عشق حقيقي حاضر، حال حسن دي هولي
لعل لڪائي لانگهي، لات لطيفي لولي
ناد نقاري نعري، ٻي نہ سڻاوي ٻولي
وحدت وس راڳي رس، حق حق هس حرفاتي

۳. عشق اِلاهي احسن، آکيان والي اولي
پيد بتاوي بيخود، ڀن سيوئي ڀولي
خيال خدائي خاصي، کيل کيڏاري کولي
پاک پڌر صاف صدر، باغ بدر، برساتي

۴. عشق عجائب انور، اولي آ انساني
سير صفت دي سهٽي، صورت بن سبحاني
موج مچا ٿيا محمد، محکم مچ مُڙگاني
بيک بشر نيک نظر، ايک اثر اصلاتي

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:ـ عشق اساڏا هي اسلام، دين کفر وچ کيها کام

ا. نکو مذهب ملت جاٽي، تار طلب دي تن وچ تاٽي
صحيح صورت صاف سجاٽي، توڙ دوئي دي دائم دام

۲. عشق کريندا سير حسن دا، دم دم ديد اڙا درسن دا
هستي هوڏ ڀاڻ ڀئو ڀن دا، تنهندي همدم هون لڙه لام

۳. ناز نظر دا نيهن نزاکت، ڏيندا پيالا شوق شهادت
راز ربوبي سر وچ ثابت، مرد پروڙن مخفي مام

۴. بره بنائي محمد بازي، ظاهر ذات صفاتي سازي
کڏه مومن کافر قاضي، اصل عجائب آپ امام

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:ـ عشق مچايا شاهي شور، ويک حسن دا حملا هور

۱. ڪاليان اکيان ڪُنڍيان ڪجليان، باه ٻ ه ديان پڙڪن بجليان
تار طلب ديان تکيان تجليان، ڪرن ظاهر زور
۲. چشما والِي چاڪ، چکيو سي، مذهب ملت پُل گيو سي
اپني آپ وچ آپ پيوسي، ذاتي سنگ سنڌور
۳. اُلٽ اندر وچ اُلٽي بازي، اُلٽ فتويٰ ڏيندي قاضي
ڪرن سودا سِر دا غازي، ساجد ٿي سر گهور
۴. عشق محمد آتش لائي، وسر گئي ٻي سيڪا وائي
قلب ڪَوُنتل قرب ڪڏائي، ويک اُلٽ انحد اور

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل. تنهنجي نيڻن نئون رنگ لايو، قيد ڪرڻ جو اصل آئن الا
مشتاقن ڏي رايو
۱. چشمن تنهنجن جا چمڪارا، عشاقن تي ڪن ٿا مارا
بيحد بيوس ٿيا ويچارا، تڏهن سوري سير ڪرايو
۲. جامون جانب پائي جنگي، رخسار ڪري آيو رنگ برنگي
ڪڙي ڪاڪل سان دل ونگي، اتي علم عقل هارايو
۳. علم عقل مت شرم شريعت، عشق نه ڄاڻي اُنجي ڪيرت
ٻره بهادر ٿو ڪري سيرت، وره وارن سان ورايو
۴. مست پيالو محبت وارو، محمد ٻي هنيو نيهن جو نعرو
جتي دين ڌرم جو ناهي چارو، اُتي پريت پير پرايو

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل: آکيون اکين سان ڪري آر اڙيون اڙيون،
ڪولي ڪيل ختم ڪيون خيال ڪڙيون ڪڙيون

۱. عشق حسن جي حاضر حملي، جوش جلالي واري جملي
جادو جوڙ جنگي جوڙي جي ۾ جڙيون جڙيون
۲.گھوران گرڪئين گياني گھائي، گھتي گھتي ۾ گھوٽ گھمائي
پري گام گرم ۾ گھارن ڪين گھڙيون گھڙيون
۳.چشمان چلپل چيتڪ لائي، چون پيچوني چال چلائي
چاڙھي چوٽ چڪين چوريون چت ۾ چڙيون چڙيون
۴. مُــڙگان محمد ماري منتر،صاف صورت جي سهڻي سنتر
لهي لعل لقب ڪري لاڏ لڙيون لڙيون

روپ	ڪافي	پيروي

تل :ـ اڪيون ڪار ڪجل سان ڪري ڪاھ ڪتيون ڪتيون
جئين نانگ ڪاوڙ ڪان ڏي جھڙپ جھتيون جھتيون
۱. اکين وارا اُلٽ اشارا، سر تي سرخ ڪري سنڪارا
پائي پيچ پڪو پڌن ڪين پٽيون پٽيون
۲. اکين ۾ڪيوعشق اوتارو،ڪرڪاريهل جيئن ڪٽي ڪارو
ويڙھي وحدت جي پري وِھ جون وٽيون وٽيون
۳. چشمن واري ڇھري چولي، دم دم دم جو درسن ڪولي
آيو عشق عجب گھمين گام گھتيون گھتيون
۴. نيڻ واري نوڪ نرالو، محمد مست ڪيو متوالو
ميلي محبت جي پي مئي جون متيون متيون

-----------☆-----------

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:ـ رمزان رمزن جي رندي رنگ ۾ رتيون رتيون
ڪري راڳما رقص ڪولي گرام گتيون گتيون

١.رڱڻ رمزان مست مچائي، راز روحي سان رنگ رچائي
بازي پيچ يني ٻاري بدر بتيون بتيون

٢. رمزان لائي رنگ تي رهبر، صاف صورت جي سهڻي سربر
اولي اِنس واري چوڙي سر تي چِتيون چِتيون

٣.رمزان ڪيف ڪڪوريل ڪيفي، سرس سنگينون سُرخي صيفي
سٺي سرواهيون ڪيون سخن ستيون ستيون

٤. رمزن جو رنگ محمد لائي پير پسڻ جي پڙ ۾ پائي
هولي حسن واري ڪولي مئي جون متيون متيون

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:ـ دم جي درسن جي ڪولي درد دري دري
هردم حاصل ٿيو حاضر حال هري هري

١. پتنگ وارِي پَر، درد ڪولي در
هٺي نعرو نَر، ڳائي ڳالهه ڳري ڳري

٢.درد واري جهٽ، گُهمين گِياني گهٽ
ٻي پي پيالا پَٽ، پوري پِرت پَري پَري

٣. ثابوتي جي سنگ دم جا دائم ڏنگ
ڀين جوڳي جنگ موتو قبل مري مري

٤. محمد ماهر مُک، ديدن وارو ڏک
سمجهي سارو سُکھ، پائي سچ جي سري

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ــ هردم حسن واري هولي حال هلي
هسي حاصل ڪئي ڳولي ڳوٺ ڳلي ڳلي

١. حسن حقي هَٽ، نيٽن واري نٽ
ڦري ڪلنگي ڇَٽ، آيو عشق علي علي

٢. حسن حضرت حر، ڱُني گِياني گر
ڪري سهٽو سُر، عجب چال چلي چلي

٣. ٻڍائي ٻولي، جهليو چنڊ جهولي
لحن جي لولي، جهليئي ڪنهن نه جهلي جهلي

٤. محمد مکھ موجان، فالم فٽ فوجان
ڪري ان اوجان، سچي ڳالهه سلي سلي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ــ نانگا ناٺ نچن، رندي رنگ رچن
مستي ۾ مخمور ٿي، مانجهي مرد مچن

١. سرت جا سالم، فڪر سان فالم
عجب ٿي عالم عاشق اُلٽ اچن

٢. پسي رخ جو رنگ، آکين ۾ اڙٻنگ
صورت واري سنگ، سهڻو سير سچڻ
٣. حبيباڻي هَٽ، مستي واري مَٽ
پي پي پيالا پَٽ، پتنگ جيئڻ پچڻ
٤. محمد تي منور، پرت جا پرور
سورهيه سي سرور، سوري تي سَرچڻ

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:-پيون پيالا پَٽ مچي، مئي جي مَٽ
حق حق جي حرفات سان، حسن واري هَٽ
١. آکين ۾ اثبات، جهاتي اندر جهات
ڪري ظاهر ذات، وحدت واري وَٽ
٢. ڇڏي شوخي شڪ، پهي پوري پڪ
ڪري حاصل حق، گهمين گياني گهٽ
٣. هٺي نعرو نَر، ڪولي پنهنجا پَر
ڪٽي قربئون ڪَر، قتل واري ڪَٽ
٤. محمد تي ماهر، طبل ساڻ طاهر
ذڪائي ظاهر، پهري ڪلنگي ڇٽ

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- لُنگ بند لعل لانگوٽيا، لاهوتي لاثان
١. آيا اڱڻ اسانجي عاشق عاليشان
٢. سنبري آيا ساز سان صاحب سرت سجان

٣. هٽي نعرو نيهن جو نسنگ ٿي نيشان
٤. متا مئي پي مٿ تي محمد جي مئيخان

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- ثابت سرسجان سرجي سرڪ صفا ڪيو
١. ديدن واري دار تي دم دم جو ڏيان
٢. صراحي جي ساز سان صورت جو سامان
٣. شرابي شغلات سان شاهنشاهي شان
٤. مستي واري موج جو محمد مکڻ ميزان

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- لاجا لائي لُنگ يار، لائق لعل لقائي
١.جاري جوش جگر ۾، جلي ڦيڙا جُنگ يار
٢.دائم دَم جي دار تي، پِين ڏهرا ڏُنگ يار
٣.رنگ برنگي راز سان، وٺي رئي رئي رُنگ يار
٤. محمد صورت سير جا، ڪري سهٽا سُنگ يار

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:-اُلتي آر، ٿئي اِظهار، دَلبيدار دلبردي
شوق شراب، ڪوڏ ڪباب، راڳ رباب، رهبر دي
١. شاهي شوق، زابر ذوق، فالم فوق، في الحالي
ظاهر ذات، ٿي اثبات، برسي بات، برحالي
پارس پاس، رنگي راس، خاص الخاص، خوش حالي
حاضر حال، خوب خيال، ساري سال، سروردي

۲.نقش نجاب، نيهن نواب، ڪول نقاب، نوراني
نرمل ناز، رندي راز، ساري ساز، سبحانِي
ڪيفي ڪيف، ريفي ريف، سيفي سيف، سلطاني
شاهي شور، زوران زور، عاشق اور، انوردي
۳.چشمان چوڪ، مُـڙگان موڪ، نئينان نوڪ، دي نعري
ڇم ڇم ڇير، گم ڪر غير، ڪيتي سير، سر ساري
جوشان جوش، نوشان نوش، پوشان پوش، پاساري
نتڪي نور، گهري گهور، پلتئي پور، پروردي
۴. شاه منصور، دي مذڪورِ، مدمخمور، مئي محبت
مکہ ميزان، وڄ مئيخان، سر ميدان، صف صحبت
محمد مير، صاف سڌير، بي نظير، هڻ نوبت
پي پڳدار، ٿي مختيار، مَٺ مهندار، منوردي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل :ـ دم دي درس، پيتم برس، سرڪي سرس، سبحاني
مئي دي ماڳ، ڪيتم راڳ، سير سهاڳ، سلطاني
۱. دم دي دار، تي انوار، ڪر اظهار، آزادي
درسن ديد، احسن عيد، شوق شهيد، دي شادي
ذوق ضمير، عشق امير، ويکہ حمير، هس هادي
ڪيليم ڪيل، مئي دي ميل، گوهر گيل، ڪر گِياني
۲. دم دي ڌيان، عاليشان، ٿي لاثان، لاهوتي
جوش جلال، ڪوڙ ڪلال، هوش هَلال، هاهوتي
برس بزار، بر سردار، باغ بهار، باهوتي
بيخود بات، دي برڪات، بِن برسات باراني

۳. نوبت نيهن، راتو ڏينهن، محبت مينهن، مئيخاني
درس ڏمال، قرب ڪمال، خوب خيال، خم خاني
رندي ريت، ٿي مُحيط، ڳايم گيت، ٻڌ ڳاني
سهٽي ساز، دي آواز، ويڪيم ناز، نوراني

۴. محمد موڙ، نيزي ڪوڙ، ٻڌي جوڙ، جنساري
ڪجل ڪار، والي ڌار، ڪر سينگار، سرداري
انحد گهور، شاهي شور، اوران اور، اظهاري
عشق امام، دي اسلام، محڪم مام، مرداني

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ــ مئي مدموري جو مخمور، مرڪي مرد پين منصور
طبل وڄائي شاهنشاهي مانجهي ٿيا مشهور

۱. سر سنياهي سورهيه صادق سنبري ٿيا ساڄا
ساز سرود وڄائي هليا وحدت جا واڄا
ڏڪڙ ڪنجريون دهل دماما تاهن ڪيا تاڄا
مرد متا ميدان مدامي دوئي ڪان ٿي دور

۲.اناالحق جا هل هلائي صاحب سرت سڄان
تاج ڪلنگي صاف سروپا پهري ٿيا پروان
اُيري آيا آر اَڏي تي عاشق عاليشان
فالم فوج فقر جي ڪيڙو حاصل حال حضور

۳. عشق حسن جي حملي هنيڙو، نعرو نيهن نواب
گگَن مَندل جي گلشن اندر، ڪولي راڳ رباب
صوفين سارو سير صحي ڪيو، همدم هوش حساب
بيشڪ ٿيا برحال بهادر، دانه ڪنهن دستور

۴. مردن مَرڪي موج مچائي، محڪم ٿي مختيار
بلو دم قدم اُنائي اڳتي، اُنو ڪن آچار
اُتي بولي اُتي چالي اُلٽ عجب اسرار
احمد واري ميم منور، محمد ڪيو مَذڪور

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- پوش پريمي پايان ٿو، شاهي طبل وڄايانٿو
اُلٽو ڏيئي اُلٽ اشارو، گيت اناالحق ڳايان ٿو
۱. صورت جي سرداري، وحدت ڪثرت واري
آڪين جي اسرار اوياري، اَصلاتي اظهاري
هٽي ناز نظاري نعرو، ناٽ نظر سان نايان ٿو
۲.بيرنگ برسي بازي، بشري بيڪم بياضي
ظاهر ذات صفاتي سازي، غمزي ۾ ٿي غازي
ثابت سير سينگار سارو، گهوٽ گهُورن سان گهايانٿو
۳. مَحڪُم مٺي مصلاتي، عشق ڪري اثباتي
پوري پيچ پسڻ جي پاتي، جهاتي اندر جهاتي
پسي پنهنجو پاڻ پيارو، پول نہ پيو ڪو پايانٿو
۴انانگا ناٽ نچائي، رِندي رنگ رچائي
محمد محبت مچ مچائي پختو پاڻ پچائي
سورهيہ ٿي سردار سويارو، سهڻا سخن سڻايان ٿو

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- صورت صاف سينگاريان ٿو وحدت وائي واريان ٿو
ناچو ٿي نروار نچڻ جو نازن ساڻ نهاريانٿو

١. صورت مُورت سائي، سِر ۾ صاف سمائي
لامڪاني لعلي لائي، ايڪو ايڪ ايڪائي
پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو، پيالا پُر پيارين تو
٢. چشمن جي چوياري، عُشاقي اظهاري
وائي واهه وصالي واري، همذاتي هشياري
هردم تي هسوار هسڻ جو، گام گگن ۾ گهارين تو
٣. شاهي شوق شرابي، نوبت نيهن نوابي
قائم قادر ڪوڏ ڪبابي، رنگي روپ رَبابي
راڳ رقس رس راز رچڻ جو، برسر باغ بهارين تو
٤. محمد مست موالي، نيزي نوڪ نرالي
پي پڏرتي پرت پيالي، بيشڪ بي مثالي
مسيحي تي ميدان مچڻ جو، جگري جوش جيارين تو

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:-ويڪو ديد دُرس دلبر دي، سردار سخي سروردي
١.ڪٿان ناز نيازدي نتڪي، ڪٿان سرخ سنگينيان ستڪي
ڪٿان جهڳمڳ جهڙ جهڙ جهنڪي، ڪٿ ڪيفي ڪارڪر دي
٢.ڪٿان اُلتي عشق اشاري ڪٿان نوبت ناد نقاري
ڪٿان نيزي نوڪ نظاري، هي عالي آڪ اَ نُورَ دِي
٣.ڪٿان شور شرابي شادي ڪٿان گِيان گگن گُن گادي
ڪٿان مئي دي موڪ مَنادي، هي پاڪ پڏر پروردي
٤. ڪٿ غلام محمد غازي، ڪٿان ڪثرت قبلل ماضي
ڪٿان ساقي ساغر سازي، مت مست موڪي منور دِي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:۔اڄ لاالله اثبات ڪر، اقرار سان الاالله چئي

١. قلب کي ڪعبو ڪري، سجدا تنهين ۾ ڏي صحي
عين کي عرفات ڪر، بره بني بِاالله چئي

٢. سوز کي ساندي سيني ۾ رمز رنداڻي رکي
جان جوڙي جهات ڪر، اِنس کي الله چئي

٣. ڦٽڙا جي فيراق جا ديدار لاءِ چڪيلِ چڱان
بره واري بات ڪر، وحد هُو والله چئي

٤. محمد مٺي محبوب جي صورت آهي ساري صفا
لُون لُون لڳائي لات ڪر، فنا پڙهي في الله چئي

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل: تيرٿ تڪيو تو ۾ تنهنجو، پهه پهين ٿو هنگلاڄ هلڻ جو

١. سناسين صحي ڪئي صورت، منجهان منجهه پروڙي مورت
هر رنگ منجهه ونڻ ٿا حيرت ورق وساري ويهڻ جو

٢. جوڳي جٽيان لاهوتي لاهن گنگا جمنا من ۾ پائن
رمز رندي سان رام ريجهائن، منهه رکن ٿا ملڻ جو

٣. نانگا ناني ناٿ پُڄائن، سمر سڪ کيو پاڻ پڄائن
ورق وجودي ۾ ٿا ڄاڻن، سير سيوئي گهمڻ جو

٤. ڪعبو قُدسي مَن ۾ ڳولي، حق موجود وجود ۾ ڪولي
محمد ڏس تون ڪير ٿو ٻولي، رمز رندي جي رَهڻ جو

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:۔عشق عجيب اسانوٽ آيو اناالحق آواز ڪري
صورت وارو سانگ بنائي سيف صراحي ساز ڪري
١. ڪوپوتي ڪلتار قوالي، ڪامل قادر قرب ڪمالي
قائم ڪلنگي ڪار ڪلالي، ڪوڏ قدم قواز ڪري
٢. اکين واري اُلٽ اشاري، صورت سهڻي صاف سينگاري
پيالا پُر پِريم پياري، پتنگ جان پرواز ڪري
٣. ظاهر باطن ذات صِفاتي، اول آخر جي اثباتي
جهاتي اندر پائي جهاتي، راڳ رقص جو راز ڪري
٤. محمد مئي جي موج مچائي، رمزن وارو رنگ رچائي
نانگا نر نروار نچائي، نوڪ نظر تي ناز ڪري

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:۔عشق ڪيو آواز اويڙو اناالحق الائڻ جو
انساني جي اولي اندر اُلٽي پيد بتائڻ جو
١. بيرنگ بيڪ بحالي، خوبان خوب خيالي
نيڻ واري نوڪ نرالي، دم جو درس ڏمالي
ترنم تَر تنتار تونگر، تازي طُبل وڄائڻ جو
٢.سُرتي نِرتي ساري، عُشاقي اِظهاري
چشمن جي چمڪار چوڏاري، واصل وحدت واري
ساقي تي سرشار سڪندر، سهڻي سخن سڻائڻ جو

۳.عشق کري اثباتي، جهاتي اندر جهاتي
ظاهر زور ظهورو ذاتي، اثر عجب اوقاتي
قادر ٿي کلتار قلندر، قائم قدم ڪڏهن جو
۴.گِيان گگَن گُن گادي، عشق کري آبادي
محمد مئي جي مست منادي شاهنشاهي شادي
ماهر مُک ميخاني مندر، ڳالهه ڳجهي ڳانڻ جو

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:۔تنهنجي دام زلف زُنار وجهي، اظهار کيو ارشاد اسم
ڪَاکُل کُنڍڙا کيف ڪَکوريل،کاريهل جيئن کارقسم
۱. زلف زورآور زابر زنگي، زهري کنتا زور ظلم
ظاهر ذات ظهورو ذاتي، ذوق زُنخ جو زَم زَم زَم
۲. ناز نظر نيشان کري، نرناد وڄايو نيهن نظم
نور نظاري نيڻن واري، مست پياريو مئي جم جم
۳. ابرو سيف سنگينون ثابت، سيني سنپاهيون صاف صنم
هر جاءِ هُل حُلاجي هُليو، حُسن هَلايو حال حُکم
۴. سير محمد صورت واري، چست کيو چمکار چشم
محبت مَڌجي موج مچائي، اُلَٽ اويڙي عشق اُتم

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:۔ سانون عشق لڳا اظهاريدا، اظهاري دا انواريدا
۱. برس بهادر باه بره دي پيد بتا برداريدا
۲. پَاسَروپا سَرکش سِرتي کول سخن سرداريدا

۳. ڪر نظاري نوڪ نظردي ناز نسنگ نرواريدا
۴. محمد مير مليا مئيخاني ماڳهِ ملها مهنداريدا

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ـ اپني نيهن نيانوڻ ڪيتي، قدم اُٺايا مئين وومئين
عاشق ٿي اثباتي والا، تلڪ لڳايا مئين وومئين
ا. اولا ڪر انساني آڪي، قرب ڪمايا مئين وومئين
انا احمد بلا ميمي، فن فرمايا مئين وو مئين
۲. مذهب ملت مسجد مڙهيان، حڪم هلايا مئين وومئين
حيدر هو ڪي حملا ڪيتم، ڪفر ڪنبايا مئين ووئين
۳. بازيگر ٿي بازي پٽري، بيڪهِ بنايا مئين وومئين
وحدت والي ويڙهي ول ول، ناد بجايا مئين وومئين
۴. محمد هر مظهر وچ ماهر، آپ ڇپايا مئين وومئين
الانسان سري وَاناسِرّهو، ڀيد بتايا مئين وومئين

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:ـ مئين دي موج محبت والي مام سٹائي مئين وومئين
ا. مئين دي محڪم ماڳهِ مدامي سرت سمائي مئين وومئين
ثابت ٿي سينگار صفت وچ صاف سچائي مئين وومئين
۲. مئين مختيار منور مئي دي، سُرڪ پلائي مئين وومئين
قربئون ڪيف ڪَلالي ڪُل دِي، ڪار ڪَمائي مئين وومئين

۳. مئين مشتاق دَروني دَم دِي، بِين بجائي مئين وومئين
اندر هُو هُو ٻاهر هُوهُو، ايڪ ايڪائي مئين وومئين
۴. مئين مخمور محمد مئي دي، رمز رلائي مئين وومئين
فالم ٿي في الحال فهم دِي، فوج چڙهائي مئين وومئين

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:-ڇئو ڪير پلاتون آهين، ڇئو آهين ياتون ناهين
۱. اصل عدم ۾ تنهنجو آسڻ هاٺي راڳ۾روحي جو راسڻ
ناهه عجب ٻسان ناهين
۲.آڪين وارو عشق ڪمائي، صحي سهٽا سخن سٹائي
چاڪي چاهيو چاهين
۳. اول آخر جي اثباتي، ڪري سُرهو سير صفاتي
ڪاهيو ڪنهن لاءِ ڪاهين
۴. محمد ڪوڏ قدم سان قائم، دمي دم ڪي دم سان دائم
چاڙهيو ڇو ٿو لاهين

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:-آئون ناهيان ناهيان ناهيان، آئون ناهيان اندر آهيان
۱. شاعر ٿي مان شعر ٻڌائي، شاهنشاهي طبل وڄائي
ڳايان ڳايان ڳايان
۲. ونحن اقرب واري وائي، هري حال هُماء جيئن هوائي
چاهيان چاهيان چاهيان

۳. عدم کان انساني اولي کن فيکوني کُل کي کولي
کاهيان کاهيان کاهيان

۴. لامکان مکان محمد اصل اَنْ آواز احمد
ناهيان ناهيان ناهيان

روپ	کافي	پيروي

ٽل :۔ديدان دي دربار، دم دا ڏيان ڏريوسي

۱. ويک کجل ديان کيف قطاران کول صراحي ساز سِتاران
ساغر دي سينگار، صورت دا سير سريوسي

۲. پي پي پريمي پِرت پيالي، ويک نظر دي ناز نرالي
نئينان وچ نروار، گھوُران دي گھير گھريوسي

۳. ديدان والي درسن دائم، دور دَرياهي قلزم قائم
آکيان وچ اظهار، تارو تي تار تريوسي

۴. محمد مئي دي موک منادي، شوق شرابي والي شادي
پسڻ دي پاتار، پڌرا تي پير پريو سي

روپ	کافي	پيروي

ٽل :۔کتان هي قاضي کارکتابي،کتان هي شائق شورشرابي

۱.کتان هي زاهد زور ذکر دا، کتان هي فائض فيض فکردا
کتان هي مالک مول مکر دا، کتان هي سائل سودثوابي

۲.کتان هي نوڙت نيک نمازي، کتان هي غمز غواصي غازي
کتان هي تان تياري تازي، کتان هي راگي راس ربابي

۳.کتان هي عاشق آک داعالي، کتان هي چشمان چينڪ چالي
کتان هي مئي دامست موالي، کتان هي کاج کلاه کبابي

۴.ڪتان هي محمد مئي دا مالڪ،ڪتان هي سير ساري داسالڪ
ڪتان هي خاص خلق دا خالق، ڪتان هي جوش جلال جوابي

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل :۔نهوڙي نظرسان نسنگ‌نازنيڙو،مرڻ ۽ جيڻ جو چڏي خيال ويڙو
۱.پنبڻين پڌر ڪيو پرواز پهري، پسڻ ڪي پسڻ جو پڪو پور پيڙو
۲.حسن ساڻ هڪدم هلائي حڪم ڪي
ڪيو هوش هٿ ۾ حبيبن پيو هنيڙو
۳. ڪاڪل وار ڪنڌڙا ڪاريهل جيئن ڪارا
ڪري ڪاه قهري ڪجل ڪيس ڪيڙو
۴. مقابل مدامي مسيحيٰ مثالي
پسي موج مُڙگان محمد مست ٽيڙو

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل :۔قلندر قلندر قلندر علي جنهن جو ڏاڏو نانو پيغمبر
۱. ڪري ٽيو اَڪِن ۾ ازل ڪان اوطاقي
احوال اعليٰ اوقات اندر
۲. بحالي بره جي بازي برابر
بنرو بقا ٽيو برحال بندر
۳. سردار سهڻو سُورهيه سوپارو
سلطان سي جو ساقي سڪندر
۴. مهندار موڪي محمد مُدَلِل
مئيخان مسجد مسجود مندر

☆

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:- صورت صنم جي ڪعبو، پيو نہ ڇاڻا
اسرار عشق واري، اوقات پيو نہ آڻا
ا. احوال عشق جي سان، انفس اُتي ٿي عاشق
اڪبر ڏيان اکين ۾، آواز جا اولاڻا
۲. پرپاڪ پي پيالو، پئيمان ۾ پريمي
پوري پسي پيشاني، پنهنجو پسڻ پڇاڻا
۳. ثابت ڪري صدق کي، سُر ساز سان سراسر
صورت اڳيان ٿي ساجد، سينگار سڀ سڃاڻا
۴. محمد مڪو مدينو، محراب منهن منور
محڪم مٿس مدامي، مٺي ميگهہ جا منداڻا

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:-آهي جومحرم من جو ناهي ڪنهن کي سڃاڻان
ڏيهي ڏسي ڏسڻ جي، ڏاهي ڪنهن کي سڃاڻان
ا. عارف اکين جي بازي احوال عشق جي سان
آواز جو اشارو ناهي، ڪنهن کي سڃاڻان
۲. سڀ ۾ سمايو سهڻون سينگار ساز سر سان
سرڪش ڪري سيني کي، ساهي ڪنهن کي سڃاڻان
۳. چيتن گيان چرچي، چوڌار چون چالو
چشمن واري چٽائي چاهي، ڪنهن کي سڃاڻان

۴. قدسي قديم قدرت، قائم قدم قوازي
محمد ڪلام قادر ڪاهي، ڪنهن ڪي سڻايان

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:۔ محبوبن جي ميلي ۾ مست منگهن مان آهيان
۱. پاڪ پيالو پورو پُربي ڳلپيشوازان پايان
۲. ڳجهي ڳجهه ڳجهي جي ڳجهڙي ڳالهه ڳٽن سان ڳايان
۳. سهٽي. سرخ صراحي سرسان سرهي سيج وڇايان
۴. محبت جي ميزان محمد مئي جي موج مَچايان

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:۔ عشق عجب رنگ لاياهي، اپني آپ تي آپ ٽي عاشق
۱. عدم ڪنون ٽي عشق آوازي، اَناالحق الاياهي
۲. عشق الف انسان اسم ٽي، عاشق بن بن آياهي
۳. وحدت ڪثرت سرت نرت دا، سهٽي سانگ بناياهي
۴. عشق محمد مير مغان، ٽي سڀ وچ آپ سماياهي

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل: ٽيا خيال، برحال، في الحال، فالم، ڪنچِير،مهمير،اڪسيرعالم
۱. خودخيال متوال احوال عالي اَصلات،خَصلات، وَصلات والي
حسنات حرفات حضرات حالي، بيدار بازار بردار بالم
۲. پلڪار پٽدار پڳدار پيارا، گفتار گلزار نروار نعرا
سامان سلطان سبحان سارا، سرڪار سرشار. سردار سالم

٣. احباب ارباب القاب احمر، اِسمات جِسمات سُخنات سَرور
اتحاد آباد ارشاد انور، اَسرار اظهار زنار ظالم
٤.مسجودمشهود معبود محمد سر صاف مصحاف انصاف احمد
لاهوت آذوت ثابوت سرمد، مخمور مشهور مذڪور معالم

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:ـ منهنجي دل اوهان سان الائي ڇو اڙي آه
قابو تو ڪجل جي ڪڙي سان ڪڙي آه
١. اکين جي اشاري منهنجي دل ڌُتاري
صورت تو سينگاري جادو گر جڙي آه
٢. تنهنجي سونهن ساري ڪري جوش جاري
بره باه ٻاري بدن ۾ ٻڙي آه
٣. صنم تو سنيائي صفائي سچائي
سراسر سوائي سِڪي سڌ سڙي آه
٤. محمد سان ملاقي اچي ٿي اوطاقي
رهون يار ياقي جدا نا گهڙي آه

روپ	ڪافي	پيروي

ٽل:ـ آيا مَرد مَرڪي مُدامي مٿي تي
هٿي هام همدم حُلاجي هٿي تي
١. سَٿي سانگ سِر جو پِين صاف سُرڪي
ڪئين وِير وارث وِهاتيا وَٽي تي
٢.قدم ڪُل ڪُڏائي قربدارقادر
ڪري ڪوڏ آيا قتل جي ڪٽي تي

٣. عجب کيل کيلي وٺي واس وحدت
کٽن گوءِ غازي غزائي گهڻي تي
٤. پريمي پيالي کيا مست محمد
پسن ٿا پسڻ کي جلالي جھڻي تي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل :-بنيو بيڪ برسي بره جو بشر تي
هنيو نيهن نعرو نسنگ ٿي نظر تي
١. ڪجل ڪار ڪاري قتل ڪات واري
ڪيو جوش جاري ڪلالي ڪٽر تي
٢. نوان نيڻ ننگي جوڙيا جوڙ جنگي
ڪليا روپ رنگي اکين جي اثر تي
٣.ڪري سانگ صحبت هنئين نيهن نوبت
متي موج محبت خدائي خبر تي
٤. محمد ديد دائم کيا ڪوڏ قائم
اها ڳالهہ ڳايم بهاريل بندر تي

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل :-زهر دار ظالم زلف زور زنگي
واسينگي ورن سان عجب روپ رنگي
١.ظاهر زلف زابر ڪري ڪوڏ قادر
بره سان برابر جوڙن جوڙ جنگي

۲. هُلائي حقي هُل واري واہُ واصل
ڪرن ڪِيس ڪَاڪُل پائي ڪَج ڪلنگي
۳. ڦهري ڪار ڪُنيڏڙا وٽيل وار وِنگڙا
هٽن موھ مَندڙا ڪولي ناز ننگي
۴. محمد خوب خَمِ خَم وجهي دام دم دم
ڏيئي جام جَم جَم ٿيا صاف سنگي

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:-ٻڙودي براندي ڪئي بوتل بهاري
ٿئي خوب خاصي خودي جي خماري
۱. براندي بزم جي بحالي بقائي
ڪيو بيکہ بيرنگ بره ٿي بزاري
۲. صراحي سان ساقي سخي ساز سُرسان
ڏيئي صاف سهٽي سرس سَرڪ ساري
۳. پريمي پيالو پِين پُر پَڊر ٿي
پسي پاڻ پنهنجو پرت جا پساري
۴. مَتي تي محمد مدامي مسيحيٰ
ڪئي موج مستي منگهن مئي ملاري

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:-نشي سان نيارو نسنگ ٿي نچانٽو
ڀهري پيشوازان پسڻ ۾ پچانٽو
۱. اصل عشق آهيان اول ڪان اويڙو
ڪري آر اُلٽو آڪين ۾ اچانٽو

٢.بِره جي بهاري بزم بيکهہ بازي
بحالي بِگل سان بقا تي بچانتو
٣. رکي راس رايو رندي راز وارو
کري راڳہ رنگي رقص سان رچانتو
٤. محل ماڳہ مئي جي محمد مدامي
کري موج مستي منگهن تي مچانتو

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:۔هکل هک حسن سان هلي آ هلي آ
چڱي چال چو ڏس چلي آ چلي آ
١. هکل هک حَلالي دگن سان ڏمالي
برابر بحالي پلي آه پلي آه
٢. آوازي اشاري عشاقي اوطاري
پسڻ جي پساري پلي آه پلي
٣.کنف کُل قوازي نظاري نوازي
صحي ساز سازي سلي آه سلي آه
٤. محمد مام مظهر اصل عام اطهر
تيو عشق اظهر علي آه علي آه

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:۔عشق مچايا شاهي شور، ويک چشم دا چالا چور
١. عشق الاهي عين شريعت، ظاهر دي وچ کفر طريقت
سجدا صاف صحي وچ صورت، ڏيندا لادي نال تکور
٢.حال حقيقت وحدت والا، سارا سمجهہ نيهن نرالا

اهو ڳجهه اصل هي اعليٰ، جت ... گهوران والي گهور

٣. معرفت دي وچ موتي من دا، ڪري سارا سير صحن دا

هي اشارا اَنا اَن دا، حُسن والي حملي هور

٤. محمد مورت مخفي معنيٰ، هي سراسر شاه شهانا

بره دا اِهو بيکھ بهانا، ڪيا جاٽي عالم اور

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:_ آيم سرتي سنبري عشق ڪري اظهاري

ڳيت اناالحق ڳايم گلشن جي گلزاري

١. عشق آکين جي اولي، خيال خدائي ڪولي

ڀهڳڻ ٻولي ٻولي، ثابت ڪئي سرداري

٢. ديد دمامي دائم، قرب ڪڍائي قائم

لاڳ لقائي لايم، احسن تي انواري

٣. عشق عدم کان اطهر، پيريمغان تي پرور

موج مچائي مظفر، چو طرفين چوڏاري

٤. بيسر واري بازي، طلب ترازي تازي

ڪات ڪلالي قاضي، محمد جي مختياري

پيروي	ڪافي	روپ

ٿل:_ ڳجهي ڳجهه ڪي ڳايان، سُخن سِر سڻايان

حسيني هکل سان، حکم هڪ هلايان

١. عدم کان تي عاشق، آکين جي اثر جو

اوران اور آخر، اول تو الايان

۲. پسي پاڻ پنهنجو، پيان پرُ پيالا
پريمي پکو ٿي، پسڻ کي پچايان
۳. نظر جي نظاري، هٽي نيهن نعرو
نگاري نظم سان، نسنگ نر نچايان
۴. محمد ٿي مصور، مورت مک صورت جو
معنيٰ جي ملت سان، منڊل مئي مچايان

روپ	ڪافي	پيروي

تل:- پکو پيچ پائي پاڳاري پِيرسان پسڻ کي
پسانتو پيشاني پزير سان
۱. اکين جي اوتاري، اثر دار آري
آوازي اشاري، اسم اکسير سان
۲. بلند بخت باري، بقا با قراري
بزم جي بهاري، بره بي نظير سان
۳. صنم جي سواري، سراسر سوياري
سخن سرسينگاري، سرخ سچ سير سان
۴. مٺو محب منور، پسي مير مصور
مٺي موج مظفر، محمد منير سان

روپ	ڪافي	پيروي

تل:-حضرت ناز، رهبر راز، سرور ساز، سبحاني
شاهنشاه، بي پرواه، سر- سرواه، سلطاني
۱. ناز نگار، نر نروار، ٿي سردار، سويارا
ڪجل ڪار، والي ذار، ڪرڪي آر، اويارا

چا صمصام، پاگلفام، دي وچ دام، دوبارا
ماري مير، ڪئين مهمير، ڪر اڪسير، احساني
٢. ناز نقاب، ڪول شتاب، جوڙ جواب، جسماتي
مژگان موج، فهم فوج، ڪرڪي اوج، اسماتي
منهن مصحاف، دي اوصاف، ڪر انصاف، اثباتي
چشمان چوٽ، ڏي اٺموٽ، گهاوي گهوٽ، گرگياني
٣. ناز نيشان، عاليشان، سرت سجان، سرسارا
حال حيات، وچ همذات، تي حسنات، هبڪارا
ديد دراز، دِي آواز، ڪر پرواز، پاڳارا
ڪول سهاڳ، روحي راڳ، ماٺي ماڳ، مژگاني
٤. بالا بخت، تاج وتخت، **محمد** مست، متوالا
ميگهه مجاز، والي راز، جهندا ناز، نر نالا
ديدان دار، تي انوار، ڏي پڳدار، پر پيالا
عشق امام، دي اسلام، ڏيندا مام، مرداني

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:-الائي چو اڙي آه منهنجي دل يار سان
ٻائي پيچ پورو پياري پرين پڳدار سان
١. لبن جي ته لالي پسي چون چالي
ڪمالي ڪلالي ڪجل ڪلتار سان
٢. پرين جي پيشاني جنهنجو مٽ نه ثاني
پسي جوڙ جاني جنگي جنسار سان

۳. درس ديد ديري پسڻ جي ته پيري
کيو چير چيري چڪن چمڪار سان
۴. ڪري راز رهبر پسي پاڪ پرور
محمد منهن منور مٺي مهندار سان

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- اسم ذاتي جپ يار، صورت جي ته صحن ۾
۱. جپي دم اسم سان، ڪري بند ٻئي چپ يار
۲. حبس ڪر تون دم جو؟ ڇڏي ٻي سپ ڪپ يار
۳. ڪوري ڪيد قلب مان، دوئي واري ڏپ يار
۴. محمد جپ تون نام ڪي، ڏيئي جوان جهڙپ يار

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:- ڏنم ديدار دلبر جو، سخي سردار سرور جو
پيالو پاڪ پلپل پي، پڌر پڳدار پرور جو
۱. سچو سبحان سر ساقي، بره جنهنجو بلند باقي
تراني تار ترنم سان، کولي تجلات جي تاڪي
عجب اسرار آڪين جي، اچي ٽيو عشق اوطاقي
اول آخر اندر ٻاهر، اثر اظهار انور جو
۲. اول ڪان عشق آوازي، بحالي با وفا بازي
طبل تولان توحيدي، تياري تاب سان تازي
سنيائي سانگ سلطاني، ڪري سُخنات سر سازي
رقص رس راڳ روحاني، ربوبي راز رهبر جو.

٣. هٿي نروار نر نعرو، ڪري سينگار سڀ سارو
سرُوپا صاف سر پهري، صنم سردار سوپارو
سٽائي سر پياري پر، پسائي پاڻ پاڳارو
اويسي عين ارشادي، اسم احوال اظهر جو
٤.ڪري گفتار گُر گِياني، لطيفي لات لاثاني
مدامي موج محبت جي، ملائي مام مستاني
مليو امين محمد تي، مقابل ماڳ مڙگاني
مثل مهتاب منهن موکي، مٿي محبوب منور جو

روپ	ڪافي	پيروي

تل:- پهرين پير پرڻ، ڪڏي قرب ڪرڻ
پوءِ پٺتي ورڻ اهو ناهي ڪرڻ، پيو چاهي وويار
١. چڱي چال چلڻ، ڪولي جوش جلڻ
حقي حب ۾ هلڻ، سچي ڳالهه سلڻ
پڪي پرکي پسڻ، حسن ساڻ هسڻ
منهن مٺي ڪان مٽڻ اِهو ناهي هٽڻ، پيو چاهي وويار
٢. عجب تور تلڻ، رندي ريت رلڻ
محب ساڻ ملڻ، خوبان خوب کلڻ
دم جو ڏيان ڏرڻ، ڏسي ڏک نه ڏرڻ
موتو قبل مرڻ اِهو ناهي ترڻ، پيو چاهي وويار

۳. من ۾ ميم مڙهڻ، لقب لعل لهڻ
چشم چاڙه چڙهڻ، فنا فرض پڙهڻ
پڪا پور پهڻ، سَهمان سوز سهڻ
رضا راند رهڻ، اِهو ناهي نهڻ پيو چاهي وويار
۴. ڪري آر اچڻ، رنگي رنگ ۾ رچڻ
ننگوس نر ٿي نچڻ، محبت منجهه مچڻ
چِڏي چرڪ چپڻ، نسنگ نام جپڻ
ڪوري ڪنڌ تہ ڪپڻ، اِهو ناهي تپڻ پيو چاهي وويار
۵. محمد مير مچڻ، پولا پول پچڻ
سر جو ساٽ سچڻ، وحدت طرف وچڻ
اڏي سر تہ ڏيڻ، پيالا پاڪ پيڻ
مرڪي مست ٿيڻ، اِهو ناهي جيڻ پيو چاهي وويار

روپ	ڪافي	پيروي

ٿل:_ناتو ناٽ سان نيڪ نيايان مان
جيي نام نسنگ سِرَ نايان مان
۱. پسي صورت سهٽي صاف سچي
جيي نوڪ نظر تي نام نچي
اثبات ڪري آواز اچي
صحي سرسان سخن سٽايان مان
۲. آيو پيرمُغان ٿي پير پري
دلدار دلاور ڏيان ڏري
ڪٽي ڪات ڪلالي ڪام ڪري

ڪڏي قربئون ڪنڌ ڪپايان مان

٣. ٿي عادل عارف عشق علي
ڪري هڪل آيو هسوار هلي
جنهنجي دامن ساري لوڪ جهلي
نڪو پول تنهين ۾ پايان مان

٤. برسات بزم سان باغ بدر، پئيمان پسڻ جي پاڪ پڌر
ڪري ثابت ستگر صنم صدر، لهي لعل لقب لئون لا يان مان

٥. ڪولي ناٿ نواب نقاب نسنگ، پري پير پڌر پڳدار پلنگ
مليو مرشد محمد مست ملنگ، ڳڻ ڳلي ڳلي ۾ ڳايان مان

روپ	ڪافي	پيروي

تل:۔ڪڏي ڪات اڳيان ڪنڌ نايان مان

ٿي بيسر بيد بتايان مان

١. پسي گام گگن جي گياني گُر، جپي دَم دَم سان دم جو دُر
پي موتو قبلل پيالا پُر، سچي سِر جو سُر سمجهايان مان

٢.لهي لاجي ڪات جو لعل لقب، ڪلتار ٿيو ڪاپار قلب
ڪري تن من طبلا تار طلب، برحال بزم برسايان مان

٣.رنگي رڪ سان رِندي راند رهي، سينگارڪري سرشار صحي
پئيمان پَڪي ۾ پاڻ پَهي، پوءِ پير نہ پنتي پايان مان

٤.ڪري منهن جي مئي ڪان مُورنہَ مت، پي مست موڪي جا محمد مت
جئين مرد مچي تو مت ساڻ مت، تئين محبت موج مچايان مان

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:_بره بوند حسن هوند ڪيئن ڪوند ڪڏايا
ڪوڙئين ڪند ڪپايا

ا. حاضر حال خود خيال پلا پال پلايا
سرت ساز نِرت ناز رنگي راز رچايا
وصل واڳ جي سهاڳ رقص راڳ سڻايا
بلند بانگ طلب تانگهه ڪيا سانگ سجايا

۳.قتل ڪام جا سلام ڏنا سام سوايا
چشم چوٽ الف اوٽ گهڻا گهوٽ ته گهايا

۴. الف اوڙ جسم جوڙ ٻڌي موڙ ملهايا
حنا هاٿ سندي ساٿ نسنگ ناٿ نچايا

۵. محمد منڊ وحدت ونڊ جهولي چنڊ جهلايا
ڪجل ڪاٽ بزم بات ڪئين گهات ڪرايا

پيروي	ڪافي	روپ

ٽل:_منهنجي لئون جنهين سان تنهين ساڻ آهيان
پرين ڪي پسڻ ڪان، پري ڪين پايان

ا. واري واڳ واصل، ڪري حال حاصل
خبر خاص خاصل، سُخن سان سڻايان

۲. لائي لئون لقائي، پرت مون پچائي
سراسر سوائي، ڳجهي ڳالهه ڳايان

۳. پرين ساڻ پيالو، پيان تي نرالو

جيي نيڪ نالو، قرب ڪل ڪمايان
۴. ڪيلي ڪيل ڪليو، عجب تور تليو
محمد محب مليو، چئي چا ٻڌايان

روپ	ڪافي	پيرو راڳ

ٿل:-خود خيال ٿي سمجهه تون، خوبان خيال ڪي
هرجاءِ حضور حاضر، هسوار حال ڪي
۱. بيچون بي مثالي، بشري بره ٠جي بازي
لائي لهج لاهوتي، لاثان لعل ڪي
۲.نيڻ واري نظاري، نوري نڪار نتڪي
نروار ڪر ندائي، نعري نهال ڪي
۳. ديدن واري دواري، درجات ڏيان درجي
ڏوڏو ڏڪن ڏڪائي، دم جي ڏمال ڪي
۴. مظهر مثل مثالي، مضمون ميم معنيٰ
محمد مڄيو مدامي، مئيگون مال ڪي

روپ	ڪافي	پيرو راڳ

ٿل:-عاشق اصل ڪئون آهيان، خوشحال خيال جو
سهڻي سرود سرسان، سخنات سال جو
۱. اکين سندي اوتاري، آواز عشق واري
احسن عجيب اعليٰ، احمر احوال جو
۲. جنسار جوڙ جملي، جسمات جابجاءِ
جلوه اندر جمالي جذبي جلال جو

٣. قامت كريم قدسي، قادر به كامراني
ڪَلنگي ڪُلاه قائم، ڪيفي ڪلال جو
٤. مئيگون ميگهه محمد، منهن تي مگهن ملاري
متوال مست موکي، مستي مقال جو

روپ	ڪافي	پيرو راڳ

ٽل:- عاشق اوهانجو آهيان، اختيار هٿ اوهانجي
القاب عشق وارو، اظهار هٿ اوهانجي
١. القاب عشق عالي، بالا بزم بحالي
ديدن واري دنالي، دلدار هٿ اوهانجي
٢. شغلات شرف شاهي، وصلات وجه الاهي
سخنات سر صراحي، سردار هٿ اوهانجي
٣. لوڏي ڏٿي تي ڏاريو، ٻوڙي وري چا تاريو
ماريو توڙي جياريو، تلوار هٿ اوهانجي
٤. مڙگان جي مناري، سرکي ڏنو سينگاري
محمد مگهن متاري، مهندار هٿ اوهانجي

روپ	ڪافي	پيم پلاس

ٽل:-اي جي آئو سدا نچ گائو، گگن محل کي باجي بجائون
١. سير صورت دي سجدي ثابت، ساز سرود سنائون
٢. دمدم دم کي دار ۾ آکي، دائم درسن پائون

پيم پلاس	ڪافي	روپ

٣. ڳن مٿين ڳائون سخن سر سنائون، اُلٽ عجائب ڀيد ٻتائون
٤. سرورد ڪئين ڪول ستاران، اَن آواز اَلائون
٥. منڍم محمد مرڏنگ مرليِ، مک سي بين بجائون

پيم پلاس	ڪافي	روپ

ٿل:- شوق جي شهيد ڪي شاهي شفاعت چا ڪندي
شوريل شرابي شير ڪي، شهرت شڪايت چاڪندي
١. عشق جي آڙاه اندر، آڪين واري آرتي
عاشق اويسي ڪي اَثر، ايذاء علامت چاڪندي
٢. ٻيريا بانڪي بهادر ڪي بقا بردار تي
برسري بازار ۾ بشري بغاوت چاڪندي
٣. نيهن جي ناتي نياري، نظاري نيشان تي
نسنگ نانگي ناٿ ڪي، نيڪي نزاڪت چاڪندي
٤. محيسي مسيحيٰ مثل، مستي واري مستان ڪي
مئي جي مدامي موج سان، محمد ملامت چاڪندي

پيم پلاس	ڪافي	روپ

ٿل:-عشق ڪيو عريان جنهنکي آڪين جي ارشاد سان
سو ٿيو عاشق اويسي عجائب اتحاد سان
١. عشق چئي الله اڪبر اُلاسي آواز ڪيو
الستي احوال اعظم اِلاهي آباد سان

۲. عشق آکين جي اوتاري اويڙا آچار کيا
آنا ان اوقات اعليٰ انوري آزاد سان
۳. شان شفقت شعر بازي شرف شم شغلات جا
تو کري شاطر شتابي شوق شاهي شاد سان
۴. عشق **محمد** احد احمد، ميم جي محلي مدام
مظهر سندو مسجود ٿيو محبت واري معياد سان

روپ	ڪافي	پيم پلاس

ٿل:- چا شريعت شان شاهي چا طريقت تار تان
چا حقيقت حال حاضر معرفت چاهي مڪان
۱. ناسوت چا ملڪوت معنيٰ جبروت چا لاهوت لام
هاهوت چا همدم هنگامون باهوت چا آهي بيان
۲. چا فنا في **الله** فاني چا بقا با**الله** ٿيو
چا نفي اثبات نعرو چا درڪ دم جو ڌيان
۳. چا امارو نفس ڪافر چا مسلم روح راز
چاسراسر سِير سارو چا گهليو گر جو گيان
۴. چا **محمد** موج مهدي چا احمد خاص عام
چا احد اصلي اشارو چا بنيو باقي بهان

روپ	ڪافي	پونپالي

ٿل:-چال چلت ڪي چاند بدني بي،عينا ڪا اسرار عدني بي
۱. لعل بد خشان موتي هيري، هار گلي هبڪار چندني بي
۲. سنگم سهيليان سهري گاون، موج **محمد** معراج مدني بي

روپ	ڪافي	پونپالي

ٿل:-انند نگر ۾ آئيي هون، پريم نگر ڪي ٿي پوجاري
۱. پيرو مالڪوس هندول سري، ميگهه ديپڪ گائيي هون
۲.طبل تال تراني ترنم، توم نوم تننن تائيي هون

۳.تين گرام سرودي سرگم، ستگُر سر سمجهائيي هون
۴.مندل محمد معنيٰ والي، مِرڏنگ موج مچائيي هون

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ خالص خودي جي خاني، خوبان خيال منهنجو
حاضر حسن جي حملي، هسوار حال منهنجو
۱. روحي رسول الاهي، ويساه وجه الاهي
قادر قرب ڪلاهي، قائم ڪمال منهنجو
۲. آواز ان الاهي، بيشڪ بقا باالله
شهزور شور شاهي، جذبو جلال منهنجو
۳. ثابوت سر سوياري، احمر عجيب آري
نيڻ واري نظاري، نعرو نهال منهنجو
۴. محمد مگهن موالي، اثبات عشق عالي
بيچون بي مثالي، مظهر مثال منهنجو

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ آخر اول احمد زمان، مظهر مثل مشهور ٿيو
مالڪ ملڪ هردوجهان مظهر ملڪ مخمور ٿيو
۱. معنيٰ واري مضمون سان، مسجد مندر مئيخان ۾
منور مٺي مهندار جو، مقبول مک مذڪور ٿيو
۲. مرشد مڪمل مهلقا، محبت واري ميدان ۾
محڪم مدامي مجتبيٰ، مثلات جو مغفور ٿيو
۳. ميزان ماهر ميم جي، منصف محيسي مام جو
مشهور مصور ماڳ تي، مرڪي مگهن مسرور ٿيو
۴.مظهر سارو محسن مندل، مسيحيٰ مثالي موج سان
موجود ۾ موجود ٿي، محمد مچي منصور ٿيو

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-عاشقن اثبات ڪيو الله ڪي انسان ہ
اَحد احمد ميم محمد، معنوي ميزان ہ
۱. صورت سخي ساقي سندي، سمجهي صفاتي ذات ہ
صوفين صحي صاحب ڪيو، ثابوت سر سبحان ہ
۲. دم بدم ديدار دم جو، ديد جي دربار ہ
درسن پسي دلشاد ٿيا، دولهه درازي ڏيان ہ
۳. شافع شڪل شائق پسڻ، شهزور شاهنشاهه جي
شوريل شجاعي شوق. سان، شغلات شاهي شان ہ
۴. احمد اسم الله سو، ميم ٿيو مظهر مغان
مذڪور معنيٰ مام جو، محمد ظفر زمان ہ

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-عشق جي اسلام سان، اظهار ٿيو احمد زمان
اولي اڇي انسان جي، انوار ٿيو احمد زمان
۱. بالا بخت بنرو بلند، برسي بره بازار ہ
بيشڪ بقا با الله ٿي، بيدار ٿيو احمد زمان
۲.صاحب صحي صوفي صفا، سهڻو ڪري سخنات سر
صورت واري سينگار سان، سردار ٿيو احمد زمان
۳. خَلَقتُ الاِنسَانَ مِنْ النّوري چئي نيشان ٿي
نينهن جو نعرو هڻي، نروار ٿيو احمد زمان
۴.نحن اقرب نور نچ، ناطق نظر جي نوڪ تي
پاڻهي پسڻ پنهنجو پسي، پڳدار ٿيو احمد زمان
۵. پيرن سندو پيران سو، فائض فقيرن جو فقير
حاضر حقيقي حال سان، هسوار ٿيو احمد زمان

٦. درگاهه لنواري لعل جو، لاريب لاثاني لقب
پيدا اُتي قادر قوي، ڪلتار ٿيو احمد زمان
٧. احد مان احمد اچي، بلا محمد ميم چئي
مظهر سندو مسجود ٿي، مهندار ٿيو احمد زمان
٨. عشق ٿي امام علي، احمدي القاب سان
ديدن سندو درسن ڏئي، دلدار ٿيو احمد زمان

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿل:ـ الله عالم جو ڏٺي، احمد زمان اطهر ٿيو
ميم جو مولهيو ٻڏي موجود حق مظهر ٿيو
١. صادق صدر صوفي صفا، صاحب سچو سقلين جو
صورت واري سينگار سان، ساقي سخي سرور ٿيو
٢. احمد احد اولي عبد، اسرار اعليٰ عشق جي
اڪبر منجها اصغر اچي، اصغر منجهان اڪبر ٿيو
٣. دولهه دلاور دلربا، ديدن واري درجات سان
درگاهه لنواري لعل جو، پِيرِمُغان پرور ٿيو
٤. احمد زمان محمد مغان، مشهور معنيٰ ميم جي
مالڪ ملڪ مظهر ملڪ، مهندار مک منور ٿيو

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿل:ـ مرڪي مظاهر من ڇيو، مهندار ٿي احمد زمان
هرجاءِ حسن هيڪار سان، هسوار ٿي احمد زمان
١. سمجهي سگهيا نہ مولوي، هن موج واري مام کي
آواز جو اثبات ڪيو، انوار ٿي احمد زمان

۲. اسلام اعلیٰ عشق جو، آباد ڪيو ارشاد سان
اولي اڇي انسان جي، اظهار تي احمد زمان
۳. فَاَيْنَماتُوَلُّوفَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهي ويس جو
سهڻي سخي سينگار ڪيو، سردار تي احمد زمان
۴. مظهر سارو محمد خدا، موجود حق موجود حق
پڌرو پرين ڪيو پاڻ ڪي، پڳدار تي احمد زمان

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿل:ـ عشق جي احوال سان، اظهار ٿيو حضرت حسين
حملو ڪري حسنات جو، هسوار ٿيو حضرت حسين
۱. عاشق عدم ڪان عشق جو، آڪين واري انصاف سان
احمر اڏي جي آرتي، انوار ٿيو حضرت حسين
۲. بيشڪ بزم جي پيد سان، بنرو بلند برحال تي
بيحد بره بازار ۾، بيدار ٿيو حضرت حسين
۳.پاڪ پُر پيالا پياري، پرتَ جي پالوٽ سان
پسڻ جي پئيمان ۾، پڳدار ٿيو حضرت حسين
۴.دمبدم دولهه دلاور، دلربا داناءَ دلير
ديد جي دربار ۾، دلدار ٿيو حضرت حسين
۵. نانو نبي بابو علي، سڀ ڪان سرس سهڻون سخي
صورت واري سينگار سان، سردار ٿيو حضرت حسين
۶. نيهن جي نوبت وڄائي، نامور نيهي نسنگ
نيشان نيزي نوڪ تي، نروار ٿيو حضرت حسين
۷. محمد مغان مخمور تي، موڪي مدامي مير مئي
محبت واري ميدان جو، مهندار ٿيو حضرت حسين

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔مقصد ڪهڙو مڪي وڃڻ پنهنجي صحي سِر ڪي سڃاڻ

ا. تڪِئي اندر تنهنجي آهي، اسرار جو سارو جهان
سرڪي ڇڏي ٻئي ڪي مڃڻ، سو عشق جو ناهي اُهڃاڻ

٢. قلب ڪي ڪري طواف، خيال سان هڪ خيال تي
گولي ٿيڻ گسن گهمڻ، سا رمز جي ناهي رهاڻ

٣. قدسي قلب ڪعبو آهي، ڇڏ غير جا لاهي گمان
پيالا پيڻ پنهنجو پسڻ، وحدت واري ور جي وٿاڻ

٤. صورت سهڻي سردار جي، سر ۾ آهي ساري صفا
محمد حَقي حُبَ ۾ هلڻ، آهي طلب تند توڪل جي تاڻ

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔ناتڪ نيڻن جي ناز جو، آهي دلڙي واري ديدار ۾

ا. هنيڙو منهنجو حيران ٿيو، چشمن سندو چٽڪو چکي
سنگي سيني جي ساز جو، صورت صفا سينگار ۾

٢. حيرت پرئي هن حال جي، ڪهڙي ڪريان مخفي مقال
رهبر رنگيني راز جو، تڪيو توڪل تار ۾

٣. ڪجليون ڪنديون ڪاريون اکيون،تڪمڪ تڪا تارا تمام
نيهي نظر نواز جو، آيو عجب اسرار ۾

٤. محمد سِريَ جي سَير ۾، سجدو ڪري ثابت صحي
پتنگن واري پرواز جو، سِڪ نيهن نيٽي نار ۾

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ ڪوپا ڪڏي ڪاهي آيا، عاشق اڏي جي آر تي

١. مئي مست پي مئيخان ۾، مانجهي مڙيا ميدان ۾
جذبو ڪري جولان ۾، ديدن سندي دربار تي

٢. سورهيه سپر سينو ڪري، سجدي صحي سرڪي ڏري
پروان جيئن پيرا پري، نانگا نظاري نار تي

٣. نانگا نسنگ نروار ٿيا، هردم جپي هوشيار ٿيا
سوري مٿي هسوار ٿيا، قربئون ڪلالي ڪار تي

٤. رهبر واري رنگ ۾ رچي، پختا ٿيا پڙ ۾ پچي
منصور جان محمد مچي، دلدار واري دار تي

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ محبت واري ميدان ۾، نعرو هڻي نيشان تي

١. سانگو سٽي سر ساه جو، رايو چڙڏي پي راه جو
عاشق ٿي آء الله جو، مئي مست پي مستان تي

٢.مئي مست پي منصور جيئن، تجلو پسي ڪوه طوَر جيئن
پروان واري پور جيئن، قربئون ڪڏي قربان تي

٣. قربئون ڪلالي ڪارسان، عاشق اڏي جي آر سان
وحدت واري وهنوار سان، صوفي صفا سلطان تي

٤. صوفي محمد صاف سر، سمجهي نظارو ناز نر
صورت وارو سينگار ڪر محڪم مچي مردان تي

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-موجود تون موجود، تون بيشڪ بقا بهبود تون
نيشان نيزي نوڪ تي، نروار نا نابود تون
١. اڪين واري احمر اثر، عاشق عدم ڪان عشق جو
ساغر صراحي ساز سان، سارو سراسر سُود تون
٢. سِرتي نرت جي ڪيل ۾، ايذاء واري حد ڪان اڳي
خود خيال جي خمار سان، خالق ختم خوشنودِ تون
٣. وحدت واري ويساه سان، واقف وصالي ويس جو
وجه الاهي وير ور، واندو ڪنان وجود تون
٤. ميثاق ڪان مهندار مڪ، مستي واري مئيخان ۾
مئي جي مدامي موج سان، **محمد** موڪي معبود تون

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-توڪل واري هٿ تار ڪر، توحيد جي تجلات سان
تَرڪ ڪَرُون تَرڪ ڪي، تحقيق تر تصلات سان
١. سانگو ستي سِر ساه جو، عقبيٰ ڪنان آزاد ٿي
اعليٰ عجائب عشق جي، احوال آن اثبات سان
٢. دورنگي ڪي دورَ ڪر، دم جو ڏمالي ڏيان تون
ديدن واري ديدار جي، دائم درس درجات سان
٣. ترڪي قبل ماضي بئي، حاصل حقيقي حال ڪر
همدم هسي هسوار ٿي، حاضر هڪل حضرات سان
٤. مقصد ڇڏي مخمور ٿي، **محمد** مڇي مئيخان ۾
مئيگون مستو مست پي، محبت سندي مصلات سان

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔حسينن جي حسنات جو حبدار حر عبدالحسين
پرواز جو پيالو پيتو، پڳدار پُر عبدالحسين

١. اولاد او صديق جو، پيارو پرين پنجن سندو
سو خلد ۾ خوشحال ٿيو، گلزار گر عبدالحسين

٢. حسنين جي حب ۾ سدا، ٿي ايڪو نجهه عمر سندين
ماتم ڪنان مڙيو نه هڪ، مننار مر عبدالحسين

٣. پوتو ته نوح فقير جو، فالم فقيري فوج سان
رهبر رچي رحلت ڪئي، دلدار دُر عبدالحسين

٤.پاڪ محرم ماه ۾، مغفور لئون لاٿان سان
پرواز جو محمد ڪيو، سردار سر عبدالحسين

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔صورت صحي سلطان هي، سبحان الله سبحان الله
درسن والا ديوان هي، سبحان الله سبحان الله

١. صورت والي سينگار تي، دائم درس ديدار تي
نانگا نسنگم نيشان هي، سبحان الله سبحان الله

٢. صورت والي سازي صفا، بيشڪ بهادر باوفا
بنرا بلند بيجان هي، سبحان الله سبحان الله

٣. صورت سٽا سهٽي سخن، هر جاءِ ڪيتي حملي حسن
شاهي جنهيندا شان هي، سبحان الله سبحان الله

۴. موکي مغان مئي جام پر، منور مگهن مُـــــــــــــژگان کر محمد کيتا مستان هي، سبحان الله سبحان الله

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿل:۔اثبات ڪر الله کي، پنهنجي پرين پساه کي نيڻ واري نگاه کي، نيهي نظاري نام سان

۱. صورت سندو سردار پس، ساقي سرخ سرشار پس پيريمغان پڳدار پس، پئيمان جي پر جام سان.

۲. هٺ ڪر خدائي خيال تون آخر اول احوال تون حاضر حقيقي حال تون، هرجاءِ حَلا جي هام سان

۳. جذبو جلال الله جو، روحي رسول الله جو ڪلمون ڪلام الله جو، سمجهي قدح جي ڪام سان

۴. ديدن سندي دربار ۾، بيشڪ بزم بيدار ۾ پيچي پسڻ پاتار ۾، محمد محيسي مام سان

روپ	ڪافي	ڀاڳ

ٿل:۔شاه مردان شير يزدان قوتي پروردگار لا فتح الا علي لا سيف اِلا ذوالفقار

۱. آخر اول اظهار تي، اولي اچي اِنسان جي ارشاد سان آباد ڪيو، اسلام اعليٰ آشڪار

۲. تحليل جو طاهر طبل، تازو هٽي تيار تي توحيد جي تلوار سان، تابع ڪيا تو تاجدار

٣. پيارو پيغمبر پاڪ جو، پيرن سندو پيران پير
پڙ ۾ ته پڏرو پهلوان، پِيرِمُغان تون پاڳدار
٤. حشمت حقيقي حڪم سان، هرجا هڪل تنهنجي هلي
حسنين جو پرور پدر، حضرت علي حيدر قرار
٥. فائق فنا فاالله جو، فائض فقيرن جو فقير
فرقان جي فرمان سان فالم، فتح با فوجدار
٦. نيهي نظاري نور جي، نوبت وڄائي نينهن جي
نروار نر ناياب ڪيو، نعرو اوهانجو نامدار
٧. مظهر سندو مسجود تون، محمد مدامي مرتضىٰ
مولىٰ علي مشڪل ڪشا، مهندار مالڪ مختيار

روپ	ڪافي	ڀهاڳ

ٿل:ــ جام وحدت جو پين، واقف وصل ويساه جا
اثبات ڪن آڪ جو علم، عاشق اسم الله جا
١. باغ بشرت جي بلند، برسيا بزم سان با وفا
بيحد بره بيدار ڪيا، بنرا بقا بِاالله جا
٢. صاف صورت جي صحن، صانح ٿيا صوفي صدر
صادق صراحي ساز سان، صاحب صحيح صلاح جا
٣. فائق فڪر فيراق ۾، فياض ٿيا فاني فدا
فالم فقر جي فوج سان، فائق فنا فاالله جا
٤. محمد ملي محبوب سان، مسرور محبت ۾ متا
مالڪ ٿيا هردوجهان، مظهر مثالي ماه جا

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:ـساقي سرخ سرشار ٿي، چو من خدايم من خدا
بيشڪ بلند بيدار ٿي، چو من خدايم من خدا
١.عاشق آڪين جي عشق جو، عارف عدل انصاف سان
عادل عجب اظهار ٿي، چو من خدايم من خدا
٢.سمجهي صفاتي ذات کي، صورت واري سينگار سان
سورهيه سخي سردار ٿي، چو من خدايم من خدا
٣. نيشان نيزي نوڪ تي، نيٽن وارو نتڪو پسي
نانگو نسنگ نروار ٿي، چو من خدايم من خدا
٤. محڪم مدامي موج سان، **محمد** مچي مئيخان ۾
منصور جان مهندار ٿي، چو من خدايم من خدا

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:ـعشق اٺجهل ٻه هجي، سرخ سهٽل ٻه هجي
سخن صيقل ٻه هجي، اُتي اَڪمل ٻه هجي
١. عشق اعليٰ حسن کي، عاشق جتي اثبات ڪن
ترڪ توڪل ٻه هجي، اُتي تحمل ٻه هجي
٢.عشق بازي جو مزو، ماڻن جتي مشتاق تا
صنم سنگدل ٻه هجي، اُتي ول چل ٻه هجي
٣.عاشق آڪين جي عشق جو، احوال ڪن احسن جتي
بزم بل بل ٻه هجي، اُتي جل جل ٻه هجي
٤. **محمد** جتي مهدي ملي، متوال تي مئيخان ۾
مندل محفل ٻه هجي، اُتي سٽدل ٻه هجي

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔ڪوڙئين پدم نيلن ڪَنا هڪ دَم چپڻ آهي وڏيڪ
دم خزانو هٿ ڪري جُڳ جُڳ جيئڻ آهي وڏيڪ
١. تصور ڪري صورت سندو، تصرف طلب توحيد جي
ترنم تراني تار سان، تحدل تپڻ آهي وڏيڪ
٢. بيشڪ بزم جي پيد سان، بيحد بلند بيدار ٿي
برسي بره بازار ۾، بي ڏڙ ٽيڻ آهي وڏيڪ
٣. راس رهبر ٿي رنگي، رمزن واري رَخ ٿي رسي
روحي ربوبي راز جي، رنگ ۾ رچڻ آهي وڏيڪ
٤. نياري نگاري نام سان، نروار ناتي نيهن جي
نيڻن واري نج نوڪ ٿي، نت نت نچڻ آهي وڏيڪ
٥. معنيٰ واري مضمون سان، منصور جان متوال ٿي
محمد سندي مئيخان ۾، مئي پي مچڻ آهي وڏيڪ

بهاڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔اسم عشق والا اظهار ڪهون مئين
آوازي اشاري انوار ڪهون مئين
١. نئينان والي ناز نرالي
نقطي ڪيا نگاري نروار ڪهون مئين
٢. عشق الاهي ڪول صراحي
ثابوتي سوياري سردار ڪهون مئين
٣. عشق احوالي پيد بحالي

پسڻ دي پئيماني پگدار کهون مئين
٤. محمد منور ساقي سرور
محيسي مئيخاني مهندار کهون مئين

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٿل:-منصوري مئيخان ۾، جيڪي اچن جيئري مري
جُڳ جين جنگ جام پي، جڳ ۾ نہ مئا واصل وري
١. عاشق اڏي تي آڪرا، احوال ڪن جي اَنوري
احمر ڪيو القاب سان، حاصل تني حج اڪبري
٢. سانگا سٽي سر ساه جا، پائي سرخ سچ جي سري
ساقي واري صورت پسي، ساغر پين سي سروري
٣. ڏڙ سسي ڪان ڏار ڪيا، دَم سان رکي جن دلبري
خيال جي خمخان ۾، خوبان خبر ڪن خوشتري
٤.موڪي واري مَٽ تي مَچي، محمد پين مئي منوري
مسيحيٰ مثل مئيخان ۾، مذڪور ڪن مکما مظفري

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٿل:-پير پيران بادشاه، دولهہ دلاور دستگير
ڪوڙئين چوان مان ڪيترا، تنهنجا وَلي الله وزير
١. عاشق اسم الله جو، صاحب صحي صلاح جو
بنرو بقا باالله جو، بالا بهادر بي نظير
٢. آخر اول اظهار تون، مولئي علي مهندار تون
پِيرِيمُغان پگدار تون، فائض آهين فالم فقير

٣. تنهنجا مطيع شمس وقمر، ماڻهون مَلڪ جِن وَبَشَر
ارض وسماء تارا شجر، توڙي گداگر ڇا امير
٤. موليٰ محي الدين مرتضيٰ، قائم ڪلي تنهنجي قضا
رمزن واري رندي رضا، رهبر رنگي روشن ضمير
٥. معراج تي دست خدا، سردار سرور سان سدا
تنهنجو مليو منور مُدعا، پردي منجهان پرور پذير
٦. امام تون آهين علي، هرجاءِ هڪل تنهنجي هلي
ڳائي ڳڻن سان هر ڳلي، مظهر ڪري محمد ملير

روپ	ڪافي	بهاڳ

ٿل:-جو دم آوي سو دم جاوي، ايڪائي دا مطلب پاوي
١. شاهي شهر شريعت والي، شوق شراب شتاب پلاوي
٢. راز رَبوبي رنگپور اندر، رمز رندي دي نال رَلاوي
٣. سير صفت داثابت ڪرڪي، اناالحق اظهار اَلاوي
٤. محمد ساز صراحي والي، سهڻا سر سينگار سڻاوي

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:-لاهي بار مشاخيءِ وارو، قول الستي پار ميان
ويهي ورم وِسار ميان
١. دنيا دولت مال خزانا، ساڻ نه هلندئي يار ميان
ڇڏي خودي جو خام خسارو، پيائي ٻن ۾ ٻار ميان
٢. فڪر فراق بره جي بازي، گهري اي گفتار ميان
سمجهه صحي ڪر عين اشارو، نيڻن ۾ نروار ميان
٣. علم عقل جي حاجت ناهي، اي پڙ باري بار ميان

سير سري جو صاف ستارو، چشمن ۾ چوڏار ميان

۴. سڪ سچي جو محمد سائل، بره جي بازار ميان

پاٺهين اينديئي پاڻ پيارو، وحدت جو وينجهار ميان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:- سير جو ڪيڙو سڄڻ سانگ اڏر اوڏانهين قربئون ڪانگ

١. عرض احوال پهچائج پر ڪي، نيهن جي ڪاڏي آهيان نانگ

٢.ڪانگل چئجئين ڪيچ ڏٺين ڪي،چني نہڄجو چوري چانگ

٣. راتو ڏيهان روح اندر ۾، طلب اوهانجي آهي تانگهہ

۴. محمد مست ڪيو متوالو، بره بهادر واري بانگ

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:- حسن هزارين ڪيا حيران
حورون پريون جِن غلمان

١. ديو ملائڪ ماٺهون مُنور
مست قرن تا ڪئين مستان

٢. ابَرو سيف سنگينون سهٽيون
صورت واري سي سامان

٣. نور نظاري نيڻن واري
ناٿ نهوڙي ڪيا نيشان

۴. ساقي سرڪ پياري مرڪي
محمد موهيا ڪئين مردان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:ـ بره بچايا بحري باز، نيڻن واري نتڪي ناز
١. ديدن واري دنگ ۾ دائم، درسن ڪولي درس دراز
٢. پلپل پيچ پسڻ جي پڙ ۾، پنبڻين واري پڪ پرواز
٣. رمزن جي رفتار رچائي، رندن واري رنگي راز
٤. محمد مستِي مئي جي ماڻِي، سُرڪ صراحي واري ساز

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:ـ حسن واري هل حملي هور، عشق اثر ڪيا اوران اور
١. عاشق ڪن اثبات اڏي تي، سِر اُمالڪ گهوران گهور
٢. ديدن جي دربار ۾ دم دم، طلب ترازي توران تور
٣. سرخ سينگار صورت جي سهڻي، ذوق زناري زوران زور
٤. محمد محلي مڙگانن جي، شوق شرابي شوران شور

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:ـ دانهه ڪيا ديوانان، ديد واري درسن دم دم
١. سسئي پنهل هير رانجهن ٿيا، رمز پسي رحمانا
راڳ ۾ رقص جي رنگ ۾ رم رم
٢.زابر ذاتي ذوق زلف ڪيو، سوئرن سان صنعانا
زوران زور زناري زم زم
٣. يوسف ڪاڻ زليخان ظاهر، قائم ڪيا ڪنعانا
خوبان خوب خماريل خم خم

۴. مجنون محمد ميهر مرڪي، مئي پي ٽيا مستانا
جام جلالي جنگي جم جم

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:۔ عشق ڏنا اولاٽا، اُلٽ اويڙي آتش لائي
۱.عشق اندر ۾ آنبه ٻاريو، آڪر عقل جا اڏاٽا
ايري عدم ڪان اورآلائي
۲. عشق اچي ڪيو ديرو دل ۾، وير وڃائي واڏاٽا
وحدت واري واڳ ورائي
۳. عشق اوپارو آڙنگ ڪيڙو، وسريا تول تڪاٽا
بيشڪ بشري بيک بنائي
۴. عشق مچايومچ محبت جو، من ۾ ميگهه مانداٽا
محمد مرڪي مام ملائي

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:۔ڪهڙو ڪريان بيان نازن ساڻ نهوڙي لتي ويو دل خان
۱.سڪندي سڪندي سال، هيٺون ٽيڙم حال
ٻورل ڪندم ٻال، ملڻ جو مهربان
۲. ستيس سيج پلنگ، ٻگهڻ سان هٽي بنگ
چِنون چوري چنگ، جهوري ڏئي ويم جان

۳. ڏسي حسن هَل، ويڙم هوش عقل
پوري ٽيس بلبل، نيڻن جو نيشان
۴. محمد چوي هاڻ، سڪ جي سمر ساڻ
ڇڏي هلجئين جاڻ، فڪر پڙهي فرقان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:۔پنهل آيم پاڻ، آرياڻي اڳواڻ
سانگي سڪندن جي، سهڻي صراحي ساڻ
۱. ساقي ٿي سردار، ساغر جي سينگاز
ڪري ڪيف قطار، ڪري سنگ سرهاڻ
۲. حسن وارا هل، ڪري ڪيچي ڪل
ڪولي گياني گل، پنيورن جي پاڻ
۳. رکي روپي رنگ، ڪري نيهي ننگ
هٿي بگهڻ ٻنگ، ڪولي روح رهاڻ
۴. ڪري جلوو جت، محمد مٺي جي مت
سسئي جي ست، پري محبت ماڻ

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:۔آهيان سرسبحان بشري بيڪم بهان
اولي آدم جي آيس ٿي اِنسان
۱. جنساري جِسمات انساني اسمات
اظهاري اثبات آڏوتي عريان
۲. لاجالائي لنگ درس پي مٺي دنگ
ڪري سيفي سُنگه ثابوتي سلطان

۳. آکين جي اسباب آيس ٿي ارباب
پاڙهي بيخود باب بَهاريل بوستان
۴. محمد مک منصور مظهر ۾ مشهور
مستي جي مذکور مدامي مردان

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:-پسڻ آهيان پاڻ، ڪاهيان ڪنهنجي ڪاڻ
صورت واري سر، ثابوتي سِرَ ساڻ
۱. درس دم جي دم، شاهنشاهي شمَ
قدم واري ڪم، حاضر آهيان هاڻ
۲.پسڻ واري پر، نسنگ نيهي نرَ
وَصُل وَارو ور، آکين جي اُهجاڻ
۳. پسڻ پائي پگ، جڙي جملي جگم،
ديدن واري ڏَگ، چاڙڻ وارو چاڻ
۴. حَسن واري هَٽ، محمد مئي جي مَٽ
نيڻن واري نَٽ، خبر واري ڪاڻ

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:-درازي دلدار درسن جي دربار
آيو عاشق ٿي عدم کان اظهار
۱. درازي درگاه وحدت جي ويساه
سخي شاهنشاه صورت جو سردار
۲. سچو ساري سچ محبت ٻاري مچ
ناچو ٿي چئين نچ نظاري نروار

۳. صاحب کولي سر ڏنو پيالو پر
ڳني گياني ڳر گلشن جي گلزار
۴. مدامي مخمور موکي مک منصور
محيسي مشهور، محمد ٿيو منهندار

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل: وڃ وجڻ ڪي ويڙه وحدت ۾ ورڻ وائي ۾ وار
وک وڌائي ويهه ۾ وڃ تي، ورق ويسر جا وسار
۱. وڃ وطن تي واڳ واري، وات ويراڳي وٺي
وهڻ ويسه ڪان سواه ٻي، وهم جي آهي ونگار
۲. وه وظيفا ورد واري، وقت سڀ واجب وڃاءِ
وير وارث ويڇڙي ڪي، وندر جي وي ۾ وهار
۳. ونحن واري ويڙهه وره جي وصل جو ووڙي وٽاڻ
وحد هو واحد وجودي وجه الاهي تي وچار
۴. واهُ وصالي تي وڪايو وير سوني واهرو
مست محمد موج مهدي وٽي ۾ ويچو واروار

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٽل:۔ مان وڃي تڏه مان ٿئي، اها خيال ڪان پڇ تون خبر
اثبات ڪر الله ڪي هڪ الف جو اوري اکر
۱. مان واري ڏس مام ڳولي، الف جي اسرار ۾
سمجهه صورت سير سارو، هٿ ڪري خوني خنجر
۲. خيال جو خنجر ڪٽي، ٻئي دم قدم قربان ڪر
پي پيالو پرت وارو، ڏي ٽبي بيخود بحر
۳. بيخودي جي بحر ۾، پنهنجو پروڙي پاڻ تون
هڻ نسنگهه نروار نعرو سرت جو سمجهي سفر
۴. سِر صحي محمد سچاتو، عشق وارن عشق جو
پاڻ ۾ پسي پانهنجي، پيا چڙي فاني فڪر

روپ	ڪافي	لوڙائو

ٿل:_عشق دي عاشق ڪر اثباتي، سمجهن سير صفاتي ذاتي

۱. ذات صفت سر صورت سازي، بيرنگ بنيا بشري بازي
غور غواصي ڪرڪر غازي، ويک وصلدا ول وصلاتي

۲. عشق حسن دي حملي همدم، ڪول سرودي سهٽي سرگم
هڪل حقيقت والي هردم، حاصل ڪرڪي حال حياتي

۳. سرت نرت وچ صورت سردي، گام گگن. دي گياني گردي
ديدان والي دائم دردي، ڏيان دلاور دي درجاتي

۴. ذات صفت دا محمد مالڪ، ساز سرخ سر سخن با سالڪ
خلقت خوب خبردا خالق، خيال خدائي دي خصلاتي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:_ بغض حسد ۽ ڪيني ڪون، لادي نال تڙيجي يار
سهٽي صورت صاف صنم دي، من دي وچ مڙهيجي يار

۱. عشق حسن داٽيڪي طالب، خام خيال ڇوڙيجي يار
مار نقارا اناالحق دا، سوري سر چڙهيجي يار

۲. محبت دي مئيخان مدامي، ڪول نقاب ڪڙيجي يار
ڇوڙ حجاب ڏوئي دا دِلتون، غبغب گهيڙ گهڙيجي يار

۳. احديت دا سمجهه اشارا، آکيان عشق اڙيجي يار
دائم دريا وحدت والي، پيائي بوڙ بُوڙيجي يار

۴. محمد ملحد نال مدامي، لاه لقاب لڙيجي يار
اندر گهور نفي اثباتي، پختا پيچ پڙيجي يار

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:-بار بره جو بيشڪ ڀاري، ٻيِ مٿس جا خلق جي خواري

۱.جتي تاب تکا ڪن تارا، اُتي ڪيڙا عشق اوطارا
وسائي وير وره جي واري

۲.طعنا تنڪا جهيڙا جٺيون، سڪ وارن تي سِرتي سَٺيون
چڏي هستي جي هسواري

۳.جوڙي جوان پائن ٿاجهاتيون، رندي رمز سان ڏينهان راتيون
نکا گهوٽ وجهنتا گهاري

۴. محمد مست پيالو مَدجو، پوءِ پياري ٿو لاحد جو
دلئون دوست ڏيئي دلداري

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽيل:-اناالحق اظهار هو ڪا هليا هي
عشق اويڙا نِويميان ٿيا اِثباتي

۱. خيال دي خرقي نِويميان خيال سمايَا الا
صورت ڪر سينگار سهرا سليا هي

۲.واءِ وَصل دا نِويميان وحدت ويڙهي الا
بره دي بازار جهوٿا جهليا هي

۳.ذات صفت وچ نِويميان فرق نڪوئي الا
اَنا اَن اَنوار تورا تُليا هي

۴. مست محمد نِويميان ڪيل خدائي الا
گلشن دا گلزار گهرا گهليا هي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:- آدم ٿي اثبات اِٿان آيا هي
آنوڻ سيتي نِويميان اَن الا يس الا
۱.ويکڻ آيا نِويميان آپ تماشا الا
درسن دي درجات گهوران گهايا هي
۲. ونحن والي نِويميان پيد بتاکي الا
بيرنگ بن برسات رنگڙا لا يا هي
۳. نقش نياري نِويميان صورت والي الا
سرڪي آب حيات ڳوڙها ڳايا هي
۴. احمد والي نِويميان اَحسن اولي الا
محمد دي محلات مستي مايا هي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:-سارا جوڙ جهان جنگي جملا هي
عشق حُسن دا نِويميان بيک بنايا
۱.جوڙ جنس دا نِويميان بيرنگ بازي الا
بره دي بوستان باري بنگلا هي
۲. شوق شتابي نِويميان شور مچايا الا
شمع والي شان شاهي شملا هي
۳. وجه الاهي نِويميان هوڪا هليا الا
ڪتان سَرت سجان ڪتان ڪملا هي
۴. اسم اِلاهي نِويميان جسم فقيري الا
محمد دي مئيخان حقي حملا هي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- بودلو بهار يار سر سڪندر صاف سارو

۱. ازل ڪان اظهار اعلىٰ عشق جي احوال جو آيو اصل اثبات تي احمر ڪري انوار آر اسم جو ڏيئي اشارو

۲. تازي طبل تولان سان تن من طنبورا تان تر توحيد جا تجلا ڪري ترنم ڪولي تنتار تار سرخ سر سهڻو سوڀارو

۳. ڪُپو ڪلالي ڪوپ تي قائم قلندر ڪامياب ڪلتار ڪيو ڪلنگي ڪري قاتل واري ڪجڪار ڪار ڪنڌي نا جنهنجو ڪنارو

۴. نامور نيزي نظر ناطق نظاري نوڪ تي نانگو نِسنگ نيشان ٿيو نيٽن واري نچ نار نار نرَهٽي نر وار نعرو

۵. محمد مغان مئيگون سان محبوب علي ميدان ۾ مسيحيٰ موڪي مقبول ٿيو منصور جان مهندار دار مٿس مڪم منور منارو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل :- گهوران والا ڪر گمسان، گيان گگن دا گر ٿي گهليا

۱. بيرنگي ٿي رنگپور اندر، ڪول بره دي پيد بيان

۲. وفي انفسڪم فرق نہ ڪوئي، فالم فائق دي فرمان

۳. جوئي اندر سوئي ٻاهر، اولي اَنور آ انسان

۴. محمد منصف ملڪ معنيٰ دي، عشق عجائب عاليشان

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:-سهڻي صورت دي سامان، ثابت ڪيتم سِر سبحاني

۱. الانسان سِرِيْ وَاَناسِرِهُو، فائق فرمودي فرقان

۲. ديد اڙاڪي درسن پاڪي، دائم دم دم دي ڌيان

۳. مار نقارا اناالحق دا، عاشق افضل تي عريان

۴. نيڻان والي نتڪي نت نت، نوڪ نظر تي ٿي نيشان

۵. محمد مرد مڪمل موڪي، مستي دي وچ ٿي مستان

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:-توڙي ڪنڌ ڪپايان، قدم پنتي نہ پايان

۱. اڪين واري اويڙي آتش اندر ويميان
انا الحق الايان

۲. ڳجهي ڳجهہ ڳجهي جون ڳجهيون، ڳالهيون ويميان
ثابت سر سان سٽايان

۳. سچ جا صاف سرودي سخن سٽائي ويميان
سوري سر چڙهايان

۴. ملڪ محمد معنيٰ وارو ماٽي ويميان
اڳتي وڪ وڌايان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-دم جو درسن پايان پَرگهَر ڪيم پچايانُ

١. احمر عين اثر سان آنبه ٻاري ويميان
پنهنجو پاڻ پچايان

٢. ديدن وارو دلاور ڏيان ڪمائي ويميان
رمزن جو رنگ لايان

٣. سانگ صفاتي سارو سمجهي ذاتي ويميان
شاهي طبل وڄايان

٤. محمد مام ملڻ جي مئي پي ماٺي ويميان
منور موج مچايان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-هردي ۾ هر نام تيرٿ تنهنجو تو ۾ آهي

١. هري هرچند هندو مومن، هنگلاچي هاگام

٢. ڪبير ڪرشن ڪاشي ڪعبو، قل قل وارو ڪام

٣. پنڊت پوٿيون پير پيغمبر، پنبيٽين جي پيغام

٤. مندر ممبر مسجد مڙهيون، محمد واري مام

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-تو ۾ مندر مسجد مڙهيون، تو ۾ مست مڪان ميان

١. تو ۾ ڪعبو قدسي قبلا، تو ۾ قرب قرآن ميان

٢. توم طالب تيرٿ تڪيا، توم طبلا تان ميان

٣. توم گنگا گرگن گياني، توم گورک گيان ميان

۴. تو ۾ سِير سمايل سارو، توبہ سِر سبحان ميان
۵. تو ۾ محمد مَلڪ مَڪي جو، تو ۾ مد مئيخان ميان

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:-پاڻ پروڙي پنهنجو آيس، منصوري ميدان ميان
۱. هرجاءِ ذات ظهور ويڪائي، مظهر ڪيم مئيخان ميان
۲. ڪاٿي نجفي نام سڏايم، شاهنشاهي شان ميان
۳. ڪاٿي شمس الحق هلايم، ڪاٿي شاهه صنعان ميان
۴. ڪاٿي محمد موج مدامي، ڪاٿي گوهر گيان ميان

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:-عدم ڪان تي آيو آهيان، سير صورت جي سانگي سانگي
۱. لامڪاني لقب اسانجو، لاوجودي لانگهي لانگهي
۲. بيصورت جي بازي پٽري، بره بهادر بانگي بانگي
۳. هَنيو نر نروار تي نعرو، نيهن نرالي نانگي نانگي
۴. محمد مست موڪي متوالو، طرف نہ ٻئي ڏي تانگهي تانگهي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:-عدم ڪان تي آدم آيو، اڳ آدم ڪان عدم چاٿيو
۱.قصد ڪن فيڪوني قائم، ڪوڙ قديمي قدم ۾ چاٿيو
۲. بيرنگي جي رنگ رنگيني، بيڪ بشر جي بزم ۾ چاٿيو
۳علم لدني عشق عجائب، نور نظاري نظم ۾ چاٿيو
۴. اَحد احمد ميم محمد، فيض فقيري فهم ۾ چاٿيو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:- هي آهي هو ناهي ناهي، هو آهي هي ناهي ناهي
١. هن هن وچ ۾ فرق نہ ڪوئي، چال چشم ڏس چاهي چاهي
٢.ڏسڻ ڏسجڻ ڏيه ڏسڻ جو، ڏانو رکيو اهو ڏاهي ڏاهي
٣.آڪين واري آتش بازي، ڪير قدم تو ڪاهي ڪاهي
٤.ڄاڻون ٿي تو ڄاڻ کي ڄاڻي، سانگ صفاتي لاهي لاهي
٥.احمد محمد احد اُهوئي، ري الله پيو چاهي چاهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:- ڇا آهيان ڇا آهي آهي، ري الله پيو ناهي ناهي
١. ڏسڻ ڏسجڻ ڏيهہ ڏسڻ جو، نفي ٿي اثبات اچڻ جو
ڏان رکيو اهو ڏاهي ڏاهي
٢. ڇا منجهان هت ڇاتي آيس، گيان گگن جي گهائي گهايس
ڏاؤ سيپيئي ڏاهي ڏاهي
٣. عدم ڪان ٿي آدم آيو، ذات صفات جي سير سمايو
ٺاه عجائب ٺاهي ٺاهي
٤. ماڳ مثالي محمد مظهر، ٿيو عشق اويڙو اظهر
قدم قديمي ڪاهي ڪاهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:-دم قدم جي سمجهي بازي، سر ۾ ڏس تون سرت پڇائي
١. پي پيالو محبت مَد جو رمزن، سان ڏس رمز رلائي
٢. شوق جي ڪڻ شمشير مدامي، توڪل واري تند وڄائي

٣. پاڻ پروڙي پنهنجو پس تون، دم دم ۾ ديد اڙائي
٤. محمد ره مخمور حسن ۾، محبت وارو مچ مچائي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي
خيال جو مطلب خيال ۾ آهي

١. سهڻي صورت يار سڄڻ جي، قلبي قرب ڪمال ۾ آهي
٢. پاڻ وڃائي پاڻ سڃاڻ، حيرت واري حال ۾ آهي
٣. ناز نظر جو بيرنگ بازي، جذبي جوش جلال ۾ آهي
٤. موج اها ڏس محڪم محمد، بيحد بره بحال ۾ آهي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- ايندڙ قبلل ويندڙ ماضي، حاضر آهي حاصل حال
١. حسن حقي هبڪار حقاني، پسڻ پسجڻ پاڪ پيشاني
خاص خدائي خوب خيال
٢. حال جي حملي حڪم هلايو، چشمن چالو چست چلايو
چون بيچوني چينڪ چال
٣. ڇڏي قبلل ماضي پيئي، حال ۾ هڪ ٿيا سورهيه سيئي
ڏري ڏياني ڏن ڏمال
٤. بي مثل جو مثل سڃاڻي، موج مدامي محمد ماڻي
هٽي گهرا گهنب گهڙيال

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:- قبلل ماضي مقصد بازي، لا مقصودي حال حيات
١. لامقصود لاهوتي لائق، شاهنشاه شرابي شائق
لاحد جي سي ڪنتا لات

٢. قبلل ماضي وچھ وحدت، ساز صراحي سر جي صحبت
هوش حَلا جي حق حالات

٣. ترڪ تقويٰ طاعت تازي، گيان گگن جا گرڪن غازي
تن من تنجو تيو تجلات

٤. محمد جي ٿيا موتو قبلل، حال همه جا هادي مدلل
مست تني جي مئي مصلات

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:۔ فنا بقا دي سير سراسر بنيا بيک بحالي ڪيل خيالي

١. وحدت ڪثرت ظاهر باطن وهواه ويس وِصالي موج مثالي

٢. جلويگر جنسار جسم دي جوڙئي جوڙ جمالي جوش جلالي

٣. دم قدم دي بيخود بازي ڪيتي قرب ڪمالي ڪوڏ ڪلالي

٤. محمد مکھ ميزان منڊل وچ، ڪيتا پرت پيالي مست موالي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:۔قبلل ماضي دم قدم دا، سير سڄاتم سارا مار نقارا

١. پي پريمي پيالا پُرٽي، پرجهيم پرت پسارا پاڪ پيارا

٢. عاشق ٿي اثبات ڪيتوسي، احسن عشق اشارا اُلٽ اويارا

٣. مستومست حُسن دي حملي، چشمانداچمڪارا چم چمڪارا

٤. حال محمد حاصل هويا، هردم ٿيا هبڪارا گل گلزار

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:۔ جپ الف اسم دم دم، ڪري نقش صورت نيشان ۾

١. دم دم نيهن نظارو لائي، پارس پوش پرينَ جو پائي

گمُ تي پنهنجو پاڻ وڃائي، قربئون ڪَڻَ ڪلالي قدم
پي محبت مد مئيخان ۾

٢. مئي پي مانجهي مست قِرَن ٿا، سِري سَجدي صاف ڏرَن ٿا
چشمن واري چاڙهِ چڙهن ٿا، پَسي نُور نظر هردم
آيا مرد مچي ميدان ۾

٣. مرد مچي ٿا خيال ڪمائن، انحد گهور گگن ڏن لائن
گيت اناالحق ڳايو ڳائن، ڪري سَيرَ صفاتي عدم
ٿيا ساڪن سِرَ سبحان ۾

٤. سِرَ سڄاڻ محمد من ۾، پسي راز رندي رَمزن ۾
تي نفي اِثبات آڪين ۾، چڏي ريت ريا جي رسم
گِهڙ گونگهٽ جي گمسان ۾

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:—جو دم غافل سو دم ڪافر، سمجهيم هوش حساب ميان
ا. دم دم درسن دم دا هويا، ڪيها ڏوهه ثواب ميان
٢. طلب ترازي توڪل والي، گمُ ٿئي سوال جواب ميان
٣. وَلَ چَلَ پيچ پسارا پُرجهيم، گهوران دي گر داب ميان
٤. محمد ساقي سُرَڪَ پلائي، شاهنشاه شتاب ميان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:— حُسن حَقيقي هُل هُلايا، عشق عجب اِسرار دا
ماهي يار دا

ا. باربدل ڪر برسر آيا، باري بره بزار دا
ماهي باردا

٢. بره بهادر بگل بجايا، جنگي جلويدار دا
ماهي يار دا
٣. هير حسن دي حملي هرهر، کيتا شوق شکار دا
ماهي يار دا
٤. ويکھ محمد موج مدامي، کليا باغ بهار دا
ماهي يار دا

روپ	کافي	تلنگ

ٿل:۔آتش عشق اويڙي واري، عاشق ٿيا عريانا
١. قدم کڏائي کوپا کاهي، قربئون ٿيا قربانا
٢. نيٹن واري نوک نظر تي، نيهي ٿيا نيشانا
٣. پيچي پيچ پسٹ جي پڙ ۾، پڌرا ٿيا پروانا
٤. محمد مشرب محبت واري، محکم ٿيا مردانا

روپ	کافي	تلنگ

ٿل:۔ پيرِمُغان پگدار پگاري، پيالا پرت پلايا سِر سمجهايا
١.صورت دي وچ ثابت سارا، نفي ٿيا اثبات نظارا
بيرنگ پيد بتايا کيل کلايا
٢. فنائي دا فرض پڑهيو سي، موتو قبلل چاڑه چڑهيو سي
هو کا حال هلايا طبل وجايا
٣. جام جلالي پُر پِلايس، مستي والي مام ملايس
نئينان ناد بجايا ناچ نچايا
٤. شوق وَالا بڌ محمد شملا، ويک حسن دا همدم حملا
انا عشق الايا گانوٹ گايا

تلنگ	کافي	روپ

ٹل:ــ ناز نظاري ناد بجايا، سوري دي سينگار دا سالاردا
ا. ساقي ٿي سردار سراسر، عشق آيا اظهار دا انوار دا
٢.وحدت والي ويڙهي گهليا، واه وصل وٹکاردا وهنواردا
٣. نيهن ننگي نر نيهي نعرا، مار يا مئي مختيار دا مهنداردا
٤. محمد ٿيا هسوار هميشان، ديدان دي دربار دا بردار دا

تلنگ	کافي	روپ

ٹل:ــبيسر والي بازي بنيا، بيک بقا با الله دا الله دا
ا. قائم کار قلب دي کيتا، قرب کلام الله دا الله دا
٢. اسم جسم دي جلوي جنگي، جوش جلال الله دا الله دا
٣. انا احمد بلا ميمي، راز رسول الله دا اللهدا
٤.هردي اندر هوکا هليا، هردم حِزب الله دا الله دا
٥.حال حقاني حکم هلايا، فثم وجه الله دا الله دا
٦. محمد پيچ پسڻ دي پڙهيا، فرض فنا في الله دا الله دا

تلنگ	کافي	روپ

عشق اويڙا قدم کڏايا
کيفي کيف کلال دا کمال دا
ا. حسن هلان کر حکم هلايا
جلوه کول جمال دا جلال دا
٢. قلب قتل دا قرب کمايا
فالم ٿي في الحال دا برحال دا

۳. صوفي تي سِرَ صاف سَچا تا
دلبا ديد دَلال دا ڏمال دا
۴. گمُ تي محمد ويکم تماشا
بيسر بيک بحال دا خيال دا

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:۔پِيرِمُغان پس پارس پرور
پِرتَ سندو پئيمانو تي پروانو
ا. سهڻي صورت سِرَ سُبحاني، ونحن اقرب نور نيشاني
بشري بيک بهانو شوق شهانو
۲. سي سينگار صفاتي، سارو پهري آيو پوش پڳارو
ياقي ياريگانو راز رندانو
۳. اِنساني جي اولي اندر، بره بنايو بيرنگ بندر
عرش وارو آشيانو تان ترانو
۴. محمد مست منگهن متوالو، پي پِريمي پرتَ پيالو
مظهر ڪيو مئيخانو شاه مردانو

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل:۔تاج ڪلنگي صاف سَروپا، پهَري ٽيو پڳدار ميان
ا. حورون ڪيون حيَران حُسن ۾، جلويگر جنسار ميان
۲. پَريون جن ملائڪ ماٺهو، مِڙني جو مهندار ميان
۳. پڌرو پاڻ پاڳارو ٽيڙو، دَرسن جي دَربار ميان
۴. محمد مَرشد مالڪ مولٰي، صورت جو سردار ميان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل :ــ ساڳيو سرسبحان آهيان، ڪيئن چوان مان ناهيان ناهيان

١. رڳهه رڳهه اندر رمز رلائي، راڳ رقص رنگ لايان لايان

٢. ڪري پاٺ پسڻ ۾ پڙرو، پير پري ڪيئن پايان پايان

٣. الانسان سري جي سرسان، گيت اناالحق ڳايان ڳايان

٤. محمد منصف مير ميثاقي، پول نه پيو ڪو پايان پايان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل :ــ رنگ برنگي راه، بيرنگ بيڪ بنائي آيس

١.ري الله پيو جيڪي آهي، ٺڳي وارو ناه
سخن صاف سڻائي آيس

٢. اول آخر ذات صفت ۾، ڪري ناز نگاه
حقي هُل هُلائي آيس

٣. انساني جي اولي اندر، عشاقي ارواح
ڪُلي قرب ڪمائي آيس

٤. محمد جي مئيخاني محڪم، درسن جي درگاه
هري نام سڏائي آيس

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل :ــ آهيان سر الله، پنهنجو پاڻ پسائي آيس

١. اَل اِنسان سِري وَاَناسِرهو، عجب ناهي ناه
اَنا اَن اَلائي آيس

٢. ونحن اَقرب واري ويڙهي، وحدت جي ويساه
وصل واڳ ورائي آيس

٣. وفي انفسڪم سير صورت جي، صفت واري ساه
ڳجهو ڳجهه ڳالهائي آيس

٤. محمد ماڳہ، مورت جي محڪم، شاهن جو تي شاه
شاهي شور مچائي آيس

روپ	ڪافي	تلنگ

تل:۔هجر وصل دا سير سڄاتم، لاشڪ تي لاثاني گوهر گياني

١. پڌرا پرت پسارا ڪيتا، اولي آءَ انساني اَعظم شاني

٢. هردي اندر حاصل ڪيتم، حاضر حال حقاني ڇوڙ حيراني

٣. بازيگر بن بازي پڙي، صاحب سَرت سَڄاني راز رنداني

٤. سير محمد ثابت ڪيتا، ساڪن ٿي سيلاني سر سبحاني

روپ	ڪافي	تلنگ

تل:۔رمز رندي دارايا، ڳهن هاڙهي ڏي هل تون

١. عشق حسن دي بازي، سمجهہ سراسر ساري سڪ سڄي داسعيا ڪر محبوبان مل۔: تون

٢. فڪر فيراقي فن دا، سانڊ سيني وچ سارا ذوق نہ ٿيونئي ضايع، جوش جگر دا جهل تون

٣. بار ملامت والا، سرتي سه صابر ٿي ناه اِهو جنهن ناهيا، ويک تنهيندا ول تون

٤. مست پيالا محمد، پي مدمئي محبت دا فائق هي فرمايا، لَهہ قلب دي ڪل تون

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ عاشقاندا اُلٽا آر، اُلٽ اُناون قدم ڪلالي

١. عاشق اُلٽا قدم اُناون، بيسر والا مطلب پاون
بره والي بازار، مئي پي ڦردي مست موالي

٢. راز رندي وچ رندهن رچدي، سرت صحي ڪر ساجد سڄدي
رمز رلا رخسار، چلپل ويکن چشمان چالي

٣. نقش نقاش دا ناز نظارا، سورهيه ويکن سروچ ٻسارا
عاشق ٿي اظهار، ٻولي ٻولن وحدت والي

٤. جام محبت محمد پيندي، موتو ٿي ڦر جڳ جڳ جيندي
جوش والي جنسار، جوان جڳاون جذب جلالي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ عاشقاندا اُلٽا خيال، اُلٽ ڪَماوَن خيال خدائي

١. عاشق اُلٽي رمز رلاون، محبت والي موج مچاون
فالم ٿي في الحال، سر ڏي پيون سرڪ سوائي

٢. عاشق آر اڏي تي آوندي خام خودي ڪون خود ٿي ڪانوندي
ڪر ڪر قرب ڪمال ڏيندي گوهر اُلٽ آ گاهي

٣. خيال خفي وچ عاشق ڪوڙن، دوئي والي تگي توڙن
سر وچ سرت سنيال، همدم ٽيڙي حڪم هلائي

٤. مرد محمد جذبئون جنگي، پاون سر تي تاج ڪلنگي
بره ڪيتي برحال، عشق اَناالحق بين بجائي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- خيال جون خبرون خيال سٽايون
خوبان خوب خيال سان خوشحال سان
۱. ونحن اقرب نور نيشاني، سارو سرور سر سلطاني
آکين جي احوال سان برحال سان
۲. گلپيشوازان چيريون پائي، سنڌ سنڌ ساز سرود سٽائي
ترنم تازي تال سان ڌمال سان
۳. سُرتي نِرتي کيل خيالي، بيحد بشري بيک بحالي
قائم ڪوڙ ڪلال سان ڪمال سان
۴. محمد مکم، مشتاقي محبت، نيهن نرالي واري نوبت
مئي جي مست مقال سان متوال سان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- چشمان چلبل چرچا لايا، چيرياندي چمڪاردا
۱. جوت جلالي جلوه ڪيتا، جادو گر جنسار دا جهلڪار دا
۲. پنبٽيان ڪر پرواز پسايا، پيچ پسڻ پاتار دا پڳدار دا
۳. ثابت ٽيڙا سانگ صفاتي، صورت دي سينگار دا سردار دا
۴. مستو مست مدامي محڪم، محمد ميگهه ملاردا مهندار دا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- اسم جسم دا جوڙ بهانا
هي سي ايڪ اڪائي نهين جدائي
۱. اسم جسم دي جوڙ جلالي، ونحن اقرب ويس وصالي

بيرنگ بات بتائي وحدت وائي

٢. آکيان والي اور اشاري، ظاهر ذاتي سهڻي ساري
لاڏي لعلي لائي صاف صفائي

٣. چشمان والي چال چلاڪي، حاضر حق حق حڪم هلاڪي
سر وچ سرت سمائي نرت نوائي

٤. محمد وچ ميزان ميثاقي، عشق عجائب ٿي اوطاقي
سهڻي سرڪ پلائي سرس سوائي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:_اٿ اوئي او اُٿ اوئي، عشق هي اليندا اليندا

١. ڪتان ملان ممبر اُتي، ڪتان ڪَل ڪليندا ڪليندا

٢. ڪتان عاشق صورت اُتي، ڪتان دم جهليندا جهليندا

٣. ڪتان حڪم حال هادي، حسيني هُليندا هَليندا

٤. ڪتان ساقي سرخ ساغر، ڪتان سر سليندا سليندا

٥. ڪتان محمد مست موڪي، ڪتان مٿ مليندا مليندا

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:_ڪتان قبل ڪتان ماضي، ڪتان رنگ رچيندا رچيندا

١. ڪتان سرخ سيف سازي، ڪتان سنگ سچيندا سچيندا

٢. ڪتان قائم ڪوڙ قدم، ڪتان ڪم ڪچيندا ڪچيندا

٣. ڪتان نظر نوڪ نيزي، نسنگ نر نچيندا نچيندا

٤. ڪتان محمد مير مغان، ڪتان مچ مچيندا مچيندا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:ـ ڪنجري جي خمار، اناالحق آواز آهي
١. گورک ناٿي ناد وڄي ٿو، بره جي بازار پرت جو پرواز آهي
٢. سوين ساز وڄن ٿا واڄا، اڏي واري آر قدم وارو قواز آهي
٣. ڪيئي ناچو ناٽ نچن ٿا، درسن جي دربار نظر جو نواز آهي
٤. حبيباڻي هٿ تي هردم، محمد مئي مختيار رنگ بيرنگي راز آهي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٽل:ـ اسان عشق الاهي اندر هون
ڪٿ ڪات ڪلال قلندر هون
١. مومن هون ڪٿ ڪافر هون
ڪٿ شاه سلطان سڪندر هون
٢. بلا هون ڪٿ بيدل هون
ڪٿ بيسر والا بندر هون
٣. نانڪ هون ڪٿ نجفي هون
ڪٿ سچل صاف سمندر هون
٤. موڪي هون ڪٿ مظهر هون
ڪٿ گورکناٿ ميڇندر هون
٥. احمد هون ڪٿ محمد هون
ڪٿ موج مدامي مندر هون

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:- مُـــــــــژگانن جي محلي مٿي پي، منور منهن مصحاف ڏٺم
١. ايمون سخن سيپارا سورون، صورت ۾ سپ صاف ڏٺم
٢. ڪعبو قدسي مڪو مدينو، آڪين جي انصاف ڏٺم
٣. ڪاڪل ڪنڍڙا ڪار ڪجل جي، سر تي مثل غلاف ڏٺم
٤. **محمد** مورت صورت ساڳي، تحدل ڪري طواف ڏٺم

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:-سورهيه سانگا سر دا چوڙ، اناالحق دي ڏي تون گوڙ
١. وحدت والي وادي اندر، پيائي والا بائڙ بوڙ
٢. ديدان دي دربار درس تي، دام دوئي دي تگڃي توڙ
٣. سرت نرت دي صاف صحن وچ، جوش جلالي جنگي جوڙ
٤. محڪم پڌ مردان مدامي، **محمد** مٿي پي مونگهٽ موڙ

تلنگ	ڪافي	روپ

تل:- آء عشق والي اظهاري ڪر آنبه آتش آئي هي
يار بر حال بره پڙڪائي هي
١. باه بره دي پڙپڙ پڙڪي، جوش جلالي جهڙ جهڙ جهڙڪي
جنهن ڪيتي ايڪ ايڪائي هي
٢. آتش عشق اويڙي والي، خوبان خوب ختم خوش حالي
نچ نوبت نيهن وڄائي هي
٣. عشق عجائب آتش بازي، طبل تيز تياري تازي
سپ سهٽي سرس سوائي هي
٤. عشق **محمد** اُلٽ اشاري، صورت والي صاف ستاري
مچ مٿي دي موج مچائي هي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل :-اچي عشق ٿيو امام، ڪولي جوش جنگي جام

۱. پيشوازان پاڻ پهري پڌر ڏئي پيغام

۲. ديدن واري دار تي دائم وجهي دام

۳. سهڻي سُرخ سيج تي سُوري جي سرانجام

۴. محمد جي مئيخان ۾ ڏيئي مست منگهن مام

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل :- پيان شوق مان شراب، ڪائي ڪوڏ سان ڪباب

۱. اڏي واري آر تي بره پڙهي باب

۲. تاز به تازا تيز تر طبل ڪري تاب

۳. شاهنشاهي شان سان شائق ٿي شباب

۴. محمد صورت ساز سان مورت جي محراب

روپ	ڪافي	تلنگ

ٽل :-ڀڃي ڏوهه ويو ثواب، نڇي نيهن ٿيو نواب

۱. شاهنشاهي شور سان شجاع ٿي شتاب

۲. پائي ڇيريون پير ۾ ڪولي رنگ رباب

۳. قلب قالب ڪوڏ سان ڪري ڪل ڪباب

۴. محمد مثل موج سان مُورت جي محراب

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- چِتَ چَال چَليا چيتَن سِي، ڪَر چِمَ چِمَ چِنَن چاتي

١. اَلتَ اَوِيارا تَرِي لهوارا پا، جهَاتِي ڊِيوچَ جهاتي

٢. عشق آوازي پيد بياضي، بَنَ بَانگ بُلند برڪاتي

٣. جوش جلالي ڪوڌ ڪلالي، ڪر حاصل حال حياتي

٤. مست موالي ميل مثالي، مچ محمد ڊِي مصلاتي

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:- ست صاف صورت ڪي سنگ هي سِرَ ساقي سَرور سارا

١. چُون بيچُوني گونا گوني، چند چشماندا چمڪارا

٢.عشق اوقاتي سَيرَ سَوغَاتي، پٺون بارهَن پُورا ڊارا

٣. عين عنايت نين نزاڪت، نرَ نيهي نُور نظارا

٤. موڪي منور عاشق انور، مُڪ محمد مِيرَ متارا

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:-ڪول درسن جي دلدار دَرِي، آهي دِلڙي دَردَن ساڻ پري

١. آيا پرٽئون پِياسي پِيرَ پِرِي، رَکِي دِيدَ درِي ۾ ڌِيان ڌري

سر ڪلنگي قائم قرب ڪري، سُٽي خيال وَارَن جي خبر ڪري

٢. ڌَرِي دِيدَ داناءَ ديوان ٿيا، مڙِي محبت ۾ مستان ٿيا

تنهنجي قدمن تان قربان ٿيا، جن جي ساعت توري ڪين سري

٣. تنهنجي ديدن جو ديدار پسي، دمي دم بدم دلدار پسي
درجات درس دربار پسي، ڪيئون هڪ نه ضايع ذوق ذري
٤. مل محمد جا محبوب مغان، مسجود مٺا مطلوب مغان
مخمور پسن مرغوب مغان، منهن موتو قبلل مرد مري

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:_آپ گنواڪي آپ پڇاني، صوفي سرت سڃاني آتم گياني
ا. سرت نرت ۾ آپ گنواوي، من ڪي منشا من مين پاوي
ڏرڪي ڏن ڪا ڏياني هو ٻڌ واني
٢. ٻڌ سڌ اندر صاحب سارا، آتم گياني پرجهه پسارا
لعل لقب لاثاني شاه جهاني
٣. روپ سروپي پيد اپياسي، آپي ساڌو آپ سنياسي
پورن آپ پراني پيد بياني
٤. گنوت گام گگن ڪا گوبند، مني مرد محيسي محمد
ويراڳي ويداني ورو دواني

روپ	ڪافي	تلنگ

ٿل:_عشق صورت انسان، محمد نام ڌرا ڪي آيا
ا. انا احمد بلا ميمي، فرماڪي فرمان
٢. اول آخر ظاهر باطن، سٺا سر سبحان
٣. عبديت دي اولي اندر، شاهي ڪرڪي شان
٤. بي مثل دا مثل محمد، محيسي مستان
۵. عدم ڪنون ٿي احمد عربي، محمد زور زمان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-پسڻ جي پئيمان، پورو پڌر پس تون پير پاڳارو

١. الانسان سريٰ جي سر ۾، ڇڏي غير گمان

٢. بشر واري بازي برسر، بره جي بوستان

٣. اول آخر ظاهر باطن، عجب عاليشان

٤. وجه الاهي ويس وصالي، سراسر سيلان

٥. معنيٰ جي ميزان محمد، مدامي مردان

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-پاعشق دا ڳل وچ ڳانان، مخمور قران مستانا

١. گر گونا گون گياني، لاريب لقب لاثاني

اظهار اسم انساني، ٿي صوفي صاف سجانا

٢. بن بيخود پيد بياضي، دم دوله درس درازي

احوال اصل آوازي، پڙه شائق ٿي شڪرانا

٣. ٿي عادل عارف عالم، بيدار بحالي بالم

في الحال فقيري فالم، ڪر فرض فنا فرمانا

٤. سر سوري سيج سهاڳي، ڪر سردي سرخ سجاڳي

مک ملڪ معنيٰ دا ماڳي، مچ محمد ٿي مردانا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق عجب عريان عاشق
زوران زوري ذَبح ڪَرِيندا

١. عشق امام حُسين دا سِرَ ڪَرَ
نيزي تي نيشان، فنائي دا فرض پڙهَندا
٢. سَرمَدَ دا سِرَ عشق ڪٽايا
محبت دي ميدان، پَدر پِڙَ وِچَ پِيرَ پَرِيندا
٣. عشق شَمَسَ دِي ڪلڙي لهائي
جهنگل وِچَ صنعان، چوڙَ زهدَ ڪون سُور چَرِيندا
٤. عشق بلاول گهاٽي پيڙيا
صوفي دا سُبحان، ڏَڙَ سِسي ڪَنون ڏَارَ ڏَرِيندا
٥. عشق سُوري مَنصور چڙهايا
محمد ڪر مستان، اَناالحَقَ دِي دَمَ مَرِيندا

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- جڏهن پاڻ پسڻ جو پيڙو پرو
تڏهن ذوق نہ ضايع ٿيڙو ذرو

تلنگ	ڪافي	روپ

۱. جڏهن پيچ پسڻ سان پاتو مون
تڏهن سرڪي صاف سڄاتو مون
اهو ڄاڻ عجائب ڄاتو مون
لهي پيائي جو ويو سور پرو

۲. ڇڏي شرڪ شرارت شارڪ شڪ
لهي لاحد وارو لائق لڪ
ڪري پاڻ پسڻ جي پوري پڪ
ڪٽي بار ملامت سرتي گرو

۳. رکي نوڪ نظر تي ناتو نر
پئيمان پسڻ جي پاري پر
ڪري خيال خدائي خاص خبر
ڪيو ترڪ طمع جو تال ترو

۴. مستان محمد مستي ۾
هسوار حقيقي هستي ۾
وس ونحن واري وستي ۾
ڪيو شوق شرف سان شاه شرو

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل:۔ هجروصل دا چوڙ بهانا، هي سب خيال خدائي نهين جدائي

١. اکيان اندر اُلٽ اويڙي، ڪيتي عشق ادائي ايڪ اکائي

٢. بيرنگ باب بقائي والي، بازي بره بنائي بات بتائي

٣. صورت والي سانگ صفاتي، سرتي سرس سوائي نرت نوائي

٤. مظهر وچ موجود محمد، محبت موج مچائي مام ملائي

تلنگ	ڪافي	روپ

ٿل: معنيٰ ميم جي ملي وئي، مٺجي من تان ويو مونجهارو

١. انا احمد بلا ميمي، قرب ڪن فيڪون قديمي
سمجهي ڪو ڪو قول ڪليمي، قائم قدرت وارو

٢. وَ نَحَنُ اَقرَبُ نور نيشاني، فَذ ڪُرُوني فن فرقاني
وجه الاهي حال حقاني، هرجاءِ ڪيو هڪارو

٣. رقص راڳي رنگ ڀور ۾ درس ديد دلاور در ۾
الانسان سريءَ جي سر ۾ صاحب سڀ جاءِ سارو

٤. محمد مظهر ميم مثالي ختم خوشتر خوب خيالي
چٽي چشمن واري چالي چو ڏس ڪيو چمڪارو

ملار	ڪافي	روپ

ٿل:۔سر ڏيئي سردار، پين ٿا سرڪي

١. اَڏي واري آر تي عاشق، اصل ڪان اظهار
ڦرن ٿا ڦرڪي

٢. هٽي ڍارو پئون ٻارهن جو، چشم جي چمڪار
ٻجن نا ڍرڪي

٣. ڪُڏي ڪُوپا ڪَنڌ ڪَپائن، قتل واري ڪار ڪڏهه نان ڪرڪي

٤. محمد ميگهه پسي مئيخاني، مچي ٿيو مهندار مَٽن تي مرڪي

روپ	ڪافي	ملار

ٿل :-پورب ڪيا پرواز پٽن تي، ڪڪرن ڪئي آهي ڪارميان

١. پيچ پني برسات بقائي، برسي باغ بهار ميان

٢. پورب مان ٿيو پيدا پڌرو، وحدت جو .وسڪار ميان

٣. وه سان ڪئين واسينگ وِهاتيا، تليهر ٿيا ترتار ميان

٤. موسم مند مينهن جي آئي، محمد ميگهه ملار ميان

روپ	ڪافي	ملار

ٿل :ويکهون نوڪ نظر دي نتڪي، ڪرنام جپڻ دي جهتڪي

١. پسڻ دي پئيمان پڌر تي، ٻڌ پيچي پختي پٽڪي

٢.ڪنڊي ڪيف ڪڪوريل قهري، جهلڪارڪَجَلڊِي ڪتڪي

٣.هڪل هڪ دي حملي حاضر،سهه سيف حسن دي ستڪي

٤.مُـــــڙگان والي محلي محمد، پي محبت مئي دي متڪي

روپ	ڪافي	ملار

ٿل :-سرريکب گنڌار منڌهم پاڌيوت نِکاد سرگم

١. پيرو مالڪوس هڊول سري، ميگهه ديپڪ تَرنُم

٢. تال طبل سي گاوي بجاوي، حال حقيقي هردم

٣. تين گرام سناوي سات سُر، ڇير بجاڪر ڇم ڇم
٤. بسنت محمد سارنگ گاوي، پُرجهه پُريمي پنڇم

روپ	ڪافي	ملار

تل:-تلڪ لڳائي جٽيون پائي، عشق اَناالحق ڳيت ڳائي
١. نيزا ناز نظاري ڪوڙي، شاهنشاهي طبل وڄائي
٢. محبت جي مئيخاني محڪم، بيخودي جا باب پڙهائي
٣.ڪري سينگار صورت جو سهڻو، نظر سان نر ناٽ نچائي
٤. پِيرمُغان تي محمد آيو، قُم باذني حڪم هلائي

روپ	ڪافي	ملار

تل:-چَٽ تي ويا آهيون، چٽ تي ويا هُون
پاڙن سوڌا پَٽجي ويا هُون
١. دنيا عقبيٰ طلسم بازي موه، انهين ڪان مَٽجي ويا هُون
٢. سهڻي صورت واري سِرجي، ڪيل عجب ۾ ڪٽجي ويا هُون
٣. ناد نفيلان بگل بجائي لاسين لاٽي لٽجي ويا هُون
٤. موج محمد مظهر واري جوش جگر سان جهٽجي ويا هُون

روپ	ڪافي	ملار

تل:-ويڪو ناز نئينان دي نَتڪي، چک چشمان والي چٽڪي
١. تار طلب وچ تَنن نن نن، ڇير بجائي ڇم ڇَنن نن نن
صورت والي ساز سراسر فوج حسن دي چِٽڪي
٢. ديد اڙائي ڏوم ڏنن نن نن، رمز رلائي جهوم جهنن نن نن
بره محمد بگل بجايا، جوش والي ڏي جهٽڪي

ملار	ڪافي	روپ

ٿل:-سونهن ساري سرڪي، ڳائون ست سنگ ڪر

١. حب هم هم ڪي، ڏن دم دم ڪي
جهوم جهوم جهنن ڏنن ڏن ڏر

٢. مل مل محمد، ڳائون ڳن احمد
چم چم چنن، تنن ڪر ڪر

ملار	ڪافي	روپ

ٿل:-ڳيت اناالحق ڳائون، هڪ دم دي دير نہ لائون

١. وفي انفسڪم ويڙهي ويڙهي، نوبت نيهن وڄائون

٢. ونحن اقرب ويس وسڻ دي، وصل واڳہ ولائون

٣. پسڻ والي پڙ وچ پڌرا، پير پتنگ ٽي پائون

٤. محمد ميگهہ ملاري والي، مئي دي موج مچائون

مانجهہ	ڪافي	روپ

ٿل:-پاڙيچن پرين سان پوري پرت پري
سرهي سونهن پري

١. قول الستي پاري، پِرت پيالا پياري
صورت سهڻي ساري، پائي صاف سري

٢. پيچ پرت جا پائي، نينهن نظارو لائي
گهوٽ گياني گهائي، ڳائي ڳالهہ ڳري

٣. پرت جني کي پوري، سيج يائن سي سوري
نرت پسي ٿيا نوري، واصل وير وري
٤. محمد مستي ماٽي، پاڻ پرين ٿيو پاڻهي
حڪم هلائي هاٽي، موتو قبل مري

روپ	ڪافي	مانجهه

ٿل:- عشق وارا آڪينِ تي ڪنتا آر اچي
پهرئين پُور پچي
١. آڪين تي ٿي عاشق فرق فنا ڪن فاسق
حڪم هلائي حاذق رندي رمز رچي
٢. صورت جي سرداري سونهن يري سوياري
سازن سان سينگاري سهٽي ڳالهه سچي
٣. سيف صورت جي ستڪي جوش جلالي جهتڪي
نيٽن واري نتڪي نانگا ناٽ نچي
٤. جوڳي ٿي جڳ جڳ جي واصل ٿيا وحدت وي
مرد محيسي مئي پي محمد مير مچي

روپ	ڪافي	مانجهه

ٿل:-ڪئي عشق عجب اثباتي پائي جهاتي اندر جهاتي
١. ونحن اقرب حرف حقاني حاضر حال حياتي
٢. زيب زنگولا ذوق ذقائي ظاهر باطن ذاتي
٣. وفي انفسڪم سانگ صورت جي سير ثبوت صفاتي
٤. محمد موحد ماهر مظهر ميم معنيٰ مهلاتي

مانجهه	ڪافي	روپ

ٿل:-هٽي اناالحق جو نعرو صوفي سر ۾ سُرت پڇائن ٿا

١. آتش بازي آڪين واري پسي آڙه آنبه وارو اچي انحد بين بجائن ٿا

٢. بار ملامت خلق خواري ڪٽي سورهيه سر تي سارو اثبات آواز الائن ٿا

٣. سرت نرت جي ڪيل ڪي ڪولي رکي نيهي نور نظارو نچي نانگا ناٹ نچائن ٿا

٤. محمد سمجهي سير سوري جو صحي سهٽو سرس سوپارو مچي مئي جي موج مچائن ٿا

مانجهه	ڪافي	روپ

ٿل:سپ سيرڪيوسي صَحي صَحي، سهٽي صورت جي سينگار سان

١.آڪين واري آتش بازي، ٿام عجائب ٿهي ٿهي اچي اَصلاتي اسرار سان

٢. پسي پاڻ پسڻ ۾ پنهنجو، پور پيا ناپهي پهي پائي پيچ پسڻ پاتار سان

٣. ڪولي راز رنگي رنگپور ۾، رچي رمز رندي ۾ رهي رهي رلي رلمل تي رخسار سان

٤. لامڪان مڪان محمد، لعل لاهوتي لهي لهي لاثان لحن للهڪار سان

مانجھہ	ڪافي	روپ

ٿل:ـعشق ڪريندا شڪار، تڙڦ موڙ نہ ڏيندا ڏيندا
١. شاهنشاه شڪار ڪريندا، سڪندر سَرشار
٢. بحري باز تہ بانشي وانگي، چنبئين وچ چوڏار
٣. قهر نال ڪريندا قابو، قلب ڪنڌ ڪپار
٤. مرغ وانگي مرد مريندا، محمد مارو مار

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:ـپهري ڳلپيشوازان يار آيو، ڪري ڇيرن جو ڇمڪار آيو
١. هار سينگار ڪري سرسهڻو، ڪولي درسن جي دربار آيو
٢. رمز رندي جي رنگ جو رهبر، ڪري راڳہ رقص رفتار آيو
٣. اسم جسم جي جنگي جملي، جوڙي جلويگر جنسار آيو
٤. محمد مربي ميلي مئي جي، ملي ماهر ٿي مهندار آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:ـآهي عشق اسانجو امام آيو، ويڙهي وحدت جي وريام آيو
١. عشق حسن جا هل هلائي، هٿي حملي سان هڪ هام آيو
٢. ڪاڪل واري ڪوڙ سان قائم، ڪري ڪار ڪجل ڪم ڪام آيو
٣. اناالحق جا ٻول ٻڌائي، ڪڍ‌ي اڪين جو اسلام آيو
٤. محمد منور ماڳہ مدامي، ڏيئي مستي جي مڪ مام آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:-آهي سهڻو سر سردار آيو، ڪري صورت جو سينگار آيو
١. حڪم وارو هوڪو هردم، ڏيئي حق حق جو هسوار آيو
٢. پسڻ واري پڙ ۾ پڌرو، ٿي پيريمغان پڳدار آيو
٣. نيڻن واري نوڪ نظر تي، نچي نازن سان نروار آيو
٤. محڪم مئي جي موج مچائي، مچي محمد ٿي مختيار آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل: ڪيا تاب حسن بي تاب مجهي، دڪانوڪ نظر نا ياب مجهي
١. بره ڪيا بازي بنائي بحالي بردار ۾
بحر بيچوني بقا ٿا بَر سرِ بازار ۾
بتا بيڪ بشر ڪا باب مجهي
٢. شاه حسن ڪي شور شاهي شمع تي سرشار هو
شان شفقت ڪر شجاعت شعر ڪا شمار هو
ديا شوق شتاب شراب مجهي
٣. نين ني ڪولا نظارا نقاشي نڌان ۾
نور نر نروار نتڪي ناز ڪي نيشان ۾
نيهي ڪول نچايا نقاب مجهي
٤. مَه لقا محمد منور مست هو مئيگون سي
مير مجلس مرد موڪي محبتي مضمون سي
ملا مام وڪايا محراب مجهي

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل: ڪيوعشق عجب عريان مونکي، لائي آتش عاليشان مونکي

ا. عشق عينن جي آوازي ازل کان اظهار تي
اندر ۾ آڙاھ ٻاريو آتشي انوار تي
ڏيئي سوز سرس سامان مونکي

٢. عشق ٻنري ٻاه ٻاري ٻره واري ٻاب سان
بدن ۾ پڙڪا بلند ڪيا بقائي برڪات سان
ٻاڙهي بيخود بيد بيان مونکي

٣. شمع تي شاطر شتابي شجاعت جي شور سان
شوق ڪيا شاهي شغل شملا ٻڌي شهزور سان
ڪشي ڪجل وارو ڪان مونکي

٤. عشق **محمد** مچ مچايو محبتي ميدان ۾
ماڳ مستي جو ملهائي منصفي ميزان ۾
ڪري لاهوتي لاٽان مونکي

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل :۔آواز انس اولي اظهار عشق ڪيو
آڪين واري اشاري انوار عشق ڪيو

ا. آڪين تي اُلٽ آرو آخر اول اوپارو
سينگار سرخ سارو سردار عشق ڪيو

٢. لالي لبن کي لائي گهورن سان گهوٽ گهائي
چيريون پيرن ۾ پائي چمڪار عشق ڪيو

٣. لاجي سٽائي لولي، ڀڳڻ ٻڏائي ٻولي
ڪولي چشم جي چولي، چمڪار عشق ڪيو
٤. زنار ذوق ظاهر، تازو تيار طاهر
محمد مثال ماهر، مهندار عشق ڪيو

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:- مئيخان ۾ مدامي، مذڪور عشق ڪيو
متوال مست موڪي، مخمور عشق ڪيو
١. نانگو نظر نظاري، وحدت جو ورق واري
پيالو پڌر پياري، منظور عشق ڪيو
٢. گهورن سان گيان ڪولي، ٻولي عجب ٿي ٻولي
آواز انس اولي، مسرور عشق ڪيو
٣. برسر بنائي بازي، صورت صفات سازي
قائم ڪلال قاضي، منصور عشق ڪيو
٤. محمد محيط منور، پڳدار پاڪ پرور
سردار صاف سرور، مشهور عشق ڪيو

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:- ڳايان ڳلي ڳلي ۾، اولنگهه وڃائي آڙو
پنهنجي پسي پيشاني، پرجهي پريم پاڙو
١. اظهار ٿي آوازي، محلي مچي مجازي
قائم ڪري قوازي، اثبات جو آڇاڙو

٢. سهڻي ڪولي صراحي، بيشڪ بقا بِاللهِ
احوال سر الاهي، ققنس ٻولي جيئن تاڙو
٣. گفتار گر گياني، رفتار رنگ رنداني
سرشار ٿي سيلاني، ديدن جو هٽي ڏاڙو
٤. عاشق اصل اويسي، وحدت وصال ويسي
مشهور ٿيو محيسي محمد مٿي اڳهاڙو

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:۔صورت ڪئي سواري، سرساز ساڻ ساري
ترنم طبل تماشي، تنتار جي تياري
١. صورت ڪولي صراحي، آواز ڪيو الاهي
بيخود بقا بِاللهِ، برسر بزم بهاري
٢. چالو چشم چلائي، ساغر سرخ سنيائي
سرگم سخن سڻائي، سرشار جي ستاري
٣. ڪاڪل ڪجل ڪمالي، مُڙگان منگهن موالي
جزبا جنگي جلالي، جلوو ڪري جباري
٤. محمد رقص سان راڳي، صورت صدر سهاڳي
سر تي ثبوت ساڳي، مئي ميگهه جي ملاري

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:-سهڻي صفات صورت، سلطان سر چوانٿو
سارو سينگار سمجهي، سبحان سر چوانٿو
١. آکين جي عشق بازي، راڳي رقص سان راضي
اظهار تي آوازي، اِنسان سر چوانٿو
٢. ونحن ورق ورائي، جلوو جنگي جڳائي
لالي لبن کي لائي، لاٿان سر چوانٿو
٣. نيهي رکي نظارو، ناطق هٽي نقارو
نروار تي نيارو، نيشان سر چوانٿو
٤. اثبات عشق عالي، قلقل قدح ڪلالي
محمد منگهن موالي، مستان سر چوانٿو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:-عاشق اصل آکين جو، اظهار تي اچانٿو
اثبات عشق عالم، انوار تي اچانٿو
١. تڪ مڪ تيار تارا، وحدت وصال وارا
سمجهي ثبوت سارا، سرشار تي اچانٿو
٢. دم جو درس ڏمالي، مشهور مئي موالي
جذبا ڪري جلالي، جنسار تي اچانٿو
٣. آکين اندر آوازي، قادر قدم قوازي
ناچو نظر نوازي، نروار تي اچانٿو
٤. محمد منير مورت، سردار صاف صورت
پنهنجي پسڻ جي پورت، پڳدار تي اچانٿو

روپ	ڪافي	پيلو

ٽل:۔مٹي دي موج مچائون، نانگي ناٹ نچائون
قدم پنتي نہ پائون

۱. گل پيشوازان مکھ پر مونگھٹ، راگ ربابي والي رونگٹ
کول گياني گن دي گونگھٹ، سھٹي سخن سٹائون

۲. پيريمغان تي پيچ پسٹ دي، رنگ برنگي راز رسٹ دي
ھرجاءِ حاضر حال ھسٹ دي، تازي طبل وڄائون

۳. وحدت والي واٹ وصالي، مستو مست منگھن متوالي
ويکھ چشم دي اُلٽي چالي، اُلٽا اُلٽ الائون

۴. عشق اوپڑا اظھر عالم، پيد بتا تي **محمد** بالم
فيض فقيري ڪرکي فالم، فنا فرض پڑھائون

روپ	ڪافي	پيلو

ٽل:۔آيا احمد آيا، محمد نام سڏايا
صورت صاف سمايا

. صورت مورت سھٹي ساري، ساقي سر سمجھايا
نينان والي نور نظاري، نت نت ناچ نچايا
مار نقارا اناالحق دا، شاھي طبل وڄايا

۱. اسم جسم دي جوت جڳاڳي، بيرنگ پيد بتايا
برسر برسا باغ بقائي، بيشک بگل بجايا
ساغر سرخ صراحي والي، ڪرکي سانگ سجايا

۲. عدم ڪنون تي عشق الاھي، عربي ساٹ سنيايا
انا احمد بلا ميمي، فائق فن فرمايا
خاص الخاص ختم خوشحالي، خوبان خيال ڪمايا

۴. موحد تي موجود منڊل وچ، مهرا مام مڪا يا
مستي والي ملڪ مدامي، مـــــژگان مچ مچايا
منصف مکھ ميزان معنيٰ دي، محمد ماڳ ملهايا

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:۔ نيڻن ناز نتڪو ڪيو دل ڦري
حسن فوج فالم ڪجل سان ڪري

١. ازل کان آوازي اوقاتي اصل
آيو سوئي عاشق اکين جي اَري

٢. پيشاني پسڻ جي پتنگ جان پچي
پسڻ جي پسڻ کان پسي ڪيئن پري

٣. نظاري نظر جي نسنگھ ناٺ نر
وحدت جي وادي ۾ ويل ڪيئن وري

۴. مــــــژگان ڪيو مارو مقابل مچي
محمد مير مانجهي موتو تي مري

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:۔ آگم ساڻ اتڪي اکين جي اٽي
هنيون نيو حيرت ۾، حسن سان هٽي

۱. پلٽ پهلوانن پيڪانن پسي
پڇي ٽيا پسڻ ۾ پتنگ جيئن پٽي
۲. گهٽا گهوٽ گياني گهائي گهات ڪيا
ڪري گون گرمي گهورن سان گهٽي
۳. نهوڙي نظر سان نسنگ ناز نين
ڪولي ڪيل خوبان ويو دل ڪٽي
۴. محمد مرد مجنون مُڙگان مست ڪيو
بهادر برن ۾ بينو بند ٻٽي

روپ	ڪافي	پيلو

ٽل:۔اظهار عشق عالم انسان جي نموني
سرشار ٿيو سڪندر سلطان جي نموني
۱. سهٽي صفا صورت سان، سبحان جي نموني
عاشق ٿيو آڪين تي، عريان جي نموني
۲. غمزو ڪري غمازي، غلمان جي نموني
قائم ٿيو قلب ۾، قرآن جي نموني
۳. گهورن جي گرم بازي، گمسان جي نموني
گهائي ٿو گهوٽ گوهر، گر گيان جي نموني
۴. مرچا پسي مقابل، مُڙگان جي نموني
مئي پي ٿيو محمد، مستان جي نموني

☆

روپ	ڪافي	پيلو

تل:_ديدار درس دم جو، دلدار جي نموني
سينگار سرخ سهڻو، سردار جي نموني
١. آيو اصل آڪين ۾، اظهار جي نموني
آواز عشق واري، انوار جي نموني
٢. سورهيه سخي سوڀارو، سرڪار جي نموني
صوفي صحي صفا ٿيو، سرشار جي نموني
٣. جهڳمڳ جسم جلالي، جهلڪار جي نموني
ڪلنگي ڪلاه قائم، ڪلتار جي نموني
٤. پوشاڪ پاڪ پوري، پڳدار جي نموني
پئيمان ۾ پڌر ٿيو، پندار جي نموني
٥. محمد مدام موکي، مختيار جي نموني
مخمور مست مانجهي، مهندار جي نموني

روپ	ڪافي	پيلو

تل:_عشق واري اسلام، جلالي پي مئي جام
اناالحق الائي
١. رندن واري نِويميان، ره تون رنگ ۾ الا
صبوح توڙي شام
٢. ڪلي ڪڻ تون نِويميان، سورهيه سنبري الا
صراحي صمصام
٣. محمد مالڪ نِويميان، ملڪ معنيٰ جي الا
مستو مست مدام

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:-صوفين جو سردار اسانوٽ آيو
سر ٻڌي دستار اسانوٽ آيو

١. صورت وارو سانگ بنائي
اولي عبدالستار اسانوٽ آيو

٢. صوفي صاحب سرسبحاني
قديمي ڪلتار اسانوٽ آيو

٣. هٽي نوبت نات نوابي
نظاري نروار اسانوٽ آيو

٤. محمد مرشد مالڪ مولائي
مدامي مهندار اسانوٽ آيو

روپ	ڪافي	پيلو

ٿل:شاهن جوٽي شاه اسانوٽ آيو، اولي انس الله اسانوٽ آيو

١. عشق صورت احوال الاهي، آوازي ارواح اسانوٽ آيو

٢. ڪولي روپ رنگينان رخ تي، وٺي روحي راه اسانوٽ آيو

٣. ونحن اقرب ٻول ٻڌائي، چئي وَجْهُ الله اسانوٽ آيو

٤. ڪئين نانگا نات نچائي، ڪري نيڪ نگاه اسانوٽ آيو

٥. بي مثل جو محمد مالڪ، مثل وارو ماه اسانوٽ آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٽل:_آهيان ٻول ٻڌل موکي جي محفل، مٿ تي ملهه ڳڌل
سرهو سرسو ساه سخي ڪيو، ساغر سان سهٽل

١. ساقي واري سهٽي سرڪي، اڳيان ڪات ڪڏهن ناڪرڪي
متيان مست مٿي کي مرڪي، مئي جي منجهه منڊل

٢. ساتو سرجو سمجهي سارو، رکيم ساقي ساڻ سوپارو
ڪري ته چيرن جو چمڪارو، کولي تار طبل

٣. سورهيه سنبري سرجو ڏيئي، موتو قبلل پيالا پيئي
جوڳي ٽي سو جڳ جيئي، ٻُلا جيئن سچل

٤. ساغر صاف صراحي سرور، کولي آر اڏي تي انور
محمد محب مليو مئي منور، مستو مست متل

پيلو	ڪافي	روپ

ٽل:لنواري ۾ لاٿان، پڙهو حج اڪبر
ڪري ترڪ تڪبر

١. بره واري بازي برسي بهشتي بوستان، پڙهو حج اڪبر
٢. غازين وارو غور ڪمائي چڏي غير گمان، پڙهو حج اڪبر
٣. ناجي ناتو نيهن نيائي نسنگم،ٽي نيشان، پڙهو حج اڪبر
٤. مڙي مومن ساڻ صدق جي ملهائي ميدان، پڙهو حج اڪبر
٥. پاڪن پاڪ پڌر پٽ لنواري پسي شاهي شان، پڙهو حج اڪبر
٦. چيو محمد مير مربي احمد زور زمان، پڙهو حج اڪبر

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:ـ آيا پير پاڳارا پرور پاڪ پيارا، چوڏس ڪر چمڪارا

۱. انساني دي اولي اندر، آڪياندي اثباتي
اعليٰ انور اسم الاهي، عشق عجب اوقاتي
احسن ان آواز الينده، احمر ڪرڪر آرا

۲. حشمت نال حسيني حملي، حڪم هلا همذاتي
هڪل حقيقت والي هادي، حال هميشه حياتي
حسن حقيقي هل هلاڪي، هرجاءِ ڪر هڪارا

۳. شاهنشاهي شان شجاعي، شفقت ڪرشاداني
شمس قمر شرماتي شاطر، شڪل شفيع شاهاني
شوق والي پڌ شملي چڙهيا، شاهي مار نقارا

۴. محڪم مڪ مسجود مدامي، محبت ماڳ ملهايا
معنيٰ دي ميزان **محمد**، ميم دا برقع پايا
مظهر ڪر محبوب مثالي، منهن تي ميگهه ملارا

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:ـ پري نان پڳدار ڏسڻ ۾ آيو، دم نه هڪڙو ڌار ڏسڻ ۾ آيو

۱. پسڻ جي پئيماني اندر، پاڳاري جو پيار ڏسڻ ۾ آيو

۲. عجب عشق حسن جي حملي، هميشان هسوار ڏسڻ ۾ آيو

۳. قطب قاب قوسيني ڪل ۾، قائم ڪلنگي دار ڏسڻ ۾ آيو

۴. سرت نرت جي ناتڪ اندر، سر مٿي دستار ڏسڻ ۾ آيو

۵. ملڪ **محمد** معنيٰ واري، مڙني جو مهندار ڏسڻ ۾ آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:–پڊر ٽي پڳدار اسانوٽ آيو، قائم ڪلنگيدار اسانوٽ آيو

١. ديدن واري ديري دائم، دلربا دلدار اسانوٽ آيو

٢. صورت وارو سانگ بنائي، سر ٻڌي دستار اسانوٽ آيو

٣. پهري صاف سروپا سرتي، سيني جو سردار اسانوٽ آيو

٤. هٽي نعرو نوڪ نظر تي، نظاري نروار اسانوٽ آيو

۵. مرشد مهدي مظهر مولي، محمد ٽي مهندار اسانوٽ آيو

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:–پيانٿو آبي حيات حسن سان
صراحي سرخ سرساز سخن سان

١. ڏڪڙ ڪنجريون دهل دمَامان
ڏنن ڏاڏا ڏوڏو ته ڏُن سان

٢. ڏُر پڌ نمري خيال ترانا
ڳجهي ڳالهه ڳجهه جي، ٿو ڳايان ڳٽن سان

٣. وفي انفسڪم واري ڪريان
دريافت دم جي ڏمال دغن سان

٤. محبوبن جو محمد مربي
مليو مئي قدح جي ملار مدن سان

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:چوان ڪئين ناهي نگارعلي آه، جنهنجي بره جي بهاريلي آه

١. صورت سرخ سينگاري سهڻي، سخن جي سچائي ستارسَلي آه

٢. جگت جوڙ جنس جي جملي، جمالي جلالي جبار جلي آه

٣. هڪل هر جاءِ حيدر حيدر، ڪري ته حُسن هُبڪار هُلي آه

٤. موتو قبلل واري محمد، ميندي مني مهندار مَلي آه

پيلو	ڪافي	روپ

ٿل:_لنگ جي لاڏ سان لائق لال آهيان

خوبان خوب خودي جو، خيال آهيان

١. عشق حسن جي آراويڙي، اعليٰ آڪين جو احوال آهيان

٢. بيشڪ ٿي بيدار بزم سان، بالا بسمي بيڪ بحال آهيان

٣. ناٽڪ نور نظاري واري، نانگو ناچو ناٿ نحال آهيان

٤. محمد مرد محيسي مانجهي، مٿي سان مظهرِ متوال آهيان

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:_ نسنگ نيهن ناتي جيي نام نيهي

پرين جي پيشاني پسان پاٹ پيهي

١.جيي نام دَمدَم حسن ساڻ همدم

سرخ ساز سرگم ڪولي سر صراحي

۲. جيپي نيڪ نالو نچي ٿي نرالو
پيان پُر پيالو پسي ديد ديهي

۳. نِگاري نظم جي بَهاري بزم جي
حُسن جي حُڪم جي ڪيان ڳالهه ڪيهي

۴. محمد ميثاقي، آڪين ۾ اوطاقي
ٿيو يار ياقي ڪري شوق شاهي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:۔ڪيان شوق شاهي شرابي شتابي
شغل شور بازي شهابي شبابي

۱.عدم ڪان آوازي بره سان بياضي
غضنفر ٿي غازي ڪبابي ربابي

۲. اصل عشق آهيان چوان ڪِئَن ناهيان
عجب ٿاه ٿاهيان ثوابي جوابي

۳. نِگاري نقارو نسنگ ناز وارو
هٽان نيهن نعرو نوابي نجابي

۴. محمد موج لائي خبر سان خدائي
هڪل هڪ هلائي حبابي حسابي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-ڪيان جوش جاري جمالي جلالي
پيان پر پريمي پيالي خيالي
۱. ڪري سير سَحري ٻچيان باز بحري
ڪٽي ڪات قهري ڪلالي ڪمالي
۲. پسي عشق انور ڪولي راز رهبر
ڪيان موج منور ڏمالي دلالي
۳. پسڻ جي پساري سچي سُرت ساري
نرت جي نظاري نهالي نرالي
۴. پرت جو پيغامي هڪل ساڻ حامي
محمد ٿيو مدامي موالي مقالي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-عشق عجيب انس دي اولي، اَناالحق الايا
آڪيان والي اوٽ اويڙي، عاشق ٽيڪي آيا
۱. ونحن اقرب نت نت نيڙا، وحدت ورق ولايا
توڙ دوئي دي دام دلاور، دم وچ ڏُوڏُ ڏکايا
۲. ذات صفت دي سانگ سجائي، سهٽا صاف سمايا
سرگم ساز صراحي سُردي، ساقي سر سمجهايا
۳. بيشڪ بات بقائي بالم، بيرنگ بِگل بجايا
باري بار بره دي بيحد، بَرسَر پيد بتايا
۴. مستي والي محمد ميلي، شاهي شور مچايا
مير مغان مضمون معنيٰ دي، مئي دا ماگ ملهايا

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- تَن مَن طبل تماشي، ڏوڏو ڏکن ڏَڪاهي
موجود حق مدامي، مئيخان ٿيا مَڪاهي
ا. آواز ٿيا اِلاهي، برحال بادشاهي
ويساه وَجْهُ الآهي، پڻون تي پيا چڪاهي
٢. نوبت وڳي نرالي، بازي بني بحالي
بيچون بي مثالي، بيرنگ بره بقاهي
٣. لاهوت لامڪاني، اسرار الف ثاني
سلطان ٿيا سيلاني، لاحد والي لقاهي
٤. محمد منبل مقالان، ڏُر پد ڏکڙ ڏمالان
ڪرڪر قتل ڪمالان، ياقي ٿيا يڪاهي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:-مئيخان وچ مدامي، مئي دا منبل متاهي
پئيمان دي پساري، پڏرا پيا پتاهي
ا. مخمور موج مستي، بيشڪ بحال بستي
وحدت ويراڳ وستي، اسرار ٿيا عطا هي
٢. سهٽان ثبوت سارا، نيشان ٿيا نظارا
احمر اصل اشارا، بيسر بزم بتاهي
٣. موجود ماڳ مورت، ثابت صفات صورت
حشمت حقي حڪومت، حملا حسن هتاهي
٤. گلشن گيان گادي، شائق شراب شادي
محمد منگهن منادي، رندي رسم رتاهي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:_جاوک چانوين توڙ نياوين، پير پڇونتي مول نہ پاوين
١. آکيان دي اسرار اويڙي، اگتي اڙبنگ عاشق آوين
٢. وحدت والي وات وصالي، وائي وير ويراڳ ولاوين
٣. نئينا والي ناتڪ نيهي، نوبت نچ نچ ناد بجاوين
٤. محمد ماڳ محيسي مٺ تي، گيت اناالحق ڳانوڻ ڳانوين

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:_اُلٽ الائون رمز رلائون
نوڪ نظر تي نيزي چائون
١. جام جلالي والي جذبي، جوش جگر دا جوڙ جڳائون
٢. پاڪ پيشاني دي پئيماني، پيالي پُر ڪر پِرت پِلائون
٣. حال حسيني والي حملي، حاضر حق حق حڪم هلائون
٤. محمد مستي دي وچ ماهر، منصف ٿي ميدان ملهائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:_بار ملامت چم چم چائون، اناالحق اظهار الائون
١. آتش آکيان والي اندر، اول آخر آئون جائون
٢. بيرنگ پيد بقائي والي، پيريان برسر بگل بجائون
٣. ڳلپيشوازان چيريان پاڪي، چلپل چشمان چوٽ چلائون
٤. محمد وچ ميزان منبل دي، منصف مک ٿي مام ملائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:–ويکھ حسن ديان هوليان، آکيان والي اولي اندر
١. سرخ سخن دا سرڪر سهڻا، ٻهڳڻ ٻولن ٻوليان
٢. چلپل چون بيچوني چرچي، ڪول چشم ديان چوليان
٣. خبران دي وچ خبران خضري، خيال خدائي ڪوليان
٤. محمد لات لطيفي لائق، لعل لحن ديان لوليان

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:–پيرين پانوان ڇيريان، درسن والي ديري دم دم
١. برزخ والي بازي بهتر، بره بجايان ٻيريان
٢. دَم دَم دَم دي دار تي دائم، دَم دِيان ڪر نا ديريان
٣.فالم ڪر في الحال فقيري، ڦرڦر ڏيوان ڦيريان
٤. محمد مُدلِل مُربي مسيحيٰ، ميگهه مندل ديان ميريان

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:–شاهنشاه منهنجو علي آ علي آ
علي علي آ موليٰ علي آ
١. صفت واري سير سمايل سارو ساه
منهنجو علي علي آ
٢. جڳت جملي جوڙ جنس جي نهيل ناه
منهنجوعلي علي آ

۳. لحمک لحمي جسمک جسمي رهبر راه
منهنجو علي علي آ

۴. مظهر واري ميم مناري **محمد** ماه
منهنجو علي علي آ

روپ	ڪافي	پهاڙي

تل:۔عشق امام اسانجو علي علي آ
علي علي آه موليٰ علي آ

۱. مالک موليٰ ملک ساري جو ماهر مام
اسانجو علي علي آ

۲. صاف پياري سورهيه ساقي جنگي جام
اسانجو علي علي آ

۳. سيني سر جا سير ڪرائي صبح شام
اسانجو علي علي آ

۴. احمد واري ميم **محمد** قرب ڪلام
اسانجو علي علي آ

روپ	ڪافي	پهاڙي

تل:۔عشق آواز ڪيو اَنا اَناالحق
اَنااَنا لحق اَنا انا الحق

۱. انحد واري ٻولي ٻولي قلب قواز
ڪيو اَنا اَناالحق

۲. نوک نيزي جي نعري نت نيهن نواز
ڪيو اَنا اَنا الحق

۳. من خدائي موج مچائي رندي راز
کيو اَنا اَنا الحق

۴. محمد ميلي محبت مٿي جي ساري ساز
کيو اَنا اَنا الحق

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-عاشقن اثبات ڪيو، مظهر علي مظهر علي
ظاهر ظهوري ذات ڪيو، مظهر علي مظهر علي

۱. بيخود بدن بازار ۾، بيچون جي بازي بني
بيشڪ بره جي بات ڪيو، مظهر علي مظهرعلي

۲. صورت سچي ساري صحي، ٿيو سلسلو سردار جو
صاحب صفر صفات ڪيو، مظهر علي مظهر علي

۳. لحمڪ لحم واري لقب، دمڪ دمي ديدار سان
جملگي جسمات ڪيو، مظهرعلي مظهرعلي

۴. ميم جو مولهيو ٻڌي، موجود لا موجود ٿي
محمد سندي مصلات ڪيو، مظهرعلي مظهرعلي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-ڪامل قلندر قادري، ڪل شئي تي آ تنهنجو قدم
احسن اول آخر آهي، اظهار ٿيو تنهنجو اسم

۱. مرد ڪئين مئيخان ۾، تو مٿ مٿي مخمور ڪيا
ڪيفي ڪلالي ڪار تي، قادر قوي تنهنجو ڪرم

۲.عشق جي اسلام جو، امام تون آهين عجيب
اثبات ڪيئي اسرار ڪي، صوفي صفا ساقي بزم
۳. هرجاءِ همه همذات ٿي، هوڪو حقي هَٿ هَٿ ڏئي
همدم حُلاجي حال جو، حاڪم هلائين ٿو حڪم
۴. محمد مٺي جي موج تي، نيشان ٿي نعرو هڻي
پارس پيارين جام ٿو، سورهيه سخي صاحب صنم

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:۔صورت صحي ڪا صاحب، صوفي صفا صفا
واحد وجود واصل، وارث وفا وفا
۱. خالص خطاب خاتم، خضري خبر خيالي
خمار خوب خاصي، خس نا خفا خفا
۲. جلوه جڳايا جوڳي، جهلڪار جا بجا
ڪرڪي جدا جسم، سي جورو جفا جفا
۳. شادان ٿا شرابي، شغلات شوق شامل
شمشير شان شفقت، شاهي شفا شفا
۴. قادر قدم قلندر، قل قل قدح ڪلالي
ڪلنگي ڪلاه قائم، ڪيفي ڪفا ڪفا
۵. محمد نظم نگاري، نوبت نجاب نتڪي
نيشان نوڪ نيزي، نيهي نفعا نفعا

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل :ـ پيريمغان پريمي، پيالا پلا پلا
مستان ڪياهي مجکو، مژگان ملا ملا

١. حاضر حضور هردم، حاصل حڪام حالي
حشمت حسين حاڪم، هرجا هلا هلا

٢. ڀگوان ڀيد ڀگوه، ڀڙڪي ڀڙڪ ڀيوتي
ڀيري ڀيري ڀڄن سي، ڀر ڀر ڀلا ڀلا

٣. چوگرد چرخ چرچہ، چاه ذقن چگونہ
چالاڪ چال چلپل، چشمان چلا چلا

٤. محمد مقال موڪي، مذڪور موج مستي
القاب اِنس اولي، اَن اَن اَلا اَلا

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل :ـ جملي جهان جلوه، جهلڪار جا بجا
جسمات جوڙ جڳ ڪي، جنسار جا بجا

١. اثرات ڪي اشاري، اسرار اوت آدم
آنکون ۾ آپ انور، اظهار جابجا

٢. باران برس بادل، بشري بحال بازي
بيشڪ بندر بقائي، بازار جابجا

۳. تن من طنبور طبلي، ترنم طبل تياري
توحيد تر تراني، تنتار جابجا
۴. ثابوت سر صراحي، سرڪي سرخ سخن سي
سيپ سير سرس سرگم، سينگار جابجا
۵. هٿ هٿ حسن ڪي هولي، هر جا حضور حاضر
حملي حڪم حقاني، هسوار جابجا
۶. محمد محيط مظهر، موجود مڪم مدامي
مشهور ماڳ منور، مهندار جابجا

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٽل:-پڌر ٿي پاڪ پاڳارو، يلي آيو يلي آيو
ڪري سينگار سِر سارو، يلي آيو يلي آيو
۱. علم لدني سندو عالم، ڪولي اسرار اڪين جو
عشاقن تي ڪري آرو، يلي آيو يلي آيو
۲. چٽائي چون بيچوني، چڙهائي چوٽ چشمن جي
ڪري چوڌار چمڪارو، يلي آيو يلي آيو
۳. نظر جي نوڪ تي نرمل، نظاري نيم خوابي جي
هٽي نر نيهن جو نعرو، يلي آيو يلي آيو
۴. مچائي مچ محبت جو، ملڻ جي مام سان محمد
ملهائي ماڳ موچارو، يلي آيو يلي آيو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-سڪندر قلندر پيغمبر جا پيارا
نانگا تن جي درتي، هٿن نينهن نعرا
١. ملنگ موج محبت، ڪري سانگ صحبت
ڪئين ناد نوبت، وڄائن نقارا
٢. بلند بودلائي، سخن جي سچائي
خبر ڪن خدائي، ناچو ٿي نيارا
٣. ڪيان ڳالهه ڪيهي، اندر پاڙ پيهي
پسن ناٿ نيهي، نظر جا نظارا
٤. جذب سان جلالي، دلاور ڌمالي
محمد مئي موالي، مَتي ٿي متارا

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-پاڳارو پير ٿي پرور، ٻلي آيو ٻلي آيو
رموزي راز جو رهبر، ٻلي آيو ٻلي آيو
١. درس ديدار درسن جي، ڪولي دربار ديدن جي
دلاور دلربا دلبر، ٻلي آيو ٻلي آيو
٢. تجلو تاج ڪلنگي جو، طبل تحليل سان طاهر
ڪري توحيد تازو تر، ٻلي آيو ٻلي آيو

٣. سروپا سِر متي سُهڻي، سونهين سردار صاحب جي سهاڳي سونهن جو سرور، يلي آيو يلي آيو

٤. ساري مظهر سندو مالڪ، مديني ماڳهہ جو مربي محمد مير تي منور، يلي آيو يلي آيو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-پس پيريمغان پاڳارو، جنهنجو پيچي پاڪ پسارو

١. آڪين واري آتش بازي، ڪري احسن احمر آرو

٢. بهادر برحال بلند تي، ڪٽي برسر بره جو بارو

٣. صورت واري صاف صحن ۾، سچ سمجهي سر سوپارو

٤. محمد منور مرشد سان مل، مذڪور ڪري موچارو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:-مهدي منور مهدي منور پيريمغان پاڳارا هي

١. آڪيان والي اولي اندر، مئيخاني ڪيا مسجد مندر
محبت ميگهہ ملارا هي

٢. ديدان والي دائم ديري، پيچي پيچ پسڻ دي پيري
پرور پاڪ پيارا هي

٣. عبدالرحيم گرهوڙي والي، بيشڪ ڪيتا بات بَحالي
ثابت سهٽا سارا هي

٤. مرشد مسيحيٰ مهدي محمد، عشق عجائب اعليٰ احمد
ساقي سر سوپارا هي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:-سڀ صورت دا سردار آيا، تي پيريمغان پگدار آيا
سر تي صاف سروپا سُهڻي، سهٽا ڪر سينگار آيا
١. ونحن اقرب والِي وائي، فثم وَجْهُ اللّٰه وذائي
وفي انفسڪم ويس وڏائي، واحد ڪر وهنوار آيا
٢. خلق لا آدم صورت ساڳي، سهٽا ڪر سينگار سهاڳي
رهبر راز رندي دا راڳي، روحي ڪر رفتار آيا
٣. اَلاِنسان سري دي سردا، پرور پاڪ پيالي پردا
ديدان والي دائم دردا، دولهه تي دلدار آيا
٤. انساني دي اولي اندر، بشري بيڪ بقائي بندر
مئيخان ڪيا مسجد مندر، محمد تي مهندار آيا

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:-پيارل پيشوازن سان، يلي آيو يلي آيو
طبل تولان تازن سان، يلي آيو يلي آيو
١. عدم ڪان هت قدم پائي، سراسر سير صورت جي
ڪري سينگار سازن سان، يلي آيو يلي آيو
٢. نسنگ نروار نر ناچو، نظاري نيم خوابي جي
ڪولي نقاب نازن سان، يلي آيو يلي آيو

٣. شاهنشاه شوق جي شادي، ڪٽي شمشير تي شائق
شرابي شور بازن سان، يلي آيو يلي آيو
٤. مگهن مخمور تي محمد، مدامي موج مهدي جي
رندي رفتار رازن سان، يلي آيو يلي آيو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:۔نظاري ناز جي نيهِي، يلي آيو يلي آيو
پسڻ جي پيچ ۾ پيهِي، يلي آيو يلي آيو
١. اول آخر جي اثباتي، اکين ۾ عشق تي اظهر
ڏسڻ جي ڏيهه تي ڏيهِي، يلي آيو يلي آيو
٢. چمن جي چوطرف چالي، چلائي چوٽ چشمن جي
چلي چالي عجب جيهي، يلي آيو يلي آيو
٣. اسم جسمات جي جملي، احد عبدي سندي اولي
درس دم جي دنگي ديهِي، يلي آيو يلي آيو
٤. محمد صاف تي صوفي، ڪري سينگار صورت جو
ڪڏي ڪلتار ڪل ڪيهي، يلي آيو يلي آيو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:۔ عدم ڪان عشق اوپارو، يلي آيو يلي آيو
صنم سردار سوپارو، يلي آيو يلي آيو
١. اول ڪان عشق تي اعليٰ، آخر اظهار اکين ۾

ڪري اثبات جو آرو، يلي آيو يلي آيو

٢. هميشہ حال هر هڪ ۾، حسن واري حقي هولي
ڪري چشمن جو چمڪارو، يلي آيو يلي آيو

٣. نفي اثبات جي ناتي، ڪولي ناتڪ نظاري جو
ڪري چيرن جو چمڪارو، يلي آيو يلي آيو

٤. مچي ميزان منصوري، محمد موج مستي سان
اناالحق جو هٽي نعرو، يلي آيو يلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:۔ يگانون يار ٿي ياقي، يلي آيو يلي آيو
صراحي جو سخي ساقي، يلي آيو يلي آيو

١. ڪاٿي آدم ڪاٿي عيسىٰ، ڪاٿي ڪوه طور تي موسىٰ
ڪولي تجلات جي تاڪي، يلي آيو يلي آيو

٢. ڪاٿي حيدر حسيني هُل، ڪاٿي گلشن گِياني گُل
ڪاٿي ٿي عشق اوطاقي، يلي آيو يلي آيو

٣. ڪاٿي منصور سرسازي، ڪاٿي بيرنگ واري بازي
بقا باالله ٿي باقي، يلي آيو يلي آيو

٤. ڪاٿي انحد ڪاٿي احمد، ڪاٿي مهدي ڪاٿي محمد
ڪري چشمن جي چالاڪي، يلي آيو يلي آيو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل: صورت والا سائين وو سڻاوين
سهڻي سرديان سواريان

١. ساز سرودي سخن سروردي، بنسي بين بجاوين
٢. تن من تان طنبوري ترنم، تازي تال چڪاوين
٣. گلپيشوازن چيريان پاڪي، ساري سر سمجهاوين
٤. محمد ڪر موجود منڊل مڪ، مئيگون موج مچاوين

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل: آء تان ياڪر پائون، رنگ لائون
ڪرون روح رهاٽيان

١. آکياندي وچ آکيان اتڪا، اُلٽا اُلٽ الائون رنگ لائون
٢. پيد بره دي ياڪر پاڪي، انگ ڀيوت رلائون رنگ لائون
٣. ڪول خيالي ڪيل خودي دي، خلم خودي ڪل ڪائون رنگ لائون
٤. راڳ رقص دي روحي رنگ وچ، رندي راز رچائون رنگ لائون
٥. ثابوتي دي ٻڌڪي سندري، سوري سرچڙهائون رنگ لائون
٦. نفس نفي ڪر نوڪ نظر تي، شور شراب مچائون رنگ لائون
٧. سيل محمد دي مل پي مئيگون، محبت مينهن وسائون رنگ لائون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:سردا سانگا چاوين هٿ لاوين، پڇي عشق آفات ڪون

١. جڳ جڳ جوڳ ڪماڻي جوڳي، دم دا درسن پاوين هٿ لاوين

٢. حال حسيني والي حملي، حر ٿي حڪم هلاوين هٿ لاوين

٣. شمس طبريزي طبل وڄاڪي،ڪل ڪل ڪل لهاوين هٿ لاوين

٤. سرمد وانگي سيس ڪٽاڪي، اڳتي وڪ وڌاوين هٿ لاوين

٥. شاه عنايت صوفي وانگي، نيزي سر چڙهاوين هٿ لاوين

٦. منصوري ميدان محمد، محبت نال ملهاوين هٿ لاوين

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:اناالحق الائون ڪل آئون، ڪرون مئي ديان مقاليان

١. ذات صفت دا سانگ بناڪي، ساري سنير سٺائون ڪل آئون

٢. دم قدم دي ڏيان دلاور، انحد بين بڄائون ڪل آئون

٣. سرت نرت دي ڪيل خيالي،خود ٿي خيال ڪمائون، ڪل آئون

٤. محبت دي ميدان محمد، مستو مست مچائون، ڪل آئون

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:—سر سمجهايان سخن سٺايان

ڳايان ڳايان ڳايان

١. اُڪين جي اثباتي اندر، آهيان آهيان آهيان

٢. سُرت نِرت جي ناز نياري، ناهيان ناهيان ناهيان

٣. عشق وارا اوقات عجائب، ٿاهيان ٿاهيان ٿاهيان

٤. محمد پير پسڻ جي پڙ ۾، پايان پايان پايان

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل :ـ مرشد مِيري مُنيري بينظيري
جهندا بره بحال هي، قرب ڪمال هي
١. آڪياندا هي عارف عالم، عشق اميري بصيري بي نظيري
٢. شاهنشاهي شان جهيندا، پڌرا پيري شبيري بي نظيري
٣. ڪامل قُدسي قادر قائم، ڪُلدا ڪيري ڪبيري بي نظيري
٤. محبت دي بَدَ محمد ملدا، سرتي چيري مديري بي نظيري

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل :ـ پاڳاري پيشاني، پسانوڻ ٿئون صدقي
دري ڪول درسن، ڪرانوڻ ٿئون صدقي
١. رنگي رنگ رموزي، ربوبي رسولي
رندي راز رهبر، رلانوڻ ٿئون صدقي
٢. ڪجل ڪار ڪلنگي، قائم ڪرڪريمي
قرب ڪامراني، ڪمانوڻ ٿئون صدقي
٣. جملگي جماعت، ۽ جاني جلالي
حسن فوج فالم، چڙهانوڻ ٿئون صدقي
٤. نظاري نظر دي، وڃا نينهن نوبت
نسنگ نات نانگي، نچانوڻ ٿئون صدقي
٥. اَنا اَحد احمد، بلا ميم محمد
اول تان به آخر، الانوڻ ٿئون صدقي

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل:-دم دا ڏياني سجاني سبحاني، جهندا عشق امام هي
١. دَم دَم دَم دي ڏِيان ڏمالي، گُني گاني گِياني گمساني
٢. اسم جسم دي جلوه جڙيا، جملي جاني جهاني انساني
٣.ڪاڪل ڪنيڙي ڪار ڪجلدي
ڦهري ڪاني ڪماني ساماني
٤.محمد مرد معنيٰ دي ماڻ، ميداني خاني مستاني

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٽل:-عجب عشق انور دي آنوڻ ٽئون صدقي
بشر بيڪ بر سر بٽانوڻ ٽئون صدقي
١. اول عشق آخر آوازي اولاٽي
اناالحق اوقاتي الانوڻ ٽئون صدقي
٢. بره بن بلاول بهاري بشردي
آپي آپ گهاٽي پيڙانوڻ ٽئون صدقي
٣. چمن وچ چوڏاري چِگونه چٽائي
چشم چوٽ چلپل چلانوڻ ٽئون صدقي
٤. حقيِ حال حاضر هڪل ڪر حقاني
حڪم حر حسيني هلانوڻ ٽئون صدقي
٥. قائم ڪوڏ قادر قديمي ڪلالي
قرب ڪربلائي ڪمانوڻ ٽئون صدقي

٦. شرف شان شاهي شمس تي شتابي
کلڻ نال کلڙي لهانوڻ تئون صدقي
٧. صورت سر سخن دي ثبوتي صداقت
سخي سر سکندر سڏانوڻ تئون صدقي
٨. قدح کيف کيفي کمالي کرم دي
قدم کل قلندر کڏانوڻ تئون صدقي
٩. سرخ سير سَرمَد قتل کامراني
قوي کنڏ قدوسي کپانوڻ تئون صدقي
١٠. صحي صاف صوفي وَجا نيهن نوبت
نيزي سر نظاري چڙهانوڻ تئون صدقي
١١. محمد مير منصور مخمور موکي
منبدل مئي مدامي مچانوڻ تئون صدقي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٽل:- پاڳاري پيالي، پلانوڻ تئون صدقي
پسڻ دي پساري، پسانوڻ تئون صدقي
١. عرش تي اوطاقي، آوازي اثر کر
عرب وچ احمد، سڏانوڻ تئون صدقي
٢. ظهوري ذکر دي، فياضي فکر دي
فنا فرض فالم، پڙهانوڻ تئون صدقي
٣. ربوبي رمز وچ، رضا تي تي راضي
رندي راز رهبر، رلانوڻ تئون صدقي

۴. نظاري نظر دي، نوري نر نرالي
نسنگ ناٽ نانگي، نچانوڻ تئون صدقي
۵. مغان مام محمد، مُدَلِل مُڪَمِل
اَڪْمَل مدامي، ملانوڻ تئون صدقي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:ـمن خدائي موج مک، مشهور مئيخاني مين هي
مثلات بي مثلات ڪا، مذڪور مئيخاني مين هي
۱. موجود لاموجود ڪي، مورت مظاهر مهلقا
مصور اِسي مثلات ڪا، مسرور مئيخاني مين هي
۲. مُطربَ مَذهم مغنِي مُغان، معنٰي مدح مضمون ڪا
منصف مقالي مجتبٰي، مخمور مئيخاني مين هي
۳. مجمع مثل مُحسن مندبل، مخلوق مظهر معنوي
منور مثالي مرتبا، منظور مئيخاني مين هي
۴. مالڪ مُلڪ مظفر مَلَڪَ، موڪي مگهن مئيگون سي
محمد مدامي مصطفٰي منصور مئيخاني مين هي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:ـعشق بازي ڪا مزا، خود خيال ڪي خاني مين هي
خود پرستي ڪي خبر، خوشحال خمخاني مين هي
۱. آواز ڪي آسن اندر، اثبات اعلٰي عشق هي
اظهار اس اسرار ڪا، احوال افساني مين هي

٢. پيڪان ڪي پئيمانؔ مين، پُرپي پچانا آپ ڪو
پختا اسي پالوت ڪا، پرواز پرواني مين هي
٣. خيال ڪي خاني ختم، خوبي خدائي خيال ڪي
خود بخود خمار سي، خصلات خنداني مين هي
٤. مئيگون گونا گون ڪي گياني گگن ڪي گام مين
گلزار گلشن گيان ڪي، گفتار گنُ گاني مين هي
٥.هو ڪبي معنيٰ ملڪ مين، ماهر محمد ني ڪها
مئي ڪي مدامي موج مڪ، متوال مستاني مين هي

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:ـبندا نهين نہ بت هون، خالق نہ مئين خدا هون
مظهر مثال ميرا مظهر، سي مئين جدا هون
١. ساري صفات بنده، ذاتي ظفر خدا هي
دونون ڪي بيچ عادل، انصاف ڪي ادا هون
٢. مسجود نہ مئين ساجد، بي انت بي نهايت
صورت اندر صفاتي، صاحب صحي سدا هون
٣. مخلوق نہ مئين خالق، معشوق نہ مئين عاشق
خود عشق عجب اعليٰ، نيهي نسنگ ندا هون
٤. محمد مثال مظهر، موجود حق مدامي
مين بهي اسي ڪي اندر، شاه هون ڪيي گدا هون

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:۔عجب عشق اعلیٰ انالحق الا يو،مٿي خيال پنهنجو عرش ڪان اڏايو

١. نگاري نظاري، صورت کي سينگاري
آوازي اشاري، عدم ڪان ٿي آيو
٢. ڪنف ڪل قوازي، نظر نَر نوازي
درس دم درازي، طبل تر وڄايو
٣.عجب عشق عالم، فهم ساڻ فالم
بهادر ٿيو بالم، سراسو سوايو
٤. هٽي ناٽ نوبت، ڪري سانگ صحبت
محمد ماڳ محبت، مدامي ملهايو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:مونکي يَاد آهي عدم ڪان اشارو، نگاري نرالو نظر جو نظارو

١. عدم ڪان آوازي، صورت ساڻ سازي
ڪري غور غازي، آيس ٿي اويارو
٢. نرت نر نوائي، سراسر سوائي
سرت جي سچائي، سلان سير سارو
٣. درس دم قدم سان، اشاري عدم سان
بتايان بزم سان، بره بن پلارو
٤. محمد سنياريان، ساريان نا وساريان
واحد ورق واريان، وصل ويس وارو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- پيان صاف سرڪي، ڪڏهن ڪين ڪرڪي
ملامت ۾ مرڪي، مجازي منڊل سان
١. خبردار خاصل، واري واڳ واصل
ڪري حال حاصل، حسن جي هڪل سان
٢. بزم جي بحالي، خُمر پي خيالي
قدم پر ڪلالي، ڪمالي ڪجل سان
٣. نظر جي نظاري، سرت سر سينگاري
وهم ڪل وساري، اشاري اجل سان
٤. درس دم جو ديسي، آوازي اويسي
محمد مک محيسي، منگهن مئي متل سان

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- ڏري ڏيان دم ۾، ڪيم ديد دلبر
پسايو پسڻ ڪي، پسڻ ٿي پيغمبر
١. پسڻ ۾ ته پيهي، ڏسي ڏيهه ڏيهي
ڪيان ڳالهه ڪيهي، ڪري راز رهبر
٢. پسڻ جو پسارو، پيغمبر پيارو
پرين ٿيو پاڳارو، پڌر پاڪ پرور
٣. ڪٽي پرت پيرو، سهاڳي سويرو
پسي ديد ديرو، ڪري ترڪ تَڪَبّر
٤. پسڻ جي پيشاني، جوڙي جوڙ جاني
محمد ٿيو مڪاني، عقل ڪل قلندر

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:-عجب عشق اعليٰ اناالحق الا يو،مٿي خيال پنهنجو عرش ڪان اڏايو

1. نگاري نظاري، صورت ڪي سينگاري
آوازي اشاري، عدم ڪان ٿي آيو

2. ڪنف ڪل قوازي، نظر نُر نوازي
درس دم درازي، طبل تر وڄايو

3. عجب عشق عالم، فهم سان فالم
بهادر ٿيو بالم، سراسو سوايو

4. هٿي ناٿ نوبت، ڪري سانگ صحبت
محمد ماڱ محبت، مدامي ملهايو

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:موڻکي ياد آهي عدم ڪان اشارو، نگاري نرالو نظر جو نظارو

1. عدم ڪان آوازي، صورت سان سازي
ڪري غور غازي، آيس ٿي اوپارو

2. نرت نر نوائي، سراسر سوائي
سرت جي سچائي، سلان سير سارو

3. درس دم قدم سان، اشاري عدم سان
بتابان بزم سان، بره بن پلارو

4. محمد سنپاريان، ساريان نا وساريان
واحد ورق واريان، وصل ويس وارو

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- پيان صاف سرڪي، ڪڏهن ڪين ڪرڪي
ملامت ۾ مرڪي، مجازي منڊل سان

١. خبردار خاصل، واري واڳه واصل
ڪري حال حاصل، حسن جي هڪل سان

٢. بزم جي بحالي، خُمر پي خيالي
قدم پر ڪلالي، ڪمالي ڪجل سان

٣. نظر جي نظاري، سرت سر سينگاري
وهم ڪل وساري، اشاري اجل سان

٤. درس دم جو ديسي، آوازي اويسي
محمد مڪه محيسي، منگهن مٺي متل سان

روپ	ڪافي	پهاڙي

ٿل:- ڏري ڏيان دم ۾، ڪيم ديد دلبر
پسايو پسڻ ڪي، پسڻ ٿي پيغمبر

١. پسڻ ۾ ته پيهي، ڏسي ڏيهه ڏيهي
ڪيان ڳالهه ڪيهي، ڪري راز رهبر

٢. پسڻ جو پسارو، پيغمبر پيارو
پرين ٿيو پاڳارو، پڌر پاڪ پرور

٣. ڪٿي پرت پيرو، سهاڳي سويرو
پسي ديد ديرو، ڪري ترڪ تَڪَبرُ

٤. پسڻ جي پيشاني، جوڙي جوڙ جاني
محمد ٿيو مڪاني، عقل ڪل قلندر

پهاڙي	ڪافي	روپ

ٿل:-سبحان صاف صورت، سرور فقير ڪي
لاخوف خود خبر هي، خوشتر فقير ڪي
ا. طالب وهي مطلوب هي، توحيد ڪي اندر
روحي ربوبي رمز هي، رهبر فقير ڪي
٢. عادل اوِيس عارف، هي اولياء امير
الفت عجيب اعليٰ، انور فقير ڪي
٣. پِيرِمُغان پيارا، مظهر ڪا پيشوا
پارس پيشاني پاڪ هي، پرور فقير ڪي
٤. محمد مدام مستي، منصف مقال سي
مجکو هي موج محبت، منور فقير ڪي

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:-معنيٰ واري ميگهه ملار لامقصد ٿيو مقصد منهنجو
ا. خيال جون خبرون خيال ختم ڪيون، خيال خدائي جي خمار
٢. راڳ رقص سان رنگپور اندر، راز رندائي جي رفتار
٣. لنگ بند لعل لانکوتي لائق، لات لطيفي جي للهڪار
٤. لا مقصد جو محمد مالڪ، مير مدامي مئي مختيار.

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:ــ نيزي سر نيشان، نرهٽن ٿا نعرو نعرو

١. انا انا انوار الائي، آڏُوتي عريان

٢. ڪري چيرن جا چمڪارا، چڙهي غير گمان

٣. ثابوتي جي سير صفاتي، سوري تي سلطان

٤. محمد مست موالي مئي جا، ملهائي ميدان

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:ــ ساقي ٿي سردار آيو صورت وارو سانگ بنائي

١. ڪٿي خوب خيالي خنجر، خودي جي خمار آيو

٢. صحي صاف سمايو سڀ ۾، صفت جي سينگار آيو

٣. ڪامراني قدم ڪڍائي، ڪجل واري ڪار آيو

٤. مچي محمد مئي پي مَٽ تي، ڪري ميگهه ملهار آيو

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:ــصورت واري صاف صحن ۾ قرب ڪڍي قواز ڪيو

١. سڪ سچي جو سندرو ثابت، شوق شاهي شهباز ڪيو

٢. ديد اڙائي درسن پائي، پرت پچي پرواز ڪيو

٣. بره بازيگر بازي پڙي، نيڻ نرالو ناز ڪيو

٤. اُلٽ محمد اناالحق جو، عشق عجب آواز ڪيو

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- چشمان چرخا ڪيتا چور
ڪيوين آتڻ تي مئين آوان

١. حسن حقيقي حاضر هر دم
حاصل هويا حج حضور

٢. نقش نقاش دي نت نتڪي
ويکم نظاري نيهي نور

٣. ذاتي زور زلف دا زابر
ڪول زناري ذوق ظهور

٤. صورت مرشد معنيٰ مظهر
محمد والي مک مذڪور

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- گرو مان نہ آهيان چيلو، اصل عشق امين اڪيلو

١. وجهان شور شريعت اندر، ڪٽي شاهي شوق شڪيلو

٢. اناالحق اظهار الايم، عجب عاشق ٿي البيلو

٣. ڪولي ساز صراحي سِرجو، ڪيان سهٹو سير سويلو

٤. مڇي محمد ٿي متوالو، ڪيو محبت مئي جو ميلو

پوريا	كافي	روپ

ٿل:ـ ڪون هو يا هم ڪون هويا تم
ڪون همہ همذات هو يا دم

١. ڪون قرب ڪل ڪن فيڪوني
ڪون بحر بر پيد بيچوني
ڪون بره برسات هو يا دم

٢. ڪون ڪمال قديمي قدرت
ڪون ڪلام قلم ڪل ڪثرت
ڪون قلب قبلات هو يا دم

٣. ڪون الاهي عشق عدم دا
ڪون ڪرم ڪلتار قدم دا
ڪون حسن حضرات هو يا دم

٤. ڪون ظهورا ظاهر ذاتي
ڪون ماٿيندا موج مماتي
ڪون نفي اثبات هو يا دم

٥. ڪون منبدل ميزان **محمد**
ڪون اصل اسرار احمد
ڪون الف اسمات هو يادم

پوريا	كافي	روپ

ٿل:ـ ڪؤن هويا حق ڪؤن هويا شڪ
ڪؤن ڪها ڪلمات اناالحق

١. ڪؤن ڪلالي ڪام ڪريندا
ڪؤن دائم دم دار مريندا
ڪؤن درس دن رات اناالحق

۲. ڪون جزم شد پيش پڙهيندا
ڪون سوري سردار چڙهيندا
ڪون قتل ڪنذ ڪات اناالحق

۳. ڪون صفاتي سير صورت دا
ڪون منور ماڳهه مورت دا
ڪون قهر ڪجلات اناالحق

۴. ڪون احمد عشق انعامي
ڪون **محمد** ميم مقامي
ڪون موڪي مصلات اناالحق

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- ڳلي ڳلي ۾ ڳايانئو، قيريدار فقير ٿي فالم

ا. عشق واري اوقات عجائب، آڙنگ ساڻ الايانئو
اظهر ٿي آوازي عالم

۲. سرت نرت جي شهر بحر ۾، نوبت نيهن وڄايانئو
بيشڪ پيد بتائي بالم

۳. ڳلپيشوازان پِرتئون پهري، ڇيرن ڪي ڇمڪايانئو
ڪولي ذوق زناري ظالم

۴. **محمد** مُطرب واري منصب، ساز سرود سٺايانئو
سمجهي سير صورت جو سالم

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- ڳلپيشوازان پايانئو، صورت وارو سانگ بنائي

ا. عاشق ٿي اظهار آڪين جو، ڳالهه ڳجهي ڳجهه ڳايانئو
انحد واري بين بجائي

٢. جلويگر جنسار جلالي، جگري جوش جڳايانئو
اُلٽ اويڙي آتش لائي

٣. وحدت جي ويساهه وچن سان، اڳتي وک وڌايانئو
واحد ورق وصال ورائي

٤. محمد ٿي مشهور مڪمل، مئي جي موج مچايانئو
محبت جو ميدان ملهائي

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- تون ٻه هڪڙو خيال، خيال سان خود خيال ٿي ملندين

١. دم خزانو هٿ ڪر هردم، پسي جوت جمال
جام انهين جي جوش ۾ جلندي

٢. سرت پَچائي سر ۾ ساري، ڪري قرب ڪمال
راهه انهي سان رمز ۾ رلندين

٣. موتو واري موج ۾ محڪم، فنا ٿي في الحال
سير عجائب صاف ٿي سلندين

٤. محمد عشق الله جي ٻاجهون، ٻي ڪوڙي قيل مقال
پائي هار حلاجي هلندين

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- آڪين جي ارواح، عشق ڪيو آواز اناالحق

١. بشر وارو باغ بنائي، بره واري باهه

٢. رنگ برنگي راز رچائي، رندي رنگ جي راهه

٣. ڪجل واري ڪار سان قائم، ڪري قرب ڪلاهه

٤. مستي جي مهرياڻ مدامي، محمد مير ملاح

پوريا	ڪافي	روپ

ٽل:۔آهيان پاڻ خيال، سان تو خيال سڄاڻا
١. پسي پاڻ پسڻ ۾ پنهنجو، پڇي تي پئيمال پسڻ پسجڻ پيچ پڇاڻا
٢. خوبان خوب خيالي خرقي، خدائي خوش حال صحي سهڻا سير ساماڻا
٣. قدم دم ڪڏائي ڪامل، ڪري قرب ڪمال ڪڏهن ڪُويا ڪين ڪوماڻا
٤. **محمد** مير محيسي مسيحيٰ اويسي احوال منگهن مئي جي موج تو ماڻا

پوريا	ڪافي	روپ

ٽل:۔ڪير ٻولي ٻول ٻوليندا هي، ڪير اُٺندا وَل وَل ڀهنداهي
١. سڻ سمجهڻ ڏيکڻ ڏسدا، بيخود پيد بتينداهي
٢. چشمان والي چرچي چلپل، بازي بيکم بنيداهي
٣. رمزان دي وچ رمز رلاڪي، محبت مچ مچينداهي
٤. مظهر وچ تي **محمد** ماهر، گيت اناالحق ڳئونداهي

پوريا	ڪافي	روپ

ٽل: تي عاشق عشق ڪمينداهي،سپ صورت سيرڪريندا هي
١. پيرين وچ گهنگهرو ڳل پيشوازان، ڳلي ڳلي وچ ڳئونداهي
٢. توڪل والي تار طلب دي، رندي رمز رلينداهي
٣. شاهي شهر شريعت والي، هوڪي هٽ هٽ ڏينداهي
٤. **محمد** تي مختيار منور، اُلٽا اُلٽ الينداهي

پوريا	ڪافي	روپ

ٽل:- پچين پچرو ڪر پرواز، انحد اُلٽي بين بڄائي
١. هڻ نقارو وحدت وارو، بيرنگي جي رنگي راز
چشمن وارو چاڙھ چٽائي
٢. چڙهي چاڙهي چشمن واري، اناالحق جو سڻ آواز
محبت وارو مچ مچائي
٣. مئي پي مانجهي مچ تي مڙيا، صورت وارو سمجهي ساز
قُم باذني حڪم هلائي
٤. گهيڙ انهي ۾ محمد گهڙِ تون، نيٽن واري ننگي ناز
بيسري جو مطلب پائي

پوريا	ڪافي	روپ

ٽل:- سهڻي صورت سرسبحان، مشرڪ ٻاجهون ڪير سڃاڻي
١. ظاهر ذات صفاتي سارو، گونان گون گيان
٢. بيخودي جي بحر بلاشڪ، بره جو بوستان
٣. الانسان سري وانا سرهو، فائق جو فرمان
٤. محمد عشق حسن جي بازي، نسنگ ٿي نيشان

پوريا	ڪافي	روپ

ٽل:-عشق اوکڙا مول نہ ٻهندا، ڳلي ڳلي وچ ڳوئيندا هي
١. آڪياندي اثباتي اندر، ويندا ول ول آئوندا هي

٢. خوبان خوب خيال ختم ٿي، خام خودي کون ڪاٺوندا هي
٣. گھوراندي بازار گرم ڪر، گھوٽ گياني گھٹوندا هي
٤. لاهوتي لاثان محمد، لات لا دِي لئوندا هي

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- سخي شاهنشاه درازن ۾ دوله داتا
١. آيو ٿي اظهار اسانوت اولي انس الله
٢. سخي سر سلطان سوپارو سڪندر سر واه
٣. سخي صاحب سر سبحاني، سچو سپ جو ساه
٤. محمد مالڪ مڪہ مظهر جو، موکي منور ماه

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- هرمذهب جو عشق امام، مدامي موجود ٿي آيو
١. هرمذهب ڪي عشق ٻڌائي، آوازي احرام
٢. عشق امام حسين ٿي آيو، ڪولي ڪل ڪم ڪام
٣. بلاشاه سچو ٿي ساقي، پياري پرجام
٤. صوفي سرمد شمس بلاول، ڪرائي قتلام
٥. سچي ٿي منصور محيسي، محمد واري مام

روپ	ڪافي	پوريا

ٿل:- عشق شهباز شڪار ڪريندا، شائق شاهنشاه
١. چنبين چنهبين نال پَٽيندا، چهرا ڪرڪي چاه
٢. ڪنبڻ ڪُسڪڻ مول نہ ڏيندا، قهر والي ڪاه
٣. سٽي سرڪش سُورِهيہ صُوبي، سوگھا ڪرڪي ساه
٤. مرغ وانگي مرد مريندا، محمد منهن دي ماه

پٽ مجري	ڪافي	روپ

مئيخاني ۾ مي پي مچي، موتو مري جوڳي جيا
١. صورت سندي سينگار ۾، ڪيفي ڪجل جي ڪار ۾
پيچي پسڻ پڳدار ۾، پروان جان پيهي ويا
٢. شائق شرابي شوق جا، فائق فياضي فوق جا
ظاهر ذڪائي ذوق جا، رمزن واري رنگ ۾ رهيا
٣. نيزي نظر نيشان تي، فالم فهم فرقان تي
سورهيه سخي سلطان تي، برسيا بهادر بيريا
٤. محبت واري مضمون سان، بيخود بره بيچون سان
محمد مغان مئيگون سان، ڪيڏن ڪيڏاري تي ڪيا

پٽ مجري	ڪافي	روپ

ٿل:ـ مخمور مگهن مستاناهون، مستانا هون مئيخانا هون
١. سينگار سخن سامانا هون، سامانا هون سلطانا هون
٢. هرحال حسن پئيمانا هون، پيئماناهون پروانا هون
٣. گلزار گگن گن گياناهون، گن گيانا هون گر گانا هون
٤. لا ريب لحن لاثانا هون، لاثاناهون با معنيٰ هون
٥. محمد مدن ميدانا هون، ميدانا هون مردانا هون

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:ـ حنائي هاٿ ڪر هردم، حلاجي هار پايا مئين
اناالحق گيت ڳايا مئين
١. عدم دي ديس ڪنون آڪي، عجب التا الايا مئين
اناالحق گيت ڳايا مئين

٢. سوري دي سيج تي ثابت، سخن سھڻا سٽايا مئين
انا الحق گيت ڳايا مئين
٣. بقا با الله تي باقي، طبل شاهي وڄايا مئين
انا الحق گيت ڳايا مئين
٤. محمد مست تي مانجهي، منڊل مئي دا مچايا مئين
انا الحق گيت ڳايا مئين

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:ـ هڪل هڪ حال دي، حاضر حسن هبڪار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
١. حسيني هل همت والي، حڪم هسوار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
٢. حلاجي هوش حق حق دا، حرف هموار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
٣. همه همذات تي همدم، حقي هلڪار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا
٤. همائي حال وچ محمد، هري هر وار هي ڪيتا
سخن سينگار هي ڪيتا

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:ـسوڊل يار سياڻا، رات رهي وچ راڻا
١. صورت واري سير سان سھڻا، سڪ جا ساز ساماڻا
٢. آڪين واري آتش اندر، ڏنا عشق اولاڻا
٣. اڪنڊ اوهانجي آهي ازل ڪان، ڳالهہ نڪا ٻي جاڻا
٤. محمد واري مام ملڻ جي، محب مٺا چڏ ماڻا

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:-ٿيو سرهو سانگ سجايو، ويو وَهم دوئي جو اجايو

١. عشق انالحق ٻولي ٻولي، کيل خيال خودي جوکولي
اچي انحد ناد بجايو

٢. عشق عدم کان ٿي اوپارو، ڪيو سهڻو سير سوپارو
رکي رمز رنديءَجو رايو

٣. ڪري سانگ صراحي سُرجو، گهُليو گِيان گِياني گرجو
ٿي سر سو سرس سوايو

٤. محمد مهدي موج مچائي، محبت جو ميدان ملهائي
ٿي ساقي سِر سمجهايو

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:-سهڻي صورت جي سرداري، اچي عشق ڪئي اظهاري

١. گلپيشوازان چيريون پائي، ڪئين گهوٽ گهورن سان گهائي
چلي چشمن سان چوڏاري

٢. بره جي بازار بحالي، درس ٿي دلدار ڏمالي
ڪري برسر باغ بهاري

٣. نظر واري نوڪ نظاري، نسنگ نيهي ناز نظاري
نچي نيڻن جي نرواري

٤. احد احمد نام ڏَرائي ميم جو مضمون ملائي
مچي محمد جي مهداري

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:ـ ناز وارن سان نينهڙو لائي، پير نہ پٽي پائج تون

١. درد فراق فڪر جي فن سان، ڪين ﺑﮧ قرب ڪمائج تون

٢. هِردي اندر جهاتي پائي، خيال سان خيال جڳائج تون

٣. پڙهي فرض فنائي وارو، هو جو هل هلائج تون

٤. پاڻ سڃاڻ پنهنجو آئين پول نہ پيو ڪو پائج تون

٥. محمد محڪم مام انهي ﺑﮧ، ڳيت اناالحق ڳائج تون

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:ـ يار پيارا تيڏي ڪارڻ، دم دم پاوان جهاتڙيان

١. فذڪروني قرب ڪمايم، لون لون دي وچ لاتڙيان

٢. سردا سودا ثابت هويا، منجهہ ڳيان مصلاتڙيان

٣. نازدي نقطي هل هلايا، بره بتايان باتڙيان

٤. اُلٽي مام محمد موهيا، قرب وهايان ڪاتڙيان

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:مست آکيان محبوب ميڏي ديان، ڪرن قتل دي ڪارميان

١. شوق والا بَدَ شملا چڙهديان، چشمان ڪر چمڪارميان

٢. نين نظر دي خوني خنجر، مارن ٿي مهندار ميان

٣. گهوران دا ڪر گهيرا آون، عشق واليان تي آرميان

٤. ڪيڏ محمد بيسر بازي، هردم ٿي هشيار ميان

بنس	كافي	روپ

ٹل:۔مک مصحاف صنم دي صورت، كعبا سر سردار ميان
ا. بيرنگ بازي يار بنائي، رنگي كر رخسار ميان
۲. كرن طواف تنهين كون طالب، ويكم)عجب اسرار ميان
۳. عشق واليااندا حج اكبر هي، دلبر دا ديدار ميان
۴. پا غلاف زلف دا آيا، **محمد** تي مختيار ميان

بنس	كافي	روپ

ٹل:۔منٹار مٹل ياردي مئين تاري تڳيان نسنگ نين لڳيان
ا.آيم ياركرسينگار ٹيان ميگهه ملاريان ڏنم يارجلويدارڳيم هوش اڳيان
۲. شكر يار لڌم سار ڳيان غير مديان
كليم بخت مليم تخت جِنهنديان لعل چڳيان
۳. مٹي يار دي ديدار لائي كي سال سكيان
بي حال تي كر يال آيم يار ساڳيان
۴. ساري لوك دي مئين ٹوك چاتم سر تي بديان
محمد محب كيتي ماڑ مهٹي ٹيان تاج پڳيان

بنس	كافي	روپ

ٹل:۔سنگي ساز ننگي ناز رنگي راز رَتيان
مڑگان مست متيان
ا. طلب طُور نظر نُور پڈر پُور پتيان
همه حال دي خيال بن بحال بتيان
۲. كجل كار والي ڈار سر سينگار ستيان
الف اوڑ گگن گوڑ كيتا جوڑ جتيان

٣. بزم برس سرس سرک ترک ترس تتيان
جوڳي جهوٽ لقالوٽ چوڙيان چوٽ چتيان
٤. طبل تال لحن لعل **محمد** ڳالهه ڳتيان
مٺي دي مام وچ مدام کر گرام گتيان

روپ	ڪافي	بنس

ٽل:۔اگڻ تي آيا عشق اگهور شاهنشاهي ڪرڪي شور
١. هرجاء حق حق حڪم هلاڪي ڪول حسن دي حملي هور
٢. ڪول زناري ذوق زلف دا ظاهر ذاتي زوران زور
٣. اثراتي آواز الاڪي اول آخر اوران اور
٤. **محمد** وچ ميدان مدامي اصل عجائب ٽل ٽل تور

روپ	ڪافي	بنس

ٽل:۔جڙيل يار جاني ڪجل پائين ڪاني
سهڻن جي صفت ۾ تنهنجو مٽ نه ثاني
١. بزم جي بهاري سراسر سونهاري
ڪري سانگ سهڻا صورت تو سينگاري
ڪولي سرخ ساغر صراحي سماني
٢. اکين جي اشاري نگاري نظاري
ڀري پيشوازان پيالا پياري
وجهين تو ڏسڻ سان ڪري ڏيه ڏاني
٣. حسن هل هلائي وصل وڪم وذائي
ٻائي ڳل ڳراتي ڳڻن سان ڳالهائي
نسنگ ناز نتڪي نرت جي نشاني
٤. مليو محب **محمد** سخن سيف سرمد
مليل ميم معنيٰ اسم اوت احمد
فهم فوج فالم ڪري فرق فاني

بنس	ڪافي	روپ

ٽل:ـ سرت ڪئي سواري نرت ۾ نياري
پساري پسڻ جي پڌر ٿي پياري

١. هڪل هڪ حسن سان ڏمالي دغن سان
سرن جي ثبوتي سٽائي سخن سان
ڪري تيز تازي طبل سان تياري

٢. بره بن بنائي قدم ڪل ڪڏائي
نظارو نرت جو پرت سان پچائي
برابر بقائي بزم جي بهاري

٣. عجب عشق عالم فتح فوق فالم
صفا سير سر جي ڪري سُرت سالِم
پياري ٿي ساقي سچي سرڪ ساري

٤. محمد موج ماٽي اصل جاڻ جاٽي
نرت جي نشي سان سرت ڪي سجاٽي
بڌي موڙ مونگهٽ ڪري مئي ملاري

بنس	ڪافي	روپ

ٽل:ـ اصل عشق آهيان پيو چا بڌايان
آوازي اثر سان اَنا اَن اَلايان

١. عدم ڪان اوپارو لقائي لهوارو
ڪري سير سهڻو سراسر سوپارو
ڪلاهي قدح سان قدم ٿو ڪڏايان

٢. نرت جي نظاري سرت ڪي سينگاري
گهمين گام گهتيون گگن ۾ گذاري
ڪري گيان گر ٿي گهٽا گهوٽ گهايان

۳. وره جو ويراڳي طبل تر تياڳي
سخن ساز سرسان سچو سر سهاڳي
صحي صاف سرگم سرودي سٽايان
۴. محمد ماڳہ مورت سارو سانگ صورت
پسڻ جي پسڻ ۾ پسڻ واري پورت
پهري پيشوازان پيالا پياريان

روپ	ڪافي	بنس

ٿل:_ صحي سر سجاڻي هسان چو نہ هاڻي
پسڻ جي پسڻ سان پسڻ ڪي پَڇاڻي
ا. الف جي اسم سان ڪلالي قسم سان
پيان جام جڳ جڳ جلالي جسم سان
جوڙي جوڙ جنگي اصل چاڻ چاڻي
۲. صراحي جو ساقي بشر بيڪ باقي
يڳانون ٿي ياور يڪو يار ياقي
اُلاسي اثر سان آوازي اولاڻي
۳. عشاقي اشارو نظر جو نظارو
ڪولي ساز سرگم پسي سير سارو
سٽايان سخن ٿو تگهٽ جي تڪاڻي
۴. شهنشاه شرابي قدح سان ڪبابي
هٽي نيهن نوبت نقارو نوابي
ٿيو مست محمد محيسي منداڻي

بنس	ڪافي	روپ

ٽل:-نيهن نواب پي شراب بره باب پڙهايو بلند پيد بتايو
١. نسنگ نيهن راتو ڏينهن محبت مينهن وسايو
ڪولي گيان ٽي سُجان عاليشان اُلايو
٢. حقي حال ٽي بحال ختم خيال ڪمايو
رندي راز واري ساز ڪولي ناز نچايو
٣. عشق عجيب نرنجيب منهن مجيب وڪايو
نرت ناٿ ڪري هاٿ سرت ساٿ سنيايو
٤. محمد مير ٽي منير سر سڌير سٺايو
رنگي راڳ جي سهاڳ مئي جو ماڳ ملهايو

بنس	ڪافي	روپ

ٽل:-رنگ راهو ندي ۾ رتو رتو آهي راڳ۾رقص رفتار سان
١. پکن واري پڙتي پڌرو پيو پاڻ پسڻ جو پتو پتو
پائي پيچ پکو پڳدار سان
٢. صحي ساز صراحي سرجو، ڪري تاب حسن آهي تتوتتو
سهٽي صورت جي سينگار سان
٣. صفت واري سير سوپارو، ٽي ساغر سر ۾ ستو ستو
سنگ ساقي سر سردار سان
٤. مچي محمد موج مندل ۾، رکي محبت مئي جو متومتو
ملي ماهر ٽي مهندار سان

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:- سرساقي سرور سچو سچو سرساغر جي سينگار سان
۱. سڏي سرڪ پياري سهڻو چئي آر اَڏي تي اچواچو
آڪهانور جي اسرار سان
۲. پائي پيچ پڪو پرور سان اچي پتنگن وانگي پچو پچو
پي پيالا پر پڳدار سان
۳. ڪولي ناتڪ نوڪ نظر جو ٿي ناٿ نظاري نچونچو
نرنيهن نشي نروار سان
۴. ملي محمد ماڳهه مٿي تي ٿي مست مدامي مچومچو
مڪهه مستي جي مختيار سان

بنس	ڪافي	روپ

ٿل:- پيو پور پسڻ جو پڪو آهي پنبڻ جي پرواز سان
۱. سخي سرور سر سوپارو سي صورت ثابت سڪو سڪو
سرسيف صراحي ساز سان
۲. ڪري چيرن جا چمڪارا پئون بارهن تي پيو چڪوچڪو
اچي اناالحق آواز سان
۳. وحدت واري وادي اندر ٿي ياريگانو يڪويڪو
نرنيڻ واري ناز سان
۴. محمد محسن مير مصور ڪري محڪم منهن ڪي مڪومڪو
رتو رمز رندي جي راز سان

بنس	كافي	روپ

ٿل :-دلدار دلبر يار دلبيدار ڏتاريو ڪٿي نيڻ نهاريو
١. مژگان موج فهم فوج اثر اوج الايو
٢. ڪجل ڪار واري ڏار ڪري مار مچايو
صورت سنگ واري ونگ رنگي رنگ رچايو
سخن ساز جي آواز ڪولي ناز نچايو
٣. ختم خيال جي وصال حڪم حال هلايو
شاهي شاب پي شراب بره باب پڙهايو
٤. گل غلام محمد مام ڏيئي جام جياريو
عارف عام علي نام قتل ڪام ڪمايو

بسنت	كافي	روپ

ٿل :-لايا نيهن نيٽاندي نال اسان، نچ ڪيتا ناز نهال اسان
خوبان خوب خبر دي خاني، هٿ ڪرخاص خيال اسان
١. سرت نرت وچ ثابت سالم، عشق عجائب عارف عالم
بيرنگ بيڪ بقائي بالم،ڪيتا برس بحال اسان
٢.چون بيچوني چالي چل چل، هاڪ حسن دي حملي هُل هُل
وحدت والي ويڙهي ول ول، ڪوليا ورق وصال اسان
٣. نينان والي نوڪ نظر تي، برسر باغ بهار بشر تي
آوازي اظهار اثر تي، حاصل ڪيتا حال اسان
٤. محمد مـــژگان موج مچائي، سهٽي سرخ سينگارسچائي
راز رندي وچ رمز رچائي، ڪر ڪر جوش جلال اسان

بسنت	کافي	روپ

ٹل:۔بن عشق عجب ارباب اسان، ٹي اوقاتي احباب اسان
اثباتي آواز اُلاڈي، آپ کون ان القاب اسان
ا. بیحد بالا پید بتایا، برسر بشري بیک بنایا
آپ کون آپي آپ پڑھایا، بیخود والا باب اسان
۲. شاھنشاھي شان شھابي، شفقت کر شادان شتابي
شملي بڈ شھزور شبابي، کیتا شوق شراب اسان
۳. نینان والي ناز نیاري، نوبت ناد وڄا ھڻ نعري
اپنا کیتا آپ نظاري، نیھن نسنگھ نایاب اسان
۴. محبت دي میخان مظفر، مالک ملک معنیٰ دا مصور
مستو مست مدامي منور، محمد منھن محراب اسان

بسنت	کافي	روپ

ٹل:۔ناز نیٹان دا نظارا وي، آیا ٹي اظھار اندر وچ
ا. کول حسن دا جلوه جنگي، رنگ برنگ عجائب رنگي
پا سرو پا تاج کلنگي وحدت دا وڻجارا وي
نکل ٹیا نروار نظر وچ
۲. کوڑخفي وچ خیال داخیمان، کر قلب کون قربئون کیمان
پایا یار جلالي جامان، وڄا ناد نیارا وي
گونگھٹ والي گھري گھر وچ

٣. نتكي ناز نيٺا ندي نرالي، جذبي جوش جلالت والي
اُلٽ اندر وچ اُلٽي چالي، ڏيندا اُلٽ اشارا وي
عشق حسن دي لعل لهر وچ

٤. مستي وچ گر محمد مليا، رمز عجائب نال جو رليا
وحدت والا گلشن کهليا، ماريا نيهن نقارا وي
شوق شمس دي شاه شهر وچ

بسنت	ڪافي	روپ

ٽل:ـاحد احمد بن آيا هي، خاکي خرقا پياري پايا

١. رنگپوردي وچ راز ڇپايس، رهبر ٿي رخسار وکايس
انا احمد آپ ڪَهايس، صورت سڀ سمايا هي
موه انهين چا مُلڪ منجهايا

٢. ونحن اقرب نيڙي رهندا، بي مثل ٿي بابل ٻهندا
الانسان سري که ڪهندا، اي رنگي رنگ رلايا هي
سمجهه سالڪ رندي رايا

٣. ظاهر ذات صفاتي سارا، ڪيتا نوبت نيهن نظارا
آکيان عشق عجائب آرا، جنگي جوت جڳايا هي
نکو جام ڪهيندا چايا

٤. محمد منور محرم من دا، بره بن بنا بن بن دا
ڪتان عشق الاهي امن دا، ڪٿ سير سوري دا سايا هي
هرجاءِ هادي حڪم هلايا

بسنت	ڪافي	روپ

ٿل:-بسنت بهاري لائي هي، چو طرف چودار چمن وچ

١. ڪيتڪي ڪل ٽانگر لالان، چينڪ چيت چٽائي چالان
ڦتي ڦول خزان ڪر تالان، ٿي سبزي سرس سوائي هي
سرخ سهٽي صاف صحن وچ

٢. سورج سهڻا سوسن سنبل، ڪيتي ڪيل ڪنٽهر ڪل ڪل
ڪرن ويڪ بهاري بلبل، وحدت والي وائي هي
گونته گل گلاب گگن وچ

٣. ڪيوڙي ڪر قرب قطاران، پاوَن پيچي پيچ پٽاران
ڪول صوفي ساز ستاران، لعلي لوُن لوُن لائي هي
لات لطف لاٿان لحن وچ

۴. موتيا رومي **محمد** مندر، برس باغ بقائي بندر
ڪتان آس الاسي اندر، اُسر عدم ڪنون آئي هي
مستي والي موج مگهن وچ

بسنت	ڪافي	روپ

ٿل:-بسنت بهاريا باغ بهار برسر بوند بهاري لائي

١. سروُ سنوبر سورج سوسن، گهليئي گل گلابي گلشن
ڪيتڪي ڪيئي لالان جهرڪن، ڪيتي ڪليئي ڪنٽهار
اکيان وچ اظهاري آئي

٢. نازبو نرگس ٿُمان تُلُ تُلُ گونته گوهر غنچهه گهُلُ گهُل
ڪيتي حال حسن دي هُل هُل، هرجاء هٿ هٿ هڪ هڪار
بنيا بيڪ بحال بقائي

۳. سرخ سبزي سير سناسيٰ، زنگي سنبل ويک عباسي
گاکي پوريا پيم پلاسيٰ، ڇم ڇم ڇنن کر ڇمکار
ڇينڪ ڇشمان ڇوٽ ڇڙهائي

۴. موتيا مشکي محسن منور، جعفري جڙ احمر انور
صاف صنم تي سهڻان سرور، محبت والي ميگهه ملار
مٺي پي محمد موج مچائي

روپ	ڪافي	بسنت

ٽل:۔سهرا سرخ سر ڳايانٽو، توم نوم تنن طبل وڄائي
۱. تازا تال طنبورا ترنم، سُرسان سخن سڻايانٽو
ڇوم ڇوم ڇنن ڇير بجائي
۲. سيٺي ساز سِتارون سُرندا، سرگم سُر سمجهايانٽو
جهوم جهوم جهنن جهوٽ جهلائي
۳. دلربا درباري دائم، دم جو درسن پايانٽو
گهڻ گهڻ گنگهرو کي گهڻڪائي
۴. محمد مست مڌهم کري مرليون، مِرڏنگ موج مچايانٽو
ڏوڏو ڏنن ڏوم مچائي

روپ	ڪافي	بسنت

ٽل:۔ هٽ ڪيتا خيال ڪمال اسان هڻ دم دي درس ڏمال اسان
محبت والي موج مچاکي، ڪيتي مست مقال اسان
۱. دم دم دا ڌيان ڪماکي، صورت دي وچ ساه سماکي
جاڻڻ والا جاڻ جماکي، ڪيتا ان احوال اسان
۲. ڪول ظهورا ظاهر ذاتي، آکيان اندر کر اثباتي
سر تي کر سينگار صفاتي، سمجهي سار سنيال اسان

۳. رنگ برنگي راز رلايا، سر دا سر وچ سانگ بنايا
بيرنگ برسر پيد بتايا، بالم ٿي برحال اسان
۴. اَنا اَن آواز الايا، هرجاءِ حق حق حڪم هلايا
محمد مئي دا ماڳ ملهايا، محڪم ٿي متوال اسان

روپ	ڪافي	ڪانرو

ٿل:-نينهن جي نوبت وڄائي، ناد ڪئين نيهي نواب
ناٿ ٿو نانگا نچائي، ناز جو کولي نقاب
۱. نينهن جو نعرو هٽي، ٿيا نظر جي نيشان تي
نَر پَسن ناپيد نيارا، نيٺ نرگس نيم خواب
۲. نامور نادر نرالا، ناٿ نر نروار ڪيا
نوڪ نيزي جي نزاڪت، نيڪ ٿيا ننگي نياب
۳. نسنگ ٿيا ناتي نگهه جي نقش جاناميا نقاش
نئو بنو نازڪ نظارو، نور جو ٿيڙو نجاب
۴. نج نفي اثبات نتڪي، نازنين محمد نگار
نظم جو ناطق نقارو، نجيبي ٿيو ناب ناب

روپ	ڪافي	ڪانرو

ٿل:-پيچي پوشاڪ پياري پائي، صورت والي سر سمجهائي
۱. بيمثل ٿي مثل بنايس، ظاهر باطن خيال ڪمايس
اپنا آپي آپ ڇپايس، آکيان گواهي آئي

٢. چشم چراغ ويکو هر مظهر، کول وکايا مکڙا منور
سارا سير سمجهه سر سرور، انحد بين بجائي
٣. حسن کليا جيوين گل گلزار، چشمان چپ چپ کرچمکار
عشق عجائب اُلتي آر، چا سيف سيني ستکائي
٤. مورت وچ ٿي محمد ماهر، ڏنا ذات ظهورا ظاهر
جهڙا اندر تهڙا ٻاهر، کڙا شور مچائي

روپ	کافي	کانرو

ٿل :ـ آ عشق کيتي اثباتي، کر چم چم چِنَنَن چاتي
١. ڏي پنيور کون باهيان باري، پچان اهل عجائب آري
سکڻ سرت وجائي ساري، ٿي بره برهمڻ ياتي
٢. مئين فراقڻ ٿي هان قردي، سري قدمين دم دم ڌردي
گهوري گهوران کيتس گهردي، پاجهات وچ جانب جهاتي
٣. ٻانهين ٻهگڻ ٻارو چل دي، مئين هان دائم دلبر دردي
وحدت وائي ولول ولدي، جڏهن ظاهر ٿيڙا ذاتي
٤. محمد چوڙ سيئي ست سانگي،لنگهه تون لاحد والي لانگهي
جتان ناد وڄئيندي نانگي، چا کامل قاتل کاتي

روپ	کافي	کانرو

ٿل :ـ ناهيان ۾ آهيان آهيان ۾ ناهيان، اهوحال چاتي چاسان الايان
١. بيرنگ بحالي برسر بهاري، بلند بين باجابقائي بتايان
٢. هرجاءِ حسن جوهو کوهلائي، حق حق هميشان هکل هک هلايان
٣.ذاتي صفاتي سرگم سرودي، صورت سخن جي کنهنکي سڻايان
٤. محمد مثالي مظهر بنائي، ميدان محبت مئي پي ملهايان

کانرو	ڪافي	روپ

تل: هي هي هو هو هون هون هونگارو
نفي ۽ سري ڪان اخفا اشارو
ا(الف). اسم سان جسم ۾ آواز آيو
انس ٿي الايو ڪري عشق آرو
گياني گلي ٿيو پنجم پيارو
٢. ڪرج ٿيو نفي ۾ منڌم سري سر
نڪاد اخفا نظر جو نظارو
٣. گرام ٽيئي ست سر ٻه ڇهه راڳ
سرگم سرودي سمجهه ساز سارو
٤. درس دلربائي ڏر پد ڏمالون
ڏياني خفي ڏر ڏيوت دٻارو
٥. ترنم توحيدي تن من طنبورا
بگل بين باجا نگاري نقارو
٦. منڌم موج مِرڏنگ مرليون مدامي
مٺي ۾ محمد سرخ سر سوپارو

کانرو	ڪافي	روپ

ٿل:- رچڪ پيانڪ يٽارٽ ٻتائون
رجوگن تموگن ستوگن سي گائون
ا. رچڪ سي رجوگن پيانڪ تموگن
يٽارٽ ستو گن ڪي مهما ملائون
٢. پراپت پشعتي مڌما ٻه يڳتي
ويڪري ڪي وستي ۾ ٻاٽي بنائون

٣. ڪرم ڪل ويداني اُپاشن سڌاني
گياني وگياني ڪي سرمين سمائون
٤. محمد ڪي مهما ورنن آشرما
يجن پيد برما ڪا سرگم سنائون

روپ	ڪافي	ڪانرو

ٽل:_ناب سي نام اُنايا مئين، ساس سرپ سمايا مئين
تگهت تڪاني شبد بَناڪي، گگن محل مين گايا مئين
١. نام ڪي پورن پد پرماني، ڌارن ڪرڪي ڏر پد ڌياني
تين گرامي آتم گياني، ساراسر سمجهايا مئين
٢. ناب سي نرمل نام اُنايا، هردي اندر هل هلايا
ڪنٺ ڪنول اَريونر غفايا، اوم ڪا انگ لگايا مئين
٣. نام ڪي نوبت ناد بجاڪي، سندر سرگم ساز سناڪي
اوهنگ سوهنگ برهم بلاڪي، اُلٽا پيد بتايا مئين
٤. سنت محمد صوفي سارا، تين لوگ ڪا جاڻ هارا
سرت نرت ڪا پر جهه پسارا، اَنحد ناد بجايا مئين

روپ	ڪافي	ڪانرو

ٽل:_ ستگرهي ميرا ڌياني سو گياني
ستگر هي ميرا
١. مئيخان مورت سبحان صورت
ثاني لاثاني

۲. پئيمان پرکا سيلان سرکا
باني بياني
۳. دلدار دائم کلتار قائم
فاني نہ فاني
۴. مهندار محمد انوار احمد
جاني سجاني

کونسيہ	کافي	روپ

ٿل:۔ بيسر بازي کيڏن غازي، نوک نظر تي نيک نمازي
ا. قبلل ماضي چوڙ ڦٽي کر، ڦر نا پڇدي ملان قاضي
۲. رهبر ٿي رس روحي رخ تي، راڳ رقص وچ رهندي راضي
۳. صورت دا سينگار سرخ کر، کول صراحي ساغر سازي
۴. ديدان دي دربار دلاور، دولهہ دم دي درس درازي
۵. لا مقصد کر مقصد محمد، مام ملاون مرد مجازي

کونسيہ	کافي	روپ

ٿل:۔ ستگر کا ڳُن جوئي نہ جاني، سوئي يتکي يولا ري
ا. يگتي کر يگوان پڇاني، سو پرکاشي پولا ري
۲. نرگن کاگن سمجهي صاحب، سچ کنڌ اُس کاکولا ري
۳. جوڳہ ويراڳہ سي نام جپياجس، چاند اُسي چٽ جهولا ري
۴. گيت گگن جو محمد گاوي، گيان اُسي گهر گهولا ري

كونسيه	كافي	روپ

ٽل:ـسرت نرت سچ سمجهي صوفي، جوڳيسر لتداري کو

١. نام جپي جو چيتن چت سي، پرت پڌر ڪر پياري کو

٢. ٻڌ سڌ جاني جوڳي جڳ جڳ،ڪلجڳ ڪاڪلتاري کو

٣. پيد بياس ڪي بات بتاوي، گاروڙي گرناري کو

٤. گگن منڊل ڪي محمد محلي، ڌيان ڌري درباري کو

كونسيه	كافي	روپ

ٽل:ـ آپ م آپي آپ سمايا، صاحب سرت سُجاني ري

١. پر گهٽ گهٽ م گهٽ پر گهٽ م، پيدانا پيداني ري

٢. چاطر سڌ ابناسي نرگن مورکه ڪيا ٻڌواني ري

٣. روپ سروپ اَنوپ اَنيڪي، آد پرش ڌن ڌياني ري

٤. محمد آپ مندر مسجد م، پورا ستگر گياني ري

كونسيه	كافي	روپ

ٽل:ـنام جپون پُر نام پيارا، نام جپڙ بن جوئي بات

١. نام جپون جپ اوم اونڪارا، ويک سروپي ستگر سارا

پُرجهه پريمي پرت پَسارا پيد، بتائون ياتئين يات

٢.ناب ڪنول سي نام اُنائون، تگهٽ تڪاني ڌيان ڪمائون

گگن محل م بين بجائون، توم نوم تنن والي تات

۳. گُرڪا سُنڪي گندرب گانا، من ڪي منشا من ڪو مانا
نام جپن سي اپ پچانا، جهاتي اندر پاڪي جهات
۴. نام ڪي محمد مرلي باجي، طبل تراني ترنم تاجي
گيت گگن گن گُفته گاجي، سُرت نِرت ۾ سر ڪَر سات

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٽل:- ويد يجر رگ شام آٿرون، برمان مُکُ پَرچار ڪيا
۱. چار ويدون سي ويد يه نڪلي، گندرپ گُن گُفتار ڪيا
۲. ويد اَيورڌُ نر اَر اَرٿا، اوم هري اونڪار ڪيا
۳. ويدون سي ڪُٽ شا سِتر شد هو، ييد برهم بيدار ڪيا
۴. وشيشيڪَ مَمَانَس نيائي، پر گهٽ پورن پيار ڪيا
۵. يَا تّنجلَ سَانڪهه ويد اَنت وَرَنَ، ڪانڊ ڪرم ڪلتار ڪيا
۶. سَرَوَن گيانُ مَنَنَ ندَيَا سَن، ساڪياتي سينگار ڪيا
۷. واڪ وَويڪ ويراڳي وِدِيَا، ڪٽ سَمّپتِ بِرڪار ڪيا
۸. چوٿِي مَنِزَلَ مَوڪَشِ اَچِيَا، محمد ميگهه ملار ڪيا

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٽل :-يَجَن ڪَرُون ڀڳوان هري، ڪا ڌارن ڪرڪي ڌيان هري ڪا
۱. نام جپون پَرنام پيارا، پُورن ڪَر پَرمَان هَري ڪا
۲. سُرت نرت ۾ سُندر سُرنجن، سرگم سُر سامان هري ڪا
۳. اوهنگ سوهنگ شبد سنائون، صاحب سُرت سُجان هري ڪا
۴. گگن منڊل ڪي محمد محلي، گفته گنوت گيان هري ڪا

كونسيه	كافي	روپ

ٽل:-دم جي دم ڪي درس دلير، شوق وارو ڪو سمجهي شير
١. وفي انفسڪم مام ملڻ جي، پاڻ پسڻ جو پڌرو پير
٢. ونحن اقرب نور نظاري، ظاهر باطن آهي ڪير
٣. وَجهُ الآهي عين اشاري، ثابت سارو سڀ ۾ سير
٤. دم اَناالحق محمد هنيڙو، ڇم ڇم ڇنن ڪيڙو ڇير

كونسيه	كافي	روپ

ٽل:-ناچو ٽي مئين لايا نينهن، ميگهه محبت والي مينهن
١. تسبيح توبه طاعت تقوٰي، پورهيت ٽي نا پرگهر پينهن
٢. ڇيرياندا ڇمڪار ڪيتوسي، ڇم ڇم ڇنن والي ڇينهن
٣. ويکھ تماشا اپنا آپي، راتيان تحدل توڙي ڏينهن
٤. مستي مئي وچ محمد مليا، شوق شهنشاه شائق شينهن

كونسيه	كافي	روپ

ٽل:-مئين وچون جڏهن مئين ٽي پيدا
منجهه گئي مئين بن ٻي مصلات
١. مئي ٻي مئين دي مام سڄاتم
پير پتنگ ٽي پڙ وچ پاتم
فاني ڪيتم سڀ فڪرات
٢. مئين انهين چا موج مچائي
هوني هرجاء ايڪ اڪائي
نفي ٽيا هي آء اثبات

٣. مندر مئين دي مست مدامي، سارا سُهڻا سير سلامي
برسي برسر هي برسات
٤. مئيخاني وچ مئين دي محمد، ٿيا آواز اَنا اَن احمد
بلا ميمي والڙي بات

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٿل:- ساچ سُنايا ستگُر ساکي، ساچُ بَرابَر تَاپُ نهين
١. ساچي ستگر ساچ سُنايا، اوهنگ سوهنگ پيد بتايا
برهم گياني بِگل بجايا، جس مين ڪوئي جَاپُ نهين
٢. سُرت نرت ڪي نقش نقاشي، رُوپ سروپي ڪعبا ڪاشي
پُورن پرگهٽ پَد پرڪاشي، جوٽ نہ جس مين پاپُ نهين
٣. هو ني مين جو هونا، هويا هونا سونا هونا هويا
آپ ڪوآپي جس ني جويا، آپ اندر سو آپ نهين
٤. مرد محمد سُرت سُجاني، سنڪلپ وڪلپ ڏن ڪاڏياني
آدانت مين آتم گياني، گوجن ڪي ڪڇ ڪاپُ نهين

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٿل:- سنت، ڪي مهما ويد نہ جاني، سنت ڪاپيد نياراري
سنت سُناوي سَاچُ سَتُوگُن، ساچا سپ سنساراري
١. اومُ هَري ڪا هو اذڪَاري، درشن ڏارن ڪردرباري
ساچ سُناوي سُر سنساري، ساکي سنت همارا ري

٢. آدانت ڪي ايڪ ايڪائي، برهم گياني بات بتائي
ساڪياتي سُڌه سنت سُنائي، صاحب سپ جا سارا ري
٣. سَاسَن سَاس سُروپي ساجن، نرت نظاري سُر تي ساڌن
نسِ دِنِ نِرمل نج نڌياسن، ساڪياتي سوپاراري
٤. ڪولِ سُرودي سازسُريجن، وديا واڪ ويراڳي وَرَنَن
شبد سُناوي سَتگُر سَروَن، پرگهٽ پُرس پيارا ري
٥. پد پرڪاشي پُرجهه پدارٿ، سنت سُناوي گيان ڪٿاڪٿ
اُنپتَ اُجلي يگت يٿارٿ، محمد ميگهه ملاراري

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٽل:۔تُريا وياپڪ اُتپت اندر، تُريا جات مين جاتي ري
١. پراپشنتي مد ما ويکري، تُريا ساچ سڪاتي ري
٢. اوهُون سوهُون تُرياترنم، تريا سُر ساڪياتي ري
٣. تُريا هرجا اوم هري هر، تريا جهات مين جهاتي ري
٤. مني محمد واڪَ مَها سي، تريا مڪ ملجاتي ري

روپ	ڪافي	ڪونسيه

ٽل:۔اوم هري ڪا پيد نيارا، اوم هري هرنام هري
١. اوم اونڪاري آدانت هي، لڇمن سيتا رام هري
٢. اوم اَٿرون ويد ويراڳي، اوم يجر رگه شامُ هري
٣. اوم برهم يگوان يچن هي، اوم گگن ڪي گام هري
٤. اوم ڪِي مهما محمد جاني، اوم الک پرنام هري

كونسيه	كافي	روپ

ٿل :۔سَروَنُ گيان مَنَنُ نَدياسنَ، ساکياتي سُر جاني جو
پُورن آپ پڇا ني سو

۱. سُندر ساز سرودي سرگم، دين ديالي درشن دم
واڪ وويڪ ويراڳي ڪتسم، موڪش مهما ماني جو

۲. اُونچا اُجلا هو اَبناسي، برهم گياني پيد اپياسي
گنوت گاوي پيم پلاسي، ترنم تان تراني جو

۳. بُڌه سڌه اندر ڏياني ڌارن، تين ٘گرامي سُرڪا ساڌن
آتم گياني صوفي ساجن، گُنينَ گاوي گاني جو

۴. اوهنگ سوهنگ اوم اونڪاري، سِرت محمد نرت نياري
پرسُ پڇاني پرت پساري جيتي ئي مر جاني جو

كونسيه	كافي	روپ

ٿل :۔اوهنگ برهم پڳوان هون، سوهنگ سري سلطان هون
راما نند ڪبيرا ڪاشي، ڪرشن ڪنهيا ڪان هون

۱. دُوارا درشن ڏياني ڌارن، بنسي باجي بين بجاون
لڇمن رام تي سيتان رانون، لَنڪائي هنومان هون

۲. سُرت نرت ۾ ميرا مندر، اُونچا اُجلا آڪون اندر
چيتن چاطر چنتا چندر، گورکمُ ناٿي گيان هون

۳. ميران بائي گُر رويداسُ، اوم اونڪاري اونچي آس
سُندَر سُرجن سَاسَن ساس، نانڪِ شاهي شانُ هونُ
بلي شاه ارداس گُلاب، سرشتُ ديا نند بُڌ پَرتاب
وشن ننگر مين آپي آپ، شنڪر شريمان هون

۵. مڪا مدينا محمد مترا، تيرتُ تڪيا پوجا پٽرا
صاحب سنتا ساڌو سُترا، صوفي سُرتُ سُجان هون

کسوري	ڪافي	روپ

ٿل:- پڌرا ٿي پڳدار پاڳارا عشق الاهي آيا هي
١. آنا احمد بلا ميمي قادر قائم ڪوڏ قديمي
جنگي جوش جڳايا هي
٢. شاهنشاهي شان جنهيندا لقب اصل لولاڪ تنهيندا
سروچ صاف سمايا هي
٣. مهدي ٿي مختيار منور عشق اويڙي اُلٽ انور
هرجاءِ هُل هُلايا هي
٤. محبت والي محمد مورت، ويک حسن دي ساڳي صورت
بيرنگ بيک بنايا هي

کسوري	ڪافي	روپ

ٿل:- خوف خوشي ۽ رنج راحت ڪان عشق ڪيو آزاد ميان
١. لامقصود ڪيو لئون لائي، نيهن ڪٽي نرناد ميان
٢. تال طمع جا تڪبر وارا، بره ڪيا برباد ميان
٣. عاليشان اثر ڪيو اعلي، آکين جي ارشاد ميان
٤. محمد ٿيو ميدان ملهائي، آوازي آباد ميان

کسوري	ڪافي	روپ

ٿل:- عاشق چم چم سرتي چانون بار ملامت باري
طعني تنڪي سهمين سهندي بي ول خلق خواري
١. چوڙ مصلي عصا ڪوزا وير وسنون واري
جوڳي جڳ جوڳ ڪماون جوش جگر ڪر جاري

۲. صوفي سير صفت دي اندر صورت والي ساري
الف اسم اثبات کريندي آکيان دي اظهاري
۳. بديان بئي بهتاني بيحد بره واليانديي بهاري
پيچ پني برسات بهاريل پيد بتا برداري
۴. محمد مهٹي مرد قبولن محبت دي مهنداري
يکدل تي يکبار يگاني ياور کرکي ياري

روپ	کافي	کوهياري

ٹل :۔دم دي کرتون سرت سنيال، چوڑ ڦتي کر خام خيال
ا. دَم دَم دا مار نَقارا، ويک نيٹان دا ناز نظارا
سمجهه نفي اثبات اشارا، کرتون قادر قرب کمال
۲. قرب بنان کُل کوڑي بازي، آپ وِچا ٹي رَلمل راضي
ڦرکِيون پُچِندئين ملان قاضي، شوق شريعت شاهي شال
۳. شوق شهنشاه عين شريعت، شامل تِهندي نال طريقت
هردم هادي حال حقيقت، ويک تون وحدت ورق وصال
۴. وٹج وحدت دا محمد کَرتون، پير نه پنتي بلکل يَرتون
توکل والي تُرهي تَرتون، جَهل جگر دا جوش جلال

روپ	کافي	کوهياري

ٹل :۔سير سري وچ گوهر گيان، سمجهه صحي کر دم داڈيان
ا. دم الاهي هئي اسرار، وحدت والا وٹج واپار
سهٹي صورت سر سردار، تنهدا کرتون نقش نيشان
۲. نقش نظر دا سهٹان ساز، پر وچ دم دا کر پرواز
ويکهه ربوبي رنگي راز، ڈوبي والي درس دکان

۳. ڏوبي داهئي دل وچ ڊيرا، پيا نہ ڀچين تون ڪو پيرا
گم ٿي ويڪين گونگهٽ گهيرا، قربئون ڪامل ٿي قربان
۴. قرب ڪماون مرد مدام، محبت مد داپي مئي جام
سالڪ سمجهن **محمد** مام، پيريمغان مل مئيخان

روپ	ڪافي	ڪوهياري

ٿل:۔ڏري دم جو ڏيان ٿي نيشان، اسم ساڻ الله جي
۱.آئي پهر عشاق ٿي، آڏوتي عريان ٿي نيشان
۲. سنبري سهڻي ساز سان، سوري تي سلطان ٿي نيشان
۳. پسني پڌرو پاڻ ڪي، پسڻ جي پئيمان ٿي نيشان
۴. مسيحا مصلات سان، **محمد** جي مئيخان ٿي نيشان

روپ	ڪافي	ڪوهياري

ٿل:۔سهڻي سرور دي سرداري هي، چوطرفين چوڌاري هي
۱. اول آخر اور اليندا، هر جا حق حق حڪم هليندا
حسناتي هسواري هي
۲. سرور سر سينگار ڪريندا، دم دم دا ڏيان ڏريندا
صورت والي ساري هي
۳. آڪياندي وچ تي اوطاقي، صاف پلئيندا سرور ساقي
سرڪ سخي سوياري هي
۴. **محمد** منصف مالڪ مظهر، اندر ٻاهر اعلي اظهر
ميثاقي مهنداري هي

روپ	ڪافي	ڪوهياري

ٿل:ڪيتي عشق عجب اثباتي هي، پاجهاتي ديوچ جهاتي هي
۱. عشق حسن دي هردم هولي، چشمان والي ڇهري چولي
حاضر حق حضراتي هي

۲. عشق الاهي آکيان اندر، پيد بتاکي بيشڪ بندر
جوڙ ٿيا جسماتي هي
۳. نينهن نظاري ناٽ نچيندا، مستي والي موج مچيندا
واڳهولا وصلاتي هي
۴. محمد تي ميدان ملهيندا، اناالحق اظهار اليندا
زور ظهورا ذاتي هي

روپ	ڪافي	ڪوهياري

ٿل:۔ جڏهن آپ ڪون آپ وڪايوسي، تڏهن من دامطلب پايوسي
۱. درد فراق فڪر دي فن دا، دل. وچ ڏوڏ دکايو سي
۲. فذ ڪروني اذڪرکم دا، ڪُڏ ڪُڏ قرب ڪمايوسي
۳. پي پيالا محبت والا، ترٽئون تاڪ لڳايو سي
۴. نقش نقاش دي محمد بازي، صورت سير سمايو سي

روپ	ڪافي	ڪوهياري

ٿل:۔ عشق عجب رنگ لائينٿو، ڳيت اَناالحق ڳائين ٿو
۱. صورت وارو سانگ بنائي، سوري سر چڙهائين ٿو
۲. شاه صنعان ڪي جٽيون پائي، قربئون ڪفر ڪمائين ٿو
۳. سبحاني مااعظم شاني، اُلٽو اُلٽ الائين ٿو
۴. احمد محمد نام ذرائي، ميم فرق فر مائين ٿو

روپ	ڪافي	ڪوهياري

ٿل:۔ اسم ذات سان پيو نچ، نڪين ڪچ نڪين پچ
۱. صورت سهڻي يار جي، ساري سمجهه سچ
۲. سٽي سانگو ساه جو، عاشق ٿي تون اچ
۳. مڙ نه ملامت ڪان، محبت واري. مچ
۴. محمد بره باه ۾، پرواني جان پچ

كوهياري	كافي	روپ

ٽل:ـنڪي هم نڪي تم، وڃون آهي پيو فهم

١. ڪين ڪمائي ڪين ٿيا ڪوپا، نظر واري نظم

٢. بيخودي جو پيد پروڙي، ڪري هوش حڪم

٣. لامڪان لاهوتي لنگهيا، لاسين تي لاغم

٤. بي مثلي **محمد** بازي، شاهنشاهي شم

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٽل:ـساميڙا سانيه ۾ ٿا پورب پند پچن

١. سنگ سناسي سڪ ۾ ساري ٿا، وحدت واس وڃن

٢. جوڳي جي جلائي پنهنجو ٿا رندي رمز رکن

٣. پائي منهن محراب ۾ ٿا، صدقئون سجدا ڪن

٤. **محمد** شاه حسن جي اولي، ٿا فنا فرض پڙهن

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٽل:دوئي وارا ورق وسار، پهرين پنهنجو پاڻ پروڙي

١. فذ ڪروني اذڪر ڪم ڪي هردم سيني منجهه سنيار

٢. طلب واري تند وڄائي، صورت سر جو ڪر سينگار

٣. عبديت جو پولو پيچ تون، نسنگ نانگو ٿي نروار

٤. **محمد** الفي عشق جي پائي، پيائي وارو ٻاڙ ٻار

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٽل:ـ صورت انساني دي اولي، بره بدل ڪر آيا هي

١. عاشق ٿي معشوق منور، عشق عجب رنگ لايا هي

۲. انااحمد بلا میمي، فائق فن فرمایاهي
۳. اَل اِنسان سري وانا سِرهو، سارا سر سمجهایا هي
۴. محمد تي مشتاق مدامي، قادر قرب کمایا هي

روپ	کافي	کاریهل

ٿل:-رمزان رنگڙا لایا هي، صورت والي صاف صحن وچ
۱. اکیاندي اثباتي والا، عشق اویڙا آیا هي
۲. بیرنگ والي بازي بهتر، برسر پید بتایا هي
۳. شاطر شوق شرابي شاعر، شاهي شور مچایا هي
۴. محمد ماڻ مدامي موجان، گیت اناالحق ڳایا هي

روپ	کافي	کاریهل

ٿل:- اکیان آڙنگ لایا هي، مُڑگان والي محلي محکم
۱. دم دم دم دا دم تي دائم، دیدان درسن پایا هي
۲. کارکجل دي کیف ککوریل،قهري کوڙ کمایاهي
۳. چاتي والي چو چو چم چم، سردار سر سمجهایا هي
۴. ساغر سرخ صراحي والا، سرسا سرس سوایاهي
۵. محمد مستو مست مدامي، مستي والي مایا هي

روپ	کافي	کاریهل

ٿل:-چشمان چرچا لایاهي، چوطرف چوڌار چمن وچ
۱. اکیان اندر عشق اویڙا، اُلٽا اُلٽ الایا هي
۲. چون بیچوني چست چگونه، چلپل چاڙه چڙَهایا هي

۳. گوناگون گهوران گن گفتي، گهٽ گهٽ گيان سمايا هي
۴. محمد ميگهہ منڊل مُـــــڙگاني، مهرا مول مڪايا هي

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٿل :_ ڪير ڏسي ٿو چاڏسجي پيو، ڪير ڪري ٿو بات بيان
۱. اُٿڻ ويهڻ ٻولي ٻولڻ، سڻڻ سمجهڻ ديد ڏيان
۲. پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو، گونا گوني گفت گيان
۳. آدم ٿي ڪيئن عبد سڏايو، صاحب صورت سرت سجان
۴. ميم محمد مام سڻائي، اَحمد اولي عاليشان

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٿل :_صورت معنيٰ معنيٰ صورت، مام پروڙي ڪو مرد مٿير
۱. بيصورت ڪي صورت سمجهي، سالڪ ڪن ٿا سر جو سير
۲. لا لاهوتي لاشڪ لنگهيا، ڪپيري جو پرجهي پير
۳. نفي چا اثبات اشارو، ويري نہ اُت ڪو آهي وير
۴. معنيٰ واري مام محمد، گم ٿي ويڙو سارو غير

ڪاريهل	ڪافي	روپ

ٿل :_نيڻن واري نور نظاري، جيان نچي نام ميان
۱. آڪين جي اوصاف ازل ڪان ، عشق علي ٿيو امام ميان
۲. ديدن جي دربار درس ٿيو، دائم دم جو دام ميان
۳. سرت نرت سان ثابت سارو، صورت جو سرانجام ميان
۴. محمد پر مئيخاني محڪم، مستو مست مدام ميان

روپ	ڪافي	ڪاريهل

ٿل:۔پاڻ پسڻ تي پاڻ پسي ٿو، پاڙهين پنهنجو پاڻ ميان

١. ونحن اقرب نور نيشاني، جاڻ اهو تون جاڻ ميان

٢. هُوَالاوّل هُوَالآخر، ظاهر باطن هاڻ ميان

٣. سنڌ سنڌ اندر سهڻل سائين، سُرت نِرت جي ساڻ ميان

٤. مالڪ ملڪ **محمد**، مظهر مـــــڙگانن جي ماڻ ميان

روپ	ڪافي	ڪاريهل

ٿل:۔صورت والا ڪر سينگار، نِرت دي وچ سُرت سمائي

١. وفي انفسڪم ويس وصل دي، وحدت والا ڪر واپار

٢. بيصورت دي صورت ساري، سمجهه صحي ڪر سرسردار

٣.نظر والي نور نرالي، نسنگ ناچو تي نروار

٤.مـــــڙگان دي مٺيخان **محمد**، مام ملڻ دي ڪرمهندار

روپ	ڪافي	ڪلنگڙو

ٿل:۔آهيان مان عشق جو عاشق، رڪان رندي مشرب ٿو

رقص ۽ راڳ جي رنگ ۾، سڏايان رمز سان رب ٿو

١. حسن جي هٽ متي حاضر، ڏيئي هوڪو هسي حق جو

حسيني حال سان هردم، ڪيان چمشن اندر چپ ٿو

٢. اندر باهر اصل اعليٰ اويڙو عشق تي عالم

اُلاسي اوج آوازي، الايان ان اقرب ٿو

٣. صفاتي سير جي سانگي، سنيائي سانگ صورت جو

صراحي صاف جي سرڪي، پيان مرڪي مجرب ٿو

٤. محيسي مام معنيٰ جي، متل مٺيخان **محمد** جي

مقابل موج منصوري مچايان مچ مقرب ٿو

كلنگڙو	ڪافي	روپ

ٿل:- ڪيان احوال ٿو آئون، عجب اطهر عجيبن سان
حقي هولي حسن واري، هسي هر هر حبيبن سان
١. الف واري اصل انگ ۾، سچي صورت سندي سنگ ۾
روحاني راز جي رنگ ۾، رهي راضي رقيبن سان
٢. نظارو نينهن جو لائي، ڳڻن سان ڳيت ڪئين ڳائي
چيريون پيرين پڌر پائي، نچي نر ٿي نجيبن سان
٣. اُتم آواز اوياري، سرودي ساز سوياري
سخن سر صاف سينگاري، سلان سهٽا سريجن سان
٤. صراحي سيف جي سنتر، آکين واري اثر انتر
پسي محمد مندل منتر، مچي مئي پي مجيبن سان

كلنگڙو	ڪافي	روپ

ٿل:- مڙگان هي ميرا مڪا، لاهوت لاثاني لقا
١. حاجي حسن حضور ڪا، ديدان والي دستور ڪا
مئين هون نظاري نُور ڪا، بوستان ۾ باقي بقا
٢. صورت سٽا ڪي ساز سر، طبلي طنبوري تار تر
جپ تار گاڪي ڪوڏ ڪر، مئي پي مڪا دوغن ٽڪا
٣. آکيان اندر الله هي، بيشڪ بقا باالله هي
قائم ڪٿر ڪلاه هي، ظاهر ظفر ذاتي ذڪا
٤. محمد موڪي مستان ٿي، سارا صحي سبحان ٿي
آيا اصل انسان ٿي، ياور يسر ياقي يڪا

ڪلنگڙو	ڪافي	روپ

ٿل:-ڪري اثبات آڪين ڪي، اناالحق ڳيت ڳايان ٿو
حلاجي حال جا هردم، حڪم هر جا هلايان ٿو
١. سخي سردار ٿي ساقي، صراحي صاف سان سارو
سينگاري ساز صورت جو، سرخ سر ۾ سمايان ٿو
٢. وندر وٽڪار جي ور ۾، وسائي وس وره واري
ويراڳي وات وحدت جي، وصالي وڪ وڌايان ٿو
٣. آڪين تي عشق جو آرو، ڪري اظهار ٿي عاشق
اصل اثبات اَنااَن، اول آخر الايان ٿو
٤. محمد مست ٿي مَٽ تي، مچي مئيخان محبت جي
مگهن مژگان سان ماهر، مندل مئي جا مچايان ٿو

ڪلنگڙو	ڪافي	روپ

ٿل:- ڏئين ڇا ٿو نئين ڇا ٿو، اڏي جي عشق بازي ۾
١. ڪٿي ڇا سان آئين ڇاتون، اثر اظهر آوازي ۾
٢. مٿين ڇاٿو ڪَتين ڇاٿو، ترازي تيز تازي ۾
٣. آئيين ڇا ٿي وڃين ڇاٿيو، قبلل حال ماضي ۾
٤. اڳيان ساقي پيڻ سرڪي، سرخ سر سيف سازي ۾
٥. ڏسڻ محمد ڏسي ڇا ٿو، حقيقي ڇا مجازي ۾

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:_سامي سانڍي سور، هليا ويا هنگلاج ڏي

١. دلبر ناهي دل جو، ڏوريندن ڪان ڏور

٢. محبت جي مئيخان ۾، مانجهي ٿي مخمور

٣. پائي منهن مونن ۾، پسي نيٽين نور

٤. محمد هن مشتاق ڪي، پيا اهڙا پور

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:_سنگهارن جي سار، راتو ڏينهان روح ۾

١. ويهي ڪيئن وساريان، ڏٺ وند جي ٿيم ڏار

٢. بي وس هن بندي ڪي، پرين سندي پچار

٣. پائي پاند ڳچي ۾، ڪريان عرض اپار

٤. محمد مارن ملڪ ڏي، اُڪنڊ ڪيڙو آر

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:_ستا اُٿي جاڳ چڏي، ننڊ نياڳ جي

١. غفلت جي گرداب ۾، ڪهڙي آئي لاڳ

٢. اوريون اور الله سان، واري وحدت واڳ

٣. تو هي ساڻيه پائيو، مانجهاندي جو ماڳ

٤. محمد معنئ ملڪ جو، اُٿي جبل جهاڳ

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-تون تہ پڪي پر ڏيهي، ڪيئن رهيو آهين ويهي

١. اصل عدم ڪان نويميان، اڏري آيين الا
ڪل ڇپائي ڪيهي

٢. سانگي ڪھڙي نويميان، سفر سنيائي الا
رمز انهي دل ريهي

٣. اسم جسم جي نويميان، اوت اويڙي الا
عجب عجائب جيهي

٤. ماگهہ محمد نويميان، مظهر واري الا
پاٺهين پاڻ ۾ پيهي

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-نيڻان والي نظاري، ديد دنالي بہ مئين هون

١. آکياندي وچ نويميان، آکيان اتکيان الا
التي الت اشاري، قرب ڪمالي بہ مئين هون

٢. گگن منڊل دا نويميان، گلشن گهليا الا
پارس پرت پساري، جام جلالي بہ مئين هون

٣. بيسر بازي نويميان، بر سر برسي الا
احسن عين اوتاري، مست موالي بہ مئين هون

٤. خود تي محمد نويميان، سير سجاتا الا
لاحد والي لاري، لا دِي لعلي بہ مئين هون

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-صورت والي ستاري ڪيل خدائي ﺑﻪ مئين هون
١. ظاهر ڪيتم ويمبان، ذات ظهورا الا
چشماندي چمڪاري، چوٽ چڙهائي ﺑﻪ مئين هون
٢. هوش حلاجي نويميان حاضر هو يا الا
حسن دي هبڪاري، حال همائي ﺑﻪ مئين هون
٣. نوڪ نظر دي نويميان، ناز دي نتڪي الا
وڄدي ناد نقاري، لعل لڙائي ﺑﻪ مئين هون.
٤. موج محمد ويميان، معنيٰ مئي دي الا
برسي برسر بازي، ايڪ ايڪائي ﺑﻪ مئين هون

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:- عشق جي اسلام ۾ آباد آئون آهيان
دلشاد آئون دلشاد آئون دلشاد آئون آهيان
١. فارغ دنيا ۽ آخرت واري فڪر فڪرات ڪان
آزاد آئون آزاد آئون آزاد آئون آهيان
٢. اسرار آڪين جي عجب، اظهر الف اثبات تي
ارشاد آئون ارشاد آئون ارشاد آئون آهيان
٣. زلف جي زنار سان، ظاهر ذڪائي ذوق جو
اُستاد آئون اُستاد آئون اُستاد آئون آهيان
٤. عشق جي آتش اندر، آخر اول آواز تي
اتحاد آئون اتحاد آئون اتحاد آئون آهيان
٥. ثابت سخي سرور علي، ساقي سرڪ جي ساز جو
صياد آئون صياد آئون صياد آئون آهيان

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-عشق جي اسلام سان انسان مان آهيان الا عريان مان عريان مان عريان مان آهيان

١. بيخودي جي بحر ۾ بيرنگي برحال تي بوستان مان بوستان مان بوستان مان آهيان

٢. صاف سهڻو سير سارو سر منڊل سامان سان سبحان مان سبحان مان سبحان مان آهيان

٣. نينهن جا نيزا ڪٽي نانگو نسنگهه نروار تي نيشان مان نيشان مان نيشان مان آهيان

٤. مئيخان ۾ مخمور تي مست محمد موج سان مستان مان مستان مان مستان مان آهيان

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-خوب خود خمار سان خوشحال مان آهيان الا
خيال مان خيال مان خيال مان آهيان

١. انساني اسمات سان، آڪين جي اسلام جو
احوال مان احوال مان احوال مان آهيان

٢. پيد بشري پيڪ جو، بره جي بازار ۾
برحال مان برحال مان برحال مان آهيان

٣. ڪيف جو ڪلتار قائم، قتل واري ڪار سان
ڪلال مان ڪلال مان ڪلال مان آهيان

٤. مير مُڪ ميدان جو، محمد منگهن مَئيگُون سان
متوال مان متوال مان متوال مان آهيان

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔عشق عجب اظهار الله، آيو ٿي اثبات اسانوٽ

١. اکين واري اولي اندر، اول ڪان انوار الله

٢. بشر وارو بيک بنائي، بره جي بازار الله

٣. هٽي نعرو نوڪ نظر تي، نسنگ نر نروار الله

٤. محمد ماڳ ملاري مئي جي، مدامي مهندار الله

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔صحي سر سبحان الله، صورت وارو سانگ بنايو

١. اکين واري آتش بازي، اصل ٿي انسان الله

٢. ڪولي نوڪ نظر تي ناٽڪ، نظاري نيشان الله

٣. اول آخر ظاهر باطن، درس دم جي ڏيان الله

٤. محمد ملڪ معنيٰ جي مالڪ، مصوري ميزان الله

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:۔عجب عاليشان الله، ڪيو عشق عقل کي اولون

١. ڪٿي سُرندا ساز سِتارون، سرودي سامان الله

٢. چٽي چقمق چوٽ چڙهائي، چشم جي چالان الله

٣. لنگهي لاحد وارو لانگهو، لاهوتي لاثان الله

٤. محمد منور ماڳ مثالي، ملهائي ميدان الله

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-شوق دي شاهي شور شور، آيا ماهي ميڏي سانگي

١. ظاهر ذات ظهورا لايا، زوران زوري زور زور

آيا ماهي ميڏي سانگي

٢. رانجهن سائين بازي پٽري، ڪر عدالت اور اور

آيا ماهي ميڏي سانگي

٣. تخت هزاري دي جوڳي جنگي، ڪيتي حملي هور هور

آيا ماهي ميڏي سانگي

٤. مرلي وجا منڊ محمد ماريا اَنحد والي گهور گهور

آيا ماهي ميڏي سانگي

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-عشق اويڙا ٿي عاشق، عربي اولا ڪر آيا
پيريمغان ٿي پڌرا، پارس پيراهي پايا

١. عشق عدل دا عالم، فوج فقر وچ فالم
پيد بتا ٿيا بالم رمز رندي رڪ رايا

٢. عشق عدم ڪنون آڪي، لاڳ لقائي لاڪي
چشم چوڏاري چاڪي، رهبر ٿي رنگ لايا

٣. عشق عمل دي عامل، شوق شرابي شامل
ڪار قتل تي ڪامل، قدم ڪلالي چايا

٤. عشق عجائب احمد، موج مدامي محمد
سير سراسر سرمد، جام جٽيا نا جايا

جوڳ	ڪافي	روپ

ٽل:۔ ڳولان ڪنهن ڪون مئين ڳولان، سڀ جا سهڻل سائين

١. عشق اويڙي دي اثباتي اعليٰ آکيان اندر
بار بره دا بيشڪ باري، بيرنگ والي بندر
تولان توري ڪيا تولان، اول آخر تائين

٢. ذات صفت دي سير سراسر، جهاتي دي وچ جهاتي
هرجاءِ همدم هڪل حقاني، حاضر حال حياتي
ڪولان خط ڪيا مئين ڪولان، خود تي ڪيل ڪلائين

٣. وفي انفسڪم قول قرآني، قائم قرب ڪلاهي
وحدت ڪثرت ويس وصالي، فَثَم وَجْهُ الآهي
چولان چپ ڪيا مئين چولان، اظهر آپ الائين

٤. مظهر والي مام ملڻ دي محمد موج مچائي
ڪول سرود ستِاران سَرگم سهڻي صاف سچائي
ٻولان ڪنهن نال ٻولان، ونحن واليان وائين

جوڳ	ڪافي	روپ

ٽل:۔ ياقي ياور يار ڪيو آ يار اسانڪي، يار بنان پيو يار نہ ڄاٿان

١. عشق اصل ڪان ٿي اوقاتي،آڪين واري آر ڪيو آ آر اسانڪي
آر بنا پيو آر نہ ڄاٿان

٢. پنبٺين جي پالوٽ سان پورو پسڻ واري پارڪيوآه پاراسانڪي
پار بنا پيو پار نہ ڄاٿان

٣. عشق حقيقي ياريگاني، ترنم واري تار ڪيو آ تاراسانکي
تاربنا پيو تار نه ڇاڻان
٤. محمد مست مچي مئي مَت تي، مُـــژگانن جي مار ڪيوآمار اسانکي
مار بنا پيو مار نه ڇاڻان

روپ	ڪافي	جوڳ

ٽل:ـ ديدن واري ڏيان ڪيو آه ڏيان اسانکي
ڏيان بنا پيو ڏيان نه ڇاڻان

١. شوق شرابي واري شوخي
شاهنشاهي شان ڪيو آه شان اسانکي
شان بنا پيو شان نه ڇاڻا

٢. ڪيفي ڪيف ڪلالي قائم
ڪجل ڦهري ڪان ڪيو آه ڪان اسانکي
ڪان بنا پيو ڪان نه ڇاڻا

٣. گونا گون گرامي گر تي
گهور گرم جي گيان ڪيو آه گيان اسانکي
گيان بنان پيو گيان نه ڇاڻا

٤. مـــژگانن جي محلي محمد
مست ميثاقي مان ڪيو آه مان اسانکي
مان بنا پيو مان نه ڇاڻا

جوڳ	ڪافي	روپ

ٿل:-ڄاڻ اهوئي تون ڄاڻي، ناهي ڪا پرت پڇاڻي
١. سنڌ سنڌ سرخ سرودي سرسان، صورت ساڳي سڃاڻي
٢. پسڻ جي پئيماني اندر، پنهنجو پاڻ پڇاڻي
٣. قاب قوسيني قرب بنا ڪل، ڪوڙي ڪوڙ ڪهاڻي
٤. محمد جي مئيخاني مئي پي، مرد ٿي مستي ماڻي

درباري ڪانرو	ڪافي	روپ

ٿل:-ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ، ترڪ موليٰ ترڪ ترڪ
مقصد ڇڏي مخمور ٿيڻ، مردن سندو آهي مرڪ
١. ترڪ تسبيح تال، توبه ترڪ طاعت طلسمات
ترڪ تقويٰ جي تماشي، ترڪ ٿيا چوڏهن طبق
٢. ترڪ تڪبر ترت تن من، ترڪ تڪيو تخت تاج
ترڪ ترڪي ترڪ جي ڪيا، غور ۾ غازي غرق
٣. ترڪ تجلي تاب واري، ترڪ تحدل طلب تات
ترڪ تازي جي طراوت، ترڪ ڪيا فاني فرق
٤. ترڪ محمد قبل ماضي، ترڪ تون مان تور تڪ
ترڪ تقسيمين ترازي، ترڪ ٿيا درسي درڪ

درباري ڪانرو	ڪافي	روپ

ٿل:-عشق جو احوال اعليٰ ڪو پڇي عاشق اچي
ناز نيڻن جي نظاري ناث ٿي نانگو نچي
١. سي سڻي سانگا صفاتي، صاف ٿي سورهيه سخي
ساز ساقي جي سراسر، سرڪ پِي سهڻي سچي

۲. پرت جو پيالو پريمي، پُر پي پئيمان ۾
پيچ پنبٽين جي پسباري، پتنگ جان پختو پچي
۳. رند رهي راضي رضاتي، روپ رنگينو رکي
راز رهبر جي رسالت، رمز رندي ۾ رچي
۴. ميگهه محبت جي ملاري، من خدائي موج سان
مئي پِي محڪم مدامي، مرد تي محمد مچي

روپ	ڪافي	درباري ڪانرو

ٽل:۔اوهنگ برهم ڪي ڏن ڪاهون ڏياني
گني گيت گاون مئين آتم گياني
۱. مهاديو بم بم سنا ساز سرگم
گيلوں ڪيل ڪٽ سم پد ڪا پراني
۲. منگهن موڪهه مڪتي شريماني شڪتي
پجن ميري يڳتي سرودي سجاني
۳. ڪرون گيان سرون مهاواڪ من نن
نرنجن نڌياسن ساڪياتي سڌاني
۴. محمد ستوگن تماشا تموگن
پڇانا رجوگن پريمي پيشاني

☆

☆

سورٺ	ڪافي	روپ

ٿل:۔نام والا دم چاڻ غنيمت، نام بنا دم ناقص هي
فذ ڪروني اذڪر ڪم دا، حڪم هلايا وارث هي
١. ڪوڙي دنيا ڪوڙي بازي، سمجهن ڪي ڪي گوهر غازي
چوڙ مدامي محڪم ماضي حرص حوُي سپ حارص هي
٢. اسم جسم وچ ڪرڪي جاري، ويک تون صورت سيني ساري
بقائي دا باغ بهاري، پوش پيارل پارس هي
٣. عاشق عشق دي آتش آون، قدم پنتي مول نہ پاون
پرواني تي آپ جلاون، بره دي لاباڪس هي
٤. محمد سوا فرض فنادي بئي ڪل ڪوڙي بيکبنادي
مار تون نعري اَن اَنا دي خيال اجايا واپس هي

سورٺ	ڪافي	روپ

ٿل:۔ ڏس بره جي بازار حسن هبڪار لڳي
١. حبيباٽي هٿ تي، هر دم اَڏي واري آر
درد ڏنڊ ڪار لڳي
٢. سورهيہ ڪندا سير سوري جو، ڏڙ سسي ڪان ڏار
ڪسڻ ڪڏ ڪار لڳي
٣. ظاهر آهي ذات صفت ۾، وٽي ناهي وار
وصل وهنوار لڳي
٤. موج محمد مئيخاني ۾، چشمن جي چمڪار
عجب اظهار لڳي

سورٺ	ڪافي	روپ

ٿل:ـ پسي مورت جي محلات، صورت سبحان چوان
۱. ونحن اقرب سمجهي سارو، ڪجل واري ڪات
ڪڍي قربان چوان
۲. ال انسان سري جي سر ۾، ڪلالي ڪلمات
جنگي جو لان چوان
۳. حال حقيقي سر سمجهايو منجهي ويئي مصلات
گوهر گن گيان چوان
۴. عشق محمد عين اشارو، جلالي جسمات
الف انسان چوان

سورٺ	ڪافي	روپ

ٿل:ـساري مظهر جو مختيار، علي شاه آهي
۱. لقب لقائي لحمڪ لحمين، جوڙ جلوسي جسمڪ جسمي
صورت جي سينگار، صنم ساه آهي
۲. من له المولي مڪ‌معبودي، فله الڪلي شوق شهودي
بيرنگ جي بازار، بره باه آهي
۳. دمڪ دمي دم دم دائم، روحڪ روحي ڪل ۾ قائم
رمزن جي رفتار، رندي راه آهي
۴. محمد مولي مالڪ مظهر، عشق الاهي اعلي اظهر
ثابت سر سردار، نهيل ناه آهي

روپ	ڪافي	سورٺ

ٿل:۔عجب عشق واري اوقات، علي اللّٰه چوان
۱. آدم صورت سر سبحاني، صحي صاف صفات
صفي اللّٰه چوان
۲. بزم بيڪم برابر برسر، بهاريل برسات
بقا با اللّٰه چوان
۳. هردم حال حسيني حملي، حقاني حسنات
حبيب اللّٰه چوان
۴. خالق خلق خيالي خلعت، خدائي خصلات
خليل اللّٰه چوان
۵. قاب قوسيني ڪل ۾ قائم، ڪلالي ڪلمات
ڪليم اللّٰه چوان
۶. محمد ڪيف ڪڪوريل، ڪهري ڪجل وارو ڪات
ڪلام اللّٰه چوان

روپ	ڪافي	سهڻي

ٿل:۔بي مثال جو وصال، ٿيو مثال مقالي
ڪري گيان ٿي سجان، ڏري ڏيان ڏمالي
۱. وَجهُ اللّٰه سِر اللّٰه، ڪج ڪلاه ڪمالي
ڀري پاڳ ٿي سجاڳ، واري واڳ وصالي
۲. ظفر ذات باصفات، بشر بات بحالي
ڪجل ڪار مشن ڏار، خبر دار خيالي

۳. ٿيو پاٽ سخن ساڻ، مڇي ماڻ مثالي
گگن گوڙ الف اوڙ، جسم جوڙ جلالي
۴. محمد مام سمجهه عام، ٿي مدام موالي
صبح شام پيري جام، ڪري ڪام ڪلالي

روپ	ڪافي	سهڻي

ٽل:۔مگهن مست مئي پرست ڪري دست حِنائي
بي. مثال جي وصال، ڪيان خيال خدائي
۱. همه حال جي وصال، پسان لعل لقائي
رقص راڳ سر سهاڳ، بلند ياڳ بقائي
۲. خود خيال جو مثال، چشم چال چٽائي
نرت ناز رنگي راز، سرت ساز ثنائي
۳. طبل تال باڏمال، سخن سال سدائي
ٻڌي چير ڪيڏي غير، ڪيان سير صفائي
۴. حسن فوج اصل اوج، مثل موج مچائي
پيري جام پي مدام، محمد مام ملائي

روپ	ڪافي	سهڻي

ٽل:۔ڏُن ڏِيان ڪي ڏنن لاڳي ري
جڙ جوت جسم مين جاڳي ري
۱. ڌيان ڌروني ڌوم مچائي، پيول پتنگ سي ياڳي ري
۲. ڌيان ڪا ڌر پد گيان ڪا گفتا، راز رقص سي راڳي ري
۳. نرت نٽنيون مين سُرت سمائي، ورڪب پس ويراڳي ري
۴. ڌيان محمد ميگهه منڊل سي، مسجد مندر ماڳي ري

سارنگ	ڪافي	روپ

ٹل:۔بادل بَرس بهاري لائي، بوندان بره ديان پئيان وي

۱. شهر بحر برباغ پتان تي، کول لحن ديان لئيان وي

۲. گوڙان ڪئين گمسان گهٽيري، ناه عجب ڪر ٹهيان وي

۳. بره بن برساتان لايان، نوڪ نظر تي نئيان وي

۴. ميگهه محمد موڪ ملاران، ٹئيان ٹئيان ڪر ٹئيان وي

سارنگ	ڪافي	روپ

ٹل:۔آکيان نال آکيان دي اٹکيان، جهل پل ڪنهن نان جهليان وي

۱. آڙنگهه ڪرڪر عشق واليان تي، نال وصل دي وليان وي

۲. عاشق مارڪباب ڪرينديان، ناه ڪهين نا ٹَليان وي

۳. گونا گوُن گرم ڪر گهيري، گهور چڙهايان گهليان وي

۴. مُــــڙگان واليان مست مقالان، **محمد** صاف ٹي سليان وي

سارنگ	ڪافي	روپ

ٹل:۔ عشق اگڻ تي آياهي، وحدت والا ڪر وسڪارا

۱. چوطرف چوڏاري چمڪي، چلپل چرچا لايا هي

۲. گج گج گوڙان ڪر گجڪاران، گلشن گيان گهلاياهي

۳. رنگ برنگي رنگپور اندر، رم جهم رنگڙالايا هي

۴. محمد ملڪ معنيٰ دي محڪم، محبت مينهن وسايا هي

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:- ويکو ڪئسا ڪئسا ناد بجايا، صورت صاف سمايا

١. عاشق ٻڪرا معشوق قصائي، ايسا ڀيد بتايا

٢. ونحن اقرب نت نت نيڙي، فائق فن فرمايا

٣. بيسري دي مطلب والا، سارا سانگ سجايا

٤. ميم دي مٹئين محمد من وچ، محبت مچ مچايا

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-ڪوئي ايسا ايسا ڀيد بتاوي، جٺ صورت ڪانھ سماوي

١. اپني آپ وچ ويک تماشا، مام وچ مام ملاوي

٢. نقش نقاش دي ناز نظاري، بيرنگ بيڪھ بناوي

٣. اُلٽي بولي اُلٽي چالي، اُلٽا اُلٽ الاوي

٤. عشق محمد والي آتش، ڪين وچ ڪين ڪماوي

سارنگ	ڪافي	روپ

ٿل:-آهي جيڪي اڄ ميان، ڇڏ سياڻي جي سار

١. ڏس مورت ۾ صورت ساڳي، وَڄائي دم واري تار

٢. ٻڌي سندرو سچائي وارو، قول الستي پار

٣. موتو واري ماڳه ۾ آهي، وصل جو واپار

٤. محمد رمز انهي ۾ ره تون، پائي حلاجي هار

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿل :ـ ڪيا عشق تماشا لا ياهي، محبت ميگهه ملاري والا

١. بن برساتي برسر برسيا، بادل بيڪ بهاري والا

٢. ڪيتا گوڙ گگن وچ گهيرا، گلشن دي گلزاري والا

٣. ڪيليا ڪنوٽين ڪيل ڪلڙ دا، چوطرفين چوڌاري والا

٤. منڊل مينهين محمد ڪيتا، محڪم مڪمختياري والا

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿل :ـ سڄڻ لهنڊئي سار، متان ٿئين ماندي

١. اصل نيهن نظاري آهي، قوي قاتل ڪار

٢. محبت وارن مَرڪ مدامي، ملامت جو بار

٣. سِر ڏئي ڏس سڄڻ ڪي، ڪلهن ڪان ڪاپار

٤. محمد عشق اڙانگو اهڙو، خزان بعد بهار

روپ	ڪافي	سارنگ

ٿل :ـ بره جي برسات، بقا تي برسي

١. يَنوَرگفا ۾ ڪوئل ٻولي، تاڙي ڪئي ٻي تات
تڙن تي ترسي

٢. ڪري وحدت جا وسڪارا، ظهورو ڪيو ذات
وصل سان ورسي

٣. سرخ سبزي ساوڪ لائي، ياتين يات
سراسر سرسي

٤. پسي محمد ميگهه ملاري، محبت جي مصلات
رچي ٿيو رقصي

روپ	ڪافي	شام ڪلياڻ

ٽل:۔ ڏي ڪا دلدار دلداري پرين
پرچي ڪر پوءِ واري

۱. سڪندي سال ٽيم سهڻا
ملڻ لاءِ محب من مهڻا
بدين جا بار سر سهڻا
قبوليا دلڙي ويچاري

۲. جڏهه تو دل ڦري زوري
تڏهن تنهنجي گهوٽ ٽيس گهوري
بيوس بي حال مان پوري
ملڻ جي مونجهه آهيان ماري

۳. پيوند تنهنجي پرت جو پيڙو
جلي ويو جوش ۾ جيڙو
هوائي هوش سڀ ويڙو
يڪي رڪيم يار تو سان ياري

۴. محمد جا وارث ور
سونهارا سونهن جا سرور
حقيقت حال ڇا هر هر
سڻايان سور جي ساري

☆

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٽل:-مٺا محبوب سبحاني، آهين تون غوث صمداني

۱. پيغمبر پاڪ جو پيارو، سچو سالار سوپيارو
هنيو نر نينهن جو نعرو، نسنگ نروار نوراني

۲. يگانو يار ٿي ياقي، پيارين سرڪ تو ساقي
بقا باالله تون باقي، جنگي جنسار جيلاني

۳. بره برحال بغدادي، ڪئي اثبات آزادي
شاهنشاه شوق جي شادي، پسائين پاڪ پيشاني

۴. صنم سردار سر سرور، اصل اسرار ٿي انور
محمد مير ٿيو منور، لقا لولاڪ لاثاني

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٽل:-بِنا لاَ جي لڙائي جي، ٿيڻ لاثان مشڪل آهه

۱. چڙهائي چوٽ چشمن جي، لنگهي لاحد وارو لانگهو
ٿيڻ ميدان محبت ۾، الف عريان مشڪل آهه

۲. حسن واري حقي هولي، اُلٽ اسرار آڪين ۾
دائم دربار درسن جي، پيڻ پئيمان مشڪل آهه

۳. پياري سرڪ ٿو ساقي، سينگاري ساز سوري تي
بدن بردار بازر ۾، ڪرڻ قربان مشڪل آهه

۴. موڪي جي مٺ مٿي **محمد**، مدامي ماڳ منصوري
ٿيڻ ديدار جي ڏوٽي، پتنگ پروان مشڪل آهه

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿل :_لذت وٺ لاجي ڪاتي جي، وڃائي خيال نفساني

١. قلب ۾ پاءِ جهاتي جوڙي، نيزو نيشان ۾ ڪوڙي
مٿي محبوب ڪي ووڙي، سري ڪر ساه قرباني

٢. ايرادو عشق جو آهي، ڏسڻ محبوب کي ڪاهي
لاڳاپا لوڪ جا لاهي، نهاري ناٿ نوراني

٣. صورت ڪر پَاٺ سان شامل، اسم جو ٿي اندر عامل
ڪلالي ڪوپ تي ڪامل، ته لهندين لعل لاثاني

٤. محمد مننار لائي ماندو، وره ڪان پل ناهي واندو
اشاري عشق جي آندو، پسڻ سينگار سبحاني

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿل :اسان ڪون ياد تساڏي ياريدا، هي حرف صورت والي ساريدا

١. ٿي فنا بقا وچ وئيسان قدم، پنٿي مول نه پئيسان
ڳيت اناالحق هڪ تي ڳئوسان، سپه دي سالاريدا

٢. جيڪي اپنا آپ سڃاڻن، بحر بقا دا سيئي ماڻن
دوئي دل تي مول نه آڻن، نظردي نرواريدا

٣. بيخودي دا راز رنگينان ويک تون، من وچ مڪا مدينا
اندر گفت گوناگُن گونان، سارا سرسرداريدا

٤. محمد عشق آيا جُهل جهولي، ڪولي چشمان ڇهري چولي
سمجهه سير آنا ان ٻولي، حسن ويکھ هالاريدا

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿل:۔نفي ڪان نانهن ٿي نڪري، سري سبحان ٿي آيو

١. قلب ڪلال ڪيفي ڪل، پياري پرت جو پيالو
ڏيکاري مام معنيٰ جي، موکي مئيخان ٿي آيو

٢. روحي وارو رندي رايو، اچي اسرار احسن ۾
بنائي باغ بيرنگي، بدل باران ٿي آيو

٣. خفي ۾ خيال ٿي خالق، ڪري سينگار صورت جو
لڳائي ڏيان جي ڏوٽي، درس ديوان ٿي آيو

٤. عجب اخفا جي اثباتي، سٽي آواز انحد جو
محمد موج مستي ۾، محو مردان ٿي آيو

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿل:۔نہ ڳولج پاٽ ڪان ٻاهر، مٺي محبوب منور کي

١. پرين پس پاٽ ۾ پيهي، نظر ڏَر ناٿ ۾ نيهي
ڏوري ڏس تون پنهنجي ڏيهي، سچي سردار سرور کي

٢. سهڻون سردار صورت جو، ڪري واپار وحدت جو
ڦيري ڏس پوش پورت جو، دليئون دلدار دلبر کي

٣. دائم دلدار ڏس دل ۾، قدم دم ذات جي ڪل ۾
ڪري پرواز پلپل ۾، عجب اسرار انور کي

٤. عجب محمد اثباتي، ڪري هٿ لا واري ڪاتي
پائي ڏس جهات ۾ جهاتي سمجهه تون سرت جي سرکي

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿل :-پسي پنهنجي پاڻ کي پاڻهين، سهڻو سلطان ٿي آيو

١. رکي رنگ روپ رنگپور ۾، ڇپايو راز بيرنگي
عشاقن لاءِ سراسر سر، نظر نيشان ٿي آيو

٢. آدم ابليس جي فن ۾، رکي پردو پرين پارس
بنائي بيکه بازي جو، عجب انسان ٿي آيو

٣. ويهي وٽڪار جي ور ۾، ڏنم وينجهار وحدت جو
سمايل صاف هرهڪ جاءِ، بره بوستان ٿي آيو

٤. محمد مشتاق محبت ۾، ڏسن ٿا عشق جو آرو
عجب اسرار اندر ۾، فڪر فرقان ٿي آيو

شام ڪليان	ڪافي	روپ

ٿل :-حسن جي فوج ٿي فالم، بنايو بيکه بازي جو

١. حسن حملو ڪري آيو، سروپا صاف سر پايو
رنگي رخسار رنگ لايو، صورت سينگار سازي جو

٢. بِگل بٽڇيون ڪٽي پالا، ڪري خمار خوش حالا
اکين جي عشق ڪيو اعلي، طبل تلوار تازي جو

٣. خوني خنجر ختم خم، شغل شاهي شمع شم شم
دونالين ديد جي دم دم، تريو تورو ترازي جو

٤. ڪاڪل ڪندڙا ڪجل ڪاري،سنگينون سيف سنگساري

۵. منگهن مخمور مُـژگانن، مچائي موج مستانن
نسنگ نروار نيشانن، غواصي غور غازي جو
٦. سراسر سير سر ساقي، يگانو يار ٿي ياقي
محمد بن بنيو باقي، قبلل حال ماضي جو

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٿل:۔دنيا عقبيٰ ڇڏي پيئي، آڪين سان دل اڙي ويئي
ا. آڪيون پائي ڪجل ڦهري، ڪرن پرواز ٿيون پهري
مثل شهباز جيئن بحري، ڪنبائي ڪيئون قتل ڪيئي
۲. آڪين سان دل ڪيو آرو، ڏسي ڪجل قتل وارو
ڪري سينگار سر سارو، پرت جي پيچ ۾ پيئي
۳. دما مون ديد ڪيو دم دم، خوني خنجر ڪٽي خم خم
پياري جام مئي جم جم، نظر نيشان ڪيس نيئي
۴. نظارو نازنين جو، محمد مئيخان مردن جو
ڏسي ديدار ديدن جو، صوفي ٿيا صاف سر ڏيئي

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٿل:۔ڪٿي خالق ڪٿي خادم، ڪٿي رهبر رنگي آهيان
ا. ڪٿي قاضي ڪٿي ڪافر، ڪٿي باطن ڪٿي ظاهر
ڪٿي مورت مندر ماهر، ڪٿي صورت سنگي آهيان
۲. ڪٿي آڪين سندو عاشق، ڪٿي صوفي صفا صادق
ڪٿي مخمور مئي مالڪ، ڪٿي دم جي دنگي آهيان

۳. ڪٿي شائق شريعت جو، ڪٿي طالب طريقت جو
ڪٿي حافظ حقيقت جو، ڪٿي نيهي ننگي آهيان
۴. ڪٿي زابر ڪٿي زاهد، ڪٿي ساقي ڪٿي ساجد
ڪٿي محمد ڪٿي لاحد ڪٿي جذبو جنگي آهيان

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٽل:-سري ميدان ۾ صوفي، اناالحق گيت ڳائن ٿا
چڙهائي چوٽ چشمن جي، عجب چالا چلائن ٿا
ا لائي لانگوٽ لاهوتي، بگل برحال باهوتي
حڪم هر حال هاهوتي، هڪل هڪ سان هلائن ٿا
۲. بره بازار جا بانگا، نسنگ نروار ٿي نانگا
لنگهي لاحد وارا لانگها، لڳين لوهو لڳائن ٿا
۳. سينگاري ساز صورت جو، ڪري وسڪار وحدت جو
ندائي ناز نوبت جو، ڪولي سر سان سٽائن ٿا
۴. مچائي موج مخموري، ڪري مذڪور مشهوري
محمد ميدان منصوري، مرد مئي پي ملهائن ٿا

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٽل:-آکيان ڪيتا اُلتا آر، ويک حسن دي گرم بازار
ا. سهڻي صورت والي ساز، پڙ وچ پلپل ڪر پرواز
ويکم نظر دا نيهي ناز، عشق الاهي ٿيا اظهار
۲. عشق حسن دي بيرنگ بازي،سمجهه صحي ڪرتن وچ تازي
گوءِ ميدانون چاوَن غازي، سرڪي سردا ڪر واپار

۳. ناتڪ ناز نيڻان دا ڪليا، هوڪا هَٽ هَٽ حق دا هليا
مست پيالا مئي مد مليا، طلب واليان ڪون تاروتار
۴. ڳل وچ جٽيان تلڪ لڳانون، پير پتنگ تي محمد پانون
ڪُڏ ڪُڏ ڪوہي ڪنده ڪَتانون، دلبر والي دم دم دار

روپ	ڪافي	شام ڪليان

ٽل:ـ سمجهه صورت سير سارو قلب جي ڪتاب ھ
نيهن نيڻن سان نفي تي نازِ جي نقاب ھ
۱. ور وڪڙ واتن وڃڻ جا، سور سُهمان سر سهڻ جا
قرب جي ڪاتن کهڻ جا، قول ڏس ڪباب ھ
۲. بره بازي بيرنگي سان، جوان ڪن جاني جنگي سان
سر جو سودو نڱي، سان طلب واري تاب ھ
۳. روز شب باطون ظاهر، جهڙو اندر تهڙو باهر
ڏس حسن سان تي تون ماهر، بره بيحد باب ھ
۴. محمد اُلٽ اکين جو آرو، وحدت ورق وصال وارو
عجب ڍول هٽي تو ڍارو، رمز جي رباب ھ

روپ	ڪافي	توڙي

ٽل:ـ ڏاڍا گهنڊڙا گهتيئي دل گهانوٽدا
ابرو سيف زنگي ڪِل چانوٽدا
۱. جوڙيئي آدم ذات صفات وچون
گڏ اب عجب اثبات وچون
رکيئي رمز من الروحي دي ذات وچون
ڪر حڪم صحي سر نانوٽدا

۲. جتان هُل حلّاج دا هُلدا هي
تتان تورا عشق دا تُلداهي
جو ويندا سو نهين ولداهي
کنڏ کاتي کوڏ کمانوٽڊا
۳. گهنڊ کول نقاب شتاب مٺا
مئين تن وچ طلب دا تاب ڏٺا
تيا بره والا هي بار کنا
من مشتاقان نهين مانوٽڊا
۴. محمد ماندي من موهيا
رندي راز رنگي وچ ريها
لڳا نيهن نيٹاندا هي نيها
بيرنگي رنگ رلانوٽڊا

روپ	کافي	توڙي

ٹل:۔پيالا پيتم ناز نگاه کنون، تي شائق شاهنشاه کنون
ا. ناز نهوڙ نظر دي نِيتا، شوق شراب شهادت پيتا
سِرکون سجدا ثابت کيتا آء، خيال اسم تي الله کنون
۲. هٹ کر خيال دا خيما کوڙيم، جذبي والي جامي جوڙيم
تگي دلق دوئي دي توڙيم، کڏقرب دي کاهوکاه کنون
۳. کاه قرب دي قادر قائم، دل وچ کيتي دلبر دائم
پيريمغان تي سر سمجهايم، چڙه چاه زنخ دي راه کنون
۴. راه رمز دي ناز نظاري، ويکھ چشم دي اُلتي چاري
محمد هڻ تون ناد نقاري، تي بيرنگ بره دي باه کنون

روپ	ڪافي	ٽوڙي

ٿل:- ڪلياخيال خودي دي خمار ڪنون
ٿي بيخود بره بهار ڪنون

ا. صورت دي وچ صورت هوئي
سوج اها سر ماڻي ڪوئي
سالڪ سمجهن سير سيوئي
اهين ڪاڪل ڪُنڍڙي دي ڪارڪنون

٢. بي مثل دا مثل بنايم
ظاهر باطن خيال ڪمايم
اپنا آپي آپ سجاتم
چڙه چشماندي چمڪار ڪنون

٣. خيال دا خالق خادم خيالي
موتو قبلل همدم حالي
ڳجهي ڳجهه دي ڳجهڙي ڳالهي
ٿي ظاهر ذوق زنار ڪنون

٤. سمجهه محمد صورت سازي
التي الث دي التي بازي
آپ غواصي گوهر غازي
ٿيا ثابت سر سردار ڪنون

توڙي	ڪافي	روپ

ٿل:ـجڏه خيال تي غالب خيال ٿيا
تڏه حاصل هردم حال ٿيا

١. عشق اويڙي آتش لائي
خيال تي ڪيتي خيال چڙهائي
درد دلاور ڌوم مچائي
ڪڏقادر قرب ڪلال ٿيا

٢. طلب واليان چاتڪيان تبران
ذوق پڙهايان زيران زبران
خبراندي وچ ڪليان خبران
آءِ اندر عجب احوال ٿيا

٣. لاحد والي لا مقصودي
سمجهه صحي ڪر شوق شهودي
حاضر هردم حق موجودي
هٿ نعرا نيهن نهال ٿيا

٤.بي سِر بازي پيد بتايا
مئي پي محمد قرب ڪمايا
سروچ سارا سير سمايا
بِن روپي بره بحال ٿيا

توڙي	ڪافي	روپ

ٿل:- آيا عشق اساڏي جهولي جهل
ڪرحال حلاج دي حملي هل

۱. چا نينهن دي نيزي نيهي نر
پهه پتنگان والي پهلي پر
ٿي تاب حسن وچ تازا تَر
تند تان تماشي دي توري تل

۲. آء عشق اِنس اِظهار ٿيا
اثبات عجب انوار ٿيا
گهل گلشن وچ گلزار ٿيا
گهم گگن غمزدي گياني گل

۳. پَا ڳل پيشوازان پاڳ پڌر
برحال بهاريل بزم بدر
ٿي صوفي صاحب صاف صدر
ڪر ڪوڏ ڪلال دي ڪيفي ڪل

۴. مٹ مستي دي مخمور هويا
مچ مست مگهن منصور هويا
مئيخان مثل مشهور هويا
جنهن دي مئي دا نڪو هي محمد ملهه

روپ	ڪافي	توڙي

ٿل:ـ اسان رمز دي وچ رهندي هون
سو سهمين سر تي سهندي هون

١. پا چير پيرين چمڪار ڪرون
چا دم دادم وچ ڏيان ڏرون
تي پورا پيري پير پرون
نا پور پيا ڪو پهندي هون

٢. بن بيڪ بشر دي بازي دا
تي ساقي ساغر سازي دا
چن خيال قبلل ماضي دا
ڪڏ قيل ڪلالي ڪهندي هون

٣. سپ سانگ صفاتي ساري سَٽ
پي پاڪ پريمي پيالي پَٽ
هرحال حلاجي والي هٽ
تي وحدت وادي وهندي هون

٤. مخمور محمد موکي مچ
نروار نشي وچ نيهي نچ
ڪرثابت سهٽان سارا سچ
ٻڌ شَملي شاهي ٻهندي هون

توڙي	ڪافي	روپ

ٿل:ـ سانون لڳڙا نيهن نظاريدا، جيوين بادل بوندبهاري دا

ا. بي مثل دا مثل نہ ڪوئي، ذاتي ذات صفاتي سوئي
رمز انهين دا واقف جوئي، پاوي پوش پياريدا

٢. آڪيان عاشق دلبر دل هي، اڳون خام خودي داخلل هي
راز انهيندي ڪنهن ڪون ڪل هي، اندر الف اشاريدا

٣. جيڪو اپنا آپ گنواوي، بيرنگي دي رمز رلاوي
من دا مطلب من وچ پاوي، ڪجل ويکہ ڪناريدا

٤. محمد مخفي ماڳہ مورت دا، وفي انفسڪم پوش پورت دا
سمجهہ سارا سير صورت دا، پارس پيچ پاڳاريدا

توڙي	ڪافي	روپ

ٿل:ـ پاڄون آيا چوراسي، ٿي بره بدل بن واسي

ا. وَجْهُ اللّٰهي شان جهيندا، پهريس پوش پياسي

٢. كُلَّ شيٍ مُحِيْط آلاڪي، ثابت تيڙا ساسي

٣. هرجاء ذات ظهورا ظاهر، ڪعبا قائم ڪاسي

٤. محمد خود ٿي خيال ڪمايا، غازي غور غواصي

ڪنيات	ڪافي	روپ

ٿل:ـلوڪ لاڳاپا لاه ڇڏي لڄ، لوڪ لاڳاپا لاه ڇڏي لڄ

ا. بيخودي جي بحر ۾ آهي، عشق جي اُتي راه ڇڏي لڄ

۲. راه انهي ۾ رمزن وارا، ڪنتا ڪاهوڪاه ڇڏي لڄ
۳. اڪ۾جو عاشق ٿي ڏس عبرت، ٻي نہ ڄاڻج واه ڇڏي لڄ
۴. دم جو واقف ٿي تون محمد، سمجھي سارو ساه ڇڏي لڄ

ڪنيات	ڪافي	روپ

ٽل:ـدلبر جي ديدار، موهيو من دلبر جي ديدار
۱. حسن جي حملي ڪئي هسواري، ڪري اُلتو آر موهيو مَن
۲. عشق ڪفر جا ڪلمان پڙهايا، وجهي زلف زنار موهيومَن
۳. ناز نظارو نيڻن وارو، آيو ٿي اظهار موهيومن
۴. محمد اسماعيل پهرايو، صورت جو سينگار موهيومن

ڪنيات	ڪافي	روپ

ٽل:ـناچو ٿي نروار نچانتو، ناچو ٿي نروار
۱. پَهري برقعو بيڪ بشر جو، بِره جي بازار نچانتو
۲. صورت وارو سانگ سراسر،ڪري سِرسينگار نچانتو
۳. هٿين پيرين گهڻ گهڻ گهنگهرو، چيرن جي چمڪار نچانتو
۴. موتو قبلل موجان ماٿي، محمد ٿي مهندار نچانتو

ڪنيات	ڪافي	روپ

ٽل:ـ محبت جي ميدان مچانتو، محبت جي ميدان
۱. اڪين واري آتش بازي، عاشق ٿي عريان اچانتو
۲. پتنگ وانگي پڙ ۾ پڙرو، پسڻ جي پئيمان پچانتو
۳. رکي راز ربوبي رنگ جو رمزن سان رندان رچانتو
۴. محمد مير مدامي مٺي جو، نِسنگ ٿِي نِيشان نچانتو

كنيات	كافي	روپ

ٿل:-اڪين ۾ اظهار آهيان مان، اڪين ۾ اظهار
ا. اول آخر عشق الاهي، آوازي انوار آهيان مان
٢. بشر واري بازي بالم، بره جي بازار آهيان مان
٣. تيرٿ تڪيا تازا ترنم، طلب واري تار آهيان مان
٤. نسنگ نيهي نور نظر جو، نظاري نروار آهيان مان
٥. صحي ساز صورت جو سارو، سهاڳي سردار آهيان مان
٦. محمد مام منير معنيٰ سان، مدامي مهندار آهيان مان

كنيات	كافي	روپ

ٿل:- ڪج عشق عجب اِظهار، ڪيتا هي آر
آوازي اَنور ڪا وَهوا
پر ساغر سرخ سينگار ٿيا سردار
سٽا سر سرور ڪا وهوا
ا. ڪج اکيان اور اشاري، ڪَج ابرو اُلٽ اوياري
ڪج چاه زنخ چمڪاري، ڪج داناء ڪيا دلدار
درس ديدار، دلاور دلبر ڪا وهوا
٢. ڪج ڪاڪل ڪيف ڪمالي، ڪج ڪار ڪجل ڪي ڪالي
ڪج لعل لبان سِر لالي، ڪج روپ روحي رخسار
رندي رفتار، رنگي رنگ رهبر ڪا وهوا
٣. ڪج گفتہ گُون گِياني، ڪج سِرتي تاج شهاني
ڪج گهوران گُهندبَ گمسَاني، ڪج برزخ دي بازار
ٿيا پڳدار، پيالي پرور ڪا وهوا

۴. ڪج مُـــژگان محمد ماري، ڪج خم خم خوب خماري
ڪج نيڻان نوڪ نياري، ڪج منهن تي ميگهه ملار
منڊل مهندار، مدامي منور ڪا وهوا

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿل:ــسرور پياريو ساقي ساغر تہ سوايو، سَرشار بنائي
احوال عشق وارو اظهار الايو، انوار بنائي
١. ساغر پياريو سَاقي، سردار صاف سهڻي
صورت واري صحن ۾، ڪولي سرود سرگم
سخنات سڻايو، سينگار بنائي
٢. پيالا پياري پرور، پئيمان جي پساري
پنهنجي پڌر پسڻ جو، برحال پيد باقي
برسر تہ بتايو، بيدار بنائي
٣. اعليٰ اصل اوقاتي، عادل عجب عدل جي
آواز ان الاهي، اصلاح عشق اڪبر
اثبات ڪرايو، اسرار بنائي
۴. مئيگون مَست مَٽَ تي، مَستي واري منڊل سان
موڪي اڳيان مٿي ڪي، مُرڪي مٿي محمد
مئيخان ملهايو، مهندار بنائي

روپ	ڪافي	ڪنيات

ٿل:۔ تماچي جام ڪيئن تڙتي، مليو مئي پي مهاڻن سان
صراحي ساز ڪي ڪولي، ڪئي صحبت سياڻن سان

١. بندر بحري بلند برسيو، بهاري ٿي بزم واري
آوازي آر ٿيو اعليٰ، اثر انور اولاڻن سان

٢. چڙهي ڏولي مٿي گندري، مهاڻن ميل ڪيو مرڪي
رقص رس راڳ، رنگ پورو، رتو روحي رهاڻن سان

٣. عطر عنبر گلابي گل، ڪلي خوشبوءِ ڪٿوري جي
سَمي جي سِيجَ ٿي سُرهي، وَصل وارن وِهاڻن سان

٤. محمد مير مجلس جو ملاحن جي مَڃي مَحلي
ڪري محصول سڀ معافي، ٿيو ماهر مياڻن سان

روپ	ڪافي	ضلع

ٿل:۔ تنهنجو منهن محبوب مصحاف پسي
رخسار چمان پيزار چمان

١. رخسار رنگي ۾ راس رچي
ڪري ثابت سهڻي ڳالهه سچي
تنهنجي آڪين جو اسرار اچي
اظهار چمان انوار چمان

٢. پيلوُ پاڪ پرين سان پيالا پر
ڪولي سرخ صراحي سھٹا سر
تنھنجي ديدن وارو دائم در
دلدار چمان ديدار چمان

٣. ڪلتار ڪجل جي ڪار قسم
اثبات ڪري آواز اسم
پسي جوت جمال جلال جسم
جھلڪار چمان جنسار چمان

٤. محبوب محمد مٺي جي مَٽ
پھري پاڪ پوشاڪان پيارِين پَٽ
تنھنجو تاج ڪلنگي مونگھٽ چِٽ
چوڏار چمان چمڪار چمان

روپ	ڪافي	جھنگلو

ٽل:۔ آيا ھي عشق ڪر آرا، نسنگ نروار ھڻ نعرا
سخي سردار ٿي ساقي، صحي سينگار سر سارا
ا. آيا ھي عشق ٿي عالم، بھادر بي ريا بالم
صحن سبحان صورت دي، سخن سھٹي صفا سالم
فھم فرمان فرقاني، فڪر وچ فيض ڪر فالم
سٹاڪي ساز سر گم سر، سچا سلطان سوپارا

٢. ختم خومار خوش حالي، بقا با الله برحالي
ڪڪوريل ڪيف قهري ڪل، ڪجل ڪلتار ڪر ڪالي
عدم ڪُنون عشق انوردا، عجب اقبال هي عالي
چشم دي ڇهڇٽي چلپل، چٽا چوڌار چمڪارا
٣. عجائب عشق اثباتي، جنگي جنسار جسماتي
قديمي قاب قوسيني، قدوسي ڪوڏ ڪلماتي
هڪل ڪر حال دي حاضر، حسن هسوار حضراتي
حسيني هل ٿيا هر جا، همہ همذات هبڪارا
٤. محمد مير مسجودي، مدامي موج موجودي
منڊل مئيخان محبت دي، منور ماڳہ مشهودي
مغان منهندار محڪم ٿي، مچا مُـــــــــــڙگان معبودي
مقابل موه مشتاقان، ڪريندا مام ڏي مارا

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٿل:-جيڪا وٺي سا واه، ڪر مهر محبوب ملڻ جي
١. سڪ سچي جي سائل آهيان، رهبر رندي راه
چشمن واري چاڙ چڙهڻ جي
٢. هي نماڻي عين هاڻي، تون آهين شاهنشاه
آهيان پياسي پاڻ پسڻ جي
٣. هن ڪميٽي ڪين ڪمايو، ٽڳي وارو ٿاه
ڪٿي خواري خلق ڪلڻ جي
٤. محمد تي ڪر ماڙ مدامي، هادي حزب الله
وره جي ويراڳہ وسڻ جي

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٽل:-چم چم چنن ڪر چمڪار، عشق اويڙا ٿيا اظهار
١. طبل تال تماشي تازي، توم نوم تنن والي تار
٢.جپي نام ٿي جوڳي جڳ جڳ،جهوم جهوم جهنن دي جهونگار
٣. ڏري ڏيان ڏمالي ڏُن دا، ڏوڏو ڏنن دي ڏن ڏار
٤.گهمين محمد گام گگن دي، گهڻ گهڻ گهنگهرودي گهڻڪار

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٽل:- دم دم دم دا ڪر ديدار، ماريم نعرا اَناالحق دا
١. چينٽڪ چال چشم دي چرچي، چوطرفين آء ٿي چوڏار
٢. درسن دي وچ دم ٿي دائم، دم دلاور دي دربار
٣.ساز سهاڳہ صراحي سِردي، ثابت سهڻان ڪر سرشار
٤. مظهر وچ موجود محمد محڪم، مئي دي ميگهه ملار

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٽل:-مئيخاني وچ ٿي مخمور، ماريم نعرا اناالحق دا
١. محويت دي مام ملاڪي، ملڪ معني دي ٿي مسرور
٢. مئي پيالي محبت والي، موج منگهن ڪون ڪر منظور
٣. بي مثل دا مثل بناڪي، مرد مدامي ٿي مشهور
٤. محمد ماڳہ متي تي محڪم، مست موڪي مڪہ ٿي

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٿل:ـ حضرت عشق حسن دي هولي، حاضر هڪ ٿي هلداهي

ا. هردم ڪر هبڪار حسن دي، چال عجائب چلدا هي

۲. سِرتي ڪر سينگار صورت دا، سير سراسر سَلداهي

۳. ونحن اَقرب وحدت ويڙهي، نال وصلدي ولداهي

۴. مُـــژگان والي ٻڌڪي مرچي، محمد مئي ٻي مِل داهي

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٿل:ـ بي پليون بي پِير آکيون، گهائن گهوٽ گهورن سان

ا. آڙنگهڪن ٿيون عشق وارن تي، عجائب اڪسير آکيون

۲. دائم ديري درسن واري، دانه ڪن دلگير آکيون

۳. ڪجل سان ڪن قابو ڪُنديون، ڪاپڙي ڪَنچِير آکيون

۴. مچي مُــــــژگانن سان ماري، محمد مڪ مهمير آکيون

ڏناسري	ڪافي	روپ

ٿل:ـ جوڳي ويا اُن جُوءِ جوان، مَلڪ فَلڪ جي جاءِ نه جا ٿي

ا. جوڳي سند سند ساز سنيائن، صاف سڻائن سِر سبحان

۲. جوڳين ڪيو جهلڪار جمالي، جام جلالي جي جولان

۳. جوڳي جاڳي جوڳه ڪمائي، جوش جڳائي ٿيا بي جان

۴. جوڳي محمد جان جلائن، مام ملائن منجهه ميزان

ڌناسري	ڪافي	روپ

ٿل:-وه صورت سير سالاريدا، ٿي نيڻان دا نيشان ڌنم
ا. شاهنشاه شتابي ڪيتا، عشق عجب اظهاريدا
جوش جگر جولان ڌنم
٢. لُون لُون دي وچ لعلڻ لايا، نينهن نسنگم نرواريدا
چشمان دا چالان ڌنم
٣. عشق اويڙي آتش لائي، لڳڙا نينهن نظاريدا
قربئون ٿي قربان ڌنم
٤. هردم حيرت دي وچ وسدا، **محمد** ميگهه ملاريدا
گهوران دي گمسان ڌنم

جڄهونتي	ڪافي	روپ

ٿل:- آيا پيرمُغان هي پاڳارا، ڪر سانگ صورت دا سارا
ا. عدم ڪنون پرقدم قديمي، هڻ نيهي نينهن دا نعرا
٢. بنا بيک بشر دي بازي، چا برسر بره دا بارا
٣. آيا ٿي اثبات اسانڌي، ڪر اور اڱڻ ٿي آرا
٤. **محمد** ويک تماشي تازي، گهن چشمان والا چارا

جڄهونتي	ڪافي	روپ

ٿل:-سردار سخي سر آيا، ٿي سرسا سرس سوايا
ا. انااحمد بلا ميمي، هي عربي آپ الايا
٢. سُرت صاف نِرت دي ناٽڪ، سي سهڻا سير سمايا

٣. اصل آکيان والي بازي، بن بيخود پيد بتايا
٤. محمد مـــژگان والي ميلي، خوشحال خيال کمايا

روپ	ڪافي	ججهونتي

ٿل:۔ ڳائون ڳائون ڳائون، ڳالهه ڳجهي ڳجهه ڳائون
آکيان والي اشاري، اناالحق الائون
١. عشق عجب ٿي آوازي، احمر عين اوتاري
عارف عالم اعليٰ، عاشق بن بن آئون
٢. حسن والي حقيقت، حاصل حال حياتي
حق حق حرف حقاني، حاضر حکم هلائون
٣. صورت سهڻي صفاتي، سمجهه صحي ڪر ساري
ڪول صراحي ستاران، سرگم ساز سڻائون
٤. محڪم مست محيسي، مستو مست مدامي
ميڱون پي ٿي محمد، منصف ماڳہ ملهائون

روپ	ڪافي	ديسڪار

ٿل:۔ عدم ڪنان عشق ٿي، آواز ڪيو مون
ڪن فيڪون ڪوڪ سان، قواز ڪيو مون
١. پسڻ واري پيچ ۾، پرواز ڪيو مون
٢. سرودي سينگار سارو، ساز ڪيو مون
٣. نظر واري نوڪ اُتي، ناز ڪيو مون
٤. محمد موجودات رنگي، راز ڪيو مون

روپ	ڪافي	ديسڪار

ٿل:۔ڪين ڪين ڪين، بنا ڪين آهي ڪين
ڪپر ڪنڌي ڪان ڪا، ڪين سندي ڪين

۱. بحر بر بيچون ۾، بره واري بِين
۲. ديدن واري ڏيان ۾، ڏرم نڪو ڏِين
۳. ڪعبو ڪاشي مام معنيٰ، عرب عجم چين
۴. محمد هري حال ڪئي، هڪل هڪ حسين

روپ	ڪافي	راڻون

ٿل:۔معافي چڙهيا مير منور، پوندي آوي پيچ پيچ
پوندي آوي پيچ پيچ، پوندي آوي پوش پوش

۱. سيف ابرو ڪيف ڪالي، نيڻ نرگس نيم خواب
زلف سنبل صنم سربر

۲. عاشقان انبوه ڪيتا، ويک وحدت ڪا وصال
پيچي پاتا پيچ پرور

۳. بره برزخ در عجائب، ويک صورت ساري صاف
ڪيا ڪران ساراه سرور

۴. شڪ ۽ شبهات محمد، چوڙ گئي سارا صحي
آپ ٿيا اظهار انور

راڳڻي	ڪافي	روپ

ٿل:۔شاه مردان شيريزدان، شمس علماءؒ شاندار
شوق جي شادي شفيع ڪئي، عشق واري آشڪار
١. سنہ اُٺاسي ٻارهين صدي، ثابت ستين صفر ٿيو
ستاويهين ماه ثاني، تخت تي ٿيو تاجدار
٢. شان شفقت جي شرح جو، ڇا ڪندو شاعر شمار
شَه شهادت شاد ڪيڙو، ستا شغل جو شرفدار
٣. ستين سر ربع الاول جي سنہ(١٣٤٠) تيرهن سو چاليهين
ايڪهٺ عمر عجائب، ڪَج ڪُله ڪئي قربدار
٤. بيرنگي ٻازي ٻنائي، ٻره جي ٻازار ۾
نيهن جو نعرو هنيو، نر ناٿ نيهي نامدار
٥. پيريمغان پارس پساري، پرت جي پئيمان جو
محو ٿيو مخمور محمد، پاڪ پرور پاڳدار

راڳڻي	ڪافي	روپ

ٿل:۔ناد نفيلان نوبت نعري، نيهن واليان دي نزاڪت هي
١. تن من طبلي طبل تماشي، طلب واليان دِي طراوت هي
٢. ساقي والي صاف صحن وچ، ساز سرڪ دي سخاوت هي
٣. روپ رنگي رخ راز رنگيني، رمز رندي دي رسالت هي
٤. ناٽڪ نوڪ نيناندي نتڪي، ناز نظر دا نجابت هي
٥. محمد مست مندر مئيخاني، موج مدامي ملامت هي

راڳڻي	ڪافي	روپ
راٺون	ڪافي	روپ

ٽل:۔سچ محبت جي مچڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
پروان جان پڙ ۾ پچڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
١. عشق جي آتش اويڙي، اڏي واري آر تي
اُلٽ اوپارو اچڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
٢. نامور نيزي نظاري نسنگ نَر نيشان تي
نينهن جي ناتي نچڻ هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
٣. رخ رنگيني راز واري، رهبري رفتار سان
رمز رندي ۾ رچڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ
٤. **محمد** مگهن مخمور ٿيو، بيشڪ بره بردار تي
بيسر ٿيڻ ڪان نابچڻ، هيءَ عاشقن جي سونهن سوپ

راٺون	ڪافي	روپ

ٽل:۔ مست ٿي مئيخان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
پرت جي پئيمان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
١. سارنگيون سرندا ستارون، ساز سڀ ساجا ڪري
سر منڊل سامان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
٢. دم بدم داناه دلاور، داد گر دربار تي
ڏر ٻَدي ڏُن ڏِيان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
٣. خود بخود خمار سان، خالص ختم خوشنود ٿي
خيال جي خمخان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ
٤. مُڪ مَٽي جي موج تي، منصور جان **محمد** مچي
منصفي ميزان ۾، رندن ڪيا ٿي راڳ روپ

راڻون	ڪافي	روپ

ٿل:ـ هَرشي اندر آپ سمايا، ڪون هويا گمراه ميان

ا. ونحن اقرب ويس وصالي، فثم وجه الله ميان

٢. نين نظر وچ نور نظارا، نيڙا نوڪ نگاه ميان

٣. ديد دمامي دم دم دائم، درسن دي درگاه ميان

٤. وفي انفسڪم وحدت وادي، محمد مير ملاح ميان

گجري	ڪافي	روپ

ٿل :ـ ننڊ ڇڏ نيا ڳي ويسر وساري

اِذجَاءَ اَجَلَهُمْ ساعت سنياري

ا. هي سڀ فنا جو مڪان آهي، ڏس تون فڪر جي فن ڪي نهاري

٢. مُلڪِ عدم جو ساڪن تون آهين، هرگزگذر مان هلندين گذاري

٣. ٿوساري سجاڻين معنيٰ مرڻ جي، پوءِ ڇاڪئون نهوڙيئي ڏوتي ڏتاري

٤. محمد ڇڏي ڏي خامي خسارا، لاهي بارهستي سر ڏي سينگار

گجري	ڪافي	روپ

ٿل :ـ اٿي جاڳ جوڳي، عشاقي اوتاري

هٿي نيهن نعرو، نظر جي نظاري

ا. رهي راڳ رنگ ۾، اثر دار انگ ۾

صحي صاف سنگ ۾، سخن ڪي سينگاري

٢. هٿي تان تازي، ڪري روح راضي

ڪولج گيان غازي، گگن ۾ گذاري

٣. متي تي ملنگي، پهري کج کلنگي
پڌر تي پلنگي، پسڻ جي پساري
٤. محمد مام ماهر، طبل ساڻ طاهر
ڪري ذات ظاهر، آڪين جي اشاري

روپ	ڪافي	گجري

ٿل:۔جاڳي جاڳي جاڳ جوڳي، جاڳڻ واري جوت جڳائي
١. جاڳڻ جو پي جام جلالي، سنجهي ڪان ٿي سجاڳ جوڳي
٢. پتنگ جيئن پروان پچن ٿا، ٻڌي پڙ ۾ پاڳ جوڳي
٣. لنگهي لعل لقائي لانگهو، لاوجودي لاڳ جوڳي
٤. رقص روپ رنگي رڳ رڳ ۾، ڪري رندي راڳ جوڳي
٥. محمد ميگهه ملاري مئي جي، ملامت جي ماڳ جوڳي

روپ	ڪافي	گجري

ٿل:۔ تنهنجو توئي ساڻ، ساجن سهڻو ساه ۾
١. وَنَحنَ اَقرَبُ ويجهڙو، پنهنجو آهي پاڻ
٢. وحدت وائي وات ۾، ويراڳڻ جي وٺاڻ
٣. نظر جو نيشان ٿي، غازي غير نه آڻ
٤. چشمن واري چاڙه سان، صحي سر سجاڻ
٥. محمد موڪي مير ٿيو، مستي جي مهرياڻ

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:_دلبر دي ديدار موهيامن، ڪول حسن دا جلوه جنگي

١. سهڻي صورت سوز جڳايا، سوري دي سينگار موهيامن

٢. اندر ٻاهر هُو هُو هُليا، طلب والي تار موهيا من

٣. عشق اندر وچ موج مچائي، وصل دي واپار موهيا من

٤. محمد نينهن نظارا لايا، بره دي بازار موهيا من

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:_ظاهر ذاتي ذات موهيا من، پاسروپا تاج ڪلنگي

١. آڙنگ عشق اويڙا ڪيتا، گهوران والي گهات موهيا من

٢. وحدت ڪثرت والي وادي، عجب آب حيات موهيا من

٣. ذات صفت وچ رمز رلائي، اُلٽ ٿي اثبات موهيا من

٤. محمد سارا سير سڄاتا، مورت دي محلات موهيا من

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:_آهيان پاڻ خيال خودي خود، خود خدائي خيال آهي

١. ويد قرآن پڙهانتو پوٿيون، عجائب احوال خودي خود

٢. چوطرف چوڏار چمن ۾، چٽي چشمن چال خودي خود

٣. ونحن اقرب سر ثابوتي، همه واري حال خودي خود

٤. موجودات محمد مظهر، بي سر بيڪ بحال خودي خود

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:-پسڻ آهيان پاڻ پسان ٿا، پسڻ واري پيچ ۾ پڌرو

1. پسي پنهنجو پيچ پسڻ جو، پسڻ واري پڇاڻ پسان ٿا
2. سُرت ۾ ٿيو نِرت جو ناٽڪ، سرت ساڳي ساڻ پسان ٿا
3. ظاهر ذات صفات جي وچ ۾، قرب واري ڪاڻ پسان ٿا
4. محمد مظهر مام ۾ ماهر، معنيٰ وارو ماڻ پسان ٿا

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:-تون ڪير آهين الله ڪير آهي، صفت ذات وچ ۾ ڪهڙوغير آهي

1. نفي ٿا نظارو اثبات ٿا ٿيو، باقي ٿا ڀانو پڄن پير آهي
2. پسڻ جي پساري پرت ٿا پيالو، پڪو ٿا ٿيو پڙ ۾ پڌرپير آهي
3. سرت ۾ نرت ٿاسخن سازسرگم، سڻڻ سر سراسرٿاجوسيرآهي
4. وصل واڳ وحدت ٿاواقف ويراڳي، وجودي ورن ٿاويري وير آهي
5. مورت جي محل ۾ موجود حق ٿا،سنگهن ٿا محمد منڊل مير آهي

گجري	ڪافي	روپ

ٿل:-سردار سرور اظهار انور، پسڻ جي پسڻ سان پڳدار پرور

1. اول عشق آخر اتحاد اعليٰ، عدم ڪان عجائب آواز اظهر
2. سرمست ساقي يڪو يار ياقي، برابر ٿيو باقي برحال برتر
3. گلزار گياني گفتار گوهر،گروٿي گگن جا گهمين گام گهر گهر
4. محمد مصور مظهر مثالي، مٿيخان موڪي مهندار منور

گجري	ڪافي	روپ

ٽل:_قادر قلندر سورهيه سڪندر، اظهار اعليٰ آواز اندر
١. بره بيڪ بازي برابر بحالي، بهاريل بگل سان بقائي جي بندر
٢. ترڪ ترت تڪيوتخت تاج تن من،ڪري تاب تازا طبل سان تو نگر
٣. ساري سيرسرجي سچي سيرساري، ڪئين سازسرسان سمايل سمندر
٤. مٺي تي **محمد** مهندار موڪي، مٺي جو موالي موجود مندر

گجري	ڪافي	روپ

ٽل:_**الله الله** تعاليٰ، ازل ڪان تون آهين اظهار اعليٰ
١. ڪري سرسرت سان نظاري نرت سان، پيارين پرت سان پڳدار پيالا
٢. سهٽا سراسر داناء دلاور، بنائين برابر بشر بيڪ بالا
٣. **الله** عالم با**الله** بالم، في **الله** فالم ڪرين ڪم ڪمالا
٤. **الله** اڪبر رنگي راز رهبر، ٻڌين درس دلبر تون دوله دشالا
٥. دلدار دل بند احد تون احمد، معنيٰ ۾ **محمد** مهندار موليٰ

ايمن ڪلياڻ	ڪافي	روپ

ٽل:_دلدار ڳولي لهه دم ۾ تون، ٿي لاسِين لاعدم ۾ تون
١. دم جيي ڏس ذات ۾ ذاتي، پا ڏرونِي اُلٽي جهاتي
نظر واري نظم ۾ تون
٢. صورت ۾ ڏس جهاتي پائي، وحدت وارو ورق ورائي
اوري الف اسم ۾ تون
٣. نسنگھ ناتو نينهن نيائج، قدم پنٿي مول نه پائج
رندن واري رسم ۾ تون
٤. **محمد** پاڻ پروڙي پر ۾، گهڙي ڳول گونگهٽ جي گهر ۾
حسن واري حڪم ۾ تون

ايمن ڪلياڻ	ڪافي	روپ

ٿل: ڏس خيال خفي خم خم ۾ تون، ٿي بيخود بيکه بسم ۾ تون
۱. ڪري جوش جلالي جنگي، پا سروپا تاج ڪلنگي
فڪر واري فهم ۾ تون
۲. گهمين گلشن جي گلزاري، ڏس حسن جي ميگهه ملاري
ڇهريدار چشم ۾ تون
۳. دم سجائي دم ۾ دائم، ڪر قلب جي ڪل ڪي قائم
هضم ٿي هس هم ۾ تون
۴. موج **محمد** مستي واري، خيال جي ڏس خاص خماري
ڪيفي ڪيف قدم ۾ تون

حمير ڪلياڻ	ڪافي	روپ

ٿل:۔من ڪون هي محبوب مدامي، تيڏي درسن دي درڪار
۱. درسن ٻاجهون دم دم دل تي، وصل دا ويچار
۲. وصل والا. سانگ سجايا، نظر وچ نروار
۳. ناز نظر نروار نظاري، مهر ڪر منٺار
۴. مهر **محمد** منور منگدا، عشق الاهي آر

حمير ڪلياڻ	ڪافي	روپ

ٿل:۔اُلٽي رمز عشاقان والي، سمجهه آپ سنڀال
۱. عاشق اُلٽي بازي کيڏن، وَڃا درد ڏمال
۲. درد ڏمال وڃا سر واڃي، ڪَر تون قرب ڪمال
۳. قرب ڪمال ڪيتي ڪل ڪامل، نظر ناٿ نهال
۴. ناٿ **محمد** نيڙي رهندا، وٿي نهين هڪ وال

حمير كلياڻ	ڪافي	روپ

ٿل:۔بودلا برحال، سخي تون سلطان سڪندر

۱. عاشق تون آڏوت اويسي، عشق والي احوال
آڪيان دي اثباتي اندر

۲. رنگ برنگي راز تساڏي، بيشڪ بي تہ مثال
برابر برداري بندر

۳. قدم ڪل تي قادر تيڏا، ڪيتا قرب ڪمال
قديمي ڪلتار قلندر

۴. متي مچ هي محمد تيڏا، محبت والا مال
مدامي مئيخاني مندر

حمير كلياڻ	ڪافي	روپ

ٿل:۔ لعل قلندر لعل، دوله دائم قادر قائم

۱. در تيڏي تي ڪيڏن ديواني، داناه درس ڏمال

۲. چوطرف چوڏار تساڏي، وجدي گهنڊ گهڙيال

۳. نسنگ نر نزديڪ ٿي نانگي، نچدي ناٿ نهال

۴. ملنگ مِل مِل محمد ڳاوَن تيڏي مست مقال

---------------☆---------------
---------------☆---------------
---------------☆---------------

پوريا	ڪافي	روپ

ٿل:-پا جون آيا چوراسي، ٿي بره بدل بنواسي

ا. وَجْهُ الاٰهي شان جهيندا، پهريس پوش پياسي

٢. ڪُل شي مُحِيْطُ الاڪي، ثابت ٽيڙا ساسي

٣. هرجاءِ ذات ظهورا ظاهر، ڪعبه قائم ڪاسي

٤. محمد خود ٿي خيال ڪمايا، غازي غور غواصي

ڪلام

مدامي موج منصوري، ڪيو مخمور مستانو

مچي ميدان محبت جي، ڪيو مذڪور مردانو

مڙئي مذهب ملت جاٽان، نه ڪنهنڏي ڪو وهم آٽا

مثالي ماڳ ٿو ماٽيان، ڪولي مشهور مئيخانو

آوازي ٿي ايڪائي سان، سخن سرگم سچائي سان

سٽايان سُر صفائي سان، سنباهي ساز سامانو

غواصي غور سان غازي، رضا جي راج ۾ راضي

رنگي رنگ بيرنگي بازي، بشر بيک بهانو

محمد مير مستي جو، حقي هسوار هستي جو

وصل وهنوار وستي، جو شرف شغلات شاهانو

☆

☆

تارگر	چلو لوژائو	ایشورسر

ٹل:-چلا ٹیا اظهار عشق والي اسرار

کنز مخفي کل کر گنج گلزار

١. چلا کُن فیکون بازي بن بیچون

ٹیا گونا گون سُر ریک گنڌار

٢. چلڙا تین گرام ست سُر سَرانجام

عشق عجب امام آوازي انوار

٣. سراسر سرگم کَرج نکاد مندهم

چلا پُرجهه پنچم دم ڈیوت دیدار

٤. پئو پیري پگي پول مالکوس دي قول

کیتي هکل هنڊول سڌ سري سردار

٥. ونُفَحخْت في الحال مِنَ الرّوحي دي مقال

خود خدائِي خیال میگهه دیپک ملار

٦. ست سربه چهه راڳ، سرسا سرس سهاڳ

ولا وَحدت واڳ، سُهٽا کر سینگار

٧. صفاتي سامان، سُر صورت سجان

جڙ جمل جهان، جسماتي جنسار

٨. اَلَفُ اَینُما کُنتُم میمُ وَهُوَ مَعَکَمُ

حکم هَلا حاکم، هردم ٿي هسوار

٩. چلا لحمک لحمین، جڙ جسمک جسمین

دم دمک دمي، روحي کر رفتار

١٠. الف میم چاگڏ آدم اولا اَڏ
چلي کيتا سڏ آکياندي آثار
١١. اناحمد اطهر، بلا میمي مظهر
اَحد آکیا اظهر، محمد ٿي مهندار

سي حرفي	اَنااحمد بلا میم	وکن فیکون

١.چلا میم دي مامي، الف عالي عامي
لڳي لادي لامي، سمجهه ويکين سهرا
چشماندا چهرا
٢. چلابي دي بازي، کل کيڏن غازي
چوڙ قبل ماضي، وحدت والي ويڙهي
ٿي نيهي نيڙي
٣. چلاتي دي تاري، کر چيتن چاري
چا سرسي ساري، هٿ کيتا خيالي
دل جهندي نالي
٤. چلاثي دي سنگهه هي، الف والي انگ هي
رتا رندي رنگ هي، بيرنگي بازي
سروالي سازي
٥. چلا جيمئون جوڳي، ئيو يڳا يوڳي
رنج لتا روڳي، هٹ نعري نيهي
ڳالهه کران کيهي

٦.چلا ح هڪ حضرت، ڪلتاري قدرت
برحالي برڪت، ميم اولي احمد
مڪ ٿيا محمد

٧. چلا خ دي خصلت، مشهودي مصلحت
وس والي وصلت، ٿيا سهڻا ساقي
يڪدلا ياقي

٨. چلا دالئون درسن، گلزاري گلشن
اثباتي احسن، دم دولهه دائم
ڪامراني قائم

٩. چلا ذالئون ذاتي، چمڪارا چاتي
جهوٽي والي جهاتي، چنب جهليا جهولي
ٻول عجب ٻولي

١٠. چلا ري رنگ رچدا، سخناتي سچدا
ٿي ناچو نچدا، پيشوازان پاڪي
ڳالهه ڳجهي ڳاڪي

١١. چلا زي زناري ظهور، حق حياتي حضور
گر گياني گنجور، درجاتي ديري
گهور والي گهيري

١٢. چلا سيني سڪ هي، لئون لائي لڪ هي
وچ چاتي چڪ هي، ميم معنيٰ ماٺي
چاڻ عجب چاٽي

۱۳. چلاشین دي شملي، جسماتي جملي
همذاتي حملي، میم والي معنیٰ
سمجھي کو داناء

۱۴. چلاصادئون صورت، من موهٹي مورت
پگداري پورت، چشم والي چالي
پر پي پیالي

۱۵. چلا ضادئون هي ضمیر، جهندا بره بي نظیر
اکہ عالي دا امیر، اظهاري انور
سر داري سرور

۱۶. چلا طي دي طاقت، صفائي صداقت
لقائي لیاقت، بنرا برابر
سنرا سراسر

۱۷. چلا ظئي ٹیا ظاهر، ترتازا طاهر
مچ ٹیکي ماهر، معنیٰ والي میلي
کیڈاري ٹي کیلي

۱۸. چلا ع اتي عاشق، حکم هلا حاذق
ٹي صوفي صادق، ماٹي مئي دي مستي
هٹا هوئڻ هستي

۱۹. چلا غ دي نقطي، پیچ پاکي پختي
رنگ رنگي رخ تي، نقطي کیتا دور
محمدي مذکور

۲۰. چِلا ف تیا فالم، عشق عجب عالم
برحالي بالم موجود منور
آواز اَنور

۲۱. چِلا کافئون کامل، عشق عجب عامل
شوق شاهي شامل، قادر قلندر
صادر سکندر

۲۲. چِلا قاف دي کل دا، آخر اول دا
حاضر هکل دا، احمر احوالي
دم دا ڏمالي

۲۳. چِلا لامئون لاهوت، همذاتي هاهوت
برکاتي باهوت، چِلي کيتي چِنن
تان تازي تنن

۲۴. چِلا ميم داول هي، کن والي کل هي
همذاتي هل هي، انساني اولي
چشماندي چولي

۲۵. چِلا نُونئون نوبت، صحي صفا صحبت
مئيگوني محبت، چِلا چمک چِاتي
دم جيي ذاتي

۲۶. چِلا واو وصالي، نيکي نرالي
خوبان خيالي، هرجاءِ حسن دي
سهٹي سخن دي

٢٧. چلا هـ شريعت، طاهر طريقت
حالي حقيقت، ميم معنيٰ محمد
احد ٿيا احمد

٢٨. چلا الف لام ميم، ڪن فيڪوني قديم
ڪل ڪلالي ڪليم، ڪيتي هڪل هل هل
ميم والي ول ول

٢٩. چلا ي وچ ياقي، بيچوني باقي
ڪول ساغر ساقي، ذتي اڪائي دي اوڙ
ڪر انا الحق گوڙ

﴿ سي حرفي ﴾

١. الف ـ آڏو تن جو نہ اوچڻ تي آرو
نڪو آسڻ اُس لاءِ نہ آتڻ آسارو
سدا سنراسي ۾ سانوڻ سيارو
سورهيہ سوپارو سالڪ سمجهن سيرتا

٢. بي ـ بيراڳن جي پنن تي بازي
طبل تازي تيز سان تياري تازي
ڪيلن ڪيل خيال جو غواصي غاضي
قبل نا ماضي مردن جي ميدان ۾

۳. تي- تارڪ تن جا ترڪي هليا ترڪ
ٿيريدار فقير ٿي فاني ڪري فرق
واصل ٿيا ويساه سان وحدت واري ورق
محبت وارن مرڪ مشاهدو مئيخانجو
۴. ثي-ثابت ساه جو سامي ڪري سانگ
ڪٿي طبل تاب سان ڪٿي طلب تانگهه
فوت الانفاس قتلل انبياء بيشڪ سٽي بانگ
لاحد واري لانگ لائي لئون لاٿان ٿيا
۵. جيم-جڳائين جوش سان،جوڳي جوت جلال
پڙڪي باه بره جي، ڪئي بهاري برحال
پسن ٿا پسڻ ڪي، پاڻ ڪري پئيمال
محمد مست مقال، موهيو مهمين ڪي
۶. حي- حلاجي حال ڪي، حاصل ڪري حُر
پريمي پالوت جا، پيالا پين پر
گگن جي گلزار ۾، گهمين گياني گر
سهٽو ڪنتا سر، محمدي مئيخان ۾
۷. خي- خدائي خيال جو، ڪاهوڙين خمار
ڪل شي يرجع اِلا اَصْلِه، پر جهي اي پچار
قاب قوسيني ڪل ۾، ڪامل ٿي ڪلتار
چشمن جي چمڪار، چسبَ پسن چالان ٿا

٨. دال-درويشن جو، دونهون متي در
پسن پرجهن پاڻ ۾، پسڻ واري پر
گياني گن گفتار سان، گهورن واري گهر
طبل تازو تر، بيوتن برحال ڪيو
٩. ذال-ذڪائي ذات جو، ذاڪر ذڪر ڪن
فالم ڪري فهم ڪي، فڪر واري فن
سَنڌ سَنڌ سرودي ساز ٿيا، تان ترانا تن
ماهر ڪيائون من، معنوي ميزان ۾
١٠. ري-رنگي رفتار سان، رند ڪرن ٿا راڳ
لحن لئون لاثان ڪيا، لاحد واري لاڳ
واندا ٿي وجود کان، واري وحدت واڳ
سرن جي سهاڳ، ثابت ڪنٺا سچ ڪي
١١. زي- زناري ذوق ڪيا، زهدگان ڪئين زور
صورت جي سينگار سان، سنبري چارن سور
شرابي شغلات جا، شاهي ڪري شور
ديدن واري دور، درسن ڏسن دلدار جو
١٢. سين-سناسي سِرجو، سمجهي سُر سارو
سراسر سينگار سان، سهٽو سوپارو
پاڻهي ڪري پانهنجو، پسڻ پاڳارو
نَرهٽي نعرو، نوبت سان نروار ٿيا

۱۳. شين_ شاڪر شوق جا، شوريل شرابي
قتل واري ڪوڏ سان، ڪامل ڪبابي
هٽي نعرو نيهن جو، نوبت نوابي
رنگي ربابي، رندي ڪن سي راڳ ٿا

۱۴. صاد_صوفي صاف ڪيا، صراحي صمصام
ڪنڊ قبولي ڪوڏ سان، ڪلالي ڪمڪام
پسڻ جي پئيمان ۾، پين ٿا پر جام
محمد مئي جي مام، مرد مچن منصور ٿي

۱۵. ضاد_ ضرب ضمير سان، ظاهر ظفر ذات
پائي پسن پاڻ ۾، جهاتي اندر جهات
هوڪو ڏيئي حق جو، ڪري حال حيات
برسر ياتين يات، بره وارن بيکه ڪيا

۱۶. طئي_طالب طلب جا، طبل سان طاهر
ذاتي زينت زيب جو، ظهورو ظاهر
پاڻهي پسن پاڻ ٿا، اندر ڇا ٻاهر
محمد ٿي ماهر، منصفي ميزان ۾

۱۷. ظئي ظفر ظلمات ۾، ڪن ظاهر ظهورو
پائي پيچ پتنگ جان، پچڻ سان پورو
ڪولي ڪيلن ڪيل ٿا، ڪاهوڙي ڪورو
نوراني نورو، لائي لئون سان لعل ٿيا

۱۸. عين_ عاشق آک جا، عجب عاليشان
ديدن جي دربار ۾، دم جو ذري ڏيان
پسن ٿا پسڻ کي، پسڻ جي پئيمان
سرودي سامان، سارو سمجهن سر ۾
۱۹. غين_ غواصي غور سان،غازين کيو غماز
پسڻ واري پڙ ۾، پتنگن جان پرواز
نظاري نيشان تي، نئون کولي ناز
اناالحق آواز، عشاقن اظهار کيو
۲۰. في_ فياضي فوج سان، فالم تي فقير
بگل بجائن پيريون، بيشڪ بينظير
محبت جي ميدان ۾، مدامي مهمير
محمد مئي پي مير، مست رهن مخمور ٿا
۲۱. قاف_ قادر قدم جا، قائم قلندر
سر منڊل سامان سان، ساقي سڪندر
بيشڪ بهادر بي ريا، بقائي بندر
الاهي اندر، ايڪائي ۾ ايڪ ٿيا
۲۲. ڪاف_ ڪامل ڪاپڙي، ڪلالي ڪلتار
ڪين ڪمائي ڪين ٿيا، ڪارونياري ڪار
نفي ۽ اثبات ڪان، اڳي تي اظهار
پسڻ جي پاتار، پسڻ ۾ پيهي ويا

۲۳. لام_ لاهوتي لعل ٿيا، لاڄي لائي لام
جهڙا سَرها عيد ۾، تهڙا منجهه ماتام
پاڙهين پسي پاڻ کي، پسڻ جي پيغام
جنگ پين ٿا جام، جدا ٿي جسمات کان

۲۴. ميم_ محيسين جو کيان ڇا مذکور
منهن مٿي سرلٿيون، گيان گگن گهنب گهور
محڪم مئي جي موج سان، مدامي. مخمور
مست مگهن منصور، موجود ۾ موجود ٿيا

۲۵. نون_ نظر جي نوڪ تي، نانگا نر نروار
نظاري نيشان ٿي، نيارو نگار
نعرو هٽي نيهن جو، نسنگ نامدار
نيٽن واري نار، ناتڪ ڪولي ناز جو

۲۶. واءُ_ ويراڳين، ڪئين واري جا وٿاڻ
وسايا ويراڳ سان، يٽن وارا ياڻ
واندا ٿي وجود کان، ڄاڻي اصل ڄاڻ
پسي پنهنجو پاڻ، پسڻ ۾ پيهي ويا

۲۷. هي_ همه اوست جي هڪل هڪ حلال
همه ۾ همذات ٿي، بيشڪ بي مثال
حسن جي هيڪار سان، حاصل ڪري حال
خوبان خوب خيال، خدائي خمار ڪيو

۲۸. الف ـ اُويسي آڪرا، اصل ڪان آهين
عاشق عجب عشق جا، اَنااَلائين
قدم ڪڏائي ڪن تي، ڪنڌي ناڪاهين
پڌر ٿي پائين، پير پسڻ پاتار ۾

۲۹. لام ـ لحن لاريب سان، لاحد واري لاڳ
رندي رقص روپ رنگ، رڳ رڳ اندر راڳ
سٽائن سرساز ٺا، سورهيه ٿي سجاڳ
محمد مئي جي ماڳ، مرد مڇن منصور ٿي

۳۰. يي ـ ياور يار ٿي، يگانون ياقي
آڪين ۾ اظهار ٿيو، اڇي اوطاقي
ڪاٿي بشر بيڪ سان، بيرنگي باقي
محمد سر ساقي، سراسر سينگار ڪيو

﴿سي حرفي﴾

۱. الف ـ آڪر عشق ۾، گهونگٽ ڪيو ڪٽي
ميم رڪيائين من ۾، بره پاڻ ٻٽي
اصل آتش عشق جي، گهورڻ منجهه گهٽي
ڏومن جو ڏٺي، صاحب آيو سنسار ۾

۲. بي بهانو بيرنگي، ڪيو بره جي بازار
لالڻ لڪايو پاڻ ڪي، چمن ۾ چوڏار
انااحمد بلا ميمي، گهنڊ پسي گفتار
ويا غير غبار، سمجهي سير وجود جو

۳.تي- توڪل تار ۾، طالب ٿيا تمام
لا مقصود في الدارين، ڪهي اي ڪلام
صورت جي سردار ڪي، صحي ڪن سلام
مخفي رکي مام، تارڪ ڄاڻن تن ڪي
۴.ٿي-سڪايل سوز جا، اندر جن اُڪير
مدامي مننار جي، فڪر منجهہ فقير
آڪين جي اسرار ۾، عاشق ٿيا اڪسير
محبت موهيا مير، حسن جي هيڪار ۾
۵.جيم-جني ڪي ياد پيو، جانب جو جنسار
محبت جي مئيخان ۾، پلپل ڪن پچار
جاڳڻ سندي جهد ۾، وحدت جا وينجهار
پيائي ٻاري ٻار، غرق ٿيا گرداب ۾
۶.حي-حرام هوڏ ڪي، ٿا ڪوري ۾ ڪائين
صورت جي سردار ڪي، صحي سر نائين
آڪيون آڪين سامهون، عاشق اڙائين
وهم وڃائين، بيرنگي جي رنگ ۾
۷.خي-خودي جي خيال ڪي، ٿا جوڳي جلائين
لدني علم جي دور ڪي، پر ۾ پچائين
لامقصودي لعل لاءِ، ڳولائي آهين
وره وسائين، ملڻ لاءِ محبوب جي

۸.دال_دلبر ديد ۾، اچي پڌرو ڪيو پاڻ
نحن اقرب ناز سان، ڏنائين اهڃاڻ
ظاهر وارن زير ڪيو، جاڻي پنهنجو ڄاڻ
محمد سر سڄاڻ، حڪمت ساڻ حبيب جي

۹.ذال_ذاڪر ذات جو، وسارين نه وير
محبت جي ميدان ۾، پرتئون پِري پير
دنيا فاني فڪر سان، ڏس رهي رهندو ڪير
هِتئون ويڙا ڏير، هُتئون وريو ڪونڪو

۱۰.ري_رباني راه جو، رند پروڙي راز
هٽي هوئڻ هوڏ ڪي، پڙه نوڙت جي نماز
پيائي وجهي ٻن ۾، پڙ ۾ ڪر پرواز
اجل جو آواز، سالڪ سڻ سير ۾

۱۱.زي_زباني ذوق ڪي، ڇڏيائون ويهي
نيڻن جي نيشان ۾، نهارين نيهي
وفي انفسڪم افلاتبصرون، سڪندن ڪيو صحي
پر ۾ پاڻ پهي، نانگا نهارن ناٿ ڪي

۱۲.سين_سلامي سڪ ۾، عاشق ٿيا اچي
ڪيڏي ڇڏيائون قلب مان،ڪوجهي ڳالهه ڪچي
سمجهائون صدق سان، صورت صاف سچي
محبت منجهه مچي، پيهي ويا پاتار ۾

۱۳.شين-شڪر ڪر شاه جو، طمع ڪري ترڪ
لالن جي لقاء ۾، ڪونهي ڪوئي فرق
دلربا دلدار جو، ديدن منجهه درڪ
وحدت واري ورق، ويجهوٽي وصال ڪي

۱۴.صاد-صبر جي سير ۾، سناسي آهين
آٽيو آتش عشق جي، جيءَ ۾ جڳائين
بيخودي جي بحر ۾، رنگ ڪي رچائين
لاهوتي لاهين، باري بار صفات جو

۱۵. ضاد-ضميري ذوق جو، ظاهر ٿيو ظهور
ديرو دائم دوست جو، دل ڪان ناهي دور
محبت جي ميدان ۾، پلپل پون پور
ڏورج ڪيم ڏور، -محمد مٺي منٺار ڪي

۱۶. طي-طمع جي تال ڪي سالڪ ڪن صحي
وحدت جي وٿاڻ ۾، رهبر رمز رهي
دوئي واري دام ڪي، چنن پاڻ پهي
لون ۾ لعل لهي، صاف سڃاڻن سچ ڪي

۱۷.ظي-ظاهر ذوق جو، عاشقن ارشاد
بره بيحد بين سان، اَڱڻ ڪيو آباد
قلب قادر ڪرم سان، شڪر ڪيو شاد
باري بيشڪ باد، آيو عدم ملڪ ڪان

١٨.عين_عنايت عشق جي، عجب تي اسرار
ڪجل ڪيف ڪڪوريا، بره جا بيمار
ويا وحدت وچ ۾، خودي جا خمار
ظاهر ذوق زنار، من ۾ مسلمان ٿيا

١٩.غين_غفلت غير ڪي، ڏوتائون ڏٺي
بره وارن بين ۾، انحد گهور سٽي
وجودي وينجهار ڪي، وحدت وات وٺي
عجب عين اٺي، موهيو مشتاقن ڪي

٢٠.في_فوج فراق ۾، فائق ڪيا فضل
عاشق اج اوساٽ ۾، وهسن لاءِ وصل
تازا طلب تار جا، سٽي تن طبل
عجائب اصل، عاشق ٿيا امداد سان

٢١.قاف_قلب جي ڪن ۾، گوهر ٿا به گهمن
ساري رات سيج تي، سورهيه ڪين سمهن
لااله الاهو، پر ۾ پاڻ پسڻ
ڪنهن سان ڪين ڪهن، قيل قرب جي ڪارجي

٢٢.ڪاف_ڪنتا ڪاپڙي، قرب وارو ڪم
الف جي اسرار جو، ڏٺي هٽن دم
وٺن وات وصال جي، وڃائي وهم
شاهنشاهي شم، ديري ڏسن دوست جي

٢٣.لام_لاهوتي لعل ٿيا، آڪين جا اصيل
وڃايائون وحدت ۾، دوئي جا دليل
سڪن ساري سڪ جا، سبق ڪي قليل
سڃاڻي سبيل، سر ڏين ٿا سونهن ۾

٢٤. ميم _ملڻ جي من ۾، محبت مشتاق
گوهر گهڙي گرداب ۾، توبن جيئن ٽبن
سير سڃاڻي سچ جي، وحدت واٽ وٺن
پر ۾ پاڻ پسن، آديسي اسرار ٿي

٢٥.نون_نهارين نيڻ ٿا، اصل اويسي
ڪيچن پيچن ڪين ڪي، پورا پياسي
ڪن اوتارا عيش جا، عدم اداسي
ونڊر جا واسي، سدا رهن ٿا سڪ ۾

٢٦.واءِ_ونڊر وٽڪار ۾، وينجهر ڪن وٿاڻ
صورت جي سينگار ڪي، ڦهري وڃائن پاڻ
محبت جي ميدان ۾، جاڻي وڃهن جاڻ
بره وارو ياڻ، نانگا نهارن نينهن ۾

٢٧.هي_هلڻ جي هل جا، تازا سڻ طبل
ڪيئي دنيا جا دادلا، عدم ڪيا اجل
دلربا ڪي دل ڏي، امالڪ اصل
دائم دامن جهل، محمد عجب عشق جي

۲۸.ء ـ اچي اوچتو، عشق ٽيو اظهار
هِنيون حيرت وچ ۾، نينهن ڪيو نروار
چوري چت چريو ڪيو، چشم جي چمڪار
حسن جي هسوار، هزارين حيران ڪيا

۲۹.لام ـ لاڙو لاف ڏي، ڪيم ڪر ڪتياڻ
سارو دور دنيا جو، فنا فاني ڄاڻ
هردم هلنڊڙ تنهن ۾، محڪم آهي ماڻ
مقام ۽ مساڻ، ڳٽي ڳٽيندين ڪيترا

۳۰.يي ـ ڪر يقين سان، ياد يڳانو يار
صورت جي سردار ڏانهن، وحدت وائي وار
حجت هوئڻ هوڏ جي، ڪم نه ايندئي ڪار
محمد ٿي مهندار، پارس اڳيان پرت جو

﴿سي حرفي﴾

۱.الف ـ اثبات ٿي آيا اصل انسان وچ
جنهين احمد بلا ميمي الا يا شان وچ

۲.بي ـ بي بشردي بازي بحالي باوفا
الاهي عشق دي احوال والي ٿي صفا

۳.تي ـ طبل توحيد دي تن من تراني تار تر
ترنم تنبوري تال با تازي تواني تيار ڪر

۴.ثي ـ ثنا ثابت ڪران سرور سچي سردار دي
لحمڪ لحم والي لقب دمڪ دمي ديدار دي

۵.جیم ـجگ وچ جابجا جلوہ نماء جابر علي
کل فقر دا پیشوا امت جھندي دامن جھلي
۶.حي۔ حسن وفاطمہ حسین حر ھسوار دي
کیا آکان کھندي اگون ھي ڳالھہ اي اساردي
۷.خي۔ خدائي خلق وچ پنجتن سندا ثاني نہ مٺ
شیر شاھي کربلا کلنگي کُلاہ سرتاج چٹ
۸.دال۔دلبر دلربا ھي دائما ڈانھہ دلیر
شبیر شبر شاہ ھي شاھي شرف شھزور شیر
۹.ذال۔ذاتي ذکر ھي شبیر دي شغلات دا
سیر مئین کیھا سٹانوان سرخ سر سخنات دا
۱۰.ري۔ربوبي راز تي رھبر رنگي راضي رھیا
سرتي سراسر سونھن دا سھٹا سرخ سھرا ٹھیا
۱۱.زي۔زباني ذوق بااحوال مئین کیھا کران
شبیر شاھنشاہ ٹیا پیا ڈیان کیا دَم دا ڈران
۱۲.سین۔ سي سنسار وچ سینگار سرور سونھن دا
مولي علي قائم کیتا نروار نعرا نوح دا
۱۳.شین۔شفقت شاہ دي شملا ہڈا شغلات دا
ھرجاءِ حقي ھوکا ھلیا نعرا نفي اثبات دا
۱۴.صادصاحب باصدق طالب ٹئي ماٹھون ملک
خرقھا پھرکي خیال دا خوشحال ٹي خوبان خلق
۱۵.ضاد۔ھي ضمیر روشن صاحب سلطان دا
سانگ صورت دي سراسر سیر سي سبحان دا

۱۶.طئي۔طلب طالب کرن دلبرسندي درگاه دي
وحدت والي وادي اندر واقف وصل ويساه دي
۱۷.ظئي۔ظهورا زور هي ذاتي ذکر فکرات دا
شمار شاعر کيا کري شائق شرف شغلات دا
۱۸.عين۔ عارف اولياءَ اولاد تنهن اويس دا
مشتاق مل مخمور ٿي مطلب پاون محيس دا
۱۹.غين۔ غازي غضنفر غلبا کيتا غماز دا
حسنين دي حسنات وچ پيرا پريا پرواز دا
۲۰.في۔فقردي فوج وچ فائض ٿيا فالم فقير
پوتا ته نوح فقير دا ظاهر ظفر روشن ضمير
۲۱.قاف۔قادر قدم تي قائم ٿيا عبدالحسين
ديدان والي دربار وچ دائم ٿيا عبدالحسين
۲۲.کاف۔کامل کاپڙي سرور سچي سکلين دا
اعلٰي عجائب اولياء عاشق عبدالحسين دا
۲۳.لام۔ لائق لعل ٿيا لاريب لئون لاثان دا
شاغل شجاعي شوق کر شملا ٻڌا شهه شان دا
۲۴.مِيم۔ معنيٰ ملک دا مخدوم ٿيا مالک مدام
پيالا پرت دا پاک پي پُر پيشوٰي کيتا امام
۲۵.نون۔ ناتي نامور نيهي نظاري ناز دي
رنگپور والا رنگ مَت مٺي رحلت کيتي وچ راز دي
۲۶. واء۔ وصالي واگهه ول ويساه وَجهُ اللهُ وچ
بيرنگ کيتا بيشک بشر بهري بقا با الله وچ

٢٧.هي هڪل هڪ حيدري حسنين دي حسنات وچ
پرواز دا پيالا پيتا هادي همه همذات وچ
٢٨.عمر ايڪونجاه عجائب احوال ٿيا
پاڪ محرم ماه وچ خوبان خُلد خوشحال ٿيا
٢٩.لام_لاهوتي لقب، عارف عجب ابرار دا
بيشڪ بهشتي باغ وچ، بهرا بلند بيدار دا
٣٠.ي_ يسر ياقي يگاني يادگيري ياردي
ڪيا ڪري محمد متي مخدوم مڪ مهندار دي

هفتو

١.چنچر ڏينهن چاتي ۾، ڇيرن جا ڇمڪار
سنڌ سنڌ سرندا سارنگيون، سنڌ سنڌ ساز ستار
احمدي احوال سان، آوازي اذڪار
محمد ٿي مهندار، سرودي سينگار ڪيو
٢.آچر ڏينهن عجب ٿيو، اويسي اوقات
رڳ رڳ رقص راڳ سان، رنگ رموزي رسمات
حسن جي هبڪار سان، حاضر حال حيات
محمد جي مصلات، معنوي مذڪور ڪيو
٣.سومر ڏينهن سماع جو، سهٽو ڪيو سهاڳ
سڳورو سپين پرَئين، پلو ڪولي پاڳ

وصالي ونهوار سان، وحدت واري واڳ
محمد منور ماڳ، مقابل مقبول ڪيو

۴. اڳاري دن رات جو، اِلاهي احوال
جلويگر جسمات سان، جاري جوش جلال
ڪولي ڪيل ڪيوٽي خوبان خوب خيال
محمد بي ته مثال، مثل جو مسجود ٿيو

۵. اربع عناصرن جو، سمجهي سارو سر
پريمي پالوت سان، پي پي پيالا پر
گگن جي گلزار ۾، گهمين گياني گر
مڙيا نه هڪڙو مُر، پسڻ ڏاران پسٽجي

۶. خاصو ڏينهن خميس جو، خوماريل خوشنود
سرتي نِرتي وچ ۾، مصوري مقصود
بي صورت جي بيڪ سان، صورت صاف سرود
محمد مڪمل معبود، مظهر ۾ موجود ٿيو

۷. جمع ڏينهن جسم جا، جوڙي سوال جواب
خيالي خصلات سان، ڪولي خود خطاب
الا انسان سري وانا سرهو انوري القاب
ميم واري مهتاب، احمد محمد احد ٿيو
ونحن اقرب ويجهڙو، واحد جو وصال
بيرنگ بيمثال، مثل ۾ موجود ٿيو

-----------☆-----------

بيت

۱.شاه مردان شير يزدان، سڪ دا سبق پڙهايا
هردي اندر هادي ميڏي، هو دا هل هلايا
نفي ڪنون اثباتي هوئي، تڏه ٿيڙا سانگ سجايا
اُلٽا سر سمجهايا، محمد نقطي ناز دي
۲.هستي همه اوست جي، حاصل ڪيو حال
نفي ڪي اثبات ڪيو، خودي واري خيال
الانسان سري وانا سرهو، واحد ورق وصال
محمد ڪيف ڪلال، پڏر ڪيڙو پاڻ ڪي
۳. آڪيون اڙيون آڪين سان، جوش جاڳي پيا جنگي
بزن بزن جو بگل بجايو، ناز نظاري ننگي
فالم فوج حسن جي ٿيڙي، رمز رلائي رنگي
محمد پائي ڪلنگي، قربئون ڪڏي قربان ٿيو
۴. صورت جي سينگار ۾، ظاهر ٿيو ظهور
آڪيون اڙيون آڪين سان، پلٽي پيا پور
جزبي جوش جلال جي، پسي نيڻين نور
محمد ٿي مخمور پاڻ سڄاتو تو پاڻ ۾
۵. مانجهي پي مستان ٿيا، شوق پيالو شينهن

ترڪ ڪيائون ترڪ ڪي، نعرو هٽي نيهن
ڪاهي هليا اوڍهين، جتي رات نڪو آهي ڏينهن
محمد محبت مينهن، سدا وسي ات سونهن جو
٦. سورهيه ساجد سر جا، اصل ڪان اٿموٽ
ترڪ ڪيائون ترڪ ڪي، الف واري اوٽ
سر سينگاري هليا، گيڙو ٻڌي گهوٽ
محمد چڙهي چوٽ، نانگا مليا ناٿ ڪي
٧. نانگا پسن ناٿ ڪي، پيهي اندر پاڻ
وحدت وجودي ويڙه ۾، ٻره واري ياڻ
مام ملائي مام سان، ڄاڻي عجب ڄاڻ
محمد صورت ساڻ، همدم ٿي همذات ٿيا
٨. سمجهه صحي ڪر مارين غوطا، هٿڪر لادي ڪاتي
گم ٿي ويڪين نيهن نظارا، پاء دروني جهاتي
پي پيالا محبت والا، ذي هوڪا دم دم ذاتي
محمد ڪر اثباتي، سارا سر سبحان تون
٩. جي پائين جوڳي ٿيان، ته هٿ ڪر پنهنجو خيال
رڱڻ چاڙهي رمز جي، ڪرتون قرب ڪمال
پري ناهي پاڻ ڪان، واحد جو وصال
محمد جذب جلال، ماڻي ڏس محبوب ڪي

١٠.جي پائين جوڳي ٿيان، ته ڪنهي ڪيم ڪت
ونحن اقرب اِليه من حبلل ورِيد، واقف ٿي وحدت
لا مقصود في الدارين الاهُوَ، اٿو سمجهي ات
محمد مئي جي مت، همه سان همذات ٿي
١١.جي پائين جوڳي ٿيان، ته سسي ڪڻ م ساڻ
هڪدم ڏڙڪان ڏار ٿي، ڪپي ڪثرت ڪاڻ
هسي حال حلاج تي، سوري جي سراڻ
محمد مستي ماڻ، عاشق ٿِي ڏس عشق جو
١٢ جي پائين جوڳي ٿيان، ته هو ۾ ڏس تون هي
پاڻهي پسي پاڻ ڪي، پرت پيالو پي
موتو قبلل انت موتو، مرڻا مري جي
محمد وحدت وي، حاصل انهي حال ۾
١٣.جي پائين جوڳي ٿيان، ته پرت پرين سان پار
دمدم دمي دم ڪي، دم جو ڪرديدار
ڇا آهين ڇا ٿو پسين، پسڻ پس پاتار
حسن جو هسوار، هو جي محمد هونگ ۾
١٤. جوڳي پڙهي جوش سان، فنائي جو فرض
ڪاٽي ڪديائون قلب مان، مُرادن جو مرض
لاسين وڃي لاٿيا، عدم ڪري عرض
محمد غازي غرض، ترڪي هليا ترڪ ۾
١٥. محبت جي ميدان جو، ڪي رند پروڙي راز
پيهي ويا پاتار ۾، سمجهي صورت ساز
پاڻ وڃائي پاڻ ٿيا، نانگا پسي ناز

محمد ناٿ نواز، ثابت ڪيائون سر ۾
١٦. پاڻهي پسي پاڻ کي، وسيلا وسار
سرڪي پُر پي سڪ جي، ڏڙ ڪان ٿي تون ڏار
بيرنگي جي بحر ۾، عجائب اسرار
محمد پس پاتار، گوناگون گيان جو
١٧. پسڻ پس تون پانهنجو، پسڻ آهين پاڻ
پسڻ واري پيچ کي، پڌر ٿي پڇاڻ
پسڻ پس پسڻ جو، پري ڪيم پلاڻ
پڇاڻي پڇاڻ، محمد مک مذڪور ڪيو
١٨. پسڻ پسيم پانهنجو، پسڻ جي پڇاڻ
پسڻ آهيان پاڻ، پسڻ واري پيچ ۾
١٩. پياسي پڇن پسڻ لاءِ، تون پسڻ پنهنجو پس
ڏورج بيو م ڏس، ڏسڻ ڏاران ڏسڻجي
٢٠. پڇي پڇي پسڻ ۾، پسڻ ٿيس پاڻ
ڄاتو اهو ڄاڻ، پسڻ پُرجهڻ پاڻ ۾
٢١. پسڻ پُرجهڻ وچ ۾، پسڻ جو پاتار
پسي ٿيو پڌار، محمد پسڻ پيچ کي
٢٢. پويٽ پتنگ پاڻ ۾، پهي ڪن چا پڪ
هو پيڙا پنيورين سان، هو تابش ڏي ڪن تڪ
هو خماريل خوشبوءِ تي، هُو لا جو لنگهن لڪ
شبه کهڙو شڪ، پتنگن جي پرواز ۾
٢٣. پويٽ پتنگ پاڻ ۾، ڪيهي ڪن پچار
هو گهمن ٿا گلزار ۾، هو آتش تي ڪن آر

هُوواس وڻن وڻڪار جو، هُو مچ مٿي مختيار
پروانا پڳدار، **محمد** منگل موج جا
۲۴.پوپٽ پتنگ پاڻ ۾، ڪن ٿا ڳالهيون ڳجھ
هو گهرن ٿا گلزار کي، هُو ٿا چون پچ
هو ساوڪ تي سرها ٿيا، هو سڙن مٿي سچ
محمد مڙيا مچ، پتنگ پنهنجي پرسان
۲۵.پوپٽ پتنگ پاڻ ۾، اير نڪو پير
هُو پَو ڪن ٿا باه ڪان، هُو شائق جئين شير
هو برسن بهاري تي، هو گم ٿي ڪُين غير
محمد قولهي قير، ڇا سٽائي سُر سان
۲۶.زاهد زناي جو، صحيِ ڪندو ڇا سُر
هو بِکيا پني بهشت جي، هُو دَم جو جيپي دُر
هو مهر منگي مرشد ڪان، هو گُر ۾ ٿئي گُرُ
محمد پيالو پُر، ڪو مرد پئي مئيخان ۾
۲۷.نمازي نانگن جو، ڇا قولهيندا فن
هونوڙن ٿا نياز سان، هو ڪم قتل جوڪن
هو ملت رکن مقصد جي، هو ترڪن تڪيو تن
هو سائل ثوابن، هو **محمد** مئي جي موج سان
۲۸.نفي مان نيشان، ٿيو نظارو ناسوُت
قلبي ڪل ڪمال ڪيو، مشاهدو ملڪوت
روحي ۾ روشن ٿيو، جلويگر جبروت
سري سر ثابوت، ڪيو لاثاني لاهوت
خفي واري خيال ڪيو، هگامون هاهوت

اخفا ڪان اثبات ٿيو، بقائي باهوت
محمد سيا هوت، مٿاهون مذڪور ڪيو
۲۹.عشاقن ڪيو عشق ڪي، آڪين ۾ اثبات
ويساه وجهُ اللّٰه ۾، نور سمٰوات
همه ۾ همذات ٿيو، حقاني حسنات
محمد جي مصلات، ثابت ڪيو سونهن ڪي
۳۰ جوڳي پڙهي جوش سان، اِسم پاس انفاس
خاصو خاص الخاص، خوب ڪيائون خيال ڪي
۳۱.ملامت جو ٻَڌي مولهيو، مچي ٿي منصور
مدامي مخمور، محمد ٿيو مئيخان ۾
۳۲.کهٽي کهي هرڪو، رهٽي رهي ڪو
سورهيه محمد سو، جو رهٽي رهي راز جي
۳۳.چوڻ ڪرڻ وچ ۾، آهي وڏو فرق
ڪي غازي ٿيا غرق، وحدت جي ويساه ۾
۳۴.چا هئين چا هوندين، چا حاضر آهين هاڻ
پسڻ ۾ ٿي پاڻ، پورو ڏي پيغام تون
۳۵. اڏي واري آر تي، عاشق ٿي اٿموٽ
گيڙو ٻڌي گهوٽ، محمد جي مئيخان ۾
۳۶. ڪات ڪلالي ڪٽيو، اڏي ڪيو آرام
پسڻ جو پيغام، پسڻ ۾ پورو ٿيو
۳۷.ڪات قتل جي ڪام جو، ڪٽجي ٿيو ڪارو
اڏي اويارو، آڪين ۾ آرام ڪيو

۳۸.اڏي نيئي آرام ڪيو، ڪاتي چڙهيو ڪٽ
جنهن ٽي پيتو پٽ، سو پسڻ ۾ پڳدار ٿيو
۳۹.اڏي ۽ ڪات جو، سمجهه سارو سير
ڪپڙ وارو ڪير، ڪسي ڪڏي ڪير ٿو
۴۰.نڪا ڪنڌي ڪين جي، نڪو اڏي ڪات
ظاهر باطن ذات، سراسر ثابوت ٿي
۴۱.نڪي ور وجود ڏي، نڪي ووڙ وڻاڻ
پسڻ ۾ ٿي پاڻ، محمد جي مذڪور سان
۴۲.پسڻ واري پيچ جو، پسڻ پسان جي
نه نڪي هجر نڪي وصل نڪي الف بي
نڪي اسم نڪي جسم، نه اوهين اسين سي
هُو نه آهي هي، پسڻ جي پاتار ۾
۴۳.نڪي ويهه نڪي وچ نڪي عرش اڏام
پيهي پاتارن ۾، ڪهج ڪونه ڪلام
لاوجودي لاڳ سان، لاجي لنگهي لام
محمد واري مام، پسڻ ۾ پڳدار ٿي
۴۴.نڪي احد نڪي عبد نڪي حدون حسابا
نڪي ڏيان نڪي گيان، نڪي ڏوه ثوابا
نڪي ناز نڪي نياز نڪي نيهن نوابا
راڳ نه ربابا، عدم جي اثبات ۾
۴۵.راهوندي رهاڻ جي، رنداني رسمات
گاروڙي گلزار ٿيا، گهورن واري گهات
امين محمد عشق ڪيو، آڪين ۾ اثبات

حاضر حال حيات، حسن جي هٻڪار سان
٤٦.ڪپر پڇن ڪيترا، ڪُن پڇن ٿا ڪي
سامي سهڻا سي، جن سُر سڃاتو سير جو
٤٧.ڪُن نه پڇن ڪيترا، ڪن پڇي ٿو ڪو
ڪارونياري سو، جو پيهي ويو پاتار ۾
٤٨.اڇي عشق امين ٿيو، محمدي مصلات
ڪلالي ڪلمات، ڪري آيو ڪوڏ سان
٤٩. محلي ملاحن جي، آيو ڄام جهلي
حسن هام هلي، حملي سان هسوار ٿي
٥٠.محلي ملاحن جي، جهلي آيو ڄام
سمي جي پٺي سام، مهاڻا مخمور ٿيا
٥١.سمون ڄام آئيو، تماچي تڙ تي
مرڪي ٿيا مي، سنگينڻا سردار سان
٥٢.برسي بوند ڀٽن تي، ٿي بهاري برحال
خوشبوءِ ڪئي خيال، خدائي خمار سان
٥٣.ڀٽن تي باران سان، برسر برسي بوند
حسن واري هوند، حقيقي هٻڪار ڪيو
٥٤.واسينگن جي ويڙه ۾، جوڳي ڪنتا جوڳ
ڦولهي پسن ڦوڳ، منتر هٽي مام جو
٥٥.واسينگن جي ويڙه ۾، جيڪو پائي پير
دم نه ڏري دير، دمڻ ڏاران دم جي
٥٦.واسنگين جي ويڙه ۾، ڪو ويراڳي وڃي
ڀولا سپ ڀڃي، منتر هٽي مار ڪي

واسينگ ڪئين ورن سان، ڪاريهل ڪروڙ
ڪپر ڪَٽ پدم پيا، تليهر توڙان توڙ
جوڳير جي جوڳ جا، ڪري جنگي جوڙ
محمد ٻڌي موڙ، آڪين ۾ اثبات ڪيا
٥٧.اسين محمد عشق جو، سبق ڏنو سچ
ناچو تي چئين نچ، نعرو هٽي نيهن جو
٥٩.ويراڳين وسائيا، واري جا وٺاڻ
پسي پنهنجو پاڻ، پسڻ ۾ پڳدار ٿيا
٦٠.جلالت جي جام ڪي، ڪي جوڳي پين جنگ
لاجا لائي لنگ، محمد جي مئيخان ۾
٦١.ڪاريهل ڪر ڪٽي، جوڙي هٽي جهٽ
ڪو آڏوتي الهت، جوڳي جهلي جهڙپ ڪي
٦٢.نظر واري نوڪ تي، نهرو پسي نيهن
محمد محبت مينهن، وسائي وهنوار ڪيو
٦٣.نظر واري نوڪ تي، نيهن پسي نهرو
محمد سر سهرو، صوفي ٻڌن صاف تي
٦٤.ديدن جي دربار ۾، دم جو ڏري ڏيان
سرودي سامان، اناالحق آواز ڪيو
٦٥.مير مغان مُرشگان ۾، مئي جا ڪولي مٽ
پر پياري پٽ، محمدي مصلات سان
٦٦.موڪي واري مٽ ۾، ڪئين سوٽا سپ
چتا جني چپ، سي سورهيه سرسا سرڪ تي

٦٧.نيٽن واري نوڪ جو، سھٽون ڪري سير
وڃائن ٽا غير، غواصي گرداب جا
٦٨.نِرت ۾ سُرتي ڪيو، صورت جو سينگار
سھٽي سار سنيار، سنڌه سنڌه ۾ ثابوت ٿي
٦٩.سُرتي نِرتي وچ ۾، ڪري ھٿ خيال
حاضر ھمدم حال، حاصل ڪيو ھمذات ٿي
٧٠.سرتي نرتي وچُ ۾، سھٽون ڪري سر
جپيو دم جو دُر، محمدي مذڪور سان
٧١.سرتي نرتي وچ ۾، سٽائي سرود
ديدن جي درود، ثابت ڪيو سرڪي
٧٢.سرتي نرتي وچ ۾، نئون ڪولي ناز
ثابوتي جي ساز، سھرو ٻڌو سونھن جو
٧٣.سر جني جا سٽ ۾، سورھيه سرسا سي
جام پين ٽا جي، ڏڙ سسي ڪان ڏار ٿي
٧٤.اڪين جي اسلام ۾، عاشق ٿي اڪسير
محمد ڪي مھمير، سوري تي سوار ٿيا
٧٥.نظر واري نوڪ تي، نعرو ھٽي نئون
لاسين لائي لئون، لاھوتي لعل ٿيا
٧٦.نظر جو نيشان ٿي، نيھي جپي نام
محمد واري مام، صوفي سمجھي صاف ٿيا
٧٧.اسم سان اتحاد ٿي، عشق عجب آيو
سپ ۾ سمايو، صورت واري سير سان

٧٨.ساقي واري سرڪ، ڪيو سرتي ۾ سرور
ظاهر ٿيو ظهور، نظارو نرت جو
٧٩.صوفي سوري سيج تي، گيڙو ٻڌي گهوٽ
عاشق ٿيا اٺموٽ، اناالحق آواز سان
٨٠.نظر واري نوڪ تي، نيزي سر نيشان
ڪو ڪوپيو ٿئي قربان، قدم واري ڪوڏ سان
٨١.ذات صفت جي ساز جو، صوفي سمجهي ست
مستي واري مت، جوهر ڪيڏن جوش جو
٨٢.صورت جي سينگار مان، سُرِتي ڪڍيو ست
پرت واري پَٽ، پسڻ ۾ پاڪ ٿي
٨٣.پتڻ تي برسات سان، سانوڻ ڪيا سهاڳ
وحدت واري واڳ، ساوڪ ڪيائين سچ جي
٨٤.نانگا نمن ڪين ڪي، توڙي اڳيان ناٿ
سانگو نہ ڪٿن ساٿ، نمائڻ ناٿ جو
٨٥.پسڻ ۾ پيهي ويا، چڙهي پورپ پنڌه
حاصل ڪيائون هنڌه، حلاجي حسنات سان
٨٦.نظر ۾ نانهن تي، نانگا ٿيا نهال
هٿ ڪيائون خيال، خدائي خمار سان
٨٧.صورت واري سير ۾، ثابت سر سبحان
دم جو ذري ڏيان، عاشق عاليشان ٿيا
٨٨.حسن جي هيڪار سان، حاصل ڪري حال
نانگا ٿيا نهال، نعرو هڻي نينهن جو

٨٩.ساغر جي سينگار سان، سٽي سانگ سڌن
سهرا سرخ ٻڌن، سورهيه سوري سيج تي
٩٠.قبل نما ڪل مرشد والي، ڪامل قلب ڪماون
اسم صفاتي تي رکہ ذاتي، انحد بين بجاون
پرواني ٿي آپ جليندي، پير نہ پٺتي پاون
ڪڏ ڪنڌ ڪتاون، محمد ساجد سردي
٩١.ڏک بک ڪوڏيا ڪاپڙي، لاجني جولڪ
احرام ڪيائون عشق سان، پر ہہ ڪري پڪ
شملو ٻڌي شڪر جو، سي ڪديائون شڪ
محمد ثابت سڪ، عشاقن اثبات ڪئي
٩٢.لاحد واري لاڳ سان، لاهوتي لاثان
عاشق عاليشان، آڪين ہہ اتحاد ٿيا
٩٣.آڪين ہہ اتحاد ٿيو، اجهل عشق اچي
رمزن ساڻ رچي، رندي رتو رنگ ہہ
٩٤.ياد چو ڪيان يار ڪي، جو وسري نہ مور
مدامي مسرور، محمد ہہ موجود ٿيو
٩٥.ياد نہ ڪريان يار ڪي، ويل نہ وساريان
گڏجي نہ گهاريان، پري نہ پانيان پاڻ ڪان
٩٦.نڪي وسريو ويرڪا، نڪي رهيو ياد
آڪين ہہ اتحاد، عجب عشق امين ٿيو
٩٧.ياد جي ڪن يار ڪي، سي منگتا ميراثي
سورهيه سناسي، سير سجاڻن سر جي

۹۸.محبت جي مئيخان ۾، مردن ڪيو ميڙ
چيرين واري چيڙ، ڪوليائون سر ساز سان
۹۹.عاشق تي اڪين جا، آيا آڌوتي
ڪري ثابوتي، سوري واري سيج تي
۱۰۰.ڪٿي پڇي پر لاءِ، ڪٿي پرين پاڻ
ساجن سيڪنهن ساڻ، سڪي سارِي ڪير تو
۱۰۱الامقصود مقصد ڪر، مقصد مُور نہ مڃ
بي وسيلي وڃ، وحدت جي ويساه سان
۱۰۲. صوفي سوري سيج تي، سهرا ٻڌن صاف
اڪين جي انصاف، اعليٰ ڪيا اثبات ۾
۱۰۳.صورت ۾ جي صاف ٿيا، صوفي سي چئجن
سوري سر سيلهن، سورهيہ سمجهن سيج ٿا
۱۰۴.آچاڙو اثبات جو، آيو متي جن
آگم ڪيو تن، اناالحق آواز جو
۱۰۵.شاه مَردان شير يزدان، شاهي طبل وڄايا
محبت دي مئيخان مدامي، جنهن شوق شراب پلايا
مذهب ملت پل گيوسي، رمز جڏهان رنگ لايا
محمد پيد بتايا، مالڪ ملڪ حسن دي
۱۰۶.الف اصل ڪان الڻ اوپارو، اڪين ۾ اظهار
آدم اولي احد الايو، احمدي اذڪار
اول آخر ايڪ ايڪائي، الاهي اسرار
آنا اَن انوار، اشارو اثبات جو

۱۰۷.پرت جي پئيمان ۾، پيالو پيتو پر
گگن ۾ ٿي گر، محمد مستي موج جو
۱۰۸.ديدن جي دربار ۾، دم جو جپي در
سهڻون سمجھي سُر، محمد معنيٰ مام سان
۱۰۹.ڪين ڪمائي ڪاپڙي ڪين اندر ٿي ڪين
ڪين ڪنڌي ڪا ڪِين، ڪاروبياري ڪين جي
۱۱۰.ڪونڌ ڪپائي ڪنڌه ڪي، ٿا قدم ڪڏائين
پنڌ نہ پچائين، پسڻ جي پاتار ۾
۱۱۱.ڪونڌ نہ ڪڏن ڪيترا، ڪونڌه ڪڏي ٿو ڪو
ڪونڌن منجھان ڪو، قدم ڪڏائي ڪين ۾
۱۱۲.ڪي ڪامل قلبي قرب ۾، ڪي نفي جا نيشان
ڪي روحي واري رنگ ۾، ڪي سري ۾ سلطان
ڪي خفي جي خومار سان، ڪي اخفا ۾ عريان
صحي سر سبحان، صوفي سمجھي صاف ٿيا
۱۱۳.جي اڏي جي آر تي، عاشق ٿي اچن
سي محمد مرد مچن، مدامي مخمور ٿي
۱۱۴.منصوري ميدان ۾، ڪي مانجھي مرد مچن
نسنگ ٿي نچن، نيزي واري نوڪ تي
۱۱۵.پڙهڻ پچڙ وچ ۾، آهي وڏو فرق
محبت وارن مرڪ، مام سڃاڻن مام جي
۱۱۶.مام سڃاڻن مام جي، مانجھي ڪي مهمير
اصل ٿي اڪسير، اڪين جي اسرار ۾

١١٧.معنوي ميزان ۾، ميم سندو مذڪور
سرن جي سرور، سورهيه سمجهن سير ٿا
١١٨.پڇي جو پروان جئين، سو پرت ۾ پورو
نوراني نورو، لائي سو لاٿان ٿيو
١١٩.ترڪي تڪيو تن جو، ترڪي ترڪو ترڪ
گاروڙي ڪي غرق، گم ٿي ويا گرداب ۾
١٢٠.گگن واري گام جو، ڪيو گاروڙين گيان
منصفي ميزان، محمد ڪولي موج سان
١٢١.منصفي ميزان ۾، ميم سندي محلات
الڪ ٿيو اثبات، اناالحق آواز سان
١٢٢.پسڻ جي پئيمان ۾ پسڻ ٽيس پاڻ
خبر واري ڪاڻ، ڪلي خود خمار سان
١٢٣.اسم جي اسرار جو، من ۾ باري مچ
فڪر فوج فيراق ۾، پرواني جان پچ
لنگهي لامڪان ڪان، عاشق ٿي تون اچ
رمز انهي سان رچ، محمد صورت صاف ۾
١٢٤.تن من طبلا تان، تر طلب جي تابوت
محمد ڪيو ثابوت، سرودي سينگار ڪي
١٢٥.صراحي صمصام جو، صوفي سمجهي سير
گم ٿي ڪين غير، اناالحق آواز سان
١٢٦.اندر چشمون چشم جو، باهر چمڪارو
وڇ ۾ وصل واءِ سان، وحدت ۾ وسڪارو

سمجهي ساري سير کي، سورهيه سوپارو
الٽو اشارو، آکين واري عشق جو
۱۲۷.نفي مان نا پيد ٿي، قلب واري ڪار
روحي روبي راز ڪئي، ربوبي رفتار
سري سارو صاف ڪيو، صورت جو سينگار
خفي جي خوشحال، ڪيو خدائي خمار
اخفا ڪان اظهار، اناالحق آواز ٿيو
۱۲۸.ٻنهين آکين وچ ۾، پسڻ جو پئيمان
محلي ٿيو مڙگان جي، منصفي ميزان
چشمي اندر چشم جي، چشم جو چالان
ناٽڪ ٿيو نيشان، نيڻن واري نوڪ جو
۱۲۹.حسن واري هل ۾، حاصل ڪري حال
پيو نہ رکج خيال پسڻ ڌاران پانهنجي
۱۳۰.خيال جي خمخان ۾، ڪري هٿ خيال
نانگا ٿيا نهال، نعرو هڻي نينهن جو
۱۳۱.صورت سهڻي شيخ جي، معنيٰ جو ميزان
سمجهي سر سبحان، صوفين سير ثبوت ڪيو
۱۳۲.صورت سهڻي شيخ جي، سارو سمجهي سير
گم ٿي ڪيدي غير، گاروڙي گلزار ٿيا
۱۳۳.صورت سهڻي شيخ جي، صوفي سمجهي صاف
لاڙو چڙهي لاف، لاهوتي لاريب ٿيا
۱۳۴.صورت اندر شيخ جي، ثابت ڪري سچ
محمد محبت مچ، منجهان منجهه معروف ڪيو

١٣٥.جلائي جسمات کي، جوڳي کن ٿا جوڳ
يوڳين سمجهي يوڳ، پير نہ پاتو پڙ ۾
١٣٦.ڪاريهل ڪاوڙ ڪان، ڦهري ڪٽي ڪر
نانگ نرالا نر، نيٽن ۾ نروار ٿيا
١٣٧.ڪاريهل ڪر ڪٽي، ڪري ڪوڏ ڦهر
سي لائق کن لهر، مڻ جني جي مغز ۾
١٣٨.مڻ جني جي مغز ۾، سي ڪي ڪي ڪلادار
شاهي کن شڪار، ڏيئي ڦوڪ ڦڻ سان
١٣٩.وڄ اڏامي اوڏهين، جتي هو نہ آهي هي
جي منو ڪرين جي، تہ پير نہ پائج پڙ ۾
١٤٠.وڃي ات پياس، جتي نظر ئي نانهن ٿي
وصالئون وياس، هجر رهيو ڪونہ ڪو
١٤١.نظر واري نوڪ تي، نعرو هڻي نر
ساقي ٿيو سرور، ثابوتي جي ساز سان
١٤٢.پسيو جني پاڻ، سي پسڻ جا پڳدار
ديدن ڪيا دلدار، دائم دم جي دار تي
١٤٣.پسڻ مان پيدا ٿي، پوريءِ واري پر
ڪاريهل قرب مان، ڪٽڻ ڪيفي ڪر
واسينگ ورسيا وهِ سان، تلهير ٿيا تر
ڪنتا لاڏ لهر، پدم پوريءِ پاڻ ۾
١٤٤.بزم سان برحال ٿيو، بقا بيشڪ بخت
تاج ڪلنگي تخت، تابع ٿيا توحيد سان

١٤٥.هردم حاضر حال سان، حسن وارا هٽ
نيٽڻ واري نوڪ جا، ناز نيارا نٽ
پسي ڪو پالوٽ سان، پر پي پيالا پٽ
تاج ڪلنگي چٽ، ماٽي سو منصور ٿي
١٤٦.تاج ڪلنگي چٽ، چڙي عاشق عشق سان
پي پي پيالا پٽ، پسڻ ۾ پيهي ويا
١٤٧.ڪٿي آتش اڄ جي، ڪٿ پاڻ آهيان پاڻي
ڪٿي واءُ وصل جو، ڪٿ اڪين آڪاٽي
ڪٿي ڪامل ڪل، جو ڪٿ ڪلجگ کهاٽي
ڪٿ سچي سمجهاٽي، محمد منهن مئيخان ٿيو
١٤٨.ڪن فيڪوني ڪل، ڪيو صحي سهٽو سر
حاضر همدم حر، هڪل هڪ جوحال ٿيو
١٤٩.هڪل هڪ جي حال ڪيو، حاضر حڪم هاڻ
پوري پئي پڇاڻ، پسڻ جي پسڻ جي
١٥٠.اسم جسم جي جوت ڪيو، نرتي ڪي نيشان
سُرتي جي سامان، صورت جو سينگار ڪيو
١٥١.اڪين ۾ آشيان ڪيو، اچي عشق امين
بقائي واري بين، وڄائي وحدت سان
١٥٢.اچي عشق الول ڪئي، اڪين ۾ اثبات
ظهورو ڪيو ذات، ذڪائي ذوق سان
١٥٣.عاليشان عشق ٿيو، اڪين جي آشيان
محمد ٿي مستان، مليو مئي جي موج سان

١٥٤.ڪولي عشق آڪين ۾، آوازي اوطاق
عجب تي عشاق، **محمد** سان محيط ٿيو
١٥٥.ڪات وڙهو ڪنڌه، تي ريلا ڪيا رت
ثابت ٿيو ست، اناالحق آواز جو
١٥٦.ڪات وهي مَر ڪنڌ تي، رتي نه وهي رت
محمد واري مت، مستي جو مذڪور ڪيو
١٥٧.آڪين ۾ اثبات ٿيو، عشق سندو آشيان
عاشق عاليشان، واصل ٿيا وسياه سان
١٥٨.سرتي نرتي وچ ۾، عشق سندي آشيان
عاشق تي عريان، اثبات ۾ اثبات ٿيا
١٥٩.گهايل جي گهورن جا، سي ڪيئن گهاريندا گهر
چڙي پيٽي پر، نانگا نر نروار ٿيا
١٦٠.ويا اڏامي اوڏهين، جت رتي ناريا
سپ ۾ ساماپا، صوفي سهٽي سيرسان
١٦١.سهرا سرخ بدن، صوفي سوري سيج تي
مٺي پي مرد مچن، محبت جي ميدان ۾
١٦٢.سر ڏيئي ٿيا سرخرو، صوفي صورت ساڻ
آڪين جي اهڃاڻ عاشق، ٿيا اثبات جا
١٦٣.اتڪڙ جون عادتون، آڪين ڪي آهين
ڪتڪ سان ڪاهين، ڪوين جي ڪاپار تي
١٦٤.پيهي پنهنجي پسڻ ۾، پسيم پنهنجو پاڻ
ثابت تي سڃاڻ، اناالحق آواز جي

١٦٥.اناالحق آواز جو، سمجهي سارو سر
پوءِ پي پيالا پر، پريمي پالوت سان
١٦٦.ديدن واري دارتي، کو دولهه درس دلير
پرتئون پري پير، پريمي پڳدار ٿي
١٦٧.رندن واري راند ۾، ريلا ڪري رت
پوري ڪيائين پت، پسڻ جي پاتار جي
١٦٨.حسن جي هسوار سان، هسي هسي هاڻ
ڪئي روح رهاڻ، رنداني رسمات سان
١٦٩.ونحن اقرب ويجهڙو، واحد جو وصال
بيرنگ بي مثال، مثل ۾ موجود ٿيو
١٧٠.پسيو جن پاڻ ڪي، سي پڪا پهلوان
محمد جوڏ جوان، صوفي سيئي صاف ٿيا
١٧١.صوفي سيئي صاف ٿيا، جن سڃاتو سر
تفاوت نا تر، تني ڄاتو ڄاڻ ۾
١٧٢.سر واهيون سرڪش ڪيون، صورت سرسبحان
ڪجل ڪورا ڪات ڪيا، ڦهري پيا ڪان
ابرو اکين جي متان، ٿا ڪشن ڪج ڪمان
مست پسي مژگان مقابل مشتاق ٿيا
١٧٣.عدم ڪان ارواح ٿي، عاشق اکين تي
آيو پکن تي، پسڻ پسڻ پسڻ جو
١٧٤.جهوتي نام جپڻ جي، جهليو چنڊ جهولي
حسن جي هولي، حاصل ٿي حال ڪي

۱۷۵.اويسي ارشاد جو، صوفي سمجهي سر
گر ۾ ٿيا گر، پسڻ پسي پانهنجو
۱۷۶.جوڳي ڪنٿا جيج، جلالي جسمات کي
اوري چڏي سيج، وسئون ڪان وهي ويا
۱۷۷.جلائي جسمات کي، جوڳين ڪيا جيج
چڏي اوري اُج، پيٽ ڪان پاسي ٿيا
۱۷۸.چانگون چارڻ چوڪرا، مانيون ڪاڻ مير
پيغمبري پر سان، پاٺ پسائڻ پير
پڙهن فرض فنا جو، فالم ٿي فقير
محمد کو مهمير، مرد مڇي منصور ٿيو
۱۷۹.پِيريمُغان پرت جو، آهي پارس پساري
فيض جنهنجي فضل سان ٿو چلي چوڌاري
آئي جنهنجي دام ۾، هي دلڙي ويچاري
ڪٿي ويو ساري محمد، صاحب سونهن جو
۱۸۰.ملڻ لاءِ محبوب جي، ڪولي ڪر گفتار
ديدار ڏارئون دوست جي، وائي ٻي نه وار
ليس في الدارين الاهو، پلپل ڪر پچار
نيٺن ۾ نروار، محمد نهارج نات کي
۱۸۱.جي پائين جوڳي ٿيان، ته هرهر ڪر هر نام
طريقت جي ڪفر ۾، طالب ره تمام
جٽيون پائي جان تي، صورت جي پئو سام
پيئندين مئي مدام، جانب جي جمال جو

۱۸۲.صوفين سندي سنگ سان، ڪيم روح رهاڻ
هنيون ات حيران ٿيو، ٻڌي احديت اهڃاڻ
ولي محمد مهر مان، بره ڏيڪاريا ياڻ
ڪلي ات ڪتياڻ، ڪمند پاتو قرب جو

۱۸۳.ولي محمد وحدت جي، وات ڏسي وينجهار
سبق ڏنائين سڪ جو، احديت اظهار
پِيرمغُان جي پرت جي، پيدا ٿي پچار
احمدپور انوار، آيو اڳڻ احد ٿي

۱۸۴.چاه زنج جي چڪ جو، نانگا وٺن نام
هردم جنهن ۾ ٿا هلن، حسن جا حڪام
ڪنڌ قبولي ڪات ڪي، سورهيه ڪن سلام
ات جوڳي پين جام، غبغب جي گرداب ۾

۱۸۵.ستيس سيج پلنگ تي، جاني جڙي جان
غبغب جي گرداب جي، ڪل پيم ڪان
سنبري ويو سات سان، صوبن جو سلطان
فڪر جي فرمان، چوري چت چريو ڪيو

۱۸۶.نڪو ڪڪر ڪات ڪي، نڪي چڙهيو ڪٽ
وائي ڪيو وت، پسڻ جي پاتار ۾

۱۸۷.جتي ڪوپ قتل جو، اتي ٿي ڪلتار
سورهيه ٿيا سوار، صراحي صمصام سان

۱۸۸.قتل واري ڪوپ تي، قدم ڪڏائي ڪوند
حاصل ڪنتا هوند، حسيني هبڪار سان

۱۸۹.حسيني هبڪار تي، مرد مچي منصور
محمد ٿيو مخمور، عنايت عشق سان

۱۹۰.پسڻ جي پاتار ۾، پوري ڪري پت
ثابت ڪيم ست، صراحي جي سر سان

۱۹۱.رت وهندي راند ۾، روئن ڪين رند
ڇهرا ٿين چند، ملهائي ميدان ڪي

۱۹۲.رت وهندي راند ۾، رند رهي رازي
غالب ٿيا غازي، شانهشاهي شور سان

۱۹۳.مقصد جو مقصد ٿي، ميڙي محبت مال
ڪٽي خواري خلق جي، ڪري هٽ خيال
دمدم دمي دم ڪي، هٽي درد ڏمال
محمد ٿيو متوال، محيسي مئيخان ۾

۱۹۴.اول آخر عشق ٿيو، عدم مان انسان
آوازي اثر سان، عجب عاليشان
نظر واري نوڪ تي، نظاري نيشان
محمد سر سبحان، صورت جو سينگار ڪيو

۱۹۵.عدم مان عشق ٿي، آدم ۾ الله
فثم وجه الله، فرمائي فرمان تو

۱۹۶.محبت جي مئيخان ۾، مانجهي مرد مڇن
نسنگ ٿي نچن، نعرو هٽي نيهن جو

۱۹۷.خراباتي ڪيل سان، خود ڪمائي خيال
محمد ٿيو برحال، بره جي بازار ۾

۱۹۸.محبت جي ميزان ۾، مرد پروڙي مام
عاشق ٿيا امام، آوازي احوال جا

١٩٩.جوهر جن جي جان ۾، سي جوڳي چئجن جنگ
دم جا پين دنگ، ديدن جي دربار ۾
٢٠٠.ديدن جي دربار ۾، دائم ذري ڏيان
گُر تي ڪنتا گيان، گاروڙي گفتار سان
٢٠١.پي پيالو پرت جو، پسڻ ڪي پسي
حسن سان هسي، محمد حاصل حال ڪيو
٢٠٢.محض مر مرڻ ڪان، جيڻ ۾ تي جوان
جلالي جولان، جاري ڪري جوش تون
٢٠٣.شهادت جي شوق جو، شرابن ۾ شور
ظاهر ڏنم زور، زابر ذاتي ذوق سان
٢٠٤.سهٽي صاف سرود سان، سرتي ڪولي ساز
نرتي ۾ ڪيو ناز، نظاري نيشان تي
٢٠٥.سرتي نرتي وچ ۾، ابتي سبتي سج
بڪ نہ ات ڪا اڄ، نڪو اوسيڙو اڳ جو
٢٠٦.ڪارونياري ڪنڌي ڏي، ڪڌ ڪاهن ڪين
ڪن اندر ٿيا ڪين، محمد واري مام سان
٢٠٧.شريعت جي شهر ۾، شرابن ڪيو شور
تلي عجب نور، تڪاٽي تگهت جي
٢٠٨.شريعت جي شهر ۾، شائق پي شراب
شاهنشاهي شان جا، شملا ٻڌي شاب
شور بازن شور ڪيو، شاطر تي شتاب
محمد شاد شباب، شجاعت جي شوق ڪيا

۲۰۹.سٺي سانگو ساه جو، عاشق عاليشان
لاهي لاڳاپا لوڪ جا، لاهوتي لاٿان
پرجهي پنهنجي پسڻ کي، نظاري نيشان
محمد ٿيا مستان، محبت جي ميدان ۾

۲۱۰.فذڪروني اذڪرڪم، عجب عاليشان
فوت الانفاس قتل الانبياءَ، فرمائي فرمان
جو دم غافل سو دَم ڪافر، گُر بتايو گيان
سهٽو سر سبحان، محمد سمجهي سير ڪيو

۲۱۱.ڪولي سرگم ساز کي، صورت سر سبحان
الله نور سمٰوات چئي، چشم جي چالان
سرتي واري سيرسان، نرتي جو نيشان
محمد مک مستان، مقابل مذڪور ڪيو

۲۱۲.گياني گروسي ٿيا، گهيٽو نه جن جي گهر
نيٽن واري نوڪ تي، نعرو هٽي نر
پسي پنهنجي پسڻ کي، پسڻ واري پر
محمد وارث ور، وحدت جي ويساه سان

۲۱۳.بهادر برحال ٿي، برسائي بزم
نسنگ چئي نظم، نظاري نروار ٿيا

۲۱۴.سر جي بازي سُرسان، سمجهي سورهيه صاف
آوازي انصاف، عشاقن اثبات ڪيو

۲۱۵.هرجاء هڪل هڪ ڪيو، حسن کي هسوار
ڪاٽي ڪام ڪروڌ سان لوڀي، ڪٽ آهنڪار

ڪاٿي موهيل موه سان، ڪاٿي مئي مختيار
مڙني جو مهندار، مظهر ۾ موجود ٿيو
٢١٦.عاشق آٿي آڪين جي، عدل تي ايمان
محمد ٿي مستان، محبت ۾ مخمور ٿيا
٢١٧.زاني ظالم زناري، زاهد ذاڪر زور
چاپلوسي چگا مڙس، چاري چغل چور
حقيقت ۾ هڪ ٿيا، ڪري حملا هور
شاهنشاهي شور، ظهورو ذات ڪيو
٢١٨.سرور جي سهاڳ جو، سرهو سمجهي سات
نسنگ نانگي نات، ناتو رکيو نينهن جو
٢١٩.نسنگ ناتو نات ٿا، ڪي نانگا نياهين
پاٿهي پسائين، پسڻ پنهنجو پاٺ ڪي
٢٢٠.پاٺين پنهنجي پسڻ ڪي، پسڻ آيو پاٺ
پسڻ جي پچاڻ، پسڻ پرين پاٺ تي
١٢١.نظر واري نوڪ تي، نام جپي تون نچ
ثابت ڪري سچ، صورت واري سرسان
٢٢٢.پاهر ڪيرو ڪل ۾، اندر ۾ آڙاه
محمد بي پرواه، ڪائي متو موت ڪي
٢٢٣.متان تابش تاب جي، پيرين ٻري باه
اندر پاهر عشق جو، آتشي آڙاه
سنڌ سنڌ سرسو سوز ٿيو، ڪري ڪاهو ڪاه
سمندر وانگي ساه، محمد سارو سير ڪيو

۲۲۴.عشق شهباز چنبين وچ چئيندا، تڙپڻ مور نہ ڏيندا
ماس هڏياندا هوش هنئين کون، کنيڙيان پٽ پٽ کائيندا
محمد مار مريندا، کرکر شوق شڪاردي
۲۲۵.سڄان جي ٿيا سر کان، سمجھي سر سارو
وريو تن وارو، وصالي وهنوار جو
۲۲۶.سڄون جو ٿيو سر کان، سورهيہ سو سلطان
نڪو غير گمان، نڪو سڪڻ ساھ جو
۲۲۷.بهادر برحال کيا، بره جي باني
باطن لاڙو لنگ ڏي، ظاهر ۾ زاني
بدراه کان گمراه ٿي، جوڙ پسي جاني
محمد مڙگاني مرد پروڙين مام ٿا
۲۲۸.ديدن واري دار تي، دولهہ دلاور
مظفر مير حسين ٿيو سهٽو سراسر
مومن ماتم دار کيا، صوفي ثناگر
مالڪ مظاهر، محمد منهن محبوب جو
۲۲۹.اڏي واري آر تي، عاشق ٿي اچي
ساغر جي سردار جي، سمجھي ڳالهہ سچي
متو متي مئي تي، مرکي مرد مچي
ڪڏهن کين ڪچي، محمد سمجهن مرد ٿا
۲۳۰.نا اُميدي اُميد جو، عجائب احوال
حسن جي هيڪار سان، هکل هک جو حال
خودي جي خمخان، ۾ سمجھي خوب خيال
محمد ٿي متوال، بيحد بات بحال کئي

۲۳۱.ستي سانگ سڪڻ جو، پاسي ڪري پيار
دوئي جي دليل کي، ڏڙ ڪان ڏري ڏار
ايڪائي ۾ ايڪ اڪ، عادل ٿي اظهار
سهٽي سر سردار، محمد اَن آواز ڪيو
۲۳۲.پسڻ جي پئيمان ۾، پي پي پيالا پُر
سُرتي نرتي وچ ۾، سِر جو سمجهي سر
گگن جي گلزار جو، گياني ٿيو سو گُر
مڙيو نہ هڪڙو مُر، ڄاتو اهڙو ڄاڻ جنهن
۲۳۳.سُرتي نِرتي وچ ۾، پِچن واري پير
سمجهي ذات صفات جو، ڦولهي ڦولهي ڦير
سمجهي جو ٿو سمجهہ کي، سمجهہ سوئي سير
متي من جي مير، محمد ڄاڃ ڄاڻ کي
۲۳۴.دم سچائي دم جو، دم ۾ ڏري ڏيان
پيهي پنهنجي پسڻ ۾، پسي گون گمان
نيڻن واري نوڪ تي، نانگو نر نيشان
محمد ٿيو مستان، معنوي ميدان ۾
۲۳۵.مورت جي محلات ۾، صورت صحي صاف
مٿس غمز غماز سان، زلفن جو نہ غلاف
عاشق حسن عشق ٿيو، آڪين جي انصاف
محمد منهن مصحفُ، محلي مژگانن جي
۲۳۶. محلي مژگانن جي، محمد منهن مصحفُ
عاشق ڪر انصاف، آوازي احوال جو

٢٣٧.نکو لاڙو لنگ ڏي، نہ زنا جو کو ذوق
فالم ٿيو فوق، قثم وَجِهُ الله جو
٢٣٨.همہ ۾ همذات ٿيو، حُسن حال حيات
فرمودي فرقان جي، نور سمٰوات
نيڻن واري نوڪ کي، عاشق کن اثبات
محمد جي مصلات، منصفي مذکور کيو
٢٣٩.دمدم هٽي دم جي، دائم دُرس ڏمال
درسن پسي دم جو، ڪري ديد دلال
اثباتي الله ٿيو، خوبان خوب خيال
محمد بي تہ مثال، مثالي مضمون کيو
٢٤٠.پائي پيچ پسڻ سان، پُرجهي پنهنجو پاڻ
پوري ڪري پڇاڻ، پيشاني پسڻ جي
٢٤١.سوري واري سيج تي، سمجهي ذات صفات
کلمون اناالحق جو، آوازي اثرات
اثبات جي اثبات کي، عارف کن اثبات
معنوي محلات، محمد ماڻن موج سان
٢٤٢.درسن جي دربار ۾، پسي ديد دري
پسڻ جي پسڻ سان، پوري پرت پري
واقف ٿي ويساه جو، وحدت طرف وري
موتو قبلل مري، محمد سمجهيو مام کي
٢٤٣.تازي تيز طبل جي، تحليلي تلوار
تحقيقي تصلات تر، توکل واري تار

ڪري هٿ طبل سان، تحدل ٿي تيار
محمد تاجدار، توحيد ڪي تصديق ڪيو
٢٤٤.قدح ڪيفي ڪيف پي، ڪري قلب ڪتاب
ڪسي ٿي ڪباب، ڪجل واري ڪات سان
٢٤٥.جيئري هن جهان ۾، جوڳي ڪنتا جوڳ
پولا ڇڏي پوڳ، اثبات ڪن الله ڪي
٢٤٦.نڪي جپي نام ٿو، نہ صورت جو تصور
محمد ٿيو مصور، معنوي ميزان ۾
٢٤٧.ثابوتي جي ساز سان، سر جي سمجهي سير
ڪاپڙي ڪنچير، ڪل سڄاڻ ڪين جي
٢٤٩.ڪيڍيا ٿهري ڪوڏ سان، ڪجل ڪورا ڪات
گاروڙي ٿيا گهات، گهورن جي گمسان ۾
٢٥٠.حملي هڪل هڪ جي، حقاني حسنات
هرجاءِ هوڪو حيدري، حسيني حرفات
حڪم هلائي حق جو، حاضر حال حيات
همہ ۾ همذات، محمد حر هسوار ٿيو
٢٥١.بزم نظم رزم جو، سمجهي سارو سر
محمد گياني گر، گگن ۾ گلزار ٿيو
٢٥٢.بزم نظم رزم جو، ڪولي رندي راز
سارو سمجهي ساز، محمد صوفي صاف ٿيا
٢٥٣.بهاريل برسات سان، پسي بيڪ بزم
هستي هوئڻ هوڏ ڪي، ڪري حال هضم

رڳ رڳ رقص راڳ رنگ، روحي راز رزم
ڪولي ناز نظم، نظاري نيشان ٿيو
٢٥٤.مرشد مخلوقات جو، محمد زمان پير
غمزي غور غلام سان، محمد مرد منير
ڏنو فيض فقر ڪي، فالم ٿي فقير
محمد مظهر مير، امين محمد عشق سو
٢٥٥.آندو جن امين ٿي، عدل تي ايمان
تني لڏو مان، محبت جي مئيخان ۾
٢٥٦.شرابي شغلات جا، ڪري شوق شتاب
بره واري پيد سان، پڙهي بيخود باب
گناهن ۾ غرق ٿي، ثابت ڪيم ثواب
نسنگ ڪئي ناياب، محمد خبر خلق جي
٢٥٧.مظهر موجودات ٿيو، معنوي ميزان
فاينماتولو فثم وجه الله، فرمائي فرمان
ونحن اقرب ويجهڙو، نظاري نيشان
محمد عاليشان، اثبات ۾ اثبات ٿيو
٢٥٨.پسي سيج سڪن جي، سمهان نه سڙي ساه
ويهڻ ويس وساريو، عشق واري آڙاه
هلان نه هلڻ نه اچي، بيهان نه لڳي باه
محمد پاڪ پساه، پڇي پسي پاڻ ڪي
٢٥٩.ڪاهي جوٽوڪين ڏي، سوڪنڌي پڇي ڪين
ڪين ڪين ڪين، محمد موجودات ٿيو

۲٦٠.مٿي ميرو مُلڪ ۾، مدامي مئي نوش
حاصل ڪيو هوش، **محمد** حال حيات جو
۲٦١.راتيون جاڳي راز سان، روحي پسي رنگ
خوبان خوب خيال ڪي، ڀڳهڙ هٽي ڀنگ
جپي نام **الله** جو، اکين واري انگ
صورت سپ جي سنگ، محمد صوفي صاف ٿيا
۲٦٢.ياد نه رهي يار ٿو، نڪي وسري مور
ويجهو نڪو وصل لاءِ، دم نه ٿئي دور
هرجاءِ هڪل هڪ سان، حاضر حال حضور
محمد ڪيو مخمور، محيسي مئيخان ۾
۲٦٣.خدائي خمار سان، خوبان خوب خيال
خمخاني خودي جي، خودي خود خوشحال
جسماتي جنسار جو، جڙي جوڙ جلال
مدامي متوال، **محمد** ٿيو مئيخان ۾
۲٦٤.معنيٰ واري ملڪ ۾، معنيٰ ماڳ مڪان
معنيٰ سان معنيٰ جي، منصفي ميزان
مظهر ڪي مثبوت ڪيو، محيسي مردان
محمد ڪو مستان، مام پروڙي معنوي
۲٦٥.نڪو اوسيڙو اڳ جو، نه گذريل جو ڪوغور
دم جو ڪري دور، **محمد** حاصل حال ڪيو
۲٦٦.لاهوتي لاثان ڪي، اڄ نڪائي ٻڪ
نڪو ڏک ڏکن جو، نه سکن جوڪو سک

نکو سي سرير ۾، نکا لگيس لک
محمد سو ٿيو مک، منصوري مئيخان ۾

٢٦٧.منصوري مئيخان ۾، ملک نہ کو موت
فوق نہ ٿيو فوت، محمد حال حيات جو

٢٦٨.وصل واري واک ۾، وهم نہ ويچار
مرڻ جيئڻ ياد نہ، نہ سورن جي کا سار
ثابت کري سر کي، سر جو سر سردار
محمد ٿيو مهندار، مستي جي مئيخان ۾

٢٦٩.بيخودي جي بحر ۾، بره جو بيمار
ٿيو باغ بهار، من خدائي موج سان

٢٧٠.من خدائي موج سان، مدامي مشهور
محمد ٿيو مخمور، مستي جي مئيخان ۾

٢٧١.سمجهي سر سرير جو، ساجهر سويلو
مرڻ جيئڻ پاڻ ۾، مرکي کيو ميلو
انصافي انصاف سان، عادل البيلو
محمد اکيلو، ايکائي ۾ ايک ٿيو

٢٧٢.عاشقن تي عام جي، شهرت شکايت
طعنا تنکا تهمتون، نخرا نهايت
سچا سهن سر تي، سهمان سلامت
محمد سلامت، مرد قبولي مست ٿيا

٢٧٣.پاڻهين پنهنجي پسڻ کي، پسڻ آيو پاڻ
پسڻ جي پچاڻ، پسڻ پرين پاڻ تي

۲۷۴.ماڻهن ڪان منهن متي، الک پسي ايک
نظر ڪري نيک، نعرو هيم نينهن جو
۲۷۵.هوئڻ نہ هوئڻ جو، حاصل ڪري هوش
مدامي مئي نوش، محمد ٿيو مئيخان ۾

مثنوي

ازل ڪان آواز اَنا ٿيو اصلي الله جو
برسر بشر بوتو بنيو آدم صفي الله جو
وحدت منجهان ڪثرت ڪئي، جنهن ڪنف جي ڪلمات سان
ذاتي صفت سُرتي نرت، جملو جڙيو جسمات سان
نور سمٰوات جو، نعرو هٽي نروار ٿي
سي سمايو صاف سر، صورت وارو سينگار ٿي
احد مان احمد ٿيو، اظهر اچي انسان ۾
ميم جو مولهيو ٻڌي، مظهر مثل مژگان ۾
احد احمد عشق انور، نور محمد مير جو
مظهر ٿيو احمد اسم، پڳدار پرور پير جو
سوظهورو منجهہ لنواري، نور جي مذڪور جو
احد احمد ميم محمد، ٿيو نظارو نور جو
اڙين سندو اعليٰ اجهو، احمد ظفر زمان ٿيو
صورت واري سينگار سان، ثابوت سر سبحان ٿيو
پيدا پرين پرور ٿيو، پيرن سندو پيران پير
فالم فقر جي فوج سان، فائض فقيرن جو فقير
ڇا ڪري سگهندو ثنا، شاعر سچي سردار جي
مدح منور مجتبيٰ، محمد متي مهندار جي

﴿دوهيڙو﴾

بي مثال مثل وچ آيا، ماڳ ملها مهنداري دا
آدم صورت سر سبحاني، ڪول حسن انواري دا
مغان محمد زمان ظفر ٿيا، مالڪ ميگهه ملهاري دا!
بخت بلند بر تخت سلامت، بنرا باغ بهاريدا
فالم فوج فقر وچ جهندا، طاهر طبل تياريدا
ارض وسما وِچ هوڪا هليا، حسناتي هسواري دا
پيريمغان بن پاڪ پيارا، پرور پرت پياري دا
پيچي پيچ پسڻ دا پيچي، پيچ پسا پڳداري دا
ملڪ الشعرا منصف مصور، سُرتي نرت نياري دا
بيشڪ ٿيا برحال بهادر، پيد بتا برداري دا
نئينان والي نور نظاري، نعرا هڻ نرواري دا
سمجهه محمد سير سراسر، سروردي سرداري دا
سروردي سرداري دا

﴿دوهيڙو﴾

احد اصل آواز الاهي، احمد دي اظهاري دا
ڪُن فيڪوني ڪل وچ ڪيتا، قدم ڪذا ڪلتاري دا
خلق الا آدم صورت سهڻي، ساز سينگار سواري دا
ثابت ٿي سينگار صفت وچ، سخن سڻا سرداري دا
جڙيا جوڙ جمال جلالي، جسماتي جنساري دا

اناحمد بلا میمي، سانگ بنا سنساري دا
میم دي معنىٰ مام مثالي، مندبل مگھن مھنداري دا
احد احمد زمان ظفر ٿیا، صاحب صورت ساري دا
لقب کیتا لاثان لقائي، لائق لعل لنواري دا
عشق امام علي ٿي اظھر، پولا پن پلکاري دا
ثابت کیتا سیر سراسر، حسناتي ھسواري دا
حسنا تي ھسواري دا

بیت

کاھي جو ٿو کین ڏي سو کنڌي پڇي کین
قصد کري کین جو، کین اندر ٿي کین
کارونیاري ڪُل ۾، کین بنا کل کین
کین کین کین، محمد موجودات ٿیو

ختم شد

صوفي محمد فقير کٿياڻ جي درگاهه جو فضائي منظر